

# مختصر تاريخ "تپو ڪوڪر"

[پاڳو پهريون]




تحقيق ۽ تحرير
محمد ياسين جروار

خواب پبليڪيشن



# مختصر تاريخ ”تپو کوکر“

[پاڳو پهريون]

تحقيق ۽ تحرير
محمد ياسين جروار

ثواب پبليڪيشن
ٽنڊوالهيار 2017ع

ڊجيٽل ايڊيشن:
2018ع
سنڌ سلامت ڪتاب گهر

**خواب پبليڪيشن جو ڪتاب نمبر** 1

سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ


| | | |
|---|---|---|
| ڪتاب جو نالو | : | مختصر تاريخ "تپو ڪوڪر" |
| موضوع | : | تاريخ |
| ليکڪ | : | محمد ياسين جروار |
| ڇاپو | : | پهريون |
| سال | : | 2017ع |
| ٽائيٽل | : | خادم حسين جروار |
| ڪمپوزنگ | : | خادم حسين جروار |
| ڇپرائيندڙ | : | **خواب پبليڪيشن** تنڊوالهيار |
| قيمت | : | 400 روپيا |

ڪتاب ملڻ جو هنڌ

پريس ڪلب بکيرا شريف تنڊوالهيار

شبير احمد جروار

03003085942

# ارپنا

**ارپيم**

منھنجي والد جناب حاجي محمد پريل خان جروار

**۽**

سردار حاجي غلام حسين خان ڪوڪر

رئيس حاجي دوست علي خان ڪوڪر

رئيس حاجي عبدالرحيم خان جروار

ڊاڪٽر سرجن سيد شاھنواز شاھ

حاجي شير محمد خان ڪوڪر

رئيس مھر علي خان ڪوڪر

**ڪي**

[محمد ياسين جروار]

# سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو نئون ڪتاب ”مختصر تاريخ ”تپو ڪوڪر““ اوهان اڳيان پيش آهي. هن تحقيقي ڪتاب جو ليکڪ محمد ياسين جروار آهي.

هن ڪتاب ۾ تپو ڪوڪر جي تاريخ، ڪجھ سفرناما، ديهن بابت معلومات ۽ لوڪ بيت شامل ڪيا ويا آهن. ڪتاب مان جن شين حيران ڪيو تن ۾ شجرا ۽ نقشا آهن، شجرا ٻن صدين کان به مٿي جا ڏنا ويا آهن، هن ڪتاب ۾ ڪيترن ئي ڳوٺن جا شجرا شامل آهن، جن جي نالن سان ڳوٺ ٻڌا ويا، انهن جي 10/11 پيڙهن جا نالا ڏنا ويا آهن، ان مان خبر پئي ٿي ته هن وقت خاندان ۾ ڪير آهن ۽ ڳوٺ جا اصل پڳدار ڪير آهن.

هي ڪتاب خواب پبليڪيشن، ٽنڊوالهيار پاران 2016ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون محترم خادم حسين جروار جا جنهن ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ لاءِ موڪليو.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# فھرست

سونھن سٽاءُ


| | | |
|---|---|---|
| اداري پاران | خادم حسين جروار | 8 |
| ليک پاران | محمد ياسين جروار | 10 |
| مُھاڳ | خليل کوسو | 13 |
| اڇو ماٺھو | خليل کوسو | 17 |


مضمون


- مختصر تاريخ تپو کوکر 24
- ديھ وساٽکي 43
- ديھ ڍنڍ شاھ 48
- ديھ ريچل 52
- ديھ کوکر 55
- ديھ واڳوڙر 64
- ديھ ٻائل 66
- ديھ ٻوچڙ 70
- ديھ ٽل 80
- ديھ سھٽا بکيرا 82
- ديھ بکيراٽي 96
- ديھ ستياري 201
- ديھ شاھ کي 203
- ميرپورخاص ڪانڙي وارا جروار 207
- ڳوٺ خير محمد جا جروار 218

## سفرنامه


- سِڪ جو سفر 230
- فرضِ حج 252


## لوڪ بيٺڪ


- قِصو ڪُوڙي ڊِگي ۽ جمعي جروار جو 286
- ٻانهيپوٽا ۽ سمان 292
- سمان ۽ ٻانهيپوٽا 297
- ڪوئي ۽ هارين جي جنگ 301
- چاچوا ڪو بيڪلو پيل ۽ حاجي محمد خان 312
- سئوٽ احمد جروار ۽ ڳوهه جو جهيڙو 314
- رستماڻي جا هُرلا، ڪاٽو ڊِگو ۽ مڱڻهار هاري 317
- ٽنڊو محمد خان، ديهه ڀانيري، ٽُڙجي ۽ ڪولاب 320
- اليڪشن 1970ع پولنگ اسٽيشن ٻڪيرا شريف 322
- ذوالفقار علي ڀٽو جو 1973ع وارو آئين 324
- 90 هزار جنگي قيدين جي آزادي 326
- درياءِ سنڌ ۾ ٻوڏ اچڻ 1973ع 329
- اليڪشن 2002ع 332


## تصويري البم

**اداري پاران**

# خوابُ جي ساڀيان!

زندگي جڻ هڪ خوابُ آهي، جي خوابُ ناهي تہ بہ ڪنهن خوابُ جو نالو ضرور آهي ۽ خوابُ دل کي وٽندڙ بہ هوندا آهن توڙي ڀيانڪ پڻ. پر زندگي مون کي هڪ حَسين خوابُ لڳندي آهي، ٻالڪپڻ، جواني ۽ ٻُڍاپ زندگي جا ٽي اهڙا حصا هوندا آهن، جيڪي ٽيئي ڪنهن ڪنهن جي حصي ۾ ايندا آهن، هر ڪنهن جي حصي ۾ ٻالڪپڻ بہ ناهي ايندو جواني بہ ناهي ايندي ۽ ٻُڍاپ بہ ناهي ايندي، پر ڪي خوشنصيب انسان هوندا آهن، جن جي زندگي ۾ اهي ٽئي حصا ايندا آهن.

سائين محترم ياسين جروار صاحب حڪم ڪيو

"خادم حسين جلدي هي ڪتاب تيار ڪري ڏي، منهنجي زندگي الاءِ ڪيتري آهي، هي ڪتاب منهنجو خوابُ آهي."

حڪم جي پيروي ڪندي پنهنجي نيٽن جي نِنڊ کي هڪ پاسي ڪري سَڄي سَڄي رات ويهي هن ڪتاب کي سيٽ ڪيو اڄ سائين جن جي خوابُ جي ساڀيان ڏسي، سچ پڇو تہ خوشي پئي ٿئي.

هن ڪتاب ۾ مون کي جن شين حيران ڪيو تن ۾ شجرا ۽ نقشا آهن، شجرا ٻن صدين کان بہ مٿي جا ڏنا ويا آهن، هن ڪتاب ۾ ڪيترن ئي ڳوٺن جا شجرا شامل آهن، جن جي نالن سان ڳوٺ ٻڌا ويا، انهن جي 10/11 پيڙهن جا نالا ڏنا ويا آهن، ان مان خبر پئي ٿي تہ هن وقت خاندان ۾ ڪير آهن ۽ ڳوٺ جا اصل پڳدار ڪير آهن.

تپو ڪوڪر ۾ 10 ديهون آهن، جن ۾ ديهہ وساٽڪي، ديهہ ڊِنڊ شاهہ، ديهہ ريچل، ديهہ ڪوڪر، ديهہ واڳوڙ، ديهہ ٻائل، ديهہ ٻوچڙ، ديهہ ٽل، ديهہ سهٽا ٻڪيرا ۽ ديهہ ٻڪيراٽي شامل آهن. ديهن جا الڳ الڳ نقشا ناهيا ويا آهن،

جيڪي نقشا توهان کي بہ حيران ڪري ڇڏيندا، ناهڻ واري کي هرڪو داد ڏيڻ کان رهي نہ سگهندو.

ڪتاب ۾ بہ سفرناما ڏنا ويا آهن. جن جي ترتيب تاريخ وائيز ڪئي وئي آهي، جيئن خبر پوي تہ ڪهڙي تاريخ تي ڇا ٿيو يا ڪهڙي تاريخ تي ڪٿي هئاسين.

هن ڪتاب کان پهرين خواب پبليڪيشن جو ڪتاب "ماٺهو مٽيادار" يقينن اوهان جي نظر مان گذريو هوندو. هن ڪتاب جي حوالي سان بہ اداري کي پڙهندڙن جي راءِ جو اوسيئڙو رهندو.

**خادم حسين جروار**

03073157667
خواب پبليڪيشن
ٽنڊوالهيار

# ليکڪ پاران

مختصر تاريخ تپو کوکر (ڀاڳو پهريون)، هن کان پهرين ڇپايل ڪتاب بيت علي محمد عرف علڻ جروار ۾ بہ عرض ڪيم تہ 1985ع کان لکڻ جو جنون ٿيو منهنجي مائيٽاٽو ڏنڏو ذريعا معاشي زميندراي ۾ ڪيتي توڙي ٻيو ڪو مددگار ڪتاب لکڻ لاءِ هدايتون ڏيڻ يا همت افزائي ڪرڻ وارو ساٿي نہ ملي سگهيو، مٿان دنياوي ذميواريون هاوي ٿينديون ويون ۽ ڪتاب لکڻ ۾ دير ٿيندي وئي، جنهن ۾ بابا سائين جن جي وفات سبب سالن جا سال ڪم نہ ڪري سگهيس، ڪجھ عزيزن کي سندن ذاتي فيملي فردن تي لکڻ لاءِ چيم جيڪي مونکان بہ سست ٿيا، ها ڪري بہ کان تي سال انتظار ڪيم همراهن تعاون نہ ڪيو جو پاڻ ڪمن ۾ مصروفيت جو بهانو ٻڌايو وڃن، نيٺ پاڻ کان جيڪي پهتو اهو لکندو ويس، ڪڏهن نوٽبڪ تہ ڪڏهن رجسٽر يا ڪڏهن وري مختلف پنن ۾ حال احوال لکندو ويس، شروع ۾ بابا سائين، ڏاڏو حاجي محمد حسن، مامو علي محمد علڻ ۽ مامون مصري فقير جروار لکائيندا آيا، دنيا فاني هر هڪ پنهنجي پنهنجي طبعي عمر پوري ڪري راهہ عدم راهي ٿيا، مٿن رحمتون هجن، مٿان جيون ساٿي اهليہ جو انتقال هڪ ئي پٽ شوڪت علي جي وفات ۽ ٻيا بہ ڪيترائي عزيز واحباب هن فاني دنيا مان رحلت ڪئي ۽ منهنجو ڪتاب لکڻ وارو ڪم رهندو آيو نہ ليکڪ، نہ مضمون نگار ۽ نہ ڪو ٻانهن ٻيلي تي ڪم ڪرڻ وارو پوءِ جن جن کي خبر آهي اهي جڏهن ملن معلومات ڪن تہ ڪتاب لکيو يا نہ، وري ياد تازي ٿيو وڃي تہ لکي وٺان، وري غفلت ۾ معاشي ۽ گهرو مسئلا دير ۾ دير سالن ۾ سال گذرندا ويا، هينئر اچانڪ بيمار ٿي اسپتال ويس ۽ علاج ۾ ڊاڪٽر ڪينسر جي بيماري ٻڌائي ۽ مٿان وري دل مضبوط ڪرڻ لاءِ همٿايائون تہ اهيا سمجھ تہ بيماري نہ آهي، همت ڪندين تہ ڪجھ بہ نہ آهي بي همت ٿيندين تہ وڏيڪ حملو بيماري ڪندي، هاڻي

ڪم ڪيان تہ کھڙو بني ۽ پاڻي تي هلڻ ويو اوطاق، گهر ۽ اسپتال جي حاضري پڪ ٿيم تہ راهہ آخرت جو سفر پرجي ويو غفلت ۾ عمر گذري وئي، هاڻي هي اڻ ڇپايل مواد ڇڏي ويندس.

سمجهو تہ 250 سالن جي يادگيري مون سان دفن ٿي ويندي، انهن احوالن مان ڪجهہ نہ ڪجهہ ڇپائي وجان ۽ منهنجي دل وندر بہ پئي ٿيندي، هڪ ارادو ڪري شروع ڪيم تہ ڪتاب جي ڪم کي ٻن پاڱن ۾ تقسيم ڪري ۽ پهريو پاڱو ۽ بعد ۾ ٻيو پاڱو ڇپائي توڪل ڪري شروع ڪيم. ڪم الاهي، پهرين پاڱي کي ترتيب ڏنم ۽ ان مان بہ بيت جلدي ۾ ڪمپوز تي موڪليم ۽ ڪمپوز ٿي ڇپائي تي بہ ڏنم ۽ اميد تہ مامي علي محمد علڻ جا بيت توهان جي نظر مان گذريا هوندا. جيڪي اميد تہ هن ڪتاب جي پهرين پاڱي ۾ وري بہ ڇپائي ۾ ايندا، هن پهرين پاڱي ۾ جن ماڻن، مڪانن ۽ شخصيتن کي مختصر طور ياد ڪيو ويو آهي، انهن ماڻن، مڪانن ۽ شخصيتن توڙي هستين جا پورا پورا احوال تندرستي ساٿ ڏنو تہ پاڱي ٻي ۾ داخل ڪندس، جنهن ۾ ديهہ وارا پراڻي پاڻي ۽ نئون پاڻي سکر بئراج جو ۽ قديم آباد قومن ۽ ڳوٺن جي مختصر ۽ شجرا بہ آهن، تفصيل سان ايندا. هيءَ احوال ڪتاب ۾ ڇپائي تمام دير سان ٿي، انداز 36/35 سالن اڳ جون ڳالهيون آهن، انهن 36/35 سالن ۾ ڪيترين معزز شخصيتون گذاري ويون، هاڻي ماضي جون يادون آهن، ڪيترن ديهن ۾ نوان ماڻهو اچي آباد ٿيا آهن ۽ انهن پنهنجي سک لاءِ سياسي چالون هلي نوان روڊ ۽ رستا ڪڍايا آهن، انهن مان جيڪڏهن سُک آهي تہ انهن کي آهي، آبادين ۽ ماڊولن جا پيچ بلديا آهن. جنهن مان اصل ۽ قديم ڳوٺن ۽ قومن کي تڪليف بہ پهتي آهي، ليڪن هي ڪائنات الله سائين خلقي ائين آهي، جو ڪابہ قوم فخر نہ ڪري سگهي، رهي نالو الله جو باقي ڪمال کي زوال ۽ زوال کي ڪمال هلندو رهندو پاڱي پهرين ۾ ڪجهہ دوست عزيز بجاءِ همٿائڻ جي دل آزاري ڪئي، ڪچهري ۾ چون تہ ياسين پنج سئو سال پوئتي جي ڳالهين ۾ اچي پيو آهين، هنن کي ڇڏ پنهنجي موضوع بصرن جو اڳهہ مينهن جو اڳهہ تي، مون واپار مان هيترو ڪمايو، ڪني جنس ۾ سٺي مڪس ڪري وڏو اڳهہ ڪمايم، انهن ڳالهين ڪچهري ۾ منهنجي دل آزاري ڪئي، بس انسان

آهيان، خطا جو پتلو سو ٻيو ته ڪجهه نه ڪيم سندن ڳالهيون ۽ سندن شجرا فوٽ نوٽ خارج ڪري ڇڏيم، اڄ جي هن نفسا نفسي جي دور ۾ پنهنجي ڪيل محنت کي ضايع ڪندي ڏک به ٿيو پر رهي نالو الله جو ڪنهن جي دل آزاري ٿي هجي ته ڪائنس معافي ٿو گهران، منهنجي محنت ڏسيو ڪو خوش ٿو ٿئي ته ان جي مهرباني.

دوستن پيارن کي روشن هجي ته هيءَ ايڏو وڏو ڪم مون ناچيز جي وس کان ٻاهر هو، مختلف صلاحون مصلحتون غور هيٺ هيون، جن لاءِ منهنجي پياري ياءُ، دوست ۽ آئيډيل جناب خليل ڪوسو منهنجو ڏوهٽو شبير احمد ولد محمد شريف جروار گڏوگڏ اولاد، ساٿي ۽ سهارو منهنجو پوٽو شوڪت علي خان جروار جو پٽ محمد پريل خان راجا جروار ۽ خادم حسين ولد حاجي محمد حسين جروار وقت سر محنت ڪري ڪتاب ڪمپوز ڪيو، صلاحون ڏيئي شبير ۽ راجا ٽنڊوالهيار ڪان ڳوٺ ۽ ڳوٺ کان ٽنڊوالهيار جا پنڌ ڪري هدايتون ڏيندا ۽ وٺندا هن ڏکئي ڪم کي سرانجام ڏنو، سندن مهربانيون نه ته هن وقت بيماري ۾ هيءَ ڪم منهنجي وس کان ٻاهر هو الله پاڪ جون مهربانيون به لکڻ ۽ ڳڻڻ کان مٿي آهن، جنهن هن عمر هن حال ۾ توفيق بخشي، سندس شڪر ادا ڪريان ٿو، عزيزن، دوستن کي دعاءِ خير لاءِ عرض آهي ته دعا ڪندا.

جيسين جيارين تيسين هادي رکجان حفظ ۾.
(شاهه)

**محمد ياسين جروار**
0300_3089940

# مُهاڳ

تاريخ جا بہ عجيب کيل آهن. کٿي ڏس تہ. پار ڪري ڪولهي ٻار جو ڏيک ڏي ٿي، ڪٿي ڏس تہ ڪوهہ ڪاف جي پري ڏسڻ ۾ ايندي. دنيا جو گولو اهڙن مثالن سان ڀريو پيو آهي، ٻين ملڪن کي ڇڏي، جڏهن اسان مادرِ وطن سنڌ جي تاريخ جي پنن جي اُٿل پُٿل ڪنداسون تہ رڳو دانهون، ڪوڪون، رڙيون، واڪا، بربادي ۽ باهيون نظر ايندي‌يون. هن ڀلاري ڀون جي دلڪش نظارن کي ڪنهن بدنظر برباد ڪري ڇڏيو. بدمست هاٿين ۽ گهوڙن جي پيرن هيٺيان ڪئين معصوم جوانيون چيڀاجي ويون. ڪن وري هن پُرسڪون ڌرتي سان، اهڙو ورتاءُ ڪيو جيئن راڳيل ٻُهہ جي ڏِڳ کي ڪو پاڏو ڏيهون هٽي اُلٽ پُلٽ ڪري ڇڏي، ڪٿي وري هي سنڌ راءِ سهاسي جي دؤر ۾ سُک جو ساهہ کڻندي نظر اچي ٿي، تہ وري سنڌ جي ولي الله حاڪم ڄام نظام الدين سمي جي دؤر ۾ علم ۽ هنر ۾ عروج تي نظر اچي ٿي ۽ تونهين تون جي تنوار ٻڌڻ ۾ اچي ٿي، ڄام نظام الدين جڏهن اکيون پوريون تہ اچانڪ ارغون ۽ ترخان جي شڪل ۾، سنڌ کي ڪاري وبا وڪوڙي وئي، نتيجي ۾ دولهہ دريا خان ۽ مخدوم بلاول جهڙا جانباز جنريل سِر گهوري سُرخ ٿيا. ان وقت ٻولي ۽ لولي جو وڏو نقصان ٿيو ان کان پوءِ جهوڪ ۾ دردناڪ حادثو بہ پيش اچي ٿو جنهن جو چشم ديد گواهہ لطيف سرڪار پڻ رهيو ان دوران ڏنڊائي فقيرن جي حڪومت شروع ٿئي ٿي، ان کان پوءِ مدد خان پٺاڻ سنڌ جي ستيا ناس ڪري ڇڏي، ٻُڪيو پٺاڻ سنڌي ماڻهن جا قيمتي جوتا بہ ڪٽي ويو پوءِ "ميران دي بادشاهي دا خير هوي" اميران سنڌ جي، ماڻڪاڻي ۽ سهرا باٽي ميرن سنڌ سگوري جا نوان شهر اڏايا. وري ڪٽي ڏسون ٿا تہ ست سمنڊ پار ڪري ايندڙ شاطر دماغ گورو، لڳ ڀڳ هڪ صدي هن ڌرتي جي ڌن کي لُٽي وطنِ عزيز جي وانگين کي "ويڙهايو ۽ حڪومت ڪريو" جي

بنياد تي باندي بنائي ٿو ان ڪان پوءِ "پاڪ سرزمين شادباد" جو ترانو ٻڌون ٿا ۽ ٻڌندا پيا اچون، ڏسون ته گهوڙو ڪٿي ڀوڙي دنگ ٿو ڪري.

هن دليرن جي ديس ۾ ڏاتارن جي ڏيهه تي لکيل شروعاتي ڪتاب ڏسبا ته اهي ٻاهرين ٻولي ۾ لکيا ويا. ان ڪري سنڌ جي اصلي ماڳن مڪانن جا نالا جيئن ساڱرو کي ساڪرو، ٽري کي تري، ڀِروڙ (لڳ شادي پلي) کي ڀهرور لکيو ويو مطلب ته ايترو مونجهارو پيدا ٿيو جو اڄان تائين اُهي ڪتاب توجهه طلب آهن. رڳو ساڱري کي ساڪرو لکڻ ڪري، ساڱري درياءَ جي پٽي جي تاريخ ميرپور ساڪري ڏانهن وڃڻ جو خدشو پيدا ٿي سگهيو ٿي.

بحرحال تاريخ ۾ تحقيق جو سلسلو جاري رهيو ته اسان ڪنهن تاريخي منزل تي پهچي ويندا سون. ٻين ملڪن تي لکيل قديم تاريخي ڪتاب ملن ٿا، پر سنڌ جي تاريخ رڳو موهن جي دڙي جي نشانن تي وڃي بيهي ٿي. سنڌ جي قديم تاريخي لکت نه ملڻ جا سبب ڌارين جون مسلسل سنڌ تي ڪاهون آهن. تنهن ڪري 250 سئو ايڪڙ تي مشتمل موهن جو دڙو، 1800 ميل ڊيگهه رکندڙ موجن پريو مهراڻ قديم سنڌ جا ساکي آهن. ٻيو ته سنڌ جي تاريخ سيني بسيني روايتن جي ڪري رڳو قصن، ڪهاڻين ۾ ڪچهري ۾ وڃي بتي آهي، ان تي پڻ تحقيق جا طاق کُلندا رهيا آهن.

آئون سمجهان ٿو ته سنڌ جي تاريخ لکڻ جو ٻيو مرحلو شروع ٿي ويو آهي، جنهن ۾ پڊن، پوٽن، ڊنڊن، ڊورن، گسن، پنڌن، رندن، ڳوٺن، ديهن، تپن، تعلقن ۽ ضلعن تي تحقيقي مواد ميدان ۾ اچي ويو آهي، سنڌ ۾ ڳوٺڙن جي تاريخ لکڻ جو پهريون اعزاز پڻ ٺٺدي الهيار کي حاصل آهي، جو سندم سائين مولانا عبدالڪريم لغاري (مسڻ وڏي) "ٺڏا وڻ ولهار جا" لکي مسٽائن جو مان مٿي ڪري ڇڏيو.

مدد خان پناڻ جي باهه ڪان بچي ويل سنڌ جو قديم ۽ تاريخي شهر بکيرا شريف (ملتان ثاني) جي ڏاکٽي ڪنڌ تي آباد تاريخي ڳوٺ "ڳوٺ الهه بخش جروار" جو قلم ڌڻي پنهنجي ڪرت کي لڳو پيو هو، سالن جي

عرق ريزي ڪان پوءِ پنهنجن پراڻن جا قصا قلمبند ڪري، ڪتاب نالي "مختصر تاريخ تپو ڪوڪر" اسان جي هٿن تائين پهچايو اٿس.

جروارن جي ميهاڻي پاڙي جي پڳدار محترم جناب حاجي محمد ياسين خان جروار پ پ جو جيئين جيالو هوندي به، ڪتاب ۾ پنهنجي پارٽي جي ڪرتن ڏرتن جي ڪوتاهين کي رومال ۾ ويڙهي نه. بلڪ سڏو آڱر جو نشانو ناهي ٿو وڏي ڳالهه ته ڪوڪر ذات تي بمع شجرا تي تاريخ رقم ڪئي اٿس، مطلب ته پنهنجن پراڻن جا شجرا وڏي خبرداري سان لکيا اٿس، اڳي اسڪولي ڪورسن ۾ جاگرافي پڙهائي ويندي هئي، ان جي هاڻي ته خبر ناهي، پر هن ڪتاب جي محترم محقق تپي ڪوڪر جي ڏيهن کي پنهنجي والد حاجي محمد پريل خان جروار جي مدد سبب، نقشن سان نروار ڪيو اٿس.

هن ڪتاب ۾ حج ۽ عمري جي سفر کي قدمبقدم لکيو اٿس، ڪم علمي هوندي به حجاز مقدس جي ماڳن مڪانن جا نالا جيڪي مقامي ٻولي ۾ لکيل آهن، ان کي به سهڻي نموني نڀائي ويو آهي، سندس لکيل پلارو سفر، نئين حاجي لاءِ ڏاڍو لاڀائتو ثابت ٿيندو. هن اڏول ۽ ڏاتار صفت انسان سان، منهنجي نيازمندي به ڪا ايتري پراڻي ناهي، پنج ست سال ٿيا هوندا ته دعا سلام جو سلسلو شروع ٿيو. جنهن ۾ اول اول پاڻ قرب جا قدم پري مون فقير حقير کي پنهنجي محبت جي مالها ۾ پوئي ڇڏيائين. مون اهڙا ماڻهو گهٽ ڏٺا آهن، جن وٽ اباڻي ملڪيت، زمين، پئسو، پلاٽ هوندي به ڏاڍي نيازمندي، اخلاق ۽ حيا سان سراپا ڍڪيل هجن. هن همراهه جي دليري جي کهڙي ڳالهه ڪجي، سندس والد جي وڇوڙي ڪان پوءِ سندس اهليه جي رحلت، مٿان وري اڪيلو نوجوان موٽي پٽ، شوڪت جي اچانڪ وڇوڙي، سندس اندر اڌ ڪري ڇڏيو هن ڪان اڳ ۾ آيل ڪتاب سندس مرتب ڪيل ڪتاب "ماڻهو مٽيادار" ۾ لکيائين، ته مون کي "ڪينسر" آهي، اهڙي ٻي ڪا دليري ٿيندي، ان هوندي به قلم جو ساٿ نه ڇڏڻ، پنهنجن پوٽن حاجي پريل خان عرف راجا جروار، محمد سليمان ۽ ٻيا ٽوڙي جو اڄان ننڍا آهن، پر

سندس ڏاڏي انھن جي بھترين نشونما ڪئي آھي، جيڪي اوطاق تي آيل مھمانن جي ٿھل ٿڪور ۾ ٽانڊو ٽوپي سھڻي نموني سان ڪن ٿا.

عجب ڪيا ھي، ڪہ بيڙا غرق ھو ڪي پھر اُبھر آئي،
ڪہ ھم نہ انقلابِ چرخ گردان يون بھي ديکھي ھين.

**خليل ڪوسو**
0307_3096425
تنڊوالھيار

# اڇو ماڻهو

## حاجي محمد پريل خان جروار

سونهاري سنڌ جي ڌرتي جي زمين مان انيڪ انسانن جنم ورتو، ڪيئن وارو وڄائي وڃي مادر وطن جي گود ۾ آرامي ٿيا، پر ڪي ڪي ماڻهو عجيب به ٿين ٿا ۽ غريب به ٿين ٿا، پر سچائي، خلوص، نيڪ نيتي، مخلصي، اٽل ايرادو، خدا جو خوف، حقوق الله سان گڏ حقوق العباد کي وڏيڪ ترجيح ڏيڻ، وس ڪان وڏيڪ ڪس ڪائڻ، توڪل جو سندرو ٻڌڻ، پنهنجو ڪم ڇڏي ٻي جي ڪم کي اوليت ڏيڻ، واٽ ويندي اڻ سڃاڻو جو ضامن پوڻ، سچائي ۾ به الله مالڪ چئي اڳتي وڌڻ، جهڙو اندر تهڙو ٻاهر، پنهنجي ٻڏي تي ٻڏڻ ڏينس پر ٻي جي تري، انهن لفظن کي پوتا ميل ڪبو ته جواب ايندو حاجي محمد پريل خان جروار پهرين عالمي جنگ کان به سال اڳ ۾ يعني 1912ع ۾ حاجي محمد خان جي گهر ۾ جنم ورتو. سندس ڳوٺ الهه بخش جروار لڳ ٻڪيرا شريف ضلعو ٽنڊوالهيار آهي، سندس ڳوٺ جي ويجهو حمزو ٽالپر جي پرائمري اسڪول ۾ ٽي درجا سنڌي جا پڙهيو. مائٽاڻو ٻني جو ٻارو هوندي به حاجي پريل خان جو ڌيان ڪاروبار ڏانهن مائل هو. 1943ع ۾ ٽنڊي الهيار شهر ۾ ميرواهه گورچاڻي روڊ جي مُنڍ ٿورو اتر، ڪنهن ديوان کان اٽي جي چڪي خريد ڪيائين، ايمانداري ۽ ديانتداري سان ڌنڌو ڪرڻ لڳو. ٽنڊوالهيار شهر ته نهيو پر پسگردائي جا ڳوٺاڻا به سندس چڪي تان ان پيهائڻ ايندا هئا. چڪي چالو ٿيئي چار سال مس ٿيا جو خيرن جو پاڪستان وجود ۾ اچي ويو. سڄي سنڌ سان گڏ ٽنڊي الهيار جو لوهار محلو، ڪتري پاڙو، پريم نگر، گانڌي چوڪ وارو علائقو واڻيا ڇڏي هندستان هليا ويا. هُتان کان آيل مهاجرين واڻين جي ڇڏيل جاين ۾ اچي آباد ٿيا. نوان همراهه تن جا اڏ مائٽ هوڏانهن رهجي ويا. نئين پاڪستاني حڪومت جو

جيستائين سيٺ ٽئي تيستائين ٽنڊي الهيار ۾ آيل مهاجرن جي جيڪا خط وڪتابت پنهنجي برادري سان ٿيندي هئي، ان ۾ ٻئي ايڊريس سان گڏ هي بہ لکندا هئا. "معرفت حاجي محمد پريل ڪي چڪي" سندس مائٽ ڪراچي، حيدرآباد، ميرپورخاص يا ٻئي هنڌان ايندا هئا. ريلوي اسٽيشن لهي، ٽانگي واري کي چوندا هئا تہ "ڀائي همين پريل ڪي چڪي پر اُتار دو." حاجي پريل جي چڪي واري جاءِ ۾ هينئر سندس مائٽ محمد خان، محمود خان، اعجاز ۽ شهزاد جروار وارا رهن ٿا، اُن وچ ۾ حاجي صاحب حيدرآباد ۾ ٽنڊو محمود جي ويجهو ٽئين نمبر تلاءَ وٽ پنهنجي جاءِ خريد ڪئي، اهو ايوبي مارشلا جو دور هو. ذوالفقار علي ڀٽو عوامي ماڻهو ٿي اڀريو هو. حاجي پريل کي مارشلا مهميز ٿي لڳي، ان دوران مير رسول بخش ٽالپر جي بنگلي تي 1968ع ۾ ڀٽي مرحوم پ پ جي بنياد رکيو ان ميٽنگ ۾ حاجي پريل پيش پيش هو اتان ميمبر شپ وارا بڪ کڻي ٽنڊوالهيار آيو ۽ ميمبر شپ ڪيائين، ڪن ماڻهن جي دل ۾ هڪ ڳالهہ هوندي آهي تہ زبان تي ٻي، پر الله سائين حاجي پريل خان جي زبان ۽ دل هڪ ئي خاني ۾ رکيون، چوندا آهن تہ جي ڇُلهہ تي سي دل تي، هتي اها ساڳئي ڳالهہ، جيڪي زبان تي سو دل تي، 1974ع ۾ حيدرآباد پ پ ڪنويشن هجي، ڀٽي مرحوم سان گڏ ان وقت جو وزير اعليٰ مرحوم غلام مصطفيٰ بہ اسٽيج تي ويٺل هو. ان دوران پارٽي جون خاميون ۽ خاصيتون ٻڌ بيان ڪيون ويون، پريل پنڊال ۾ حاجي پريل خان ڪُرا ڪُري ٽوپي پاتل اٿي بيهي ڀُٽي صاحب سان مخاطب ٿيندي چيو تہ "ڀُٽا صاحب، جتوئي صاحب ڪارڪنن جي ٻُڌي ئي ڪونہ ٿو. ڪارڪن ويچارا دربدر آهن" حاجي صاحب جي طاقتور، معنيٰ خيز مگر مختصر لفظ ٻڌي، ڀُٽي صاحب چيو تہ جتوئي صاحب آئون هي ڇا پيو ٻڌان، اتي جتوئي صاحب جواب ڏيڻ بجاءِ روئڻ شروع ٿي ويو. ڀٽي صاحب چيو تہ روئي جند نہ ڇڏاءِ هتي مان کي جواب کپي، زندگي جي سهولتن ۾ سڀ کان وڏي سهولتي روڊ آئي، ان ڳالهہ کي مدنظر رکندي 1975ع ۾ ٽنڊوالهيار ٽو بڪيرا شريف پڪي سڙڪ جو بنياد پيو. ڪيترا ڏينهن روڊ ليبر جي ننگر پاڻي جو انتظام حاجي پريل پنهنجي هٿان وڙان ڪيو. سچ چوڻ يا ڪري ڳالهہ چوڻ ڪان ڪين ڪيٻائيندو هو. 1977ع اليڪشن ۾ ورڪ دوران

مرحوم اميد علي شاه رضوي عرف ڏنل شاه ٻڪيرا شريف ۾ ماڻهن جي وڏي انبوه کي خطاب ڪري رهيو هو. گڏوگڏ ترقياتي ڪمن جا تفصيل ٻڌائي رهيو هو. گذريل حڪومت ۾ اسان هي هي ڪم ڪرايا. اتي حاجي پريل خان پنهنجي خصوصي گودڙي يعني ڪپڙي جي ٿيلهي مان ٻڪيرا جي روڊ جي واڌاري لاءِ نڪتل ٽينڊر اخباري ڪٽنگون ڪڍي وڏي واڪي چيو ته قبلا سائين هي پروف ڏسو هڪڙو ٻيو ٽيون روڊ ڇو ڪونه ٺهيو. اتي شاه صاحب مس مس جان ڇڏائي. جڏهن جنرل ضياءَ ٽي حڪومت ڪي راتاهو هنيو. مرحوم ٽنو جيل ۾ ويو عام ماڻهن خصوصن پ پ پ تي زبردست سختي شروع ٿي وئي. حاجي پريل ان آمريت واري دور ۾ جنگ اخبار ۾ بيان ڏنو ته ٽي صاحب جي سالگرهه ڪنهن به حالت ۾ ملهائي ويندي. بيان ڇپيو ته آمريت کي ڏنڀ لڳي ويا. ٽنڊي الهيار جي ان وقت جي ايس ڊي ايم قاسم شاه حاجي صاحب کي گهرائي چيو ته توهان ٽي صاحب جي سالگرهه جي باري ۾ ڏنل بيان تان هٿ ڪڍو. حاجي پريل پنهنجي ڳالهه تي قائم رهيو. نتيجي ۾ 4 مهينا شيخن پويان گذاريا. 1980ع ۾ بلدياتي اليڪشن ۾ حيدرآباد واري ٽنڊي محمود واري علائقي ۾ مير حيدر جي سامهون ووٽن ۾ ٻيهه رهيو. ايم آر ڊي تحريڪ دوران سڄي سنڌ جيان، ٽنڊي الهيار مان به پيپلا گرفتار ٿيا. جنهن ۾ عبدالستار ٻچاڻي، عبداللطيف مگريو، حاجي پريل خان جروار ۽ ٻيا ڪيترائي ڪارڪن جيل حوالي ٿي ويا. ٻين جيالن سان گڏ حاجي پريل کي به ڪنهن بهاني سان جيل مان اسپتال منتقل ڪيو ويو. عبداللطيف مگريو ۽ حاجي پريل جو اسپتال بيڊ گڏ هو. اسپتال ۾ به حاجي صاحب جي آمريت خلاف الفاظي فائرنگ شروع ٿي وئي. ايجنسيون پڻ حرڪت ۾ هونديون هيون. سول ڪپڙن ۾ پيون چڪر لڳائينديون هيون. اتي حاجي صاحب کي ماٺ ڪرائڻ به وڏو مسئلو هو. لطيف صاحب حاجي پريل کي چيو ته حاجي ايجنسيون ڦرن پيون. آئون توهان کي جڏهن چوان اڇو ماڻهو ته توهان ماٺ ڪري ويجو. ٿوري دير کان پوءِ حاجي وري به آمريت تي اڇلون ڏيڻ لڳو ته مگريي صاحب چيس حاجي "اڇو ماڻهو" حاجي صاحب خاموشي اختيار ڪري ويندو هو. اڇو ماڻهو ايجنسي جو فرضي نالو هو پر حقيقت ۾ "اڇو ماڻهو" حاجي پريل خان جروار

ٿي هو جنهن جو مختصر احوال توهان پڙهي آيا آهيو جيئن ڪمال کي زوال آهي، فلڪ ڦيرو کاڌو آمر ضياءَ جو سي ون ٽرتي ۾ ساهہ نڪري ويو 1988ع اليڪشن ٿي، پ پ پ کٽي وئي، محترمہ بينظير ڀٽو وزير اعظم ٿي، ٽنڊي الهيار مان چونڊيل صوبائي جو پ پ پ ميمبر حاجي عبدالستار بچاڻي روينيو منسٽر ٿيو ان سان بہ حاجي پريل جون تکيون منيون ٿينديون رهنديون هيون، چو تہ حاجي صاحب هو ٿي اندر ٻاهر اچو 1988ع ۾ سنڌ جو وزير اعليٰ جناب قائم علي شاهہ هو سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ تُغلق هائوس ۾ خاص ميٽنگ هئي، ان ۾ وزير اعليٰ صاحب هو رش تمام گهڻي هئي، حاجي پريل بہ پنهنجي فرزند حاجي ياسين جروار (اڳوڻو صدر پ پ پ تعلقہ ٽنڊوالهيار) سان گڏ اتي پهچي ويو پاس ڪانسواءِ اندر نٿي ڇڏيائون، پر حاجي زور ٿي پاس نہ ڪو ڪجهہ هليو ويو فرسٽ فلور تي ميٽنگ هجي، لفٽ سڄوري تي بہ پيهو پيهہ هجي، ڪافي دير گذري وئي، هنن همراهن کي لفٽ جا جيستائين ٻئي طاق پاڻ ۾ ٽچ نہ ٿيندا اوستائين لفٽ هيٺ يا مٿي نہ ويندي مٿان ڪان لفٽ هيٺ لٿي، ٻيا همراهہ چڙهيا اچا لفٽ جا طاق پاڻ ۾ ٽچ ٿين ئي ٿين، حاجي صاحب پنهنجي بانس واري لٺ دروازن جي وچان ڏيئي ڇڏي، لفٽ کي بريڪ اچي وئي، لفٽ ڊرائيور چيو تہ ٻُڙها ڪيا ڪر رهي هو." اتي اچي ماڻهو لٺ کي مضبوطي سان جهليندي چيو تہ "حڪومت اسان جي آهي، اسين ان جا ورڪر آهيون" قائم علي شاهہ کي وزير اعليٰ اسان ناهيو آهي، اسان مٿي ويندا سين." آخر ڪار لفٽ واري بہ همرا لاٿا، پيءُ پٽ پوءِ لفٽ تي سوار ٿي مٿي پهتا، وزير اعليٰ نڪري چڪو هو آفتاب شعبان ميراڻي ڪان پنهنجي اسڪول جي منظوري وٺي آيو هن پلوڙ ماڻهو جو تعلق بہ سنڌ ۾ وڏو هو سندس حجت ۽ سنگت جو حلقو پڻ وسيع هو سندس دوستي جي دائري ۾ سندس پارٽي ڪان علاوه ٻيا بہ ماڻهو هئا، جن مان چند نالا هيٺ ڏجن ٿا، مير علي محمد ۽ مير رسول بخش خان ٽالپر، سيد پورل شاهہ رضوي، حاجي عبدالستار بچاڻي، الهہ بخش قائمخاني، مخدوم طالب المولىٰ، ملڪ لال خان، حسين شاهہ بخاري، مولا بخش چانڊيو، عبداللطيف لغاري، ڪامريڊ مير محمد ٽالپر، عبداللطيف مگريو مرزا عاشق حسين بيگ، ممتاز پنهور ۽ جمعو شورو هي ٻئي غريب ڪارڪن هئا، انهن

جو خرچ بہ حاجي صاحب ڀريندو هو علڻ خان لغاري (ٽنڊوالهيار)، عبدالستار سريوال، نجم الدين سريوال، صديق ساند، مير محمد جمالي، پيارو لنڊ، محمد هاشم سومرو ڳوٺ جاني سومرو، چوهڙ جمالي، پير غلام حيدر شاهہ (ميين عثمان جا قبا ڇڇ جهان خان)، محمد صالح خاصخيلي (طاهراڻي پٽيل)، ڊاڪٽر شاهنواز شاهہ، علي محمد سمون (ٽٽو)، محمد پناهہ جروار (لاڙڪاڻو)، سردار غلام مصطفيٰ جروار (ڪنڊ ڪوٺ)، حاجي يوسف جروار (امن آباد)، حاجي جمال الدين ارباب (ٽنڊو غلام حيدر)، حاجي محمد خان نظاماڻي (ٽنڊو قيصر)، عارب خان جروار (نائون ميل ٽنڊو محمد خان)، مقبول ميمڻ (صادق فائونڊيشن)، پير صديق محمد شاهہ (بڪيرا شريف)، دوست علي خان ڪوڪر، حاجي غلام حسين ڪوڪر، پير حاجن شاهہ (مڪان شريف)، حاجي نوح جکريجو (مٽياري)، محمد هاشم ٽيپو (مولان)، خادم حسين شاهہ ڪوڪرن وارو پير غلام رسول شاهہ جيلاني، اسماعيل شاهہ عرف عطر شاهہ، عاشق لغاري (وڪيل)، حاجي چٽل بڇاڻي، حاجي يعقوب بڇاڻي، خليل الرحمان لغاري (مسٽ)، لطيف سنڌي (وڪيل)، عبدالقادر هاليپوٽو (اڳوڻو گورنر سنڌ)، الهڏنو شاهہ (وڏ وارو)، ماستر غلام حسين بڪيرو لکاڏنو دائيداڻو (بهادر دائيداڻو ٽنڊوالهيار) ۽ ٻيا ڪيترائي دوست احباب سنڌس قرب جي ڪڙي ڪڙيل هئا، حاجي صاحب تي پڇاڙي ۾ فالج جو حملو ٿي پيو، سنڌس پٽ (حاجي ياسين) کي چيائين تہ حبيب بئنڪ برانچ حيدرآباد ۾ باقي پنج هزار روپيا پيل آهن، اهي ڪڍي آ تہ ڪنهن غريب جي مدد لاءِ ڪم اچي سگهن ٿا، آخرڪار 6 جنوري 1992ع تي حاجي محمد پريل خان جروار زندگي جي جنگ هارائي وڃي پنهنجي مالڪ حقيقي سان مليو. کيس اباڻي قبرستان عنايت شاهہ گهوٽ، لڳ سنڌس ڳوٺ ۾ دفن ڪيو ويو. سنڌس پٽن مان حاجي محمد ياسين جروار، غلام قادر خان، فقير شير محمد شاهہ جروار ۽ الهہ بخش جروار آهن.

ڏيرن ڏينهن چٽا ڪيا، ڪنيائون ڪنو،
ڪيون ڪوهيارل جو، ڇپر منجهہ ڇنو.

ٻاروچل ٻنو واري ويو وندر تان.

## خليل کوسو

(اخبار هفتيوار ٽنڊوالهيار نيوز جي ٿورن سان)


تپو کوکر جو نقشو

# مختصر تاريخ تپو ڪوڪر

مختصر تاريخ تپو ڪوڪر ۾ يونين ڪائونسل ڪوڪر تعلقو ٽنڊوالهيار ضلع حيدرآباد سنڌ پاڪستان جي صورتحال سامهين پني تي ڏسي سگهجي ٿي، هيءَ يونين ڪائونسل ۾ تپو ڪوڪر 10 ديهن تي مشتمل آهي، جنهن جو صدر مقام پڻ ديهه ڪوڪر ۾ آهي.

سرڪاري رڪارڊ موجب ڳوٺ ٻيڙو خان ڪوڪر موجوده ڳوٺ سردار حاجي غلام حسين ڪوڪر آباد آهي ديهه ڪوڪر جي صورتحال نقشو پڻ ڪتاب ۾ موجود آهي.

هن وقت مشهور معروف مين روڊ ٽنڊوالهيار ڪان شيخ پرڪيو تيار ٿي چڪو آهي، اندازن تپو ڪوڪر جي ديهن مان گذري ٿو ڏسي سگهجي ٿو.

نمبروار تپو ڪوڪر جون ديهون هن ريت آهن ۽ نالن سان موجود آهن.

1. **ديهه وساڻڪي**
2. **ديهه ڊنڊ شاهه**
3. **ديهه ريچل**
4. **ديهه ڪوڪر**
5. **ديهه واڳوڏر**
6. **ديهه ٻائل**
7. **ديهه ٻوچڙ**
8. **ديهه ٿل**
9. **ديهه سهٽا بڪيرا**
10. **ديهه بڪيراٽي**

مذڪوره 10 ئي ديهن جو مختصر احوال هن ڪتاب ۾ موجود آهي، ان کان سواءِ 2 اضافي ديهون بہ ڪتاب ۾ ڏنيون ويون آهن، ديهہ ستياري ۾ راقم جي ڄمڻ جي ڄڻي بہ آهي، ڳوٺ محمد بچل ٻکيرو، ڳوٺ منو خاصخيلي، ڳوٺ اُپريو درس ۽ محمد درس آهن، ڳوٺ ڪئوڙو دائيداڻو سولنگي ۽ ماڇي برادرين جا ڳوٺ بہ آهن جن سان اسان راڄ آهيون، خوشي توڙي غمي ۾ شريڪ ٿيندا آهن، انهي ذڪر لاءِ ديهہ ستياري تپو ايڊيشنل پاڪسنگهار جو جائزو پڻ ڪتاب ۾ ڏنو ويو آهي.

ديهہ شاهڪي عرف ساهيڪي ۾ بہ ڳوٺ مير حمزو خان ٽالپر، ڳوٺ احمد خان رستماڻي، ڳوٺ محمد علي پرهياڙ گڏوگڏ آهن، خوشي توڙي غمي ۾ هر وقت گڏ آهيون، تہ انهن جو ذڪر بہ ڪتاب ۾ داخل ڪيو ويو آهي.

ديهہ آمري ڳوٺ خير محمد جروار جي جروارن جو شجرو پڻ ڪتاب ۾ درج آهي، ڪانڙي ميرپورخاص جي جروارن جو شجرو پڻ ڪتاب ۾ داخل آهي، گڏوگڏ بہ پيپر شجرو نسب راقم محمد ياسين جروار جا وڏا جروار ڪلهوڙن جي دور ۾ لاڙڪاڻہ ميرو خان ديهہ گل ڪلهوڙو کان آيل آهن، ڳوٺ پانڌي جروار کان انهن جو بہ شجرو ۽ مختصر جائزو ڪتاب ۾ درج آهي، جيڪي ڳوٺ پانڌي خان جروار ديهہ گل ڪلهوڙو تعلقو ميرو خان لاڙڪاڻي وارن سان اڄ تائين رشتو هلندو اچي، مذڪوره تپو ڪوڪر جون 10 ديهون موجود آهن، سندن وڏي تاريخ آهي، ليڪن مختصر جائزو هن ڪتاب ۾ پنن ۾ ڪيو ويو آهي، اميد تي دنيا قائم آهي، رهي نالو الله جو.

مون قلم کنيو هو پنهنجي جروار قوم تي ۽ ڪوڪر تپو ۾ رهندڙ سيني قومن لاءِ چوڻ سولو ۽ عمل ڪرڻ تمام ڏکيو ڪم آهي، اميد تي دنيا قائم آهي، اميد تہ هن منهنجي ننڍڙي ڪوشش حاجي پير بخش لاشاري وانگي ڪنهن کي وڏيڪ قلم کڻڻ جي توفيق عطا فرمائي، ڪتاب سندس وڏي

رهنمائي ڪندو. ڪوڪر قوم جي شجري نوٽ فوٽ جيڪو حاجي شير محمد خان ولد حاجي غلام حسين خان کان مليو ان ۾ هي سلسلو لکيل آهي.

مِيان ٻيڙ خان ڪوڪر ڳوٺ چٽوڙي ميرپورخاص، ميان ٻيڙ خان ڪوڪر کي 2 پٽ ٿيا. انهن جو ڪجهه تفصيل هتي ڏجي ٿو. پهريون پيارو خان ڪوڪر سندس احوال ديهه ڪوڪر ۾ آهي، ٻيو مهرو خان ڪوڪر.

مهرو خان ڪوڪر کي ٽي پٽ ٿيا. خدا بخش ڳوٺ ٻيڙو ڪوڪر، پيارو خان ڪوڪر ڳوٺ ٻيڙو ڪوڪر، حمل خان جنهن جو اولاد لاڙڪاڻي ۽ شهدادڪوٽ ۾ آهي.

ميان پيارو خان جي اولاد ۾ فوٽ نوٽ مطابق حاجي کي خدا بخش آهي، لااولاد انهن انهن نالن سان ڪوڪرن ۾ موجود آهن. سمجهان ٿو ته ورثي جا نالا اٿن.

ميان پيارو خان ڪوڪر (سپهه سالار مير بجار خان ٽالپر) کي ٻه پٽ ٿيا. هڪ نواب عرضي خان ڪوڪر، جنهن جو اولاد فوٽ نوٽ شجرو تپو ڪوڪر ۽ ديهه ڪوڪر ۾ موجود آهي، ميان پيارو خان جو ٻيو پٽ ماڻڪ خان جنهن جو اولاد شهدادڪوٽ آهي.

نواب عرضي خان ڪوڪر چٽوڙي ميرپورخاص مقام هن تي قبو اڏيل آهي، هن جا مريد هوندا هئا. ڪوڪر اڄ به پنهنجي اولاد پٽن جي جهنڊ اتي لهرائيندا آهن.

ڪوڪر راجپوت آهن. شيخ صادق علي مطابق رانوڙ قبيلي مان سمه آهن. شاهان گجر جو مصنف ڪين جت لکي گجرن ۾ شامل ڪري ٿو. ڪي ڪوڪر پاڻ کي غزني کان آيل قطب شاهه (جيڪو حضرت علي جي ٻي ڪنهن زال جي اولاد مان هو) جي پٽ محمد جي اولاد چورائيندا آهن. جيڪو اعواڻ ذات جو مورث اعليٰ آهي، هن جي اڪثريت پنجاب ۾ رهي ٿي، انهن مان ڪي هتي لڏي آيا ۽ آباد ٿي ويا. ڪوڪرن جي روايت مطابق ته هنن جي وڏن جي هڪ رياست ڄمون ۾ منگلا ديوي جي قلعي ۾ هئي، پوءِ

خيرپور تي قبضو ڪيو. خيرپور جي نسبت سان انهن ڪوڪر چورايو معنيٰ خيرپور وارا. اڪثر محققن قطب شاهه واري روايت کي رد ڪيو آهي، چاڪاڻ ته ڪوڪر پهريان مسلمان ڪو نه هئا. اها هڪ من گهڙت ڪهاڻي آهي.

ڪوڪرن کي شهاب الدين غوري ڏاڍو تنگ ڪيو هو جنهن ڪري هو ڪاڻس ڪان ڏاڍا خفا هئا ۽ انتقام وٺڻ لاءِ وقت جي انتظار ۾ هئا. جيتوڻيڪ سندن قبيلي جي اڪثريت سردار سوڍو هڪ مسلمان بزرگ جي طفيلي مسلمان ٿي چڪا هئا. ڪوڪرن جو مسلمان ٿيڻ جو سلسلو محمود غزنوي جي دور تائين جاري هو. چون ٿا ته پنڊ دادن خان ڪوڪر جي هڪ سردار جي نالي تي آهي، جيڪو جهانگير جي عهد ۾ اتان جو حاڪم هو. اها به روايت آهي ته ڳڙهه چتوڙ جي هڪ هاردا راجپوت ڪوڪر فتح چند جڏهن مسلمان ٿيو ته هن پنهنجو نالو دادن خان رکيو ۽ هن پنڊ دادن خان کي ٻيهر تعمير ڪيو.

2 شعبان 602 هجري تي سلطان شهاب الدين غوري درياءِ سنڌ جي ڪناري "برمهيڪ" جي هنڌ سندن هٿان قتل ٿي ويو. ڪوڪرن پنهنجي قتل عام جو بدلو ورتو.

1393ع ۾ محمود شاهه ولد ناصر الدين شيخا ڪوڪرن سان وڙهڻ لاءِ سارنگ خان کي موڪليو جنهن لاهور ۾ هنن کي شڪست ڏني، ڪوڪر جڏهن مسلمان ٿيا ته ڪين گهگهڙ به سڏيو ويو. تاڊ هنن کي رائوڙ ۽ راجپوت جي شاخ سمجهي ٿو. سنڌ جا ڪوڪر پنجاب ڪان آيل آهن ۽ انهن جي اولاد آهن.

هندستان جي تاريخ ۾ ڪوڪرن جو تمام گهڻو ذڪر ٿيل آهي، هي تيمور لنگ سان به سامهون ٿيا. جيڪو آڪٽوبر 1398ع ۾ هنن جي علائقي ۾ آيو هو. ڪوڪرن جا راولپنڊيءَ ڪان وٺي موجوده سرگوڌا تائين قلعا ۽ علائقا هئا. اڪبر مغل جي وقت ڪوڪرن وٽ 5 محلا ۽ 10 پرڳڻا آهن.

شجرو فوٽ نوٽ مونکي رئيس مهر علي خان ولد خان محمد خان ڪوڪر عنايت ڪيو. پاڻ اِن جي ڪاپي رئيس حاجي شير محمد خان ولد سردار حاجي غلام حسين ڪوڪر کان وٺي مونکي عنايت ڪئي. قوم ڪوڪرن جي تاريخ جيڪي موجوده تپو ڪوڪر تعلقو ٽنڊوالهيار جو شجرو فوٽ نوٽ ڏسڻ کان پوءِ ڏسجي ٿو تہ سيئي ڪوڪر جيڪي بہ درج ٿيل آهن سڀ سرائي منهنجي نظر ۾ اترادي نہ مگر سرائي معنيٰ سر ڏيڻ وارا. ڪتابن جي مطالعي ۽ شجره ڏسڻ کان پوءِ پڪ ٿي تہ هڪڙن جا سر تلوارن لاٿا. جنگين ۾ مختلف حڪومتن جي دور ۾ گهٽ تڏهين بہ ڪلهوڙن جي حڪومت ۾ جيڪڏهن ڪين عهدا مليا آهن تہ سر ڏيئي عهدا ماڻيا آهن. جيڪڏهن جاگيردار ٿيا آهن تڏهين سر ڏيئي جاگيرن جا مالڪ ٿيا آهن. مولائي شيدائي جا ڪتاب. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب جا ڪتاب. حسين بادشاهہ جا ڪتاب پڙهندا تہ سندن ڪارنامن سان پريا پيا آهن ۽ جي وري انگريز دور تي اچي ڏسو تہ جنگ ۾ ٽالپرن پاران ڪيترن ڪوڪرن قرباني ڏني. ڪيترن ڪوڪرن تي ڪوڙا ڪيس هلائي ڪين ڦاسي ڏني ويئي. حيدرآباد قلعي کان هيٺ اهي ڪوڪر ڪي عام ڪوڪر ڪونہ هئا. جيئن اڄ هِن شهر هُن شهر ۾ ڪوڪر پيا ٻڌجن. اهي ڪوڪر اهي نواب ڪوڪر ۽ وزير اعظم ڪوڪر. سپہ سالار ڪوڪر. تپو ڪوڪر وارا پيڙو خان ڪوڪر ۽ غلام حسين خان ڪوڪر ۽ رستم خان شير محمد خان ڪوڪر. ٺارو خان ڪوڪر ۽ فقير خير محمد ڪوڪر. ڏڱاٽو خان ڪوڪر. ڪريمداد خان ڪوڪر جو اولاد رئيس حاجي ولي محمد خان جو اولاد ۽ رئيس خان محمد جو اولاد. رستم خان جو اولاد. سردار حاجي غلام حسين ڪوڪر. رئيس دوست علي خان ڪوڪر آهن. غلام مصطفيٰ خان ڪوڪر وارا آهن.

انهن ڪوڪرن پنهنجا پيٽ ڪونہ پريا. برابر پيٽ بکيو ڪو هلي نہ ٿو سگهي. ليڪن وقت وقت جي ڳالهہ آ. مٿين ناليوارن ڪوڪرن پنهنجي سڄي تپو ڪوڪر ڪي پنهنجو اولاد ڪري رکيو اسان جي يادگيرين تائين ائين

هو سيڻي ذڪر ڪيل ديهن مان جيڪي تپو ڪوڪر ۾ اچي ٿي وڃن، ان عوام کي پنهنجو اولاد وانگي سمجهندا هئا. ٿل نه ڪنهن کي ڪا تڪليف پهچي، ڪوڪر سردار حاجي غلام حسين ڪوڪر يا سندس اولاد وٽ ڪو پهچي جيسين ان جي رسائي نه ٿيندي، ڪوڪر چين ۽ سک سان نه ويهندا پوءِ پلي ڪٽي ڪو رئيس دوست علي خان ڪوڪر پائرن وٽ دانهين پهچي، ڪيس حق رسائي ڪان پهرين سک چين سان نه ويهندا هئا. اسان سڀني زندگي ساڻن نڀايو آهي ۽ پاڻ به ٻئي گهر اسان سان مٿن مائٽن ڪان وڌيڪ هلن ٿا.

رئيس فتح خان ڪوڪر آخري جاگيردار جنهن جو بيان حاجي پير بخش خان لاشاري سندس ڪتاب ”سدا وسن منهنجا سيڻ سنگهار“ ۾ ڪيو آهي، مطالعو ڪريو. ڏوڪري لاڙڪاڻه ۾ جاگير هئس، ڇتو واهڻ وٽ انهيءَ جاگير کي فيلڊ مارشل محمد ايوب خان 1958ع ۾ ٽوڙيو ۽ ڪين زميندارِي ڏني، رئيس فتح خان ڪوڪر زميندارِي مفت ۾ ڇڏي آيو جو نوابي ختم هاڻي نوابي حڪم نه هلي سگهندا هئا. واپس حيدرآباد ڪوڪرن ۾ پنهنجا پٽ غلام مصطفيٰ، بنده علي ۽ رستم خان کي پڙهائي روزگار نوڪرين ۾ لڳرايو، غلام مصطفيٰ کي ڪيس هڪ پٽ عامر نالي آهي، پاڻ سنڌ يونيورسٽي ۾ ليڪچرار آهي ۽ بنده علي کي به اولاد آهي، پاڻ واپڊا ۾ نوڪري ٿو ڪري، باقي رستم خان شمس سئنيما گاڏي ڪاتو حيدرآباد ۾ قتل ٿي ويو.

اسان جي يادگيرين ۾ سردار حاجي غلام حسين ڪوڪر جي لاءِ چا لکان، گهڻو ڪجهه مواد آهي، حياتي ساٿ نڀايو ته ٻئي پاڳي ۾ درج ڪبو. رئيس دوست علي خان، جان محمد خان ۽ رئيس مهر علي خان ولد خان محمد خان ڪوڪر پنهنجي زمين تي ديهه بڪيراڻي ۾ ڳوٺ آباد ڪيو اٿن، سندن زميندارِي به ديهه بڪيراڻي ۽ ديهه سهڻا بڪيرا ۾ آهي، ٿنهي پائرن کي الله پاڪ اولاد سان نوازيو آهي، سردار حاجي غلام حسين ڪوڪر پنهنجي اولاد سميت پنهنجي اصل ڳوٺ ۾ آباد آهي.

**ڪوڪر**

هي اصل پنجاب جي قوم آهي، جيڪا پوءِ سنڌ ۾ آئي، جڏهن قطب الدين ايبڪ افغان سنڌ جو حاڪم هو تڏهن ڪوڪر لاهور مان ڪاهي آيا، قطب الدين جي پٽ شهادب الدين کي ماري وڌائون. 1393ع ۾ محمود شاهه ولد ناصر الدين شيخا ڪوڪر سان وڙهڻ لاءِ سارنگ خان کي موڪليو. جنهن لاهور ۾ اچي هن کي شڪست ڏني، سنڌ جا ڪوڪر به انهن ڪوڪرن جو اولاد آهن. منصوره، غزني ۽ لاهور کان پوءِ سنڌ جو تختگاهه ملتان (قبلہ اسلام) اسلامي تبليغ ۽ فيضان جو مرڪز بڻجي ويو. شهزادي محمد آقان الملڪ بن سلطان غياث الدين بلبن هنن ڏينهن ۾ مخدوم سيد جلال، شيخ السلام بهائو الدين ذڪريا ملتاني رحہ، شيخ فريد الدين شڪر گنج رحہ، سيد عثمان مروندي رحہ پاڻ ۾ چار هئا. هنن بزرگن جي تبليغ سان هندو قوم مان ڪيترن ئي قومن اسلام قبول ڪيو. انهن مان ڪوڪر، ماڇي، ٿيبا قابل ذڪر آهن. جن اسلام قبول ڪيو هي جنگ ڪلهوڙن ۽ ميرن جي وچ ۾ لڳي هئي، مير صاحب ڪامياب ٿيا، ڪوڪرن ميرن جا طرف هئا. ميرن جا اڳواڻ مير فتح علي خان هو.

### سائين بهادر خان ڪوڪر

بهادر خان ڪوڪر مرحوم رئيس ٻيڙو خان ڪوڪر جو عزيز هو. ڪوڪر صاحب ميرن صاحبن جي طرفان ڪلهوڙن جي جنگ ۾ شامل هئا ۽ ڪامياب ٿيا. پوءِ کين ميرن صاحبن جاگيرون ڏنيون. ڳوٺ ٻيڙو خان ڪوڪر، تعلقہ ٽنڊوالهيار مشهور آهي، هتي هن وقت سردار حاجي غلام حسين ڪوڪر سنڌ ليول تي مشهور ۽ وڏو زميندار آهي.

ٽالپر حاڪم چوٿون پڳدار مير مراد علي خان سخت بيمار ٿي پيو ته سندس علاج لاءِ ڪلڪتي مان انگريز ڊاڪٽر گهرايو ويو هو. مذڪوره انگريز ڊاڪٽر ڪڇ ڀُڄ جي رستي کان آيو هو. ميرن صاحبن طرفان سنڌ جي سرحد تي سندس استقبال لاءِ به امير رئيس موسيٰ خان ڪٽياڻ ۽ رئيس بهادر خان ڪوڪر موڪليا ويا هئا. جيڪي ٻئي ڄڻا ميرن جي دربار ۾ وڏن

اميرن ۾ ليکبا هئا، انگريز ڊاڪٽر صاحب کي خشڪيءَ جي رستي ڪانپوءِ دريائي سفر ڪرائي ٻيڙين وسيلي حيدرآباد آندو ويو هو.

بهادر خان ڪوڪر کان هڪ وڏي غلطي پڻ ٿي هئي، بهادر خان جي نوڪرياڻين مان نالي مائي مومل ٽالپر دور جي وزير اعظم نواب ولي محمد خان جي پٽ نواب احمد خان جي شادي ۾ عزيزن سان گڏ ويئي هئي، انهي تان بهادر خان ڪوڪر ڪاوڙ ۾ اچي مائي مومل کي شهيد ڪري ڇڏيو مائي مومل کي جنهن جاءِ تي دفن ڪيو ويو انهي جاءِ تي ٻه وڏا ڪنڊي جا وڻ آهن، هاڻي هي مقام مائي مومل جي نالي سان مشهور آهي، جيڪو رئيس حاجي مير محمد ڪوڪر جي موجوده ڪچي ڪوٽ جي اولهه طرف آهي، هي احوال تاريخ جنت السنڌ ۾ ڏسو.

## ڳوٺ ٻيڙو خان ڪوڪر

يادگيري کان اڳي جي خبر ڪلهوڙن جي دور ۾ ٻيڙو خان ڪوڪر، غلام حيدر ۽ فتح خان ڪلهوڙن جي دور ۾ جنگ ۾ ڪامياب ٿي آيا، انعام ۾ هنن کي جاگيرون مليون، فتح خان ڪوڪر کي ٻه پٽ ٿيا. هڪ رستم خان ٻيو دوست علي خان، هي منهنجي وقت کان اڳي ٿي گذريا آهن، رستم خان هن کي ٻه پٽ ۽ هڪ نياڻي هئي، نياڻي جو نڪاح پنهنجي ڀائيٽي دوست علي خان جي پٽ خان محمد سان ٿيو باقي پٽن جو احوال رئيس فتح خان منهنجو گهڻو ڏنل هو. جيڪو موجوده ڪوڪر مان لڏي لاڙڪاڻي، ويو جتي جاگير مليل هئس، ايوب خان جي حڪومت آئي ته سندس جاگير ختم ٿي ويس، ڪوڪر ڪوٽ ۾ آيو اچي ڪيرول واري وڻ واري نمبر ۾ اتي جي چڪي لڳاياين، ڪجهه عرصي بعد حيدرآباد لڏي ويو ۽ هن ٿي شاديون ڪيون، اولاد ۾ هن کي ٽي پٽ ۽ هڪ نياڻي هئي، نياڻي جو نڪاح دوست علي خان ولد خان محمد ڪوڪر سان ٿيو رئيس هاڻي فتح خان حياتي آهي.

رستم خان جو پٽ علي ڏنو جنهن کي 4 سئو ايڪڙ زمين هئي، جيڪا ڪيساني واهه جي لڳ هئي، ڪوڪرن مان لڏي ڪيساني واهه لڳ

پنهنجي زمين ۾ پنهنجو ڳوٺ ٻڌو، پاڻ موالي ماڻهو هو ۽ شاديون ڪيائين ۽ وڏو پٽ علي مراد هئس. آخرڪار زمين وڪڻي وڃي حيدرآباد وينو ۽ اتي وفات ڪيائين. نالو مبارڪ خان عرف عليڏنو ڪوکر.

هاڻي رئيس وڏي فتح خان جو ٻيو پٽ رئيس دوست علي خان هن کي هڪ پٽ نالي رئيس خان محمد هو. هو لڏي پنهنجي زمين ۾ ڳوٺ ٻڌي وينو ۽ رئيس رستم خان جي نياڻي سان شادي ڪيائين. انهي مان ٽي پٽ ٿيا. دوست علي خان، مهر علي خان ۽ جان محمد خان هاڻي ذڪر دوست علي خان جو هي تمام بهادر هو ۽ هن جا رئيس حاجي غلام حسين ڪوکر سان سخت مقابلا ٿيا. اسان جي وقت ۾ هنن جا پاڻ ۾ وڏا تڪرار هئا. هڪ ٻي کي مارڻ ۽ مارائڻ جا امڪان هئا. آخرڪار هنن جو ناهه ٿيو جو حاجي غلام حسين هن وٽ هلي ويو ۽ معافي ورتائين.

### حاجي غلام حسين ڪوکر

هي رئيس ولي محمد خان جو اڪيلو پٽ هو. هن جا ناناڻا ڳلهه قوم جا هئا. هنن جو ڳوٺ اگهاماڻي لڳ هو. رئيس ولي محمد. سائين قربان علي شاهه آف مڪان شريف ۽ ٻين ساداتن کي ميڙ وٺي ڳلهن وٽ ويو ۽ سڱ گهريائين پر ڳلهن هنن کي موٽائي ڇڏيو. پوءِ سائين قربان علي شاهه فرمايو ته هي ڳلهه قوم ولي محمد خان تنهنجي در تي نوڪر ٿي ڪمائيندا ۽ ٿيو به ائين ۽ سڱ به ولي محمد خان کي ڏنائون. ولي محمد خان جي شادي ٿي جو اسان پاڻ پنهنجي اکين سان ڏٺو ڳلهه جو سڄو ڳوٺ لڏي اچي ڪوکر ڳوٺ ۾ آباد ٿيو. ٿوري عرصي بعد ولي محمد کي هڪ پٽ ڄائو جنهن جو نالو غلام حسين ڪوکر آهي. پٽ جي ڄمڻ بعد ولي محمد ڪوکر وفات ڪري ويو ۽ غلام حسين ڪوکر کي پنهنجن ناناڻن نپايو. غلام حسين ڪوکر جي شادي ڳلهه قوم مان نورو ڳلهه جي نياڻي سان ٿي. هن شادي ۾ آئون پاڻ ويو هئس. جنهن ۾ وڏي ۾ وڏو خاندان سائين محمد شاهه. ٽنڊي قيصر وارو هو. رسائي ۾

احمد خان نظاماڻي آف ٽنڊو قيصر وارو هو. پهريون پيرو ڀهراڙي ۾ وچت ۾ ٻئنڊبن وارا مهاجر ڏناسون جن پنهنجو تماشو ڏيکاريو.

رئيس غلام حسين ڪوڪر کي ڇهه پٽ ۽ ٻه نياڻيون آهن. پٽن ۾ ولي محمد، شير محمد خان، خير محمد خان، مير محمد خان، آفتاب احمد ۽ اعجاز احمد. رئيس غلام حسين ڪوڪر جي اصل زمين اٽڪل نوَ سئو ايڪڙ هئي، جيڪا هينئر 20 هزار تي وڃي آهي.

صدر ايوب خان جي دور ۾ پاڻ يونين ڪائونسل جو چيئرمين چونڊيو ويو. جنهن ۾ اسان پاڻ شريڪ هئاسين. خان صاحب سيٺ محمد سومار ٽنڊوالهيار وارو آيو هو. اليڪشن جو دور هو. ڊويزنل ڪمشنر حيدرآباد ابو نصر آيو هو. تنهن ۾ اسان به شريڪ هئاسون. اليڪشن جو دور هو. رئيس نصير محمد خان مدواڻي ۽ دوست علي خان ڪوڪر رستو وٺي ٿي ويا. غلام حسين ڪوڪر چوڪيدارن کي چيو هنن ٻنهي کي رستي تان روڪيو وڃي. چوڪي وارن هنن کي روڪيو جنهن ۾ وڏو فساد شروع ٿيو. جنهن ۾ لاکون رپيا خرچ ٿيا اهو جهيڙو 15 سال هليو نيٺ غلام حسين ڪوڪر ڪامياب ويو. اليڪشن ۾ ٽنڊوالهيار تڪ تي مير غلام علي خان ٽالپر ٽنڊي محمد خان وارو ڪرنل حيدر سان اليڪشن لڙيو هو تڪ جو خرچ رئيس غلام حسين ڪوڪر جي پريو هو ٻن پٽن ولي محمد ۽ مير محمد ڪوڪر جون شاديون گڏ هيون. شادي ۾ وڏا امير آيل هئا. جنهن ۾ وڏا فنڪار حصو وٺي رهيا هئا. انهن کان علاوه مولود شريف جسڪاڻي ۽ مڱڻهار هئا. جنهن ۾ انعام ٻين کان علاوه ورپند مل به ڏنو شاندار محفل ٿي تي پٽ نالي مير محمد جي شادي چار سال پوءِ رسول بخش پٽ عثمان جي نياڻين سان ٿنهي پيٽن جون شاديون ٿيون. چوٿين پٽ خير محمد ڪوڪر جي شادي حيدرآباد مان سومرا قوم مان ٿي.

حاجي غلام حسين ڪوڪر ۽ ميون خدا ڏنو شيخ پرڪيو واري جو پاڙي تان تڪرار ٿيو جنهن ۾ غلام حسين ڪوڪر کي بندوق جو ڌڪ لڳو.

پنهون مهاڻي ڏک هنيو هو غلام حسين ڪوڪر جي طرف پٽافي سامٽيا هئا، شيخ صاحب جي طرف محمد اسماعيل مهراڻي ٿهيم، عالم شاهه پير مڪان شريف وارو ۽ نجم الدين سريوال هئا، آخر ۾ فيصلو پير غلام رسول شاهه جيلاني ڪيو ۽ فيصلي ۾ ٻئي ڌريون ٺهي ويون، غلام حسين ڪوڪر ٻه دفعا يونين ڪائونسل ڪوڪر جو چيئرمين مير اعجاز علي ٽالپر ۽ وزير اعظم محمد خان جوڻيجو جو صلاحڪار مير عنايت علي ٽالپر حاجي غلام حسين سان ڪوڪر ڳوٺ ۾ ڪلي ڪچهري ڪئي، مير اعجاز کي حاجي غلام حسين ڪوڪر اجرڪ پارائي ۽ مير عنايت کي حاجي خير محمد ڪوڪر اجرڪ پارائي، ڪوڪر ڳوٺ ڪان مڪان شريف روڊ جي پيڙهه جو پٿر مير عنايت صاحب رکيو ڪلي ڪچهري ختم ٿيڻ ڪانپوءِ واپس ڳوٺ آيس.

هن سال ڪوڪر صاحب تي ڇاپو لڳو مسافر خاني واري ڪوهه مان ڪجهه اصلحو مليو اصلحو ڪڍڻ لاءِ هڪ مزدور کي ڪوهه ۾ لاٿو ويو جنهن کي نانگ ڏنگ هنيو هن کي جيئن ئي ٻاهر ڪڍيو ويو تہ نانگ جو چڪ اجان لڳل پيو هو ۽ مزدور آخر وفات ڪري ويو هن ڪان اڳ هڪ ڇاپو ڪوڪر صاحب تي لڳو جنهن ۾ هن ايس پي پوليس آفيسر اڏيري جو مشتاق شاهه مدد ڪئي ۽ ڪوڪر صاحب شاهه صاحب کي ٻه لک ڏيٽا ڪيا هئا ۽ آخر رئيس 50 هزار هن ڏانهن موڪليا، جيڪي شاهه صاحب واپس ڪري ڇڏيا ۽ هي فلم تيار ڪري ڪوڪر صاحب کي ڏاڍو تنگ ڪيو ويو. آخر مشتاق راهو ڳوٺ شهمير راهو واري هن کي آجو ڪيو.

ڏينهن سومر تاريخ 20 سال 1421هه مهينو ذوالعقد ڳوٺ ڪوڪر ۾ وزير اعليٰ سنڌ ڊاڪٽر ارباب غلام رحيم هن سان ٻيا مهمان معزز هئا، وزير آبپاشي نادر اڪمل لغاري، غفار قريشي، حاجي الله بخش خان مگسي، روينيو وزير عرفان مگسي، خاتون ڊاڪٽر راحيلا گل مگسي، غني خان درس صاحب ۽ ٻيا بہ آيل امير غريب هئا، هي دعوت حاجي خير محمد ڪوڪر تعلقہ ناظم ٽنڊوالهيار ڪئي هئي.

بلدياتي چونڊن ۾ حاجي خير محمد ڪوڪر سان آئون ۽ ڏنو خان صديق پٽ خير محمد ڪوڪر ٽنڊوالهيار وياسون. ان کان پوءِ مڪان شريف تي وڃڻ ٽيويارهين شريف ۾ شريڪ ٿياسون.

غلام مصطفيٰ راهو جي دعوت ۾ مولوي عبدالرحيم سڪندري جو جلسو رکيو ويو. هن جا پرچا ورهائڻ مون کي ڏنا ويا ۽ گاڏي ۾ ڊرائيور نواب مگڻهار هو ۽ مولوي غلام محمد ڏاهري ويٺل مورو ڳوٺ نور محمد ڪلهوڙو ڦبا هنن ڳوٺن ۾ پرچا ڏنا ويا. ڳوٺ اسماعيل مهراڻي، شفيع محمد برفت، گل محمد مهراڻي، ميان محمد صديق، ڪوڙو ٿهيم، گل محمد ڪوري، پير علي بخش شاهه، شاهه جي ماڙي، مڪان شريف، شيخ پرڪيو ننگراڻي، پٽافي، ماڇي، لقمان، داد جروار، صاحب خان لغاري، نبي بخش لنڊ، محمد صديق ساند، پنيرو ڪوهه، شيش محل، اوٺا اسٽاپ، چارڪي، بوزدار، هاشم آباد، چارڪي موري، فاضل مانڊڻي، محمد هاشم جوڻيجو جوارڙيو پير غلام حسين لغاري، مريد موري، صاحب خان جروار، پريل جروار، درس حاجي غلام محمد، حاجي عالم ڪوڪر، بڪيرا شريف ڪراچي هوٽل، ڪولاچي پير چٽن شاهه، بهراڻي، قبو اسٽاپ، ڏگاڻو بوزدار، ريچل، جاموٽ فارم، گاجي لاشاري، دريا خان ناهيون، آبڙي، ڪيسانو موري، ٽنڊو جام، ٽنڊو قيصر، بهاول زنئور، منگواڻا، پيرڻ شريف، شير محمد پرڳڙي، حسين خان نوڙهو گهوٽاڻا، مڪڻ موري، جهڻ موري، ٻتور، چڪيءَ، گل لاشاري، وساڻ ننگر، مولان چوڪ شهر حاجي عرس ٽيٻو محمد ٽيٻو بچو لاشاري، نومڙيا محمد قاسم، سخي آباد، واڳوڏر، خير محمد ڪوڪر، بشڪو گهمڻاڻي، غلام حسين ڪوڪر، دريا خان مسرڪ ۽ جيڪي معزز مهمان آيا، سائين مير شاهه بخاري، ٽنڊو محمد خان پير غلام دستگير مڪان شريف، جناب خير محمد ڪوڪر، بشير احمد منگي صاحب، علي غلام شاهه ڳوٺ محبت پرڳڙي، شفن خاصخيلي، ڳوٺ شاهه اسماعيل قادري، عالم لغاري 90 ميل، بادل دستي، امين ۽ الياس بوزدار ڳوٺ

ڄارڪي، محمد خان لاشاري، ڳوٺ ريچل، محمد ياسين جروار، وڏيرو الهجڙيو ابڙو، عطا محمد ابڙو پانڌي مهراڻي.

سيد بچل شاهه هي دڪانداري ڪندو هو. سيد آگي ڏنو شاهه هن کي روڊ تي دڪان ۽ هوٽل هيس، هن کي گهڻا پٽ هئا. هن شهر ۾ ميمڻ قوم جا حاجي بچو ميمڻ ۽ حاجي ابراهيم ميمڻ يونين ڪائونسل ڪوڪر جا ميمبر هئا. جنهن ٽائيم ۾ حاجي غلام حسين ڪوڪر چيئرمين هو. هنن کان بعد ۾ بڪيرا شريف جو محمد يونس ميمڻ ڪائونسل ميمبر ٿيو. جنهن ٽائيم ۾ يونين ڪائونسل جو چيئرمين حاجي خير محمد ڪوڪر هو. محمد يونس ميمڻ هي نوجوان ۽ علم وارو هو ۽ حاجي خير محمد ڪوڪر جو صلاحڪار هو. هن شهر جو ٻيو مشهور ماڻهو آچو درس، هي وڏو پئسي وارو ڪروڙ پتي هو ۽ بلڪل سادو هو ۽ شريف هو. ٽنڊوالهيار جا واپاري هن جي ملڪيت تي ڪاروبار هلائيندا هئا. بڪيرا شريف ۾ ڪير هن کان ملندو هو. هن کي ٻه پٽ هئا. هڪ محمد صالح ۽ ٻيو محمد خان آچو درس جي وفات کانپوءِ جلدي هن گهر ۾ غربت اچي ويئي، درس صاحب هڪ عاليشان مسجد ٺهرائي، هڪ دفعي حيدرآباد جو ڊويزنل ميمبر چونڊيو اليڪشن ۾ ٿي اميدوار هئا. آسن داس واڻيو، ميرحسن مري جهنڊي مري وارو ۽ غلام حسين ڪوڪر آسن داس ڪٽي ويو باقي مري صاحب ۽ ڪوڪر صاحب برابر ٿيا، پوءِ پکن تي فيصلو ٿيو. جنهن ۾ مري صاحب ڪامياب ٿيو. آسن داس کي مگسي قوم جي ماڻهن راهوڪي شاخ تي ماريو هو. وري اليڪشن ٿي، جنهن ۾ غلام حسين ڪوڪر ڪامياب ٿيو. رئيس ولي محمد خان جي نياڻي جيڪا ڏاڏي پوٽي زال مان هئي، ان جي شادي رئيس رستم خان ڪوڪر سان ٿيل هئي جا آخر ۾ غلام حسين ڪوڪر وٽ رهندي هئي ۽ اتي ئي گذاريائين. جنهن جي ختمي جي ماني ۾ اسان شريڪ هئاسين. رئيس غلام حسين ڪوڪر پهرين گهرواري جي ختمي جي ماني ٿي، جن ۾ وڏن اميرن شرڪت ڪئي، جن ۾ نجم الدين سريوال، الهه وسايو پٽي انجنيئر، محمد قاسم لاشاري، اي سي

ٽنڊوالهيار پير سجاد حسن عرف پير محمد صديق شاهه آف ٻڪيرا شريف ۽ ٻيا تر جا چڱا ماڻهو رئيس غلام حسين ڪوڪر جا فيصلا ٻڌاسون ۽ ڏٺاسون، طبيعت جو تکو ۽ اڻ موٽ هو، ماڻهو هن کان تمام پري گذاريندا هئا، ظاهر طور خير خيرات ڪونه ڪندو هو ڪوڪر قوم جو سردار هو هن جڏهن سرداري جي پڳ ٻڌي ان ۾ پوري صوبي جي ڪوڪر قوم شريڪ ٿي هئي ۽ اسان پاڻ شريڪ ٿيا هئاسين، ڪوڪر صاحب جو تر جي ماڻهن ۽ راڄن سان ناهه ڪونه هو هاڻي ڪوڪر صاحب جي خيرات هر جمعي تي 3 سئو ماڻهن کي ملي ٿي، 100 روپيا هر هڪ کي ملي ٿو هي بهادر هو ۽ جفاڪش هو رات جو به ٻني ۾ هلندو هو.

بدنام ڌاڙيل علي نواز ڪوڪر جيڪو ٽن سالن کان روپوش هو ۽ حاجي غلام حسين ڪوڪر جي ٻئي نمبر پٽ شير محمد جو هارپور ڪندو هو. تنهن کي پوليس ۽ فوج ڇاپو هڻي گرفتار ڪيو.

**چوٽياريون شريف**

چوٽياريون شريف وڃڻ ٿيو، وچ ۾ چٽوڙي ۾ ميرن جون دربارون ڪيهر خان جروار سان موٽرسائيڪل تي ڏسڻ وياسون، هنن دربارن تي پٿرن جو ڪم ٿيل آهي، پٿرن تي چٽسالي جو ڪم ڏسڻ وٽان آهي، هي مقام تقريبن 8 ايڪڙن ۾ آهي، مير الهداد خان، مير شير محمد ۽ مشهور ٻيڙي خان ڪوڪر جون به هتي مزارون آهن.

تاريخ مان خبر پوي ٿي ته هڪ مير صاحب جي گدرن جي پوک ۾ ٻي مير جون ڍاڇيون اچي پيون، جنهن تان ميرن وچ ۾ لڙائي لڳي، جنهن ۾ تقريبن 450 ماڻهو قتل ٿيا هئا، ٻيڙو خان ڪوڪر به هن لڙائي ۾ شهيد ٿيو هن قبرستان ۾ اول مزار به ٻيڙي خان جي ڏسڻ ۾ اچي ٿي، ميرپورخاص، ميران آباد ۽ مير الهداد جي لانڍي وارن ميرن جو اچا تائين هي قبرستان آهي، هن قبرستان جي سيد سڳورا سار سنڀال ڪن ٿا، قبرستان پر ۾ ڳوٺ به آهي.

موکلائي پنهنجي پنهنجي ڳوٺ آياسين. مير ٿاري خان، مير محمود خان، ٻيڙو خان، بهادر خان، رتو خان ۽ فتح خان هن جنگ ۾ شهيد ٿيا، ٻي جنگ پراڻ ۽ ٽر جي دنگ تي ٿي هئي ۽ هتي وارو مقام وڏي يادگار آهي، هن جنگ ۾ 450 ماڻهو شهيد ٿيا هئا.

سيري چوک حاجي ٺارو گهرام، وساڻ، ٽنڊو محمد خان کان محبت پرڳڙي ۾ سائين ميرل شاهه وٽ آيس، سائين چيو ته مون کي کوکر ڳوٺ مهاجرن جي دعوت آهي هلون ٿا ۽ پوءِ لاري ۾ سوار ٿي شيخ پرکيو کان کوکرن آياسون، رات رهي صبح جو ڳوٺ آيس.

سائين واسو شاهه جي زيارت ڪيم، هن مقام ۾ وڏن کوکرن اميرن جون مزارون ڏسڻ جهڙيون آهن، موجوده رئيس غلام حسين پنهنجي زوجه جي مٿان چوکنڊي ٺهرائي آهي ۽ ٻين مزارن جي مرمت ٿي رهي آهي، هن مقام ٻيڙو خان، بهادر خان، فتح خان، رستم خان، ڏڱاڻو خان، شير محمد خان، ولي محمد خان، علي خان، فقير محمد خان ۽ ٻيون به مزارون آهن، هي مقام ڏسڻ جهڙو آهي.

فيض محمد خان کوکر جا 4 پٽ رسول بخش خان کوکر ملٽري ملازم هو، 5 نمبر پٽ علي آخر وقت بکيرا شريف شهر ۾ رهندو هو اولاد آهيس، رسول بخش خان کي سڀ کوکر ڪاڪا ڪري ڳالهائيندا ۽ ڪچهري ڪندا هئا، مون راقم محمد ياسين جروار به ساڻس ڪيئن دفعا ڪچهري ڪئي هئي. نواب بهادر خان کوکر رني ڪوٽ قلع جي تعمير جي نگراني ڪئي، اسسٽنٽ انجنيئر هو رني ڪوٽ قلعي تي، آخري رئيس فتح خان کوکر جو نالو سائين ڏنه عرف فتح خان هو، آخري رئيس مبارڪ خان کوکر عرف عليڏنو هو ۽ اولاد به آهي.

اسان جي ٽپو کوکر ۾ بجلي جو بنياد رکندڙ به سردار حاجي غلام حسين کوکر آهي، پاڻ 67_1968ع ۾ اڪرم ڪالوني ٽنڊوالهيار کان اندازن 20 ڪلوميٽر تان سندس ڳوٺ کوکرن تائين پهچائي، جنهن جون

سوين برانچون اڄ سڄي تپو ڪوڪر ۾ هر ديهه هر ڳوٺ ۾ بجلي روشن آهي، وساٽڪي، ريچل، ڪوڪر، نبي بخش لاشاري، راهو ابڙا، مهراٽي، پتافي، لغاري، مسرڪ، جروار سڀ ڳوٺ بڪيرا شريف شهر سميت مير خان ٽوڙهو صالح هاليپوٽو مطلب تہ سڄو تپو ڪوڪر جي مين لائين جو ڪريڊٽ سردار حاجي غلام حسين ڪوڪر جو آهي.

(ڪتاب "سدا وسن منهنجا سيڻ سنگهار" ليکڪ حاجي پير بخش لاشاري، مان ورتل.)






دوست علي خان ڪوڪر اولاد آهي، جان محمد خان ڪوڪر اولاد آهي، مهر علي خان ڪوڪر اولاد آهي، سردار حاجي غلام حسين خان ڪوڪر ٻہ شاديون ڪيون ۽ اولاد آهي، پاڻ زميندار ي سان گڏ هڪ تاريخ پڙ هو، خدا ڪيس هر نعمت سان نوازيو هو، دلير ماڻهو هو.

رئيس دوست علي خان ٻہ وڏو دلير، بهادر پنهنجي موقوف جو پڪو هو، بارگاهہ الاهي مان سوڀ عطا ٿيل هئس، جنهن ڪم لاءِ اٿي ٻيڙا پار سدائين ٻين جا ڪم ڪيائين.

- **مِيان ٻڍڻ خان ڪوڪر** (ميرپورخاص)
  - **مِيان پيارو خان ڪوڪر** (ماڻڪ خان ڳوٺ شهدادڪوٽ)
    - **نواب عرضي خان ڪوڪر**
      - **نواب ٻيڙو خان** (تفصيل اچي چڪو آهي)
      - **نواب سلطان خان ڪوڪر** (تفصيل اچي چڪو آهي)
      - **ڪريمداد ڪوڪر** (تفصيل اچي چڪو آهي)
      - **رتو خان ڪوڪر**
        - **فوج علي خان**
          - **غلام محمد خان**
        - **خير محمد خان**
          - **رتو خان**
            - **الهڏنو خان** (لااولاد)
            - **خير محمد خان** (لااولاد)
      - **ٿارو خان ڪوڪر**

## ديهہ وساڻڪي جو نقشو



# ديھ وساڻڪي

ديھ وساڻڪي نالي مان ظاهر آهي تہ "وساڻ" قوم هن ديھ ۾ قديم آباد قوم آهي ۽ وساڻ قوم جي ڪري ئي هن ديھ تي نالو وساڻڪي پيو آهي.

اسان جي وقت ۾ چاچو حاجي ڪريم داد وساڻ ۽ سندس پٽ حاجي محمد يوسف ۽ حاجي محمد ابراهيم وساڻ موجود آهن. حاجي محمد يوسف کي هنن مٿين سٽن لکڻ کان بعد دل جو هارٽ اٽيڪ ٿيو، صبح 8 وڳي وفات ڪيائين. کيس بہ اولاد آهي پاڻ حاجي محمد يوسف اليڪشن ۾ ديھ وساڻڪي مان بي ڊي ميمبر چونڊجي ايندو هو.

تمام پيارو سدائين کلندو ايندو هو. ميلو مخدوم پير ولائت علي شاھ جو ميلي جو سڄو انتظام مولوين صاحب جا واعظ، سماع، رات جو مولود شريف مڱڻهار ۽ جسڪاٽي سنڌ ملوڪ ٽولين. مريد خادمن جي لنگر جو انتظام توڙي صبح چادر شريف مخدوم پير ولائت علي شاھ ۽ مخدوم پير فاضل شاھ جي سرگس پاڻ گڏگڏ هر انتظام سنڀاليندو هو.

مون محمد ياسين ولد حاجي محمد پريل خان جروار سندس خصوصي نياز مندي هئي، الله پاڪ کيس جنت ۾ جاءِ ڏي آمين. چاچو حاجي ڪريمداد بہ مونکي اولاد جيترو پيار ڪري ٿو ۽ حاجي محمد ابراهيم بہ راجن ڀاڳن سڄي علائقي ۽ برادرين هر وقت خوشي توڙي غمي ۾ حاضري ڏيندو آهي. ساڻس بہ وڏن وارو پيار ۽ قرب محبت آهي، وڏي عزت ڪندو آهي ۽ اسان بہ کيس پنهنجو عزيز ڪري سمجهون. پيرن صاحبن جا ڪم ڪار چاچي حاجي ڪريمداد حوالي آهن.

مائي سمي جي قبر زيارت گاھ بہ هن ديھ ۾ مشهور آهي. جيڪا ٽنڊوالهيار بڪيرا شريف مين روڊ جي ڪراچي بس اسٽاپ جي اڳيان روڊ

جي ڪاٻي هٿ تي روڊ کان ڏکڻ طرف بلڪل لڳ ڪو 300 کن فوٽن جي فاصلي تي سرن جي چوڪنڊي آيل آهي.

زائرين باسون باسين ۽ زيارت تي اچن ٿا.

پراڻو جمال واهه جيڪو پڻ ڪيسانو واهه پراڻي جي شاخ آهي، هن ديهه مان بڪيرا شريف شهر لڳ گذري ٿو.

درويش نانگو شاهه پڻ هن ديهه ۾ ٻڌجي ٿو شايد هڪ دفعو زيارت تي ويم، ليڪن لوڪل ماڻهو ڪو بہ نہ مليو جو تصديق ٿئي تہ واقعي نانگو شاهه اهيو آهي؟ مائي سمي جهيجا قوم مان هئي، درگاهه شريف بڪيرا ۾ هر مهيني 14 تاريخ تي حاضري ڏيندي هئي ۽ سندس مڙس شڪ جي بنياد تي ڪيس شهيد ڪيو ۽ قائم الدين شاهه قلندرخود مائي سمي جي جنازه نماز پڙهائي، ڪيس دفن ڪرائي ويا، بيت ذڪار قلندري ڪتاب ۾.

اتران اني آئيون وساڻڪي تي وري
پجائي بڪيرن ڪي ٻاگ مٽي ڏري.

شيخ ٻانهين جي درگاهه شريف ۽ مقام بہ هن ديهه وساڻڪي ۾ مشهور آهي، جنهن جا متولي اسان جي پاسي جا درس فقير آهن، اهي چون ٿا اسان جو ڏاڏو شيخ ٻانهون 100 کن سالن جي ڄمار کان وڏو حاجي مجاور فقير درس ڪي وڏو اولاد آهي، الله سلامت رکين، محمد قاسم سندس وڏو پٽ پوري حاضري درگاهه شريف جي ڏي ٿو ان کان علاوه حاجي محمد ولد محمد عرس درس، حاجي غلام محمد درس، حاجي سليمان درس، محمد اسحاق ولد حاجي سومار درس ۽ محمد قاسم جنهن کي اسان سڀ ڏاڏا قاسم سڏيندا آهيون، انهي کان معلوم ڪيم ۽ پاڻ ٻڌائين تہ برابر مقام کي ڪُڏيون مقام بہ سڏيندا هئا.

ان ۾ چوڪنڊي درويش حسين سنگهار جي بہ آهي، اسان جا سيد بہ ان مقام ۾ ميت پوريندا آهن.

ڳوٺ پنيو هاليپوٽو ۽ ميربحرن جو بہ پراڻو ڳوٺ، سُکو مل جو بنگلو جتي هن وقت پنجاپي ويٺا آهن، علاوه ازين وڏيرو حاجي عثمان

ٻڪيرو ۾ ٿوري وقت 50 سال ڪان ڳوٺ ڪريو ويٺو آهي، شاخ ڪيسانو 2 جي آخر ٽيل آر سائڊ يعني ساڄي هٿ تي ڳوٺ آهي.

موڪ شريف مخدوم پير ولائت علي شاھ تي سائين پروفيسر سرجن شاهنواز شاھ سنو فارم رکايو آهي، جنهن ۾ انبن جو جنسون چڪو ۽ پيو فروٽ پوکيل آهي، سائين شاهنواز شاھ رڳو مونکي نہ بلڪ هر ماڻهو جي عزت ڪندو ۽ ڏکي ۾ ڪم ايندو آهي، منهنجي والد جناب حاجي محمد پريل خان جروار ڪي اول نمبر جي معتبرن ۾ شمار ڪري ٿو گڏجي پ پ جا بنيادي ڪارڪن هئا، پٽو صاحب جنهن ڦريون دفعو ٽڪيٽ ڏيئي عبدالستار بچاڻي ڪي اميدوار ڪيو تہ مقابلو رئيس نصير محمد خان مدواڻي سان هو بچاڻي ڪي هارائي پيو پوءِ ڊاڪٽر سيد شاهنوازشاھ اسان ۽ سڄي تر جا ووٽ ماين جا جيڪي ڪڍهين بہ پولنگ اسٽيشن نہ ويا هئا، ڊاڪٽر سرجن پروفيسر سيد شاهنواز شاھ ڪاسٽ ڪرائي بچاڻي ڪي کٽايو.

هڪ لوڪل اليڪشن ۾ بچاڻي ڊاڪٽر شاهنواز شاھ جو پٽ سيد محمود نواز شاھ ڪي عوام دوست پينل ۾ ناظم سيٽ ۽ نائب ناظم سيٽ يونين ٻڪيرا تي بيهاري اندروني مخالفت ڪري هارايو، پاڻ بيهاري ۽ هارايائين، سائين ڊاڪٽر شاهنواز شاھ هڪ زماني ينگ ايسوسي ايشن ٻڪيرا شريف جي نالي ٺهرائي، تنظيم جو صدر مون راقم محمد ياسين جروار ڪي ۽ سيڪريٽري نثار سهتو ۽ ٻي باڊي ميمڻ ٻڪيرا انوردل شريڪ هئا، تنظيم جو منشور هو تہ اسڪولن جي نظرداري سڄي يونين ڪائونسل جي اسڪولن، استادن ۽ ٻارن توڙي جي تعليم جي بهتري لاءِ هر اپاءُ وٺڻ، مسلسل اسڪولن جا دورا وزٽ آن رڪارڊ ڪيم ۽ 2 صحت جي سهولت يونين ڪائونسل جي هر ديهہ ۾ مفت طبعي ڪيمپون لڳرائي مفت دوائون ۽ مشورا مستحق مريضن ڪي سرڪاري اسپتالن ۾ داخلا ۽ دوائون، سهولتون وٺرائي ڏنيون، سائين شاهنواز شاھ هر ڪئمپ تي حاضر رهي ديک ڀال رجسٽر ڪرڻ ۽ ٽي بي جا مريض رجسٽر ڪري انهن ڪي هفتي سر هفتي ٻڪيرا شريف گهرائي دوائن جو ڪورس مفت ڏيندو آهي ۽ انهي ڪم ڪي

هلندي 15 ڪان 18 سال ٿيا آهن. الله پاڪ سائين پروفيسر سرجن شاهنواز شاهه سندي پٽ محمود نواز شاهه ۽ ٽيم کي اجر عطا ڪري (آمين).

ديهه وساٽڪي ۾ لنڊن جو ذڪر نه هجي اهيا به تاريخ سان زيادتي چئبي. گڏوگڏ ڇڇر صاحب به ياد نه ڪجن سنو ڪونه ٿو لڳي. اسٽيڊ بڪيرا شريف ۾ وڏي مسجد آباد ڪئي اٿن. لُنڊ ۽ وڏيرا ڇڇر بڪيرا شريف شهر ۾ اسٽاپ ۽ اسپتال درميان ۾ هڪ تمام وڏو محلو آهي. ڇڇرن کي زميندار آهي. ڇڇرن ۾ وڏيرو محرم. وڏيرو اڪبر ۽ محمد جمن ملٽا جلٽا تڏي جا خان هئا. هينئر سندن پونيرن ۾ وڏيرو مراد ڇڇر نالي وارو آهي. هر سال 12 ربيع الاول جشن ميلاد جلسو ملهائيندو آهي.

لُنڊ برادران مزدور طبقي سان واسطو رکن ٿا. غلام قاسم. محمد آچر منشي سڏبو آهي. مهل جهڙا آڏي اڌ رات سڏ سلوڪ ڏيڻ وارا آهن. ميرحسن بڪيرا شريف اسپتال جو ڊرائيور آهي.

ذوالفقار عرف ڀٽو لُنڊ مزدوري سان گڏ ملهه به آهي. تازو سندس پٽ پ پ پ جي جلسي ڪراچي ريلي ۾ ايڪسيڊنٽ ۾ شهيد ٿي ويو. شاڪر چاچو جمع بورچي ۽ سندس پٽ رضا محمد به وسارڻ نه جهڙا نه آهن.

## ديھ ڏيڏ شاھ جو نقشو



# ديهه ڏنڊ شاهه

سنڌو درياءَ جيڪو هالا، اڏيرو لعل، نصرپور، ڪوڪر، شيخ ڀرڪيو کان ماتلي طرف ويندو هو ان تي ڪا نئڊي ڏنڊ هوندي هئي، جنهن کي ڏنڊ شاهه چوندا هئا ۽ اهو ئي قديم نالو هن ديهه تي آهي تپو ڪوڪر جي به هي هڪ ديهه آهي.

حيدرآباد کان ٽنڊوالهيار طرف ڪنهن به سواري ۾ ماڻهو هلندو ته ڪيسانو موري کان پوءِ ٻن ميلن تان نصرپور، تاج پور، ريلوي اسٽين، سرفراز برانچ جيڪو ڪيسانو ريگيوليٽر کان شروع ٿي ۽ مختلف ديهن مان گذرندو پنهنجو نالو مٽائيندو وڃي ٽنڊو غلام علي اڪري ٿو انهي ديهه ڏنڊ شاهه مان موجود سرفراز برانچ ٽن ميلن پنڌ تي ايل سائڊ کان ڪيسانو ٿو مائنر جو سنگل ريگيوليٽر آهي، جتان ڪيسانو ٿو مائنر اندازن 7 ميلن ڪن هلي ختم ٿئي ٿي، آر ۽ ايل ۾ ديهن کي پاڻي ڏيندي ۽ ديهه وساڻڪي کي آر ۽ ايل ۾ مڪمل پاڻي ڏيندي ۽ آخر واٽر ڪورس ستياري ديهه ۾ پاڻي پهچائين ٿا، آخري پيچ ۾ زمينون چاچو آري بڪيرو وارن جون آهن، جن ۾ هن وقت چاچو ماسٽر غلام حسين بڪيرو سندس لائق فرزند سائين عبدالغفور ۽ عبدالشڪور عرف فهيم آهن، چاچا خير محمد بڪيرو، وڏيرو محمد جمن، وڏيرو علي ڏنو ۽ ٻيا پنهنجيون زميندارين ڪن ٿا، جيڪي ديهه ستاري ۾ آهن.

ديهه ڏنڊ شاهه ۾ قديم قومن ۾ ڪلوئي، لاشاري آهن ۽ هن وقت ڪجهه ٻين ذاتين جا ماڻهو جويا، ڀيل به اچي آباد ٿيا آهن.

مشهور بس اسٽاپ پير ڪاني ۽ نسيم آباد آهن.

رئيس حاجي الله بخش خان مگسي بہ هن ديهہ ۾ زمين ڪلوين ڪان خريد ڪري ۽ زرعي فارم نسيم فروٽ فارم نالي سان لڳايو آهي، وڏو با همٿ ماڻهو آهي، پهرين پ پ جي بنيادي ڪارڪنن مان هڪ هو پوءِ سياسي اختلافن ۾ پ پ کي ڇڏي آزاد مگسي گروپ نالي سان سياست ڪيائين، سندس زميندارِي ٽنڊوالهيار کان ڇمبڙ طرف ۽ هتي ديهہ ڍنڍ شاهہ ۾ آهي، پاڻ رئيس حاجي الله بخش خان مگسي ٽنڊوالهيار جي پ پ جي ٺيڪيدارن کي مڙيئي ڏکيو لڳو آهي.

2002ع جي اليڪشن ۾ پ پ جي ٽڪيٽ يافتا اميدوار امداد علي خان پتافي کي شڪست ڏيئي سندس پٽ ڊاڪٽر عرفان مگسي کي کٽائيو ۽ ٽنڊوالهيار جي سياست کي هڪ نئين راهہ تي وٺي آيو.

راقم محمد ياسين ولد حاجي محمد پريل خان جروار حيدرآباد ٽيو نمبر تلاءُ ٽنڊو طيب حيدرآباد ۽ ڳوٺ زميندارِي ٽنڊوالهيار بنيادي پ پ ڪارڪن هئڻ ناتي پ پ ٽڪيٽ هولڊر امداد پتافي جي ورڪ ڪئي، هڙئون وڙئون هر حيثيت ۾، ليڪن پ پ ٽنڊوالهيار جا وڏا ليڊر مڱريو ۽ ٻچاڻي صاحب ورڪ ڪري پ پ سيٽ هارائي، ڪير چوين تہ اهو پارٽي کان خارج اچي ڪاري جا مالڪ ٿئي مٿيان همراهہ آهن، ڪجهہ ذريعن جو چوڻ آهي تہ ٻچاڻي ۽ مڱريو پي ايس جي ٽڪيٽ تان ڪاوڙيا، ڪجهہ ذريعن جو چوڻ آهي تہ مٿين همراهن مال ڪاڍو، خير ڇا بہ هو، رئيس حاجي الله بخش خان مگسي سيٽ کٽي ويو، ٽنڊوالهيار جي سياست ۾ هڪ نئين هلچل ٿي ويئي، گهڻن پراڻن ۽ گهڻن نون جي پٽ وائکي ٿي تہ اصل پ پ جو ڪارڪن ۽ هڏ ڏوکي ۽ درد رکندڙ ڪير ۽ ڪمدار ڪير آهي، لوڪل ماڻهو آهن، نالا ڪهڙا ڪهڙا لکان، اڄ سڀ ڪو سمجهو آهي، شهيد محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ حيات هئي، ڪهڙن کي بخش ڪيو ويو ڪهڙا پخشش ۾ نہ آيا، الله سائين جي مهرباني سان مونکي پنهنجو پورهيو هو ۽ مونکي ان بناد تي تعلقي ٽنڊوالهيار پ پ جو بهترين عهدو مليو جيڪو منهنجو حق ٿيو ٿي، لوڪل ليڊر ڪڏهن بہ مونکي اهيو عهدو ڪونہ ڏين ها، ڇو جو سندن خيال تہ همراهہ ڪمداري نہ ڪندو رهي نالو الله جو تاريخ بي رحم آهي،

کنهن کي کھڙن اکرن سان ٿي ياد ڪري، اهو وقت ٻڌائيندو اڳتي ڏسجي ته ڇا ٿو ٿئي.

وقت گذرندي دير ڪانه ٿئي، جيڪي حيات آهن، انهن لاءِ ڪلهه جي ڳالهه اليڪشن 2008ع ۾ ساڳيو تڪ ساڳيو ٽڪيٽ ساڳيو اميدوار امداد علي خان پتافي وڏي ليڊ سان کٽيو، وڏي تاريخي ڳالهه آهي، اميد ته موقع سان پوري بيان ۾ ايندي ديهه ڍنڍ شاهه مان کيسانو ٿو مائنر مختلف ديهن کي پاڻي ڏيندي، ديهه وساڻڪي جي اوڀر طرف ۾ دنگ ڪري ٿي، جتي ڳوٺ وڏيرو پنيو هاليپوٽو ڳوٺ مير بحر ۽ آرسائڊ ۾ ڳوٺ وڏيرو حاجي عثمان بڪيرو به آهي، اتي ختم ٿيو وڃي ۽ آخري به واٽر ڪورس هڪ آر طرف ۽ هڪ ايل طرف وڃن ٿا. ديهه وساڻڪي ۽ ديهه ستياري کي پيچ ڏين ٿا.

## ديھہ ريچل جو نقشو



# ديهه ريچل

نصرپور ڪوڪر شيخ پرڪيو ڪان ماتلي طرف دريائي وهڪري جو ڪپ نظر اچي ٿو آبڪلاني ۾ جڏهن درياءِ سنڌ چاڙهه ڪندو هو ته هن سڄي ديهه ۾ چر پاڻي ٿي ويندو هو ۽ درياءِ جو پاڻي لهندو هو ته سڄي ديهه مان پاڻي به لهي ويندو هو ۽ آباديون ٿينديون هيون ۽ اهيو چر جو پاڻي اچڻ ۽ وڃڻ هن ديهه جي نالي جي وجهه ۾ به شمار آهي، ريچل ۽ ائين نالو پيو ديهه ريچل ۽ ديهه ريچل به تپوڪوڪر جي هڪ ديهه جو نالو آهي.

هن ديهه ۾ مشهور ڳوٺ درياءَ خان مسرڪ آهي، منجهس وڏيرو محمد يعقوب مسرڪ ۽ سندس پٽ عبدالڪريم مسرڪ هئا ۽ هاڻي حاجي محمد يوسف مسرڪ بي ڊي ميمبر ٿيندو آهي، منهنجي والد حاجي محمد پريل خان جروار سان واسطو رکي ٿو. چڱو وڏو ڳوٺ آهي، آدم شماري به سڄي ديهه ۾ ڳوٺ درياءَ خان مسرڪ جي وڏيڪ آهي.

ڳوٺ لونگ ناهيون ۽ ڳوٺ آچر ناهيون به هن ديهه ۾ واقع آهن، سيد به آهن، انهن سيدن جي زمين حاجي شفيع محمد پتافي وارا خريدا ڪندا اچن.

چاچو آچر ناهيون، چاچو لڪاڏنو ناهيون، چاچو اسماعيل ناهيون، محمد بچل ۽ مشتاق راڄن ۾ سڌ سلوڪ ڏين، خوشي غمي شريڪ ٿين، راقم جي به عزت ڪندا آهن ۽ آئون به ڪين سچي دل سان عزت ڪندو آهيان، سرفراز واهه ڪان اتر طرف موجوده ديهه ريچل ۾ ڳوٺ وصي فضل الله بڪيرو ۽ ڪوٽ حاجي لعل محمد پاتولي ميمڻ فارم به موجود آهي.

هو وڏيرو سليمان بڪيرو به هن ڳوٺ جو ملوڪ مڙس ملڻ جلڻ وارو آهي، وفا غلام حسين بڪيرو، وڏيرو ڪامل بڪيرو، محمد سومار بڪيرو به ياروبس اتي ويٺي وارا آهن، درياءَ جا ڇڏيل واري جا دڙا به هن ديهه ۾ ديهه ڊنڊ شاهه وانگي الاهي آهن ۽ انهي دڙن واري زمين کي ڊي ڪلاس زمين سڏيندا آهن زمين پلي اي ون وي آئي پي آهي.

پاڻي جون ٻه ٻه ڊنڊيون هن ديهه ريچل ۾ آهن. ڳوٺ درياءَ خان مسرڪ کان پريان جن کي هتي گنگا ڪري چون. مگر هاڻي ياجوج ماجوج جو دور آهي، ختم ٿيون ٿين. مٺن خان لاشاري به هن ديهه ۾ ڳوٺ سونو خان لاشاري جو آهي، علاوه جناب الله ڏتو خان لاشاري ۽ سندس ڀاءُ يار محمد يار لاشاري راڄئتا مهل کي منهن ڏيئي نياڻ وارا آهن. اميد ته سندن پورو بيان موقع سر ڪبو اي ڊي صاحب مون تي تمام مهربان آهي، منهنجي والد جناب حاجي محمد پريل خان جروار سان سندن تمام محبت جو رشتو ڀائرن وارو آهي ۽ مونکي به ڀائين. زنوار وڪيو خان لاشاري ان جو ته ڇا ذڪر ڪجي، الله کيس سلامت رکي. يار ويس هڪل ۾ هڪل ڏيڻ ۽ نياڻ ڪائنس ڪو سکي، جيڪڏهن ٿوري دير ۾ ڪا ڪاوڙ آئي يا ڏک لڳي ته وير رکي منافقت نه ڪندو. ٿوري دير ۾ وساري ڇڏيندو. انهيءَ سان راقم جا الاهي ناتا، رشتا ۽ هجتون آهن. موقع سان بيان ڪندس. رئيس ڪمال خان لاشاري ۽ حاجي محمد اسماعيل لاشاري ۽ بادل بکيرو به راڄ ۾ اٿي ويٺي وارا آهن.

هن ديهه ۾ حاجي حنيف صديقي، چاچو اسحاق شيخ جي پڻ سٺي زميينداري آهي، حيدرآباد کان سندم والد حاجي محمد پريل خان جروار سان السلام عليڪم آهي ۽ هتي ڳوٺ به هڪ ٻئي سان نياز مندي آهي. حاجي محمد حنيف صديقي صاحب تمام باهمت مڙس آهي. سندن تفصيل موقع سر ڏبا.

مشهور معروف ڄاموٽ فارم به هن ديهه ۾ واقع آهي. تفصيل موقع سان لکبا. هن ديهه ريچل مان مين سرفراز واهه گذري ٿو ۽ ديهه کي آر توڙي ايل ۾ زراعت جو پاڻي ڏي ٿو.

ٽيوب ويل لاءِ جر جو پاڻي سٺو پلو ۽ اي ون آهي.

هن ديهه ريچل ۾ دل ذات به ويٺل آهي ۽ مري ورو به هن ديهه ۾ ويٺل آهي، ڄاموٽ صاحبن جي پاسي.


ديھ ڪوڪر جو نقشو

# ديهہ ڪوڪر

ديهہ ڪوڪر جو نالو ڪوڪر قديم قوم جي آباد جي ڪري سڏيو وڃي ٿو. تپو ڪوڪر پڻ ڪوڪر قوم جي ڪري انگريزن جي دور ۾ وجود ۾ آيو. ڪوڪر مائنر جو نالو پڻ ڪوڪر قوم جي ڪري رکيو ويو ۽ يونين ڪائونسل ڪوڪر بہ. منهنجي ڪتاب جو نالو بہ ڪوڪر قوم جي ڪري تپو ڪوڪر جي مختصر تاريخ ياڳون پهريون ۾ جيڪو مواد گڏ ڪيو اٿم تپو ڪوڪر لاءِ مڪمل ٿئي ياڳي ۾ پيش ڪندس. حياتي ۽ تندرستي الله پاڪ جي هٿ آهي هو توفيق صلاحيت بخشيندو.

جيئن تہ ديهہ ڪوڪر جو تاريخي احوال آهي. آئون ڪو تاريخدان نہ آهيان، نہ ڪو ليکڪ آهيان. نہ تعليم ايتري ۽ نہ ئي ماهر ڄاڻون. صرف مطالعو آهي. آئون راقم محمد ياسين ولد حاجي محمد پريل خان جروار بہ انهي تپو ڪوڪر جي ديهہ ٻڪيراڻي جو ڄائو ڄم آهيان. ناقص ۽ علم سارو مطالعو آهي. هر قوم ۽ شهر جي تاريخ ڪنهن نہ ڪنهن لکي آهي. ليڪن اسان جي تپو ڪوڪر تي تمام گهٽ لکيل آهي. سواءِ ڪوڪر قوم جي جو سندن تاريخي احوال سنڌ جي هر تاريخي ڪتاب ۾ موجود آهي. تاريخ تحفت الڪرام، تاريخ تمدن سنڌ، جنت السنڌ، قديم سنڌ، ان جا مشهور شهر ۽ ماڻهو پيا تاريخي ڪتاب مذڪوره قوم ڪوڪر رائل فيملي جي احوال سان پريا پيا آهن. جيڪي ڪنهن ڪان ڳجها نہ آهن. گورنمنٽ آف پاڪستان بہ هڪ ڪتاب شروع سالن ۾ بہ جلد ڇپايا ۽ راقم مطالعو ڪيا. ڪمشنر لائبريري مان انگريزي ۾ هئا. جيڪا آئون پڙهيل نہ آهيان. مڙئي پنهنجي دل خوش ڪيم تہ آئون بہ تاريخي ڪتاب پڙهي آيس. ان ۾ بہ سردار حاجي غلام حسين خان ڪوڪر جو احوال نالي سان هو ۽ فوٽو بہ سندس لڳل هو.

جيڪو اندازن 1985ع جي ڳالهہ آهي مون پڙهيو ۽ مونکي پوري ياد بہ نہ آهي، مگر سمجهان ٿو شايد سردار حاجي غلام حسين ڪوڪر جي پٽ حاجي ولي محمد خان جو پڻ فوٽو لڳل هو انهن سان گڏ الفابيٽ مطابق سردار حاجي غلام مصطفيٰ خان جروار، سردار حاجي محمد يوسف خان جروار ڪارياٽو واري جو فوٽو ۽ احوال سميت رئيس حاجي عبدالرحيم خان جروار سندس پٽ حاجي خدا بخش خان، حاجي رسول بخش خان ۽ رئيس غلام محمد خان جروار جا فوٽو ۽ سندن احوال ڳوٺ داد جروار زميندار ديهہ پوچڙ واري جو فوٽو سميت هئا ۽ آئون بہ پيو پنساري جي هريڙ ۽ ڪوئي وارو ڪم نوٽنگ ۽ معلومات پيو وٺندو هوس، پنهنجن وڏن کان مختلف نوٽبڪ ۽ پنن ۾ لکندو ٿي رهيس.

آئون بہ پنهنجي تپو ڪوڪر تي ۽ ڪوڪر قوم سميت پنهنجي جروار قوم (ذات) تي ڪجهہ لکي وجان، جيڪي ڪجهہ معلومات حاصل ٿي آهي تہ ڪٿي لکي وجان اڄ عمر جي آخري حصي ۾ پهچي چڪو آهيان، پنان لکندو نوٽ بڪن حوالي ڪندو بس الاجي ڇا ڇا لکجي ويو آهي، مثان وري رئيس مهر علي خان ڪوڪر ۽ سندس وڏو ڀاءُ چاچا رئيس دوست علي ڪوڪر سان تمام ويجهڙائپ ٿي، الاهي احوال معلوم ڪندو لکندو ويس، ڪيترو مواد جمع ٿيو، ليڪن ڪتاب نہ لکي سگهيس، سبب هيءَ ڳالهيون 85-1984ع کان مسلسل لکيم، مواد گڏ ٿيندو ويو ۽ هرس وڏيڪ مواد گڏ ڪرڻ جو وڏندو رهيو، اجان هي گڏ ڪريان اجان هو گڏ ڪريان، ڪافي ڪجهہ ٿي ويو تہ سندم والد صاحب جناب حاجي محمد پريل خان جروار جو انتقال ٿيو 6 جنوري 1992ع تي ۽ گهرو مصروفيتن جي ڪري ڪتاب جو ڪم ڪيترا سال رهجي ويو، مثان لکڻ جو جنون سوار ماما علڻ گذاري ويو وري بہ ڪتاب جو ڪم رهجي ويو، ائين دنيا هلندي رهي، جنون سوار ماما مصري گذاري ويو، رهي ڪسر اهليہ جو انتقال ۽ ڪم ڪتاب لکڻ وارو رهجي ويو، ايتري ۾ الاجي ڪيتري دنيا تبديل ٿي، ڪيترا احوال تبديل ٿيا، ڪيترا عظيم انسان درميان ۾ رضا الاهي سان دنيا کان موڪلائي راهي عدم ٿيا، هر هڪ کي واري سان رئيس مهر علي خان ولد خان محمد خان ڪوڪر بعد سردار حاجي غلام حسين خان ڪوڪر هي فاني دنيا آهي، ڄام اجل ڪل ڪائنات

لاءِ آهي، تازو تاريخ 11 آڪٽومبر 2016ع ۾ مونکي وڏي بيماري جو اٽيڪ ٿيو جنهن ۾ منهنجو ساهه گهٽجي بند ٿي ويو ۽ آسرو پلي اسپتال ڪٽي ويا، حياتي هئي ۽ ڊاڪٽرن حيدرآباد سول اسپتال ايمرجنسي ۾ ساهه جي لين گلو ڪٽي باءِ پاس ڪري ڇڏيائون. حياتي جا ڏينهن ميهنا وينو پورا ڪريان، ڪوڪر برادارن واري واري سان سردار حاجي خير محمد ڪوڪر ولد حاجي غلام حسين ڪوڪر، امجد علي، علي رضا ولد مهر علي خان ڪوڪر، ذوالفقار علي ڪوڪر، محمد رحيم اوٺو ۽ فقير جان محمد جمن اوٺو ۽ حاجي مير محمد، قربان جروار سميت ڪوڪر برادري واري واري سان پڇڻ لاءِ ناچيز جي ڳوٺ آيا، پوءِ جن کي خبر هئي، ڪتاب جي انهن ڪتاب لاءِ معلوم ڪيو ڪين چيم ته الله پاڪ چاهيو ته انشاءَ الله مواد پيو آهي، ڇوڪرا به ٿي ڏينهن همت ڪري ته مواد کي به ڀاڱا ڪري پهريون ۽ ٻيون مهيني ٻن اندر فيئر ڪري ڪتاب ڇاپائي ونندا. جيئن هي به اکر ضايع ٿيڻ کان بچي پون، پوين کي گهٽ ۾ گهٽ ٻن سون سالن جون يادگيريون ملي وڃن ۽ ٻيو ڀاڱو به اميد ته فيئر ڪري ڇپرائي ونندس، اميد تي دنيا قائم آهي، رهي نالو الله جو باقي سڀ فنا.

ڪوڪر قوم قديم زماني کان موجوده ديهه ڪوڪر ۾ آباد آهي، گهٽ ۾ گهٽ ته به ڪلهوڙا حڪومت کان به اڳ آباد آهن. پاڻ وڏا جنگجو ۽ بهادر خاندان آهن. سندن احوال سان سنڌ جي هر معتبر تاريخ شاهد آهي اميد ته سندن پورو شجرو هن ڪتاب جي پهرين ڀاڱي ۾ لکندس ۽ مشهور شخصيتن جي تاريخ به جيڪا معلوم آهي، اها ۽ سندن الاهي مواد آهي، نالي برنالي منهنجي ڪتاب جي ٻي ڀاڱي ۾ عرض ڪندس، اهيو مواد مونکي مهر علي خان هٿان حاجي شير محمد ڪوڪر جو لکيل مليو آهي.

ميان پيارو خان ڪوڪر: سپهه سالار مير بجار خان ٽالپر علائقه سنڌ ميان پيارو خان ڪوڪر به پٽ هڪ نواب عرضي خان ڪوڪر ڇتوڙي مقام ميرپورخاص ۾ هن جو قبو آحي، هن جا مريد هئا ۽ ٻيو پٽ ماٽڪ خان ڳوٺ شهدادڪوٽ، نواب عرضي خان ڪوڪر کي پنج پٽ هئا. نواب ٻيڙو خان ڪوڪر جنهن ڪوڪر ڳوٺ آباد ڪيو نواب سلطان خان ڪوڪر، ڪريم داد خان ڪوڪر، رتو ڪوڪر ۽ ٺارو خان ڪوڪر، ٻيڙو خان ڪوڪر کي چار پٽ هئا. نواب غلام حيدر

ڪوڪر، عرضي خان ڪوڪر، نبي بخش خان ڪوڪر، محمد حسن خان ڪوڪر، عرضي ڪوڪر جو ٻيو پٽ نواب سلطان خان ڪوڪر ۽ ڪيس هڪ پٽ نواب بهادر خان ڪوڪر، بهادر خان ڪوڪر کي هڪ پٽ نواب سلطان خان نالي هو، لا اولاد فوت ٿيو نوٽ بهادر خان ڪوڪر حڪومت ۾ نالي وارو هو ۽ وڏن عهدن تي رهيو مائي مومل کي شهيد ڪيو رني ڪوٽ قلعي جي ڪم تعميرات ۾ نواب بهادر خان ڪوڪر هو تاريخن ۾ بيان اٿس.

عرضي خان جو ٽيو نمبر پٽ ڪريم داد خان ڪوڪر ڪيس ٽي پٽ ٿيا، فتح خان ڪوڪر، ڏڳاٽو خان ڪوڪر ۽ محمد خان ڪوڪر، فتح خان ڪوڪر کي ٻه پٽ رستم خان ڪوڪر ۽ مبارڪ خان ڪوڪر.

اهيئي فتح خان جا پڙ پوٽا ۽ تڙپوٽا موجوده ديهه بڪيراٽي ٽپو ڪوڪر ۾ رئيس دوست علي خان ولد خان محمد خان ڪوڪر جي ڳوٺ ۾ آباد ۽ سندن اولاد آهن، احوال موقع سان بيان ڪبو فتح خان جو ڀاءُ ڏڳاٽو خان ڪوڪر جا پوٽا پڙپوٽا سردار حاجي غلام حسين خان ڪوڪر ۽ سندس اولاد موجوده ديهه ڪوڪر ڳوٺ ٻيڙو خان ڪوڪر ۾ آباد آهن.

ڪوڪر رائل خاندان کان علاوه ڳوٺ ۾ ٻيون ٻه قومون آباد آهن، جن ۾ خاصخيلي، سهتا، پهوڙ، لوهار ۽ سيد آهن، جن جو بيان حاجي پير بخش خان لاشاري پنهنجي ڇپايل ڪتاب "سدا وسن منهنجا سيڻ سنگهار" سفرنامي ۾ ڪيو آهي، سهتن مان استاد محمد صفر پرائمري استاد آهي، وڏو تاريخي مواد اٿس، حاجي محمد سومار جمعدار پوليس وارو رٽائرڊ ڪچهري جهڙو مڙس آهي، استاد حاجي محمد رحيم به پنهنجو مٽ پاڻ آهي، وٽس به ڪوڪرن جي وڏي تاريخ آهي، اسان سيني جي عزت ڪندا آهيون، پاڻ به ساڳي نيازمندي رکندا اچن.

جاڙو لوهار ترڪ يونين ڪائونسل ڪوڪر ۾ سيڪريٽري ٿي رٽائرڊ ٿيو ۽ سردار حاجي غلام حسين ڪوڪر جي بسن جو جنرل مئنيجر به هو گذاري ويو.

يونين ڪائونسل ڪوڪر جو چيئرمين سدائين سردار حاجي غلام حسين ڪوڪر ٿيندو آهي ۽ سندن اولاد سردار حاجي خير محمد ڪوڪر به يونين ڪائونسل جو چيئرمين ٿئي ٿو ۽ بنان مغالطي لائق به آهن، پ پ جي ڪري

راقم جو سياسي رستو الڳ هو تڏهين بہ راڄوٽي سٽ تي پاڻ پائن ٿا ۽ ساڻن واسطو آهي، اميد تہ اهيو رستو خانداني هلندو اچي ۽ الله ڪندو هلندو رهندو.

سردارحاجي غلام حسين ڪوڪر جي تاريخ ڪو وڏو قلم ڪار لکي، پاڻ جڏهن چيئرمين هو يونين ڪائونسل جو سڄي يونين جو دورو هر ڇهن مهينن ۾ ڪندو هو. هر هفتي اتوار مقرر ڳوٺ رهي ۽ درخواست گذارن جون درخواستون روبرو موقع تي حق رسائي ڏرين کي روبرو گهرائي فيصلو ڪندو هو سندس چيئرميني واري دور ۾ پاڻ سڄي يونين ۾ ضرورت وارا ڪم ڪرايائين. ڳوٺ ۾ اسپتال چالو رکيائين، جانورن جي اسپتال پڻ چالو رکيائين، ديهہ ڊنڊ شاهہ ۾ موجوده سرفراز واهہ تي پل تعمير ڪرايائين، پير ڪاٽي بس اسٽاپ حيدرآباد روڊ تي اهيا ان زماني ۾يونين لاءِ وڏو ڪم هو.

هيءَ ڳالهہ 1992ع جي آهي، راقم محمد ياسين ولد حاجي محمد پريل خان جروار منهنجو والد بہ 6 جنوري 1992ع تي انتقال ڪري ويو هو تہ ان ڪان بعد جو واقعو آهي، هر ماڻهو جا چار سڄڻ چار دشمن آهن.

خانداني پ پ پ سان سياسي وابستگي هلي اچي، بڪيرا شريف ٽاٽي تي آئي ايس اي هو اسان ڪامريڊن جو هڪ پير ٻاهر تہ هڪ پير اند هوندو هو. ان مونکي ملڻ لاءِ گهرايو ٽاٽي تي، پهچڻ ڪان پوءِ ڪچهري ڪندي واضح ٿي ويو تہ آئون گرفتار آهيان! تڏهين ضلعو حيدرآباد هو ۽ پ پ جي ڪارڪنن جي گرفتاري عام هئي، سو مون بہ ڪئي ماٺ. هاڻي پوليس پنهنجي چال هلي 7 ڏينهن جڏهين ايس ڊي ايم صاحب ٽنڊوالهيار جي ڪورٽ ۾ پيش ڪيائون، منگي عثمان صاحب نالي ايس ڊي ايم هو. آئون زميندار ماڻهو مونکي ذاتي طرح سڃاڻي پيو ريڊر غوث بخش هجي، قربان عالماڻي نصرپور وارو سينيئر ڪلارڪ هجي ۽ شيخ محمد بہ تمام سينيئر هجي، جيڪي مونکي ذاتي طرح سان سڃاڻندا هئا. پوليس مونکي ڪو نصير واهہ کي گهارو هٽڻ جي ڪيس جا ڪاغذ چئلان ۾ پيش ڪيا. گورمينٽ جي پاليسي هئي ۽ جيل هليو ويس، جتي ٻيا بہ ڪارڪن بہ ڪي مون ڪان اڳي ڪي پوءِ اچي گڏ ٿياسون، جن ۾ محترم عبداللطيف مگريو يار محمد اونڙ امين حيدري، حاجي ياٿي خان ساهوال، وڪيو لاشاري ۽ ٻيا بہ

ڪارڪن اچي گڏ ٿياسون، چئلان جي ڪاغذن ملڻ تي خبر پئي تہ ڪوڙو ڏوهہ لڳايو ويو آهي. بس پير نڪري ويا، پوليس ڪي سور هو پئسا نہ ملڻ تي سو مٿيون ڏوهہ مڙهيو ويو. ڪامريڊ ماڻهو پئسا ڏيڻ ڏکيا سو انهيءَ ڪان ٿئي ڏينهن ڊي سي صاحب حيدرآباد مسٽر سياڳو خان جتوئي سردار حاجي خير محمد ڪوڪر جي دعوت تي بڪيرا شريف کُلي ڪچهري ڪئي، جنهن ۾ مهمان خاص هئا، سردار حاجي غلام حسين ڪوڪر جڏهن ڪچهري شروع ڪلام پاڪ سان ٿي ۽ حاجي سردار حاجي خير محمد ڪوڪر آجياڻو پيش ڪيو سڄي يونين ڪائونسل جي عوام، پير صاحب سيد عطر شاهہ ۽ ٻيا سيني قومن جا معزز، معتبر، بڪيرا، دل، ميمڻ، درس، ميربحر، هاليپوٽا، لاشاري، ابڙا، راهو مهراڻي، رند، ڪاتيار، پتافي، لغاري، جروار، خاصخيلي سيئي برادريون يڪ آواز احتجاج بلند ڪيو تہ محمد ياسين جروار پ پ پ جو ڪارڪن اسان جي يونين ڪائونسل جي معتبرن مان آهي. پوليس ونگار وهي ڪوڙو ڪيس داخل ڪيو آهي، سياسي ڪيس پلي لڳايو، ليڪن ڪوڙو ڪيس پوليس جو جڙتو سرڪار واپس وٺي، ختم ڪري ۽ ڊي سي صاحب سياڳو خان جتوئي هن کُلي ڪچهري ۾ اهڙا حڪم جاري ڪري، پوءِ ڪلي ڪچهري پلي هلي، جيستائين ڊي سي صاحب اهڙو حڪم نہ ڏيندو تہ ڪلي ڪچهري هلڻ نہ ڏينداسين، پرامن احتجاج جاري رهندو.

خود سردار حاجي غلام حسين ڪوڪر اسٽيج تي ميڪ تي اٿي خطاب ڪيو جنهن ۾ راقم واري احتجاج کي جائز چئي ۽ ڊي سي صاحب سياڳو خان جتوئي ڪان ڪوڙو ڪيس ختم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ۽ احتجاج ۾ شامل ٿي ويو. ڊي سي سياڳو خان جتوئي صاحب بروقت اٿي ايس ڊي ايم ٽنڊوالهيار، مختيارڪار ٽنڊوالهيار ۽ ڊي ايس پي ٽنڊوالهيار ۽ ايس پي صاحب حيدرآباد ڪان ڪلي انڪوائري بروقت ڪري پوليس آفيسر کي ڪوڙو ڪيس درج ڪرڻ تي سسپينڊ ڪيو ۽ حڪم ڏنو تہ ڪوڙي ڪيس کي گورمينٽ واپس وٺي، محمد ياسين جروار تي پ پ جو سياسي ڪيس لڳائي سگهي ٿي، بس اعلان سان گڏ حڪم جي پيروي ٿي ۽ سردار حاجي غلام حسين ڪوڪر، حاجي خير محمد ڪوڪر خوش مرحبائي تاڙيون عوام سان گڏ وڄايون، اهيو هو ڪوڪر حاجي غلام حسين خان سياسي مخالفت جي

باوجود بہ حق سچ جو ساٿ نيائي پاڻ يونين ڪائونسل ۾ سرخرو ٿيو. پوءِ ڪلي ڪچهري هلي، جيڪا ڪامياب وئي، ڪيئي ترقياتي ڪم حاجي خير محمد ڪوڪر پيش ڪيا ۽ ڊي سي سپاڳو جتوئي صاحب منظور ڪيا. عمل ٿيو. ساڳي ڏينهن مونکي سب جيل ٽنڊوالهيار ۾ ڪيس ختم ٿيڻ جو ليٽر جاري ٿيو باقي سياسي ڪيس شنوايون هلي پورو ٿيو.

جڏهين مارڪيٽ لاءِ سواءِ سرفراز برانچ جي ٽاپ ڪان علاوه ٻيو ڪو بہ رستو شهر مارڪيٽ يا اسپتال لاءِ ڪونہ هو. پل وڏو ڪم ڏنو پوري يونين ڪي اسان جي ڳوٺ ڪي پنهنجي ٻنين تي وڃڻ لاءِ هڪ پراڻو ڪاٺ تختن سان ڦڙدو هو. جيڪو راقم جي ڏاڏي حاجي محمد خان جروار انگريز حڪومت ڪان 1933ع ۾ منظور ڪرايو شرط هو تہ پنهنجي خرچ تي ڦڙدو تعمير ڪرائيندو. تڏهين منظوري انگريزن ڏني ۽ ڏاڏي اهو ڦڙدو ٺهرايو. موجوده چاڪر واهہ جي آر ڊي 30 تي راقم تي ٻانگ جو نالو ڏاڏي وارو حاجي محمد آهي، ساڳئي ڦڙدي جي جڳهہ تي سردار حاجي غلام حسين ڪوڪر هيڪر منظوري وٺي پنهنجي هڙان پڪي پل تعمير ڪرائي ۽ بعد ۾ جڏهين بجيٽ منظور ٿي تڏهن ڪيس پئسا مليا. ڪم اڳي ٿي ويو. پرائمري اسڪول ڳوٺ الهہ بخش جروار سردار حاجي غلام حسين ڪوڪر منظور ڪرائي ڪولائي ڏنو جيڪو اڄ ڇئن ڪمرن تي مشتمل آهي ۽ وڏندو مڊل اسڪول بنجي ٺهي ۽ الله جي مهرباني سان هلي پيو. هن وقت استاد ارباب علي سولنگي دادو. غلام رسول خاصخيلي ستياري منو خاصخيلي، استاد عبدالمجيد چنو نصرپور. راشد محمود ٽنڊوڄام. اشفاق جروار داد جروار استاد آهن.

حاجي غلام حسين ڪوڪر سوين دشمنين ڪي منهن ڏنو خاص ڪري سرڪار بهادر ڪيس جهڪائڻ چاهيو ليڪن پاڻ جهڪيو نہ ڪيسن ڪي ڪورٽن ۾ منهن ڏيئي آجو ٿيو.

سندس اولاد بہ تمام راڄوٽي پيءَ جهڙا باهمت مڙس آهن. حاجي خير محمد خان، حاجي مير محمد خان، حاجي آفتاب احمد ڪوڪر، حاجي شير محمد. اعجاز خان مطلب تہ سيئي پاءَ جتي پنهنجي زمينداري سنڀالين اتي پيءَ وانگي راڄن ڪي بہ پنهنجو سمجهن هر خوشي توڙي غمي پاڻ

شريڪ ٿيندا آهن. پيار ڪندا آهن ۽ الله سائين جي مهرباني اسين راڄ رعيت بہ ڪين پنهنجو محسن ۽ وڏو ڏاتا سمجهون.

هن ديهہ ڪوڪر ۾ وڏو ڳوٺ آدم شماري جي لحاظ کان ڳوٺ نبي بخش لاشاري عرف واڳوڙر رئيس ڪريم ڏنو محمد انور ۽ چاچو عبدالله خان لاشاري مشهور شخص آهن. ڳوٺ بهادر راهو بہ هن ديهہ ڪوڪر ۾ آهي. ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ راهو مهل جهڙو ماڻهو آهي. ڳوٺ نندو ابڙو بہ هن ديهہ ۾ آهي. وڏيرو عطا محمد ابڙو مهل جهڙو ماڻهو آهي.

## ديھہ واڳوڏر جو نقشو



# ديهه واڳوڙر

سنڌو درياءَ شايد ڪيس ساڱرو بہ سڏيو وڃي ويو آهي، جنهن جي مونکي تصديق نہ آهي، ديهہ تي اهيو نالو ڪيئن پيو، جيڪي روايتون ٻڌبيون آهن، ان مطابق جڏهن درياءَ هالا، اڏيرو لعل، نصرپور، ڪوڪر، شيخ ڀرڪيو ڪان ماتلي طرف وهندو هو ان زماني مذڪوره ديهہ اندازن وچ سِير ڪي ويجهي هئي ۽ اتي ڪو دريائي واڳون جي ڏر هئي، جيڪو وقتن بہ وقتن زيان ڪندو هو عام مشهور ٿي ويو تہ اتي واڳو جي ڏر آهي ۽ پاسو ڪريو متان زيان نہ ڪري، ائين واڳوڙر مشهور ٿي ويو جڏهن درياءَ پنهنجو وهڪرو مٽائي ويو واڳو واري ڪڏ يا ڏر بہ ختم ٿي ويئي ۽ ديهہ تي نالو واڳوڙر پئجي ويو.

ديهہ واڳوڙر بہ تپو ڪوڪر جي هڪ ديهہ آهي، قديم قوم ڪوسا وينل آهن، هڪ گهر پاڪستان ڪان پوءِ چوڌري عبدالرحمان نالي پنجابي جو آهي، سندن سني زميندراي ديهہ واڳوڙر ۾ آهي، سندس ڳوٺ ۾ گهر اوطاق سميت تڪيو جيوڻ شاهہ لڳ آهي، پاڻ هر سال جيوڻ شاهہ جو ميلو ڌهاڙو لڳرائيندو آهي، راڄن ۾ اٿي ويٺي سڌ سلو وارو آهي، چوڌري عبدالرحمان همٿ ۽ برجستائي سان ڀريندو آهي، تر راڄن ۾ سندس نالو نشابر آهي، ڪمين ڪارين ڪري ڪير بہ وڃي جائز ڪم هر ماڻهو جو ڪندو، ديهہ جا بي ڊي ميمبر بہ پاڻ يا سندس آشيرواد ۽ حڪم سان ٿيندو آهي، پاڻ بارعب داٻي وارو مڙس آهي.

ديهه واڳوڙر مان ڪوڪر مائنر گذري ٿي. آر توڙي ايل ۾ زراعت جو پاڻي پهچائي ٿي، ڪوسا ۾ حاجي راول خان ڀوڙ جي زمين به هن ديهه ۾ آهي، آئون ٽني جي دوستن سان چوڌري عبدالرحمان صاحب وٽ ڀانهن جي فيصلي لاءِ ويس وساڻن ۾ فيصلو هو. چوڌري عبدالرحمان حقي حق فيصلو ڪري، وساڻن ڪان ڀانهن وٺي ٽني واري ڏر ڪي بروقت حق رسائي ڪئي، مانيون خرچ چوڌري صاحب پنهنجا ڪيا. ڪوڪر برادران جي وڏي عزت ڪندا آهن.

## ديھ پائل جو نقشو



# ديھ ٻائل

هن ديھ تي نالو ڪو درويش فقير ٻائل نالي مرد يا مائي هو ان ئي فقير جي نالي پٺيان پيو ديھ جو نالو ٻائل رائج ٿي ويو جنهن جو ياءُ ٻوچڙ نالي قوم مان هجي ائين ٻڌجڻ ۾ آيو آهي.

قديم ڳوٺن ۾ ٻائلن وارا پير صاحب آهن. انهن ۾ پير عبدالصمد جي درگاھ وڏي زيارت گاھ آهي، ٻيو سائين جن جو اولاد پڻ آهي، جيڪي وڏن جي نقش قدم تي آهن، جن ۾ مشهور معروف خادم حسين شاھ جيڪو پ پ جو بنيادي ڪارڪن ۽ اسان جو باهمت ساٿي هو خادم حسين شاھ ڪير سڏائي، آڌي رات رڳو هڪل ٿئي حاضر هوندو هو پوءِ ريل ۾ يا جيل ۾ نياڻيندو هو نہ رات ڏسٽي آهي نہ برسات ڪڏهين پنڌ تہ ڪڏهين ڦٽڦٽي سو بہ نہ رات ڏسٽي آهي نہ برسات. ڪڏهن پنڌ تہ ڪڏهين ڦٽڦٽي سو بہ ٻيو ڪو هلائي ڪڏهين رات جو رئيس دوست علي خان ڪوڪر ڪان گهوڙي ڪاهي هل منهنجا سائين ڪڏهين وري ٽربو ٽيڪسي ۾ پيو اچي، ڪئميرا ۽ ڪاپي سان تہ ڪڏهين ٻوسڪي جي پٽڪي سان تہ ڪڏهين وري جناح ڪيپ سان هر فن مولا سوپ وارو هو.

جلدي بنا موڪلائي راھ عدم تي روانو ٿيو. وڏو صدمو رسيو الله سائين ڪيس جنت ۾ جاءِ ڏي آمين ثم آمين.

سندس والد صاحب سائين علي بخش شاھ جنهن جي نالي ڳوٺ بہ سڏجي، شهيد نور احمد شاھ ۽ سائين وڏو سائين خان محمد شاھ سدائين

ڪلندا ايندا هئا، انهن جي آخري آرامگاهه پڻ اتي آهي، سندس وڏي تاريخ آهي، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب آيو هو ڪجهه تاريخي احوال وٺي ويو هو ڪهڙي ڪتاب ۾ لکيائين مونکي ياد نه آهي.

هن ديهه ۾ جمع ڪاتيار نالي پڻ ڳوٺ آهي، محمد صالح ڪاتيار پي اي محترم نصرت ڀٽو جو هو حاجي خالق محرم خان ۽ سليمان، نثار ڪياتيار پ پ جا بنيادي ڪارڪن آهن، خوش هجن.

مڪان شريف ڳوٺ ۽ درگاهه شريف به هن ديهه ۾ آهن، ڳوٺ ٽارو ٽپتافي، مهراڻين جا راڄ به هن ديهه ۾ آهن، چاچو وڏيرو اسماعيل خان مهراڻي سندس پٽ وڏيرو پانڌي خان ۽ وڏيرو نظر محمد، ڪوڪر شاخ مين روڊ ٽنڊوالهيار کان شيخ ڀرڪيو روڊ به هن ديهه مان گذرن ٿا، احسان علي رند وارا به هن ديهه ۾ آهن، چاچو حاجي هارون ٿهيم سندس پٽ سڪندر ۽ لالا ٿهيم به پنهنجي زمينداري ۾ ڳوٺ ڪريو ويٺو آهي، وڏو همت وارو موٽيل مڙس آهي، سندس پٽ به راڄن ۾ اٽي ويٺي سڏ سلوڪ ۾ شريڪ هوندا آهن، خوش هجن، سيٺ وريند مل واڌيو جي زمين به هن ديهه ۾ آهي، پاڻ وڏو واپاري هو مڪان شريف جا پير، پير حاجي غلام رسول شاهه عرف حاجن شاهه سندس ڀاءُ پير غلام دستگير شاهه پ پ جا بنيادي ڪارڪن آهن، ضياءَ دور لوڪل اليڪشن تي، پ پ جي ٽنڊوالهيار واري قيادت ڪيس عوام دوست پينل تي ڊسٽرڪٽ ان وقت ضلع حيدرآباد يونين ڪائونسل ڪوڪر هئي، جنهن قيادت جن ڪي پ پ ڏرم شالا جي ڳئون ملي آهي، غلام رسول شاهه ڪي بيهاري ۽ لوڪل خفيا پيڪٽ ڪري ڪيس هارائي ڇڏيو، غلام رسول شاه معزز فيملي جو فرد حضور شرم سور پي ويو، جيئڻ محمود نواز شاهه به سور پي ويو، حاجي مينهون خان جروار به پ پ جا ٽنڊوالهيار وارا صاحب حساب ڏيندا، ڪڏهين ڪير ڏسندو اهيا خبر نه آهي، خشڪ به انهيءَ ديهه ۾ پراڻو سرفراز واهه عرف بگهاڙ واهه کان ڏکڻ طرف.

قديم ڳوٺ صالح هاليپوٽو آهي، هن ڳوٺ جا معزز هاليپوٽا وڏيرو الهڏنو سندس ڀاءُ وڏيرو آدم، وڏيرو محمد يوسف ۽ حاجي محمد صادق هاليپوٽو آهن، حاجي محمد صادق سيني ڀائرن ۾ هوشيار آهي، سنگت جا سڀ ئي ڀاءَ وفادار آهن ڏکي سکي سڏ سلوڪ راڄن ۾ هر وقت حاضر رهندا

آهن، محمد عيسيٰ نالي بہ هڪ هو سندن وڏن جا نالا هن وقت مونکي ياد نہ آهن، پاڻ اسان وٽ اچي هن ڳوٺ ۾ منهنجي سئوٽ حاجي لڪاڏنو سان ڪچهري ڪندو ۽ ٽڪندو هو، منهنجو بہ دوست هو هن ديهہ ۾ ٽيهہ، شيدي ۽ واڍا بہ ويٺل آهن، چاچا محمد هاشم ٽيپو جو ڳوٺ مونکي عيسيٰ ڏيکاريو محمد علي ولد محمد هاشم ٽيپو سان منهنجي سنگت انهي سان ٿي، جيڪا برادري حدن کي پهچي ويئي آهي، گهرو اچ وڃ ۽ ننگن پهتن تائين الله سلامت رکي، مگر عيسيٰ هاليپوٽو وفات بعد سندس تعلقات ۽ اسان جا واسطا بيهي ويا، باقي مٿي ذڪر ڪيل نالي وارن سان هرخوشي توڙي غمي ۾ گڏ آهيون.

وڏيرو محمد ايوب هاليپوٽو وساريون ڪونہ ٿو ٿهي بصرن جا ٻج وڏيرو محمد ايوب معرفت گيرنٽي سان مليو ٿو سندن ڳوٺ صالح هاليپوٽو جي لڳ اولهہ ڏکڻ کان هڪ پراڻو ڪچو رستو انگريز حڪومت دور ۾ ڪوڪرن نوابن مان شايد نواب مبارڪ خان ڪڍايو جيڪو ڪوڪرن کان وچو وچ سڏو گلاب لغاري ۽ ٽنڊو غلام علي لاءِ ڪڍيو پوءِ عدم توجهہ جي ڪري بند ٿي ويو، سرڪاري نقشي ۾ سيني ديهن مان ۽ سرزمين تي بہ نشان موجود آهن، ڪجهہ زميندار رستو ڪائي ويا آهن، وڏيرو منير هاليپوٽو، وڏيرو حاجي محمد صادق هاليپوٽو ڪافي دفعا ترسڻ ۽ ڪچهري لاءِ چيو آهي، مصروفيتن سبب ترسي نہ سگهيو آهيان، وڏيرو حاجي محمد صادق هاليپوٽو مونکي ۽ منهنجي مامي محمد هاشم جروار کي پنڌ رستي ۾ مليو، پاڻ ڪار ۾ هو ۽ ڪار موڙي اسان کي ڪٽي منزل تي پهچائي ويو، اهڙن دل وارن جون ڪهڙيون خوبيون بيان ڪيان، اميد تہ ڪتاب جي ٻئي پاڱي ۾ درج ڪندس، انشاءَ الله.


ديھ ٻوچڙ جو نقشو

# ديھ ٻوچڙ

ديھ ٻوچڙ تي نالو قديم قوم ٻوچڙ هن ديھ آباد هئڻ ڪري پيو آهي، ٻوچڙن جي ڳوٺ جو حوالو تاريخ تحفت الڪرام ۾ ملي ٿو ان ڪري چئبو تہ قديم قوم ٻوچڙ آباد هئا ۽ اتائين ديھ جو نالو ٻوچڙ پيو ۽ ديھ ٻوچڙ بہ تپو ڪوڪر جي هڪ ديھ آهي، هن وقت هڪ بہ ماڻهو ٻوچڙ قوم نالي نہ آهي، هن ديھ جي اتر دنگ ڪان ۽ ديھ جي اوپر دنگ ڪان پراڻو سرفراز واهہ عرف بگهاڙ واهہ جو واضح نشان موجود آهي، ان ڪان علاوه ڳوٺ ڪوڪرن ڪان پراڻو رستو ٽنڊو غلام علي ڏانهن ويندو هو ان جا بہ ڪٿي ڪٿي واضح نشان آهن، تہ ڪٿي وري زميندار رستي کي ڪائي آباد ڪري ويا آهن، ناجائز طرح سان جيڪو بہ زمين کي ڪائي ٿو ان کي الله تائين پهچي.

هن ديھ ۾ زنئور مائنر ۽ ديھ کي بہ پڪا لنڪ روڊ بہ آهن، علاوه قديم ڳوٺن ۾ ڳوٺ داد خان جروار، ڳوٺ مير خان نوڙهو عرف ماڇين جو وڏو ڳوٺ جنهن ۾ معزز مستري سومار ڊرائيور، مامون حيات ماڇي، نظر علي ۽ امير علي جو پيءُ جيڪي ڪجھ وقت ٻني اسان جي هارپ تي ڪندا هئا، سندن ووٽ بہ ديھ بڪيراڻي ۾ اسان وٽ داخل هئا، مسٽر حاجي عبدالستار بچاڻي پ پ پهرين ٽڪيٽ وقت ورڪ ۾ ڊائون پئي لڳو، سندم والد حاجي محمد پريل خان جروار ٽريڪٽري ٽراليون ڪهرائي مامي حيات جي پوري فيملي ڪٽي رات پاڻ وٽ ٽڪائي صبح اسان جي ٻارن سان گڏ جيپ تي ڪٽي پولنگ اسٽيشن بڪيرا شريف سيني ياتين جا ووٽ پ پ بچاڻي کي

ڏياري ٻيو ڏينهن بہ ٻارن ڪي پاڻ وٽ رهائي اليڪشن رزلٽ ۾ ڪاميابي جو ٻڌي سندن شڪرا ادائي ڪري پوءِ بابا ڪين وري سندن ڳوٺ پهچايو اها هئي عوام جي پ پ سان محبت جيڪڏهن بابا سان نہ اچن ها تہ سندن ووٽ ڪاسٽ ٿيڻ کان رهجي وڃن ها ۽ اسان جي پ پ جي اميدوار جا بہ ووٽ ڪُٽن ها. چاچو وڏيرو غلام محمد عرف وڏيرو غلام ڪير سڏائي مڙس وڏي همت ۽ پهچ وارو هو پوين کي الله سائين توفيق ڏيندو ۽ نڀائيندا. ڳوٺ مير خان نوڙهو لڳ الهندي پاسي کان 300 کن فٽ جي فاصلي تي قبرون آهن. چون ٿا تہ مرين جون قبرون آهن سڄي ديهہ کي هڪ لنڪ روڊ ڳوٺ داد جروار کان مريد موري چمبڙ ٽنڊوالهيار کي ملائي ساڳيو روڊ داد جروار مير خان نوڙهو ڳوٺ ۽ ڳوٺ بچل پتافي ننگراٽين کان شيخ پرڪيو کي ملائي ٿو ۽ هڪ روڊ بڪيراٽي موري کان ڳوٺ بختاور خان پتافي ۽ داد جروار تائين آهي.

ڳوٺ داد جروار قديم ڳوٺن مان هڪ آهي. ڳوٺ ۾ جروار، ماڇي، لوهار، ڪنڀار، مينگهواڙ ۽ سونارا رهن ٿا. جن مان ڪي نقل مقاني ڪري ٽنڊوالهيار ۾ رهن ٿا. اسان جروارن ۾ رئيسن جا وڏا گهر بہ هن ڳوٺ ۾ موجود آهن. مشهور معروف رئيس حاجي عبدالرحيم خان ۽ سندس اولاد. رئيس امام بخش خان ۽ علي محمد خان جروار جن جي هڪ وڏي تاريخ آهي.

سندن شجرو فوٽ نوٽ بہ ڪتاب جي هن پهرين ڀاڱي ۾ درج ڪندس. سندن پاڙو مراداڻي جروار بلوچ آهي. هن وقت رئيس نبي بخش خان عرف محمد اڪبر خان جروار اسان ٽنڊوالهيار جي جروارن جو وڏو آهي. علاوه ڳوٺ ۾ ٻيا بہ جروارن جا پاڙا آهن. ماهياڻي جروار خليفو محمد ابراهيم جروار ۽ سندن اولاد ياراڻي محمد عمر ۽ محمد بچل ۽ سندن اولاد پنجاڻي، ڀهرماڻي، موساڻي سانوڻ وارا موجود آهن.

پرائمري ٽيچر ايسوسي ايشن جو صدر محمد رفيق جروار بہ هن ڳوٺ جو آهي. سندن پٽ حاجي خادم حسين جروار منهنجو حج رفيق آهي. اسان حج جو سفر سال اسلامي 1425هجري ۾ پڙهيو. عيسوي سال 2005ع 18 جنوري عرفات مڪہ شريف ۾ سفر ۾ منهنجو سامان وغيره کڻندو هو ۽ مونکي تڪليف ڪرڻ نہ ڏيندو هو. منهنجي عزت پيءُ جيتري ٿي ڪيائين.

محمد رفيق جو پاءُ استاد احمد علي بہ باهمت آهي، پاڻ سچو وقت سرهندي پيرن ۽ سمهباڻي سيد تاج محمد شاهہ سان گذاريو آهي، جن کي خان سڏجي انهن مان.

عمر يارائي بہ پنهنجو وقت سٺو گذاري ويو. اسان مينهاڻين مان پوئين شادي ڪيائين، جنهن مان عظيم خان سندس پٽ آهي.

حاجي شير محمد اسٽامپ وينڊر بہ هن ڳوٺ داد جروار جو آهي، پاڻ ديهہ ٻوچڙ مان بي ڊي اليڪشن کٽي يونين ڪائونسل ڪوڪر جو ميمبر بہ رهي چڪو آهي، تمام مانائتو ماڻهو آهي.

رئيس حاجي عبدالرحيم خان جروار جا ناناڻان ڳوٺ صاحب غان جروار وارا عطراڻي آهن ۽ پاڻ جڏهن حيدرآباد ضلعو هو تہ ضلع جي زميندارن ۾ سندن وڏو نالو هو. برادر قوم کي هر خوشي غمي، آڌي اڌ رات سک توڙي ڏک ۾ شريڪ هوندو هو. وڏي ڏياءَ وارو قدآور سهڻو مڙس مٿان وري ڪلاهہ جو پٽڪو ٻڌي گهوڙي تي يا جيپ ۾ سوار ٿيندو هو تہ سندن رعب تاب ڏسڻ جهڙو وڻندڙ هوندو هو. ضلع ۽ تعلقي جي آفيسرن ۾ سندس وڏو مقام هو. برادري ۾ تمام وڏو مقام هو. پاڻ سندس ٻئي نمبر پٽ حاجي رسول بخش جي شادي سندن ناناڻن مان ڪرايائين، حاجي رسول بخش بہ قوم برادري توڙي راج داري منجهہ هر جاءِ تي خوشي توڙي غمي ۾ حاضر رهندو هو. زمينداري ۽ گهرو ڪم آفيسن وغيره سنگت يارن جي مدد ۾ پاڻ اڳيان هوندو هو. اسان جي پاسي درسن وڏيري محمد عرس جو واٽر جي پيچ متائڻ جو ڪم هو وڏو ڪم هو. نہ ٿيڻ جوڳو ڏٺي نااميد ٿي وٽس آيا. پاڻ حاجي رسول بخش خان جروار ساڻن گڏجي مدد ڪري کين پيچ پاڻي جي بدلي ڪرائي ڏني.

سندن مهربانيون مونتي تمام وڏيون آهن. اميد تہ ٻئي ڀاڱي ۾ تفصيل سان روشني وجهندس، هينئر جڏهن آئون تاريخ 11 آڪٽومبر 2016ع تي اسپتال داخل ٿيس تہ حاجي رسول بخش خان جو پٽ نبي بخش محمد اڪبر خان ۽ سندس پٽ مزمل بروقت ٻڌي مون وٽ پهتا. وڏي دلداري ڏنائون. بعد ۾ رئيس غلام محمد خان بہ شهزاد سان گڏجي اسپتال آيو ۽ تيمارداري ڪري وڏي آٿت ڏيئي ويو.

يارن دوستن ۽ ڀائرن جي دعائن سان نيڪ تي گهر ڀهتس حياتي الاجي ڪيتري آهي، تپو ڪوڪر جي مختصر تاريخ ياڳو ڀريون جلدي ۾ ڇپائڻ جو پروگرام ٿيو صحت کي ڏسندي تاريخ کي ٻن ڀاڱن ۾ ڇاپڻ جو خيال ڪري ۽ ڪجهه مواد هن ڀهرين ڀاڱي ۾ ۽ الاهي مواد گڏ ٿيل ٻئي ڀاڱي لاءِ ڇڏيو اٿم، اميد آهي ته اهو رهيل به مواد ڇپائيندس.

اڄان رئيس امام بخش خان جروار، رئيس علي محمد خان جروار ۽ ننڍين جا احوال آهن، علاوه حاجي شير محمد خان ۽ سندن به احوال رهيا پيا آهن، اميد تي دنيا قائم آهي، رهي نالو الله جو باقي سڀ فاني.

جروار قبيلي ۾ مراداڻي پاڙي جي به پنهنجي هڪ تاريخ آهي، شهداد ڪوٽ ۾ مشهور معروف صوبدار خان جروار ۽ بعد ۾ پوءِ ڳوٺ داد خان جروار ۾ به سندن هڪ مشهور ۽ معزز پاڙو آهي، خصوصن، رئيس امام بخش خان، رئيس علي محمد خان ۽ رئيس حاجي عبدالرحيم خان جروار تمام هڪ وڏي تاريخ رکن ٿا ۽ زميندار اٿن، هر هڪ جي پنهنجي تاريخ آهي، جنهن کي اميد ته مرحلي وار درج ڪبو مختصرن بايوگرافڪ آف ويسٽ پاڪستان ۾ سندن فوٽو ۽ تعارف ڏنل آهي، جنهن کي ڪمشنر صاحب بهادر جي لائبريري ۾ مطالعو ڪري سگهجي ٿو اميد ته اسان به پنهنجي ڪتاب ۾ درج ڪنداسين.

علاه ڳوٺ مبارڪ جروار ۾ به مراداڻي قبيلي جو پنهنجو هڪ وڏو پاڙو آهي، سندن به هڪ تاريخ آهي، ڪجهه نوڪرين وارا به منجهن آهن ۽ چاچا حاجي بچل سندن پير مرد آهي، رئيس علي بخش خان به سندن چشم وچراغ موجود آهي، اميد ته سندن احوال موقع سر سندن احوال لکبو ۽ حاجي عبدالرحيم خان جروار به پنهنجي واري جو امير آهي، جنهن تي جروار قوم جيترو به ناز ڪري بجاءِ مسافر خانو سندن سجاڻپ آهي، ملڪان ملڪ ڏيهون ڏيهه مشهور معروف هر دل عزيز شخصيت جو مالڪ پنهنجو مٽ پاڻ هو سندن معزز دوستن جو به هڪ وسيع حلقو هو سرفهرست مير محمد علي خان صاحب سابق سيڪريٽري ايريگيشن، عبدالغفار چنا صاحب ۽ سندن لائق فرزندن وٽ اهوئي مسافر خانو ۽ اخلاق هلندڙ آهي، الله سائين کين تندرستي ۽ سلامتي بخشي، اميد ته موقعي تي سندن احوال درج ڪبو.

حاجي عبدالرحيم خان پهرين بنيادي جمهوريت ۾ يونين ڪائونسل چمبڙ ۾ چيئرمين پڻ رهيو.

احمد علي ولد نصير خان جروار پرائمري استاد آهي ۽ ان سان گڏ راڄ برادري ۾ تمام عزت جو مڪان رکي ٿو برادر سنگت جو ڪيس آڏرياءُ ڪرڻ جو ڪو ڪائنس سکي، پاڻ سرهندي پيرن جو خاص مريدن مان آهي، پيرن صاحبن جا وڏا توڙي ننڍا ڪاڄ اڳواڻ هوندو آهي، پير صاحب پڻ سندس وڏي عزت ڪندا آهن. پاڻ استاد ٿيا. نوڪري مليس تہ سروس جو وڏو حصو پير صاحبن جي اسڪول ميرپورخاص ۾ نوڪري ڪيائين، بعد ۾ بدلي ٿي ڳوٺ داد خان جروار آيو نوڪري سان گڏوگڏ سيد تاج محمد شاھہ سماباٽي جو پڻ زميني سنڀالڻ ۾ مددگار آهي، تاج محمد شاھہ وٽ وڏو مقام رکي ٿو.

محمد رفيق ولد نصير خان جروار بہ پرائمري استاد آهي. “ڏک سکن جي سونهن، گهوريا سک ڏکن ريءَ” پاڻ دنيا جا ڪافي ڏک ڏٺا اٿس، پاڻ استادن جي حقن لاءِ زندگي وقف ڪري ڇڏي اٿس، ڪيترائي ڀيرا ڪيس استادن جي حقن گهرڻ جي ڏوھہ ۾ ڪيس جيل ۾ بند بہ ڪيو ويو. ليڪن استادن جي حقن کان ڪڏهن بہ دست بردار نہ ٿيو آهي، مجبور ٿي وقت جي سرڪار سندن مطالبا مڃي ۽ ڪيس جيل کان آزاد ڪيو آهي، پاڻ هن وقت پرائمري ٽيچر ايسوسي ايشن صوبي سنڌ جا صوبائي صدر چونڊيل آهن.

قربان علي ولد چاچو محمد صديق خان جروار پنهنجي تعليم پوري ڪري ۽ آبائي زمين سنڀالي ٿو راڄ برادري توڙي سنگت هر ڏک سک ۾ سڏ ڏيڻ وارو آهي.

خادم حسين ولد محمد رفيق جروار راقم جي اولاد برابر آهي، سال 2005ع ۾ جڏهن راقم محمد ياسين جروار ولد حاجي پريل خان جروار حج جي سعادت لاءِ ويو تہ محمد رفيق جروار سندس پٽ خادم حسين مونکي حج جو رفيق ڪري گڏي ڏنو اهيو حج 1425ھہ جو هو ۽ ٻئي حج جا رفيق پڻ آهيون، مان عمر جو موٽيل هوس سفر ۾ منهنجي تمام گهڻي خدمت ڪيائين.


نبي بخش خان جروار (ڳوٺ داد خان جروار)
غلام محمد
داد خان
حاجي عبدالرحيم
حاجي خدا بخش (لا اولاد)
حاجي رسول بخش
غلام محمد خان
علي محمد
علي عباس
نبي بخش عرف اڪبر خان
جاويد خان
شاهد
جمشيد
بابو
مظهر جاويد
شاهد اختر
خير محمد عرف مزمل
امام بخش عرف مشهد
حمزا
امام بخش
علي محمد خان
عثمان (لااولاد)
محمد (لااولاد)
داد خان
هڪ نياڻي (زوجہ امام بخش هئي)
امام بخش (2 نياڻيون)
هڪ اڪبر خان جي زوجہ
ٻي غلام محمد خان جي زوجہ

# مراداڻي پاڙو ڳوٺ داد خان جروار

ڪرم

دوست محمد

منو فقير

محمد خان　　منو خان

عبدالستار　عبدالغفار　عبدالجبار　عبدالغني　عبدالجليل　عبدالوحيد

ارسلان

# ماهياڻي جروار ڳوٺ داد خان جروار



# مراداڻي جروار پاڙو ڳوٺ داد خان جروار



## ديھ نل جو نقشو



# ديهه ٿل

ديهه ٿل پنهنجي قديم نالي ٿل سان قائم آهي، شايد ڪنهن قديم بادشاهن راءِ گهراڻو يا سومرا خاندان يا سمان حڪومت دور ۾ ڪو ٿلهه مٿي جو ڀرايو هو ڪهڙي جاءِ تي واقع هو خبر ڪانه ٿي پوي، اميد ته ٻيو ڪو ان تي قلم ڪڻندو ته الاهي تاريخ جڙي پوندي.

پراڻي واهن مان هن ديهه کي پاڻي هرلن ۽ نارن ذريعي پراڻي ڦٽل سرفراز واهه عرف بگهاڙ واهه مان ملندو هو.

هن وقت موجوده سرفراز واهه عرف چاڪر واهه ۽ ميراڪوري مائنر پاڻي پهچائين ٿيون، جن تي زراعت جو دارومدار آهي.

قديم ڳوٺن ۾ ڳوٺ غلام حسين لنڊ عرف ڏوري وارا لنڊ، ڳوٺ سعيد خان لغاري، استاد ماستر شهلي خان لنڊ ۽ هڪ ٻيو به ڳوٺ آهي، جنهن جو نالو هن وقت ياد نه آهي.

نون ڳوٺن ۾ مريد موري، رئيس مريد خان لنڊ جو ڳوٺ، چوڌري برڪت علي، چوڌري عزيز، حاجي جعفر خان لنڊ، حاجي درياءَ خان لنڊ پنهنجي سروي زمينن ۾ ڳوٺ ڪري وينا آهن، راڄن ڀاڳن وارا ۽ اٽي ويٺي وارا آهن، جن ۾ رئيس خالد خان لنڊ، حاجي محمد خان لنڊ، رئيس احمد خان لنڊ بوسڪي جو پٽڪو ٻڌي نڪرندو هو، ڇا سندس واڪاڻ ڪجي اڻ ڏٺن جو يار هو حاجي نبي بخش خان لنڊ جيڪو چاڪر واهه ڪان اوپر طرف ڳوٺ بالچ خان لغاري ۾ بنگلا پيو ٺهرائي جو سندس زمينداري اتي آهي.


ديھ سھتا بکيرا جو نقشو
W.C.1.L
W.C.2.L

# ديھ سهٽا بڪيرا

بڪيرا قوم جو هڪ پاڙو سهٽا بڪيرا جي نالي سڏجي ٿو سندن ڳوٺ موجوده ديھ بڪيرا ۾ سيد حاجي جلال شاھ جي مقام لڳ الهندي پاسي هو 1780ع ۾ جڏهن ڪلهوڙن جي چرچ تي مدد پناڻ سنڌ ۾ ڏاڍ ڪيو تہ هن آباد ۽ خوشحال ڳوٺ کي بہ ڦري پيننگ ڪيائين. هن وقت سڄي ديھ ۾ ڪٿي بہ بڪيرا قوم آباد نہ آهي، مدد پناڻ وڏي ڦر ڪئي، قديم ڳوٺن ۾ چٽن، ميربحرن ڳوٺ يار محمد ميربحر جي نالي سڏجي، شيخ پرڪيو ڏانهن ويندي مين روڊ کان ساڄي هٿ تي الهندي پاسي ۽ روڊ جي کاٻي هٿ تي اپرندي پاسي ڪوڪرن واري مشهور ڪيرول جو وڻ موجود آهي.

ڳوٺ سيد چٽن شاھ جو پڻ سائين دين محمد شاھ جي نالي آباد آهي، اڳي دين محمد شاھ مدرسو کوليو جنهن ۾ ٻارن کي قرآن شريف پڙهائيندو هو.

قديم ڳوٺن ۾ ڳوٺ اميد علي بوزدار عرف گنجڙا لغاري ۽ مير بحر پڻ وينل آهن، ڳوٺ صاحب خان جروار کان علاوه واڍا، سومرا بہ آباد آهن، اڳي ان ڳوٺ ۾ واٽيا، مينگهواڙ ۽ گرڙا بہ وينل هئا، جيڪي واٽيا 1947ع ۾ ويا، 60-1959ع ۾ گرڙا مشهور ڪيو گرڙو جنهن جا پٽ اڄ بہ چمبڙن جي شهر ۾ رهندا آهن، ملندا آهن تہ سندن دل پرجي ايندي آهي، جنهن ۾ سانوڻ، طوطو ۽ اجيت آهن، آئون ڪين سڃاڻان ۽ هو بہ مونکي سڃاڻن ٿا، ڳوٺ علي بخش جروار پڻ هن ديھ ۾ قديم آباد ۽ سرڪاري نقشي ۾ آهي، جروار هن

سندن شجرا بہ ڪتاب ۾ آهن، هڪ پراڻو پڻ ڪوسن جي نالي آهي، ليڪن جروار ملان ڪٽٽ ڪري ويا. سندن ڪاتي آهي، جديد ڳوٺن ۾ ڳوٺ حاجي بختاور خان پتافي ۽ خميسو ماڇي توڙي مير رمضان خان جي اوطاق بہ اچي وڃن ٿا.

ڳوٺ صاحبخان جروار، جروارن ڪان پهرين واٽيا، مينگهواڙ گرڙا، ڪنڀار، شايد هڪ گهر ڪو سونارن جو بہ ٻڌجي ٿو، سڀ لڏي ويا. جروار عطراٽي ۾ ملن جي آباد ٿيڻ ڪان پوءِ جيسين تائين فقير جروار هئا تہ مٿين سڀني قومن کي سڪون ۽ امان هو مٿيان بہ پاڙا جروارن جا جڏهين اچي ڳوٺ صاحب خان جروار ۾ پير ڪوڙيا تہ هڪ هڪ ٿي سڀئي قومون لڏي ويون، باقي واڍن جي نہ سري، اهي ويٺا آهن، ڪين بہ تنگ ڪيو ويو، گهرن جو رستو بہ بند ڪيو ويو، پوءِ رئيس دوست علي خان ولد خان محمد خان ڪوڪر جيڪي اصل صورتحال پڻ جي ڪيس مائٽن ۽ ٻين وڏن ڪان شاهديون وٺي ۽ واڍن کي اچ وڃ جو رستو بحال ڪرائي ڏنائين، نہ تہ اهي بہ مجبور ٿي لڏي وڃن ها، پڻ جن کي پيٽ ۾ سور آهي، انهن کي مفت ۾ قبن ها، واڍا رئيس دوست علي خان ڪوڪر کي دعا ڪن، هاڻي واڍن جو نندو پونير اولاد مختلف ڊيوٽين ۾ ۽ پرائيوٽ ڪم ڪارن سان آهن، هاڻي ڪين پرواهہ نہ آهي.

ڳوٺ صاحب خان جروار واڍڪو ڪم ڪندڙ واڍا سڏجن ٿا، جديد دور ۾ معلومات ڪبي تہ هو پاڻ کي سومرا واڍا سڏائين ٿا، مگر منهنجي پوري تحقيق مطابق پاڻ ابو پوٽا سمان آهن ۽ واڍا سڏجن ٿا، مائٽي لاڙ ۾ راڄو خاناڻي ۾ بہ آهي، سندن شجرو فوٽ نوٽ بہ راقم وٽ آهي، اميد تہ هنن پنن ۾ ڪٿي درج ڪندس.

اسان جي وقت ۾ چاچي هاشم واڍي جو اولاد چاچو محرم ۽ چاچو علي، ڪين الله سائين اولاد سان نوازيو آهي، چاچو علي هڪ نياڻي محمد عطراٽي جروار کي پرڻائي ڏني، ڪيس اولاد بہ آهي، محمد عطراٽي جروار کي چاچو صادق جو هڪ پٽ مولابخش ۽ ڪيس هڪ پٽ جمع نالي اولادي آهي، چاچو عثمان واڍو پڙهيل هو، نماز روزي جو پابند هوندو هو جڏهن تہ راقم جو نڪاح بہ چاچي عثمان پڙهايو هو ان ڪان سواءِ ملن صاحب خان وارن جي مسجد جو امام بہ هو راڄن ۾ نڪاح لاءِ ڪيس وٺي ويندا هئا. ڪيس

حاميد ۽ محمد يوسف نالي ٻہ پٽ آهن. انهن کي ٻہ اولاد آهي. ليڪن واڍڪو ڪم ڇڏي ڏنو اٿن. عثمان حڪيم ٿيو آهي. هنن جي وڏن ۾ ٻہ حاجي عبدالحڪيم نالي حڪيم هو حڪمت دوائون ستيون ڏيندو هو پاڻ جروارن کان پهرين آباد آهن ۽ سندن گهرن سان لڳ اتران اتر اولهہ تي مسجد پڻ هئي. پوءِ جروار فقيرن جي آباد ٿيڻ کان پوءِ اها آباد ٿيندي ۽ وڌندي ويئي. واڍن واري مسجد غير آباد ٿي ويئي.

هيءَ ڳالهہ 63_1962ع جي آهي. جڏهن سردار حاجي حسين ڪوڪر يونين ڪائونسل ڪوڪر جو چيئرمين هو ۽ حاجي محمد پريل خان جروار ديهہ بکيراٽي بي ڊي ميمبر ۽ حاجي خان محمد خان پتافي ديهہ سهٽا بکيرا ۾ بي ڊي ميمبر هو ڪوڪرن يونين ڪائونسل هيڊ ڪواٽر ۾ زندگي جي بنيادي ضرورتن جي سهولت موجود هئي. جنهن ۾ يونين ڪائونسل جو سيپ رڪارڊ هو اسپتال عوام لاءِ 24 ڪلاڪ ڊاڪٽر جي سهولت ۽ گڏوگڏ جانورن جي اسپتال ٻہ ڊاڪٽر ۽ عملو هر وقت موجود رهندو هو.

سڄي يونين ڪائونسل ۾ ڪچن رستن جو هڪ ڄار وڇايو ويو. جنهن ٻہ هر ديهہ ۾ ڪنهن پُل وغيره جي ضرورت هئي. ڳوٺن کي يونين ڪائونسل ۾ ملائڻ لاءِ ميمبر صاحبن چيئرمين صاحب کي آگاهہ ڪيو ۽ چيئرمين صاحب ان تي مناسب ڪارروائي ڪري ۽ منظور ڪرائي ڊسٽرڪٽ مان ۽ ان کان پوءِ اها پُل جلد ٺهي ويندي هئي.

جنهن ۾ پير ڪاٺي ديهہ ڊنڊ شاهہ سرفراز واهہ تي پل جنهن جو ذڪر اڳي ڇڪو آهي. چاڪر واهہ تي ڳوٺ الهہ بخش جروار وٽ مضبوط پڪي پُل ٺهرائي وئي. ڳوٺ بختاور خان پتافي وٽ زنئور شاخ تي پُل ٻہ ٺهي. رستو ٻہ ٺهيو اڄ تائين عوام ان مان فائدو وٺي رهيو آهي.

انهي سان گڏ ڳوٺ اميد علي بوزدار لڳ زنئور شاخ تي ديهہ سهٽا بکيرا تي ٻہ هڪ پل پبلڪ جي سهولت لاءِ ٺهرائي وئي. جيڪا ناڪام وئي. سبب جروار ڳوٺ صاحب خان جروار ۽ ڳوٺ الهہ بخش جروار سميت پسگردائي عوام جو رستو ڪوڪر تائين اسپتال ماڻهن توڙي جانورن جي اسپتال ۾ آمدني روانگي هئي. جن ٻہ جروارن جون زمينون آيون ٿي. ڪڏهن ٻہ رستو نہ رکيائون. پُل ناڪاره رهي. جيڪا 2015ع ۾ جڏهن زنئور شاخ

کي پڪو سيمينٽ سان پٽي ڪيو ويو تہ ان پُل کي ٺاهيو ويو 53 سال پراڻي پُل هئي، پر رستو نہ مليو سو نہ مليو.

ڳوٺ اميد علي بوزدار لاءِ هڪ نئين پُل تعمير ٿي، جيڪا هلي پئي، رستو جروار زميندار نہ ڏنو ڪھڙا آهن؟ اهيو فيصلو لوڪل تر جي عوام کي خبر آهي، ڪچھرين ۾ ويهندا تہ پاڻ کي ساراهيندا تہ اسان رستو نھرايو اسان اسڪول نھرايو ليڪن ڪو ڪائن پڇي تہ ڪٿان رستو نھرايو؟ ڪٿي اسڪول جو پلاٽ ڏنو تہ اچا ڪارا صاف ٿي ويندا.

فوٽ نوٽ شجرو مطابق عبدالحڪيم جو ڪم حڪمت ڪندو هو هو حڪيم هو عثمان واڍڪو ۽ ملون هو ڪوڪرن چوري ۾ پڪڙيو هو محمد يوسف جا اسحاق، صديق، رزاق، عبدالحڪيم ۽ زاهد آهن، محرم ڀرين حرم مان حسن عرف هادي بخش ملون آهي، امامت ۽ غسل ڪفن جو ڪم ڪري ٿو ٻيو عبدالرحيم حيدرآباد ڏوبي جو ڪاروبار ڪري ٿو محرم ٻي حرم مان، هاشم، هارون، خدابخش ۽ شوڪت سڀ ئي پنھنجي معززين ۽ دوڪانن وارا ڊرائيور خدا بخش هوميوپيٿڪ ڊاڪٽر، حاميد جو پٽ عثمان بہ هو جيڪو هوميوپيٿڪ ڊاڪٽر ٽنڊوالھيار ۾ آهي.

چاچو حاجي خان محمد خان ولد حاجي بختاور خان پتافي ڀرين پريان سندن وڏو ڳوٺ هو اتي رهندا هئا، بعد ۾ چاچي حاجي خان محمد پنھنجي زمين ديھہ سھٽا بڪيرا ۾ ڳوٺ ڪري اولاد سميت اچي وينو ساڻن گڏ مامون ڦوٽو ڊرائيوري ڪندو هو اهو رئيس چاچو قبول خان ۽ چاچو احمد خان بہ ڳوٺ ۾ اچي وينا، سيئي پنھنجي سمر وارا خوش حال آهن.

ڊاڪٽر بخش علي خان پڙهي ايم بي بي ايس ڪري گورمينٽ سروس ڪيائين، ميرحسن خان سوئي گيس ۾ آفيسر آهي، هن وقت خوش آهن، شروعاتي پ پ پ ۾ هئا، جڏهن غلام مصطفيٰ جتوئي پ پ ڇڏي تہ ان گروپ ۾ پتافي بہ پ پ ڇڏي ويا ۽ بعد ۾ جڏهن جتوئي صاحب موڪلي ڏني تہ پ پ ۾ آيا، ان ۾ عبدالستار بچاڻي ۽ عبدالطيف مڱريو جي اليڪشن ۽ ٻيو خرچ حاجي خير محمد خان ڪوڪر ۽ رئيس منظور علي خان عرف ٻڍو پتافي ڀريندا هئا، رئيس جو لڪ لڱو محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ رئيس جي ڀائيٽي امداد علي پتافي کي اليڪشن 2002ع ۾ پي ايس تڪ

جي ٽڪيٽ ڏني، هزار هيلن جي بہ بچاڻي ۽ مگريو صاحب پتافي کي سيٽ ٽڪيٽ پ پ هارائي ڏني، کير کير پتافين صاحب سان ورڪ ۾ خير خواه گڏ هو مختصر چاچو حسين بخش جلباڻي، مون محمد ياسين جروار، دربار علي شاهہ جان محمد شاهہ بخاري بکيرا شريف ۽ ٻيا کيترائي پ پ جا جيالا هئا.

پهرين ٽکيٽ جي بنياد شهيد راڻي محترمہ بينظير ڀٽو صاحب اليڪشن 2007ع ۾ ٽڪيٽ امداد خان پتافي کي ٻيو دفعو ڏيئي پارٽ ورڪ ڪيائين، حاجي عبدالستار بچاڻي صاحب محترمہ بينظير ڀٽو سخت دٻ پٽي، پارٽ ويچاري شهيد ٿي ويئي، اليڪشن امداد پتافي ڪٽيو هاڻي پ پ جا ڪارڪن جيڪي پهرين ساٿس گڏ هئا ۽ آهن جيڪي پ پ جو سرمايو آهن، انهن سان ڪيترو ٿا انصاف ڪن، اهيو وقت ٻڌائيندو.

سال 2005ع ۾ مان حج تي هئس، سچو احوال منهنجي حج سفر ۾ آهي، اسلامي سال جو چنڊ پهرين تاريخ مغرب چنڊ ڏٺو ۽ شهيد راڻي محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ سيني ٻارن ۽ آصف زرداري سميت عمرو شريف تي پهتا، خانہ ڪعبہ جو طواف مون انهن سان گڏ ڪيو، مغرب ۽ عشاءَ نماز جي وچ ۾ صبح ٽنڊوالهيار ۾ پ پ جا نوان عهديدار چونڊيا ۽ منهنجي لاءِ صدر پ پ رئيسن مٿين تجويز ڪيو جن مخالفت ڪئي، نالا لکندي مونکي شرم ٿو ٿئي ۽ سينيئر نائب صدر پ پ تعلقو ٽنڊوالهيار جو عهدو مليو ۽ بعد ضلع صدر پ پ سيد ضياءَ عباس شاهہ رضوي سائين ۽ علي نواز شاهہ رضوي، قائم علي شاهہ کان مونکي صدر پ پ تعلقہ ٽنڊوالهيار ڪرايو.

ڳوٺ صاحب خان جروار وارا ملان ميان جي حاجي پيروز جو پاڙو اصل ڪاڙا جروار سڏبا هئا، هاڻ ملان سڏجن ٿا، ميان جي حاجي پيروز مسجد ڳوٺ صاحب خان جروار ۾ سندس قبر آهي، حاجي بهادر الدين سڄي عمر مدينو شريف رهيو، وفات بہ اتي ڪئي، جنت البقيا ۾ قبر مليس، ڊاڪٽر غلام رسول صاف دل هو، جيڪي چوڻو هوندو هئس، روبرو چوندو هو، حاجي عثمان جي تاريخ سڻي نہ آهي، جهڳڙالو قسم جو هو هر ماڻهو سان بي سبب ڦڏو ڪندو هو حاجي عمر اوطاق سنيالي ۽ پنهنجي رزق سارو حاجي

مدني پيءُ ڪان بعد مديني شريف رهي ٿو. سيف الله ايڊيوڪيشن مان رٽائرڊ ٿيو آهي، سندس پٽ سعد الله بہ لائق ماڻهو آهي، حاجي محمد عمر جو پٽ عبدالله ۽ ٻيا سڀ ايڊيوڪيشن ۾ نوڪري ڪن ڪو بہ رهيل نہ آهي.

چاچا خدا داد جو پٽ ماستر خان محمد پوري سروس ڳوٺ الهہ بخش جروار ۾ ڪئي، سندس پٽ خير محمد ۽ خدا داد استاد آهن، نوڪري پيا ڪن، محمد صالح جا ڇوڪرا ٻني ڪن ٿا، اسان سڀني جروارن جون هڪ ٻئي سان سڱ سڱاوتيون ۽ مائٽيون آهن.

عطراڻين جروارن جو بہ پاڙو بہ هن ڳوٺ ۾ آهي، بخشاڻي ۽ ميناهاڻي بہ ڳوٺ صاحب خان جروار ۾ وينٺل پاڙا آهن، شروع ۾ هن ڳوٺ ۾ واڻيا، مينگهواڙ گرڙا، ڪنيار ۽ واڍا وينٺل هئا، پوءِ ڪلهوڙا دور حڪومت ۾ جروار فقير آباد ٿيا، لڏو فقير، ٽڏو فقير ۽ وڏو فقير ان زماني ۾ سندن سرهو پوءِ جڏهن عطراڻي پاڙو ۽ ملان پاڙو هن ڳوٺ ۾ اچي آباد ٿيا تہ غريب اشراف جو رهڻ عذاب بنجي ويو عطراڻين تي ال بہ خراب پيل آهي، انشاءَ الله ٻئي ياڱي ۾ تفصيل وار شجرن سميت داخل ڪندس.

راڄ آزار طبيعت رکن ۽ پوءِ سندن روش ڪري هڪ هڪ ٿي لڏ پلاڻ ٿيندي ويئي، واڻيا ويا ملڪ سڄو سندن ٿي ويو پنهنجي زمينن هوندي پرايا پڊ آباد ڪريو ويهن.

فقيرن جروارن مان ڪئي ۽ نرينو اولاد بہ نہ رهيو بس ڳوٺ جا وارث پاڻ آهن، اچي ڪاري جا ڏٽي اڳين جي اڳيان پنين جي پنيان پرائي ۾ رک وڏيڪ اٿن، منجهن هڪ اڌ سنو بہ آهي، اڪثريت ڏنگا پرايو ڪپن سٺي تاريخ نہ آهي، راڄ آزار سندن سڃاڻپ آهي.

منهنجي تحقيق مطابق وڏو فقير جو اولاد آهي، وڏو فقير جو پوٽو فقير ڪريم بخش، ان جو پٽ حاجي محمد حسين ۽ ان جا بہ پٽ، هڪ خادم حسين (جيڪو هن ڪتاب جو ڪمپوز ڪندڙ آهي.) ٻيو عاشق حسين، وڌيڪ تحقيق جي ضرورت آهي.

# ڳوٺ صاحب خان جروار ديهه سهڻا بکيرا

## واڍن جو شجرو




(سيني کي اولاد آهي)

منهنجي تحقيق مطابق واڍا ابوپوٽا سمان آهن، هنن جي مائٽي لاڙ طرف راڄو خاناڻي ۾ آهي.

## هي علي بخش جروار ڳوٺ پاڙو رانجهاڻي جا جروار آهن.

**شير محمد**

عمر فقير

هڪ نياڻي (دين محمد جي گهر ۾ آهي)

**خدا بخش**

حاجي غلام محمد

مولابخش — شير محمد (گونگو آهي)

ديدار — ارشاد — اياز

## ڳوٺ علي بخش جروار ديھہ سھڻا بکيرا پاڙو رانجھاڻي جروار




احمد خان ٻہ شاديون ڪيون ھڪ گھر مان سائين بخش، نور محمد، محمد عباس، محمد ابراھيم ۽ ٻي گھر مان ھڪ پٽ خادم حسين آھي.

## ڳوٺ علي بخش جروار ديهه سهڻا بڪيرا پاڙو رانجهاڻي جروار




عبدالرحيم کي هارٽ اٽيڪ ٿيو، چاچا مبارڪ پيري ۾ ٻيو نڪاح ڪري وري طلاق ڏني، ٻيڙو خان کي نڪاح ۾ ميان جي حاجي پروز جي پيڻ ڏجاٽي نالي هئي، ٻيڙو خان جو سڀ اولاد انهي مائي جي پيٽان آهي، ميان جي سالن جي حج سفر بعد ڳوٺ آيو، ڪنهن ٻه نه سڃاتو انهي سندس پيڻ مائي ڏجاٽي سڃاتو، ٻيڙو خان جي هڪ نياٽي نالي سياٽي حاجي احمد ميهاٽي جي نڪاح ۾ هئي، حاجي احمد کي اولاد آهي، سندس ميهاٽي فوٽ نوٽ شجرو ڏسو، ٻيڙو جي پوٽي جيوڻ جي ڌي نالي سومري گلڻ ميهاٽي کي نڪاح ۾ هئي.

# ڳوٺ علي بخش جروار ديھہ سھڻا بڪيرا پاڙو رانجھاڻي جروار



# الهبخش عرف بخشو رهندڙ چيچ جهان خان ضلع پراڻو ٺٽو ميون عثمان جا قبا




نظر علي کوسن مان شادي ڪئي، نياڻيون ٽيون، عطراڻين ۾ ملن ۾ پرڻيون.
حاجي محمد اسحاق رٽائرڊ هيڊ ماستر گورمينٽ بوائز هاءِ اسڪول مبارڪ جروار، هن شجري ۾ آهي.

## مينهون خان جو اولاد باگاڻي ديرومان



## ديھہ بکيراڻي جو نقشو



# قبرستان "سيد شاهه عنايت" جو نقشو



# ديھہ بکيراڻي

هن ديھہ تي بکيراڻي نالو بکيرا قوم جي ڪري پيو اهائي قديم قوم ديھہ تي نالي جو سبب بني آهي، جيڪا شايد سومرن ۽ سمن، ڄامن جي حڪومت جو وقت چئي سگهجي ٿو سن 900 هجري کان بہ اڳ جو آباد هوندو. ڪافي تاريخي ڪتابن ۾ سندس احوال ملي ٿو مٿي دڙي تي شهر آباد آهي ۽ هيٺ بہ آباد آهي، قديم نشانن ۾ پيرن صاحبن جون درگاهون وڏيون ۽ ان کان علاوه جيئو شاھہ، واهي فقير جي درگاھہ، رکن پورتلاءَ ڪاڻ شرف الدين، مقام شاھہ ميران، مقام شاھہ عنايت، گهوٽ جمال واھہ، مقام مخدوم ڪاهوجو. جيڪو موجوده وقت شهر بکيرا شريف کان ہ فرلانگ ڏکڻ طرف آهي، موجوده نقشو ان ۾ بہ مقام آهي، جيڪو هن وقت نوان کوکر حاجي عالم وارا استعمال ۾ آڻين ٿا، سروي بلاڪ 120 ۾ آهي، قديم نالو مڪان ڄام پور آهي، روايت آهي تہ مخدوم ڪاهو نالي درويش، شيخ پرڪئي جو ابتدائي استاد آهي. حوالو اذڪار قلندي ص-104

واهي فقير جي مزار وارو ٽڪرو رکن پور جو تلاءُ نالي سڏبو هو ۽ اتي جيڪا موجوده ڪڏ آهي، ان کي ڪاڻ شرف الدين سڏيندا هئا. واهي فقير جو اصل نالو فقير رحيم ڏنو آريسر آهي، ڦتل ڪيسانو واھہ پڻ ديھہ جا دنگ نشان واضح ڪري ٿو جيڪو اتر اولھہ کان شروع ٿي سڄي ديھہ جي ڏکڻ کان گذري ۽ اوپر طرف ديھہ ستياري ڏانهن وڃي ٿو نقشي ۾ عيد گاھہ، منزل گاھہ، مقام مخدوم ڪاهو بلاڪ 120 ۾ ان کان علاوه مساڻ ايريگيشن

بنگلو ٻڪيراٽي ريسٽ هائوس رهن، وقت برباد حالت ۾، ڪوهه 113/13 ۾ مسافرن جي سهولت لاءِ ۽ پراڻا ڳوٺ آباد ڳوٺ قديم ٻڪيرا شريف، جوين وڪرو ڪيو پڊ، ڳوٺ الهه بخش جروار جديد جيڪي نوان ڳوٺ آباد ٿيا آهن، انهن ۾ جن پنهنجن زميندارين ۾ ڳوٺ آباد ڪيا آهن، جن ڳوٺن جا نالا نقشي ۾ نہ آيا آهن، رئيس خان محمد خان ڪوڪر جي ماڙي موجوده ڳوٺ دوست علي خان ڪوڪر، ڳوٺ محمد عرس درس، شمس الدين ميمڻ، حاجي عالم ڪوڪر، هن ديهه مان سکر بيراج جا موجوده سرفراز واهه، زنئور ڊسٽري ۽ چاڪر واهه موجود آهن ۽ ان تي آبادي ٿئي ٿي، پراڻن واهن ۾ جن تي هرلا هلندا هئا، انهن ۾ پراڻو ڪيسانو واهه ٻئي طرف هرلا چڙهندا هئا، پراڻہ جمال واهه جيڪو صرف هڪ يا ٻہ مهينا وهي ۽ بند ٿي ويندو هو سڄي ديهه ڪي هڪ ڪنڊ ۾ هو. ڳوٺ ۾ اوطاق حاجي شفيع محمد پتافي ۽ اوطاق اعجاز شاهه آهن.

ٻڪيرا شريف شهر م لاتعداد قومون آباد آهن، اميد تندرستي ساٿ ڏنو تہ پورا تفصيل ڏبا، مختصر طور سيد بخاري، سيد ڏاڏاهي، پير صاحبان غوثيہ ۽ سندن اولاد، ٻڪيرا، ميمڻ، دل، درس، مير بحر، ڪوڪر نوان آيل، خاصخيلي، سهتا، شيدي، قمبراٽي، ديهه ٻڪيراٽي ڪي موجوده وقت ۾ زراعت لاءِ پاڻي چاڪر واهه، زنئور شاخ ۽ ڪيسانو 2 پاڻي پهچائڻ جو طريقو آهن، ان ڪان علاوه ڪجهه خانگي ۽ سرڪاري ٽيوب ويل پڻ آهن، شهر مٿي هڪ مٿي جي دڙي تي آهي، منهنجي ناقص عقل ۽ راءِ تہ ڪنهن پراڻي حڪومت اندازن 800 سو سال اڳ جي ڪنهن حڪومت پنهنجو سرڪاري انتظام هلائڻ لاءِ رعيت ڪان مٿي پرائي ۽ مٿانهون شهر آباد ڪيو آهي، قديم ۽ جديد ڳوٺ ڀرين چئي چڪو آهيان، اسان جي يادگيري جي وقت ۾ ديهه جا مشهور شخصيتن ۾ سندن حاجي محمد پريل خان جروار، سيد اسماعيل شاهه عرف عطر شاهه بخاري، امداد شاهه، صالح محمد شاهه ڏاڏاهي، برادرن سيد ڊاڪٽر شاهنواز شاهه، سندن فرزند سيد محمود شاهه، اسماعيل ٻڪيرو، محمد يونس ميمڻ، مقبول احمد صاحب ميمڻ، جان محمد شاهه بخاري ۽ ڪوڪر برادران حاجي غلام حسين ڪوڪر اولاد هر هڪ پنهنجي توفيق ۽ شايان شان خدمتون سرانجام ڏيندا آهن، غوثيہ اولاد ٻہ پنهنجو مٽ

پاڻ آهن، پاڳارو صديق محمد شاهه، مقبول احمد شاهه، نبي بخش شاهه هر آڌي رات راڄ کي سڏ ڏيڻ ۾ سنڀالڻ وارا آهن.

استاد محمد اسماعيل شيدي جا هن شهر ۾ پس گردائي جي عوام تي احسان آهن، جيڪي وٺائيس تعليم پرائي پنهنجي روزگار سان لڳي ويا، ڪيس دعائون ڪن ٿا. سيد جان محمد شاهه پ پ جي ڪري وڏي خدمت ڪندو آهي، مينهن واءُ هجن، لسٽ ڪارڊ هجن سڀو سڀو ڏينهن سڀي سڀي رات ڪم ۾ لڳو پيو هوندو آهي، اسان هڪ ٻئي سان زندگي جو ساٿ نڀايو آهي، اصولي ڳالهين تي ڪڏهين اختلاف به ڪيا اٿئون، ليڪن انا ڪڏهين نه بنائي اٿئون، هر ماڻهو کي ساٿ ڏيون، بغير ڪنهن لالچ جي لالچي دوست به آهن جو غريبن بي واهين انڌين ڪان به ڪم جي بهاني ۾ هئي، هڪ بڪيراڻي ديهه جو مختصر احوال آهي، ڪتاب جي ڇپرين ڀاڱي لاءِ تندرستي ۾ حياتي ساٿ ڏنو ته هر عنوان کي حقيقي جائزو پيش ڪبو. سائين علي اڪبر شاهه ۾ سندس پٽ مدد علي شاهه جون جيڪي محنتون پ پ لاءِ بڪيرا شريف کان وٺي لاڙڪاڻه شهيدن جي مزار گڙهي خدابخش پڻو تائين وسارڻ جوڳيون نه آهن، اميد ته ٻئي ڀاڱي ۾ ٻڌائبو ته مدد شاهه جڏهين قافلي ۾ لاڙڪاڻه هلندوهو ته ان وقت سندس عمر ڇا هئي، بي سمجهه ٻار جيترو هو بڪيرا شريف جو ذڪر هجي ۾ پٽين کهاتي ياد نه ڪجن ڪونه ٿو ٿهي، مسٽر شمس الدين، عبدالخالق، سندس پٽ علي نواز ۾ شفيع محمد هر هڪ جي پنهنجي اهليت ۾ تاريخ آهي، موقع سان سندس پورا پورا احوال لکبو افتخار سميت.

جيترو بڪيرا شريف شهر ۾ بڪيرا قوم هن شهر کي آباد ڪندڙن ۾ اول آهن ته ميمڻ قوم به هن شهر ۾ اوتري پراڻي آهي، ڪين نه ياد ڪرڻ وڏي زيادتي ٿيندي، حاجي لکانو سيٺ پورو محمد وريل، چاچو جمع دڪان وارو سندس پٽ سيٺ حاجي وڪيو ميمڻ، خليفو محمد انور ميمڻ، حيدر ميمڻ هر وقت سائين ڊاڪٽر شاهنواز شاهه جي ڪچهري ۾ موجود هوندو هو، غلام قادر ميمڻ پ پ جو ڪارڪن آهي، سيٺ ڪاشف ۾ امداد وڏا واپاري آهن، اسان جي عزت ڪندا آهن، پ پ ۾ سائين اسماعيل شاهه عرف عطر شاهه بخاري، محمد يونس ميمڻ کي سياست ۾ ڪٽي آيو ۾ محمد يونس ميمڻ

پنھنجون صلاحيتون ڪم آڻي تمام اڳتي نڪري ويو. حاجي خير محمد خان ڪوڪر ڪيس تمام مٿي ڪڍي ويو ۽ پاڻ وري بڪيرا شريف جي ميمڻ قوم کي مٿي ڪڍي ويو.

اسان جي عزت ڪري ٿو ۽ اسين بہ سندس عزت ڪندا آھيون، سياسي رستا اسان جا يعني مون راقم جا سدائين پ پ ۽ پاڻ سدائين چڙھندڙ پاسي، مامون خالق ڏنو دل ۽ سندس پٽ محمد انور سائين ڊاڪٽر شاھنواز شاھہ ۽ محمود شاھہ جي ڪاتي ۾ آھن ۽ آئون راقم بہ سندن عزت ڪندو آھيان.

## بڪيرا شھر:

بڪيرا شھر پراڻو ڪيسانو واھہ جي ڪپي پاسي بلند دڙي تي ٽنڊوالھيار کان ڏکڻ طرف ڇهن ميلن پنڌ تي آھي، اتي جا اصل رھاڪو بڪيرا ذات جا ماڻھو آھن، جنھن ڪري مٿس اھيو نالو پيو آھي.

پير غوث العالمين صاحب ملتاني ھاشمي قُدس سرھہ جي اولاد مان حضرت قطب الزمان سيدنا حضرت مخدوم پير فاضل شاھہ ڪلان 951 ھجري ۾ ملتان شريف کان بڪيرن جي شھر ۾ بامجموع فقرا حلقہ جي آيا، پير صاحب جي اچڻ وقت اِتي جو زميندار ارباب شير بيگ بڪيرو ھو. جنھن جي قبر ھڪ مسجد شريف جي صحن ۾ آھي ۽ اھا مسجد شريف مخدوم پير ولايت علي شاھہ جي بنگلي وٽ سندن حفاظت ۾ آھي، ميان حسين سنگھار مشھور آھي، سندس چوڪنڊي گول زمين کان ٻارنھن ڪي فوٽ مٿي آھي، بڪيرن جي شھر ۾ ڪُڏي مڪان جي قريب آھي، جنھن ڪُڏي مقام کي ھن وقت سخي شيخ ٻانھون جو مقام سڏين ٿا. ميان حسين سنگھار، ھي بزرگ مخدوم نوح رحہ جي وڏن خليفن مان آھي، سندس 12 خليفا ھئا، جن کي 12 ٻالڪا ڪري چوندا آھن، جھڙوڪ

1. پاڪسنگھار
2. حاجي جلال
3. سيد اِپوڙو
4. شاھہ ٻانگو

5. ساجن سوائي
6. پنيو ڪاپڙي
7. نانگو شاهه

۽ ٻيا. انهن مٿين سڀني بزرگن تي سندن مڪانن تي سڀ ڪنهن سال فقيرن جي ميلا لڳندا آهن. (اذڪار قلندري)

موجوده ديهه هن وقت عالم ڪوڪر وارن جو مقام آهي. روايت آهي ته مخدوم ڪاهو نالي درويش (جنهن جو مقبرو ٻڪيرن جي پرسان ڏاکڻي طرف مڪان ڄام پور ۾ آهي) جيڪو شيخ پرڪيو آچاري سمونڊ پير جو ابتدائي استاد آهي.

شيخ ڀانهون جنهن جو قبو شهر جي اتر پاسي چوٻندي مڪان جي قريب آهي. تنهن بابت بيان ڪندا آهن ته هن ننڍي هوندي ئي پاڻ کي ملتان شريف جي ست دفعا وڪڻايو جنهن ڪري سندس نالو مشهور شيخ ڀانهون ٿيو ملتان شريف کان سنڌ ملڪ ڏي وڃڻ جو حڪم مليس. جنهن تي شيخ صاحب ان جاءِ جي معلوميت لاءِ عرض ڪيو جنهن تي نشاني مليس ۽ جتي توکي مڇي جو ٻوڙ ۽ جوَن جي ماني ملي. اهيائي تنهنجي ۽ اسان جي اولاد جي جاءِ آهي. سفر ڪندو آيو اتي ٻڪيرن جي شهر ۾ کيس جوَن جي ماني ۽ مڇي جو ٻوڙ مليو جنهن ڪري اتي ويهي رهيو. چوندو هو ته منهنجا پير ملتان مبارڪ کان ايندا.

فقير رحيم ڏنو آريسر المعروف واهي فقير درويش

لاکو درويش مريد مجذوب ۽ درويش ڪريم ڏنو ۽ فقير امين مينهون يا ميان راجو خاناڻي وارا جو ڀريائين ظاهر جو عالم هو ۽ پوءِ باطن جو عالم ٿيو فقير موتيو جنهن جي قبر درگاهه شريف ۾ لکي دروازي وٽ آهي. هڪ ميمڻ مائي منادن مان پرڻجي آيل هئي. جا پنهنجي مڙس جي وفات کان بعد ٻڪيرن مان موٽي پنهنجي مائٽاڻي وطن ڏي وڃڻ لڳي ته ڪنهن درويش منع ڪيس ۽ بيت چيو.

ٿيندي باغ ٻڪيراڻي ميمڻ وڃ م رُسي.
هت روضا ٿيندا شاهه رڪن جا خلق ڪندي خوشي.

ايندءِ مائٽ مسي، پوندي مار منادن ڏي.

ڳالهہ ۾ بيت لکڻ مان مقصد تہ پيرن صاحبن جي اچڻ کان اڳ جي ڳالهہ آهي، سمجهون تہ جيترا بکيرا شريف شهر ۾ بکيرا پراڻا ۽ قديم قوم آهي تہ بکيرا شريف شهر ۾ ميمڻ قوم بہ قديم آهي.

شفيع محمد کان روايت آهي هڪ فقير شفيع محمد ذات مينهون رهندڙ راڄو خاناڻي، ايڪتاليهہ دفعا پنڌ ڪيائين، ملتان شريف جا ۽ حڪم مليس تہ قلندر قائم الدين وٽ تنهنجي امانت آهي ۽ بکيرا شريف آيو هڪ ڏينهن قلندر قائم الدين کيس چيو تہ شفيع اڄ توکي پڪو ڪبو ۽ فقيرن کي چئي کيس کوري ۾ وجهي باهہ ڏياريائين، تن باهن کان پوءِ جيڪي سرون فقير سان گڏ هيون، اهي بہ پچي ويون هيون، مگر فقيرن کي ڪو بہ دخل نہ هو ۽ کيس چيائون هاڻي شفيع مان شفيع محمد ٿيو ۽ کيس مريد ڪيائون، فقير جو مقبرو راڄو خاناڻي ۾ آهي، حڪم مطابق پاڻ بہ مريد ڪندو هو.

سندس اولاد بہ راڄو خاناڻي ۾ آهي ۽ مينهان سڏبا آهن، مون راقم خليفو ميان نور محمد عرف نور علي راڄو خاناڻي ۾ دواخانہ هلائيندو هو دوا وٺڻ ويو هو 1959ع جي ڳالهہ آهي، تڏهين ڪچا رستا هوندا هئا، الهجڙيو واڍو وٽ ٽڪياسين، جو اسان جي ڳوٺ وارن واڍن چاچو علي جو مائٽ هو، مونسان گڏ مبارڪ سومرو ڳوٺ عجائب سومرو چوهڙ جمالي جوءِ مولابخش منهنجي سوٽ حاجي قاضي محمد الرحيم جو پٽ هو.

جديد ڳوٺ ۾ قديمي نالو اوطاق حاجي عثمان جروار 1977ع جي اليڪشن بعد نالو ڦري ڳوٺ حاجي هاشم برفت ٿي ويو.

حاجي هاشم نيڪ انسان هو مسجد شريف آباد ڪرڻ لاءِ بہ زمين جي مالڪن چاچو حاجي عثمان ۽ سندس وڏي پٽ قاضي محمد رحيم کان اجازت وٺي گهرن ۽ دوڪان سان لڳ مسجد تعمير ڪئي، وڏن ۾ اشرافت هئي، ننڍن ۾ نہ آهي.

قديمي نالو اوطاق حاجي مير محمد جروار وٽ هاري ٿي وڏيرو محمد قاسم ۾ سندس پاءُ ڏٽين وٽ مزدوري ڪندي 1977ع جي اليڪشن بعد ڳوٺ فقير محمد برفت نالو پئجي ويو زمين جا مالڪ ڇتا هئا.

ڏٽين جي اوطاق جا نالا ويا هاٽي مٽين نالن سان ڳوٺ پيا سڏجن, آئي ٿانڊو ڪٽڻ تي پئي بورچاٽي، عجب پيو لڳي! هنن جا وڏا زبان جا پڪا سڏ سلوڪ آڏي رات ڏيندا هئا.

اڳيان هن ديهہ متعلق شجرا ڏسندا.

شجرو فوٽ نوٽ: مينهون دوئم پاڙو ميهاٽي جروار دوئم راقم جي ڏاڏي حاجي محمد خان جروار جو وڏو پاءُ هو, سڀ ئي 5 پاءُ هئا, حيدر خان ڪاتي مطابق جا پٽ هئا ۽ آخري پٽ عثمان ڪنوارو فوٽ ٿيو, 1897ع ۾ باقي هر هڪ جو اولاد آهي, الڳ الڳ پني تي فوٽ نوٽ شجرن جا ڏنل آهن, ياد رهي تہ اهي فوٽ نوٽ شجرن جا تمام اڳي جا لکيل آهن, هن لکڻ کان بعد بہ ڪيترن همراهن کي اولاد ٿيو آهي, ٻہ ٻہ شاديون ڪيون ۽ هڪ همراهہ پنهنجي گهرواري کان عليحدگي بہ ڪئي آهي, غير شرعي ڪم تہ نہ ڪيائين, البتہ معاشري مطابق سٺو قدم بہ نہ هو.

شجرو فوٽ نوٽ: نوٽ مينهون دوئم زير نظر همراهن ۾ برداشت تمام گهٽ بهانو ڪري گار ڏيئي ڳالهہ مان ڳالهڙو ڪرڻ وارا آهن, جيئن, ڪيئي ڪتاب ۾ رئيس ڪريم بخش نظاماڻي جاڙن نظاماڻين جي ڳالهہ لکي آهي, ائين هنن همراهن کي بہ زمين ملڪيت سان وڏي محبت ۽ سڪ آهي, ڪيئن بہ ڪري وڌائجي, پنهنجي رشتي ناتي کي بالائي طاق رکي ايڪڙ بہ وڌائڻو آهي, اڳلي کي هيسڻو بہ آهي, برابر ملڪيت زمين توڙي جائداد مون راقم محمد ياسين کي بہ پياري آهي, ليڪن جائز ناجائز کان الله پاڪ بچايو آهي ۽ بچائيندو. اسان جي خاندان ۾ بہ هڪ بہ گهر جاڙن جو آهي, جنهن مان هڪ هيءَ بہ آهي ۽ ٻين جي بہ نشاندهي پنهنجي پنهنجي جاءِ تي ڪئي اٿم, مطالع دوران خبر پوندي.

حاجي محمد پريل خان جروار ڏاڍو همت وارو ماڻهو هو جنهن بہ شاديون ڪيون, سندن ٻنهي شادين مان اولاد هو جن جا شجرا پيش ڪيا ويا آهن, راڄن ۾ سندس وڏي عزت هوندي هئي, وڏي ڇاڻ جو مالڪ هو

1950ع ۾ ڳوٺ الهه بخش جروار ۾ ديهه ٻڪيراڻي مان ٻي ڏي جو ميمبر هو. سندس ڪوشش سان پرائمري اسڪول کليو. ڳوٺ اميد علي بوزدار وٽ زنئور شاخ تي پل به سندس ڪوشش سان ٺهي، جڏهن ته چاڪر واهه مان پاڻي جي سهولت خاطر واٽر ڪورس ون اي آر به حاجي محمد پريل خان منظور ڪرايو. ٻڪيرا شريف کان ٽنڊوالهيار تائين روڊ تعمير ڪرايو. ان کان ڳوٺ الهه بخش تائين بجلي ۽ پڪو روڊ به سندس ڪوشش سان ٿيو.

سکر بئراج چاڪر واهه تي ڪانن جي ڦڙ موري انگريز سرڪار کان راقم جي ڏاڏي حاجي محمد خان وڏي جفاڪشي ڪري منظور ڪرائي ۽ پنهنجي خرچ تي ٺهرائي، جنهن کي 1933ع ۾ ٺاهيو ويو.

جروار بلوچ مري گزيني واري شاخ مان آهن. شجرن ۽ تاريخي ڪتابن جي ورقن ۾ سندن احوال ڏسي ۽ مطالعو ڪري سگهجن ٿا. مرين بلوچن جو مورث اعليٰ حاجي خان زئي مير رند جي 14 پيڙهي مان آهي ۽ سندن پشت مان جروار قبيلو هليو. محبوب ڪريم ﷺ جي امت مان ۽ خلفاءِ الراشدين جا حبدار ۽ پيروڪار آهن. سندن مريدي جو طعلق ديره غازي خان سخي سرور ۽ ملتان شريف جي گادي غوثيه فقهه حنفيه اهل سنت جماعت سان آهي، غوثي مريد آهن. جروار جيئن ته اڳاٽي زماني ۾ علم تمام گهٽ ماڻهن ۾ هو انهي سبب ڪري منهنجي فيملي ۽ خاندان، قبيلي ميهاڻي ۾ به تعليم ۽ وڏو علم ڪو نه هو ۽ راقم کان پهرين جي ڪا به تاريخ لکت ۾ موجود نه آهي، پشت به پشت ياداشت وڏن کان ورسي ۾ هلندي اچي ۽ روينيو رڪارڊ زمين جا کاتا جن مان جيڪي نالا يا احوال مليا ته قلمند ڪيا اٿم ۽ 1700ع تائين فيملي ۾ ڪو به احوال لکيل نه مليو آهي، باقي زباني ياداشت جا پڪا ماڻهو جن کان احوال وٺي لکيو اٿم. جن ۾ سندم والد محترم جناب حاجي محمد پريل خان جروار همٿايو. ڏاڏو حاجي محمد حسن خان جروار راڄن جو چڱو مڙس مامي جو سوٽ علي محمد عرف علڻ لاڙيچو جيڪو لوڪل شاعر ۽ وڏو سگهڙ ۽ گهمڻ ڦرڻ وارو مڙس سدا ملوڪ چاڻ وارو سندس لوڪل ماڻهن جي اٿ ويهه ڪم ڪار سورهيائي ۽ ڪارنامن تي مزاح جي شاعري جيڪا به هڪ تاريخ ۽ اهڃاڻ آهي، موقع سر لکبا. لکي پڙهي به سگهندو هو هنن احوالن کي تمام تصديق سان لکايو سئو سالن کان

مٿي ڄمار ۾ وفات ڪيائين ۽ آخر تائين مزوري ڪري وقت گذاريائين, حال احوال, ڳالهہ تصديق سان لڪائيندو هو. نانون مصري فقير بخشاڻي جروار جيڪو پڻ حافظي جو انتهائي نيڪ ٺاڪ ايمان جو پختو پراڻي ڪان پڇڻ وارو ۽ تندرست سالم دماغ سان هن ڪم ۾ مون راقم محمد ياسين جروار جي مدد ڪئي ۽ احوال لکايو. صوم وصلوات جو پابند هرويرو وڏاءُ ڪونہ ڪندو هو ڳالهہ چٽي ۽ صاف بيان ڪندو هو سندس اميد تہ پوين کي وڏي مدد ملي.

سو احوال پئي هليو تہ ڪا خاص تعليم نہ هيس ۽ اسلام جا پابند هئا, روزا نمازون, حج زڪوات ۽ ٻين اسلامي عقيدن احڪامن جي ضروري ڄاڻ رکندڙ رهيا آهن ۽ شريعت جا پابند اصول جا پڪا, زبان ۽ واعدي جا نڀائيندڙ مڙس ماڻهو هئا.

هينئر اسان 21 هين صدي ۾ پيا رهون, پنجئي آڱريون برابر نہ آهن, الله پاڪ جهان خلقو آهي ۽ هلائي پيو انساني سمجهہ کان هينئر ڳالهہ مٿي آهي, رب پاڪ ايمان بخشي ۽ برداشت جو مادو ڏي, دنيا تيز کان تيز ٿيندي وڃي, الاجي ڪٿي اهي ڊوڙ دنگ ڪندي, مورث اعليٰ پاڙو ميناهاڻي جروار مري گزيني واري شاخ جو مينهون خان اول اصل رهندڙ ديهہ گل ڪلهوڙو تعلقہ ميروخان ضلع لاڙڪاڻہ سنڌ جو رهندڙ هو اهيو ڪلهوڙا اوائل دور هو. ڳوٺ پانڌي خان جروار ۾ اولاد بہ شادي شده هئس, سندس اولاد پشت بہ پشت اتي رهندو اچي ۽ سندن وڏو ڳوٺ آهي, اتي سندس گهر واري گذاري ويئي, اميد تہ سندن احوال موقع سر لکبو. سندن ڳوٺ پانڌي خان جروار ديهہ گل ڪلهوڙو تعلقہ ميرو خان ضلع لاڙڪاڻي ۾ هن وقت مشهور ماڻهو محمد پناهہ خان جروار آهي.

جيئن تہ جروار مري بلوچ پهرين مغلن ڪلهوڙن, ٽالپرن جي دور ۾ اندرون سنڌ نقل مڪاني ڪندا پئي رهيا, ذريعي معاش ۽ وقت جي حڪومتن جي دور ۾, ڪافي پاڙا جروارن جا بہ اندرون سنڌ ڳوٺ ٻڌي ۽ ڪي خانہ بدوش زندگي گذاري رهيا هئا, انهن پاڙن مان هڪ پاڙو باگاڻي جروار بہ پراڻي ناگنا واهہ تي بہ ڳوٺ ڪري وينو جيڪو اڄ ڳوٺ بيگن جروار تپو ۽ ديهہ ڏالو ۾ موجود آهي, ٽنڊوالهيار کان 13 ڪلوميٽر تي

ميرواهہ ويندڙ روڊ ۽ موجوده ناگنا شاخ جي ڪپي هٺ تي آهي، سندن بيان موقع سر ڪبو.

باگو خان جروار مينهون خان جروار جو سڳ ۾ مامون ٿيندو هو ۽ ڪيس بہ اولاد هو باگي خان جروار ڪي نياڻي هئي، جيڪا لائق ٿيڻ تي اتي ويٺل رند سڱ گهريو جيئن تہ اڳي متي مائٽي سوچي ويچاري ڪبي هئي، باگو خان جروار لاڙڪاڻہ وجي پنهنجي ڀاڻيجي مينهون خان اول کي وٺي آيو ۽ پنهنجي نياڻي جو نڪاح ڪري مينهون اول کي پراڻي ڪيسانہ واهہ جي ڪپ تي اتر پاسي ڪاٻي پاسي ڳوٺ اميد علي بوزدار جي سامهون هاٽوڪي ديهہ بڪيراڻي تپو ڪوڪر تعلقو ٽنڊوالهيار ۾ رهڻ لڳو اتي اڳي ٻيا پاڙا جروارن جا بہ آباد هئا، جن ۾ خاناڻي جروار، موساڻي جروار بہ هئا ۽ مينهون خان اول پڻ اتي اچي رهيو. ڪلهوڙا دور حڪومت ٻڌائين ٿا تہ اتي مينهون خان کي اولاد بہ ٿيو پنهنجي همٿ سان پنهنجي اولاد جي رزق روزي سلسلي ۾ زراعت ۽ مال مويشي سان دل لائي محنت مزدوري ڪندو هو ۽ پاڻي جي سٺي سيهي سان ڪڏهين هڪ جاءِ تہ ڪڏهين ٻي جاءِ تي نقل مڪاني پڻ ڪندو رهيو.

ليڪن اتي ديهہ بڪيراڻي جي مختلف ڪڙين تي ٻني جي پوک ڪندو آيو جن ۾ پير بقادار شاهہ جو ڪڙيو ۽ ڪڙيو لندو بولرام تي ۽ پڊ بہ بدلبا رهيا، ديهہ بڪيراڻي بلاڪ 30، بلاڪ 31 ۽ بلاڪ 203 ۾ ڪڏهن ڪٿي تہ ڪڏهن ڪٿي، ڪيس بہ پٽ وسائو خان (وسايو) ۽ چتو خان نالي ٿيا، جوان ٿيا تہ سندن شاديون بہ پنهنجي جروارن مان ڪرايائين ۽ انهن کي بہ اولاد ٿيو سندن فوٽ نوٽ شجرا بہ موجوده ڪتاب ۾ مناسب جڳهہ تي درج آهن.

آدم شماري وڌي روز روز جي لڏپلاڻ بہ ڏکي ٿي ٻني پوکي هڪ طرف تہ ٻار ٻچا ٻي طرف. پوءِ سندن پيري مريدي جو سلسلو ملتان شريف جي غوثيا گادي سان وابستہ هو جن جو اولاد ديهہ بڪيراڻي جي ڳوٺ بڪيرا شريف ۾ هو ان وقت جي 1200 هہ بزرگ سجاد مرشد پير امام بخش شاهہ پالڪي وارو آف بڪيرا شريف ڏولي وارو سائين کي پڊ لاءِ يعني ڳوٺ ٻڌڻ لاءِ عرض ڪيائون، سائين جن الله پاڪ کان دعا گهري ۽

موجوده پڻ ڳوٺ الله بخش جروار جي نالي آباد آهي، ديهه ٻڪيراڻي سروي بلاڪ 265 ۾ جيڪو الله پاڪ جي مهرباني ۽ بزرگن جي دعائن سان ڳوٺ الله بخش جروار ديهه ٻڪيراڻي تپو ڪوڪر تعلقو ٽنڊوالهيار ضلع حيدرآباد سروي بلاڪ نمبر 265 ۾ وڏو ڳوٺ ٿي ويو آهي، الله پاڪ ڪيس آباد رکي، آمين، سندن اولاد پشت درپشت آباد آهن ۽ سٺي زميندار اٿن. آخر سڀ ڪنهن کي هيءَ جهان ڇڏڻو آهي، پاڻ مينهون خان اول به هن جهان مان لاڏاڻو ڪيو. سندس عمر ڪو سئو کن سالن جي لڳ ڀڳ ٻڌائين ٿا. ڪيس قبرستان شاهه عنايت گهوٽ واقع موجوده ديهه ٻڪيراڻي سروي بلاڪ 262 ۾ مدفون ڪيائون، جو اڳي به اتي جروارن جون قبرون هيون، پڪين سرن جون ٺهيل هيون، هاڻي اهي به ڊهي چڪيون آهن، قبرستان جو احوال به جيڪو ملي سگهيو آهي، هن ڪتاب ۾ مناسب جاءِ تي لکندس.

وسائو (وسايو خان) مينهون خان اول جو وڏو پٽ هو ۽ ڪيس به اولاد ٿيو جن جو احوال پڻ موقع سان ڪبو انشاءَ الله

وسائو (وسايو خان) ان لاءِ به ڪو خاص تاريخي احوال نه ملي سگهيو جيڪو درج ڪري سگهجي، البت اهيا روايت ملي ٿي ته وسائو سخي مڙس هو مسافرن کي ماني پاڻي ۽ خدمت ڪندو هو ۽ پنهنجي اولاد جي گذر مال رزق ۾ مصروف رهيو ۽ ٽالپر دور ۾ وفات ڪيائين، سندن پيءُ واري قبرستان شاهه عنايت گهوٽ ۾ مدفون ٿيو. ڪيس نياڻيون به ٿيون ۽ ٽي پٽ به ٿيا. جن جا اولاد آهن، پٽن جا نالا حيدر خان، غلام محمد، الهه بخش جنهن جي نالي سان ڳوٺ الهه بخش جروار آهي، مينهون خان اول جو ٻيو نمبر پٽ چتو هو، سندن به ڪو تاريخي احوال نه ملي سگهيو آهي، البت صوم صلوات جو پابند هو دين ڌانهن سندس لاڙو وڌيڪ رهيو. ڪيس به اولاد ٿيو نياڻيون ۽ به پٽ به اٿس، هڪ حاجي خان ۽ ٻيو ڪرڙ خان. ٻنهي ڀائرن حاجي ۽ ڪرڙ جو به اولاد آهي.

قبرستان مقام سيد شاهه عنايت: جيئن اسان جروار ميهاڻي بلوچ جروار رانجهاڻي ۽ صاحب خان جروار وارا توڙي ٻيا اوسي پاسي ۾ رهندڙ خانه بدوش قومون، قوميت ٿئي ته قبرستان بنام مقام شاهه عنايت ۾ جيڪو تپو ڪوڪر جي ديهه ٻڪيراڻي سروي بلاڪ نمبر 262 ۾ دفن ڪندا آهيون.

قبرستان جي قديم هئڻ ۾ ڪو شڪ نہ آهي، برابر قديم آهي، ديهہ بڪيراڻي نقشي ۾ بہ ڪٽيل آهي، ڏسي سگهجي ٿو باقي پراڻہ آثار جيڪي مون نوٽ ڪيا، انهن ۾ ڪجهہ پڪين سرن جون قبرون هيون، وڏا ٻڌائيندا هئا تہ اهي خاناڻي جروار جيڪي پڻ مري گزيني شاخ مان هئا، انهن جون آهن، مون چڱي طرح ڏٺيون هيون، اڄ کان 40 سال کن پهرين هاڻي باقي نہ رهيون آهن، انهن جون سرون پڪيون سنهيون ڪارب جون جيڪي هاڻي نہ آهن ۽ ٿهن بہ ڪونہ جايون، لِئي جا وڏا وڻ، ڪنڊي جا وڏا وڻ آهن، جن کي ڏسڻ سان قبرستان جي عمر جو اندازو ٿئي ٿو تہ قديم آهي، قبرستان سان لڳ اوڀر طرف راقم جي مائيٽاڻي زرعي زمين آهي، ديهہ بڪيراڻي جي بلاڪ نمبر 263 ۾ مقام جو اپرندو پاسو هڪ وڏو بند مٽي جو آهي، وڏا ڳالهہ ٿا ڪن تہ پير بقادار شاهہ بڪيرن واري جو ڪڙيو آهي، جيڪو پراڻہ ڪيسانہ واهہ مان نڪرندو هو اهيو بند پراڻہ زمانہ ۾ ڪاٽين جي ڪري ٽيو هو سندم والد حاجي محمد پريل خان جروار 1961ع ۾ هڪ بلڊوزر ٽريڪٽر ٽنبو ڄام ايگريڪلچر مان ڪرائي تي آندو هو جنهن ٽريڪٽر جو نالو ڪاٽرپلٽر ڊي ايٽ هو ورڪ دوران ڀڳل مٽ، ماٽين، دانگين ۽ دلن جا ڪنا الاهي تعداد ۾ پراڻن ٺانون جا ٽڪرا مٽي سان گڏ هيڏانهن هوڏانهن ڏڪجي مٽي ۾ گڏجي ويا، جيئن تہ ان وقت اسان جي جوءِ ۾ پهريون بلڊوزر ٽريڪٽر ڪم تي آيو هو ان کي ڏسڻ لاءِ پڻ تر جا گهڻا ماڻهو ايندا هئا ۽ ڳالهيون ڪندا هئا تہ خبر پئي تہ هتي اڳي بہ جروار ۽ ٻيون قومون وينل هيون.

هڪ ٻي روايت بہ وڏن ۾ مشهور آهي تہ هيءَ ستين جو مقام آهي، سيد عنايت شاهہ گهوٽ سندن والد صاحب پڻ اتي اڳي ڳوٺ ۽ پراڻين پڊن ۾ سندن حويليون پڻ هيون، سيد عنايت شاهہ گهوٽ کي ڀيٽيون هيون ۽ جڏهن سيد عنايت گهوٽ رحلت ڪئي تہ سندن ڀيٽيون اڪيليون خاندان مان وڃي رهيون، جن جو ڪو بہ خاندان باقي نہ هو پوءِ سيني ڀينرن پاڪ دامن الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ دعا جا هٿ کنيا، دعا اگهامي ۽ موجوده مقام ۾ حويلين جي جاءِ تي زمين ڦاٽي پئي، پاڪ دامن ٻيبيون اندر زمين ۾ ويون هليون، زمين هڪ ٿي وئي، موجوده قبرستان ستين جو مقام بہ سڏجڻ لڳو تہ

هي ستين جو مقام آهي، خبر جيئن تہ پاڪدامن جو نالو ونڻ تبرڪن سنو نٿو لڳي، ان ڪري سندن پاءُ سيد عنايت گهوٽ جو مقام سڏجي ٿو.

چٽو خان: چٽو خان بہ پنهنجي زندگي گذاري 90 ڪن سالن جي عمر ۾ وفات ڪيائين ۽ آباڻي قبرستان واقع شاهہ عنايت ديهہ بڪيراڻي ۾ مدفون ٿيو پنيان سندن اولاد آهي.

حاجي خان: حاجي خان کي بہ اولاد ٿيو نياڻيون ۽ پٽ چار ٿيا، سندن نالا حاجي چٽو خان محمد، جمع ۽ دوست محمد، حاجي خان هڪ نياڻي ميان جي کي ڏني، مشهور حاجي پروز ملون جنهن تان پائرن ۽ سوٽن ۾ اختلاف ٿيو پائرن سوٽن جي ناراضگي ٿي پئي، حاجي خان لڏي وڃي ڳوٺ صاحب خان جروار ديهہ سهٽا بڪيرا ۾ رهائش اختيار ڪئي ۽ سندس اولاد پشت درپشت اتي موجوده پڊ ڳوٺ صاحب خان جروار بلاڪ 52 ديهہ سهٽا بڪيرا تپو ڪوڪر تعلقو ٽنڊوالهيار ۾ رهندا اچن. سندن جيڪو احوال مليو آهي، اهو موقعي سر ڪبو سندن سلسلي مان جمع بہ مشهور آهي ۽ علي محمد ”علڻ“ لاڙيچو مزاحيہ شاعر جنهن جي شاعري وقت جي ماڻهن جي گڻن اوگڻن جي تاريخ آهي، ڏاڍو مڙس ۽ ڪچهري جو خان مشهور آهي، جنهن هن سڄي سلسلي کي سهيڙڻ ۾ راقم جي وڏي رهنمائي ڪئي، سندن همٿ افزائي سان هي ڪجهہ پراڻيون يادون هنن پنن ۾ درج ڪيون اٿم، ڪافي مزاحيہ بيت بہ لکيائين، جيڪي اميد تہ هن ڪتاب ۾ درج ڪندس.

ڪرڙ خان چٽو جو ٻيو نمبر پٽ هو، سندس شادي بہ پنهن جن مان ٿي، کيس بہ بہ پٽ ٿيا، سندن نالا گلڻ ۽ جمع، جمعون لاولاد گذاري ويو ۽ پنهنجي آباڻي قبرستان شاهہ عنايت ۾ مدفون ٿو. ڏاڍو مڙس دليري ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو پري کان اڪيلو چوري ڪري ايندو هو جو ڪنهن کي خبر بہ نہ پوي ۽ راج تر ۾ ڪڏهين بہ نہ ڦتاياٿين، سڀ سندس خيرخواه هئا، حيدر خان جي پوٽي حاجاڻي رضيہ بيگم حاجي محمد جي نياڻي سندس نڪاح ۾ هئي، پاڻ لاولاد گذاري ويو سندس وفات کان پوءِ راقم جي ڦڦي حاجاڻي رضيہ بيگم کي ٻيو حق نالي عبدالرحمان جروار ڳوٺ علي بخش جروار ۾ پرڻائي ڏنائون، چٽو خان جو پٽ گلڻ ۽ ان جي اولاد آهي، ڳوٺ الهہ بخش جروار ديهہ بڪيراڻي تپو ڪوڪر ۾ آباڻي ڳوٺ ۾ آهن.

ڪرڙ خان جي گهرواري وفات ڪري ويئي ۽ ڪيس ٻئي شادي جو خيال ٿيس، سندس عمر شادي جهڙي هئي ۽ پهرين شادي مان اولاد ٻه جوان هو ٻي شادي نه ڪرايائونس، اهيو انگريز حڪومت جو وقت هو جنهن تان سندس مائٽن ڪيس مار به ڏني، جنهن تان ڪاوڙجي ڪرڙ خان پنهنجي گهر جي جڳهه 28 روپين ۾ وڪڻي ۽ ڪاوڙجي اولاد گڏ نه ويس، پاڻ ڪوچ ڪري اصل پنهنجي ڏاڏاڻي ڳوٺ پانڌي خان جرورا ميرو خان لاڙڪاڻي وڃي مائٽن ۾ رهيو جيڪي سندس چوٿين پيڙهي رت عزيز هئا، 15 کن سال اتي رهي، عمر پوري ڪيائين، وفات ڪيائين ۽ اتي ئي مائيٽاڻي مقام ۾ مدفون ڪيائون، جيڪو ڳوٺ پانڌي خان جروار وارن جو مقام آهي، چاچو حاجي اسماعيل، مامون علڻ ۽ سندس اولاد چاچو حاجي سليمان، سندس پٽ حاجي غلام رسول عرف حاجي الهبچايو وارن وٽ اسان اج تائين ٻارين ٻچين ڏاڏاڻن ويندا آهيون، ڳوٺ پانڌي خان جروار ۽ هو به ٻارين ٻچين خوشي غمي ۾ ايندا آهن.

حيدر خان جروار جيڪو ٽي پيڙهي مينهون خان اول جو پوٽو هو ۽ ڪيس به ڪافي اولاد ٿيو. ٿورو زمين جو ٽڪرو هئس، انهي زمين ۽ مال مويشي تي گذاران هئس، سندس اولاد 6 پٽ ٿيس، مينهون خان دوئم، حاجي محمد خان (منهنجو ڏاڏو)، حاجي احمد، محمد عمر، عثمان (جيڪو ڪنوارو فوت ٿي ويو) ۽ صالح جيڪو ننڍپڻ ۾ فوت ٿيو ننڍن ٻن کي ڇڏي باقي حيدر خان جي سيني پٽن کي اولاد آهي، احوال سيني جا ڏنا ويا آهن. مڪمل فوت نوٽ ڏسڻ سان پوري ڄاڻ ملندي، غلام محمد عرف گامن ۽ الهه بخش پڻ حيدر خان جا پاءُ ۽ مينهون خان اول جا پوٽا هئا، غلام محمد (گامن) کي نياٽيون ٿيون ۽ الهه بخش کي اولاد آهي، سندن بيان موقع سر ڏبا، حاجي حيدر خان ٽالپرن جي دور حڪومت ۾ وفات ڪئي، آباڻي قبرستان شاهه عنايت ۾ مدفون ٿيو سندس نياٽيون به هيون.

مينهون خان دوئم جون ٻه شاديون ڪيل هيون هڪ سڳي سوٽ غلام محمد (گامن) جي نياٽي سان، ان مان ڪيس هڪ پهريون پٽ نالي اڪ، اڪو هاڻي اڪبر ٿيو ۽ ٻيون نياٽيون ٿيون، ٻي شادي ڳوٺ داد خان جروار ديهه ٻوچڙ ٽپو ڪوڪر تعلقو ٽنڊوالهيار عزيزن جن جو پاڙو ياراڻي جروار

سڏجي ٿو پيارو خان ياراڻي جي ڏيءُ سان شادي ڪيائين. جنهن مان هڪ نياڻي ٿي، (جيڪا منهنجي وڏي چاچي ۽ سس به ٿئي)، 5 پٽ ٿيا. حاجي حيدر، حاجي علي بخش، حاجي مير محمد. غلام محمد (ڳامن)، حاجي امام بخش آهن.

غلام محمد ٻاجهر جي هلر ڳاهي رهيو هو ته ڍڳا وچڙي پيا. ڍڳن جو وچڙ ڪڍي رهيو هو ته کيس ڍڳي ٽڪر هنئي، جيڪا کيس انتهائي زور دار لڳي، ان ڍڳي جي ٽڪر سبب سندس موت ٿي ويو. کيس اباڻي قبرستان شاهه عنايت گهوٽ ۾ دفن ڪيو ويو اهو دور انگريزن جو ٻڏايو وڃي ٿو.

الهه بخش پڳدار جيئن ته مينهاڻين جي مورث اعليٰ مينهون جو پوٽو ۽ وسائي (وسايو خان) جو پٽ هو. ننڍپڻ ۾ ڪلٽون ملٽون ۽ هوشيار مڙس هو همٿ ڀريو جيئن ته هاڻي اولاد جو سلسلو به وڌي ويو ۽ راڄن ڀاڳن سان به اٿي ويٺي سڌ سلوڪ ڪي به منهن ڏيڻ لاءِ پڻ ساڻس صلاح مصلحت ڪائنس راءِ ورتي ويندي هئي، نهايت ئي ملڻسار هو ۽ اکر به پڙهيل هو قرآن شريف، نور نامون، شاهه جو رسالو جيڪي سندن پوين وٽ هئا. جي مون به زبون حالت ۾ ڏٺا. تفسير قرآن پاڪ جو شايد 29 سيپاري جو ابو الحسن جي سنڌي لکيل هو. اڳيان پويان ورق شهيد ٿي ويا هئا. نالا تاريخون نه ملي سگهيا. جو هتي لکي ڇڏجن ها.

شايد پاڻ به لکي ڪونه ڄاڻندو هو. جو ڪجهه لکي ڇڏي ها ته شايد فارسي ڄاڻ نه هئس، سنڌي ۾ به ڪٿي ڪجهه به لکيل نه مليو. سندس هڪ ڀيڻ باگاڻين جروارن ۾ ڳوٺ بيگن جروار ۾ پرڻيل هئي، سندس بيان پڻ موقعي جي مناسبت سان آهي، وسائي جي نياڻي باگاڻين ۾ پرڻيل هئي، باگاڻي مينهاڻين جا ناناڻا هئا ۽ ويجها عزيز پڻ هئا. کيس اتي هڪ پٽ به ڄائو هو. ننڍڙو هو ته ان کي ماءُ گڏ ڪٽي ڦٽين جي چوندڻ تي ٻين ماين سان گڏجي ويئي، ماءُ ٻار کي ٿڃ ڏيئي ڪپڙي جي لوڏ وڻ ۾ ٻڌي ۽ ٻار ننڍڙي کي ان ۾ سمهاري پاڻ ماين سان گڏ ڦٽيون چوندڻ لڳي، ڦٽين جا ڪامبا لاهڻ لاءِ مايون آيون ته ننڍڙو ٻار لوڏ ۾ ڪونه هو. گهڻي ڳولڻ کان صرف جي ڪپڙا ۽ ڪجهه هڏا مليا. جن کي ڪنهن جانور کائي ڇڏيو هو. باگاڻين جروارن کان ڪويه ماڻهو اطلاع لاءِ ڪونه آيو. اتي ترسيل هڪ فقير مڱڻهار اچي ميهاڻي

جروارن ڪي ٻڌايو ۽ هتان بہ همراهہ گهوڙن تي وجي مقام تان ٿي واپس آيا ۽ جلدي پوءِ اها مائي بہ وفات ڪري وئي، اهيو ٽالپرن جو آخري دور پراڻي پاڻي جي واري جي ڳالهہ آهي، وري بہ مڱڻهار فقير مائي فوت ٿيڻ جو اطلاع ڏنو ۽ هتان همراهہ گهوڙن تي ويا، قبرستان تان شريڪ ٿي واپس آيا، پوءِ اهيو مائٽي جو سلسلو ڪاوڙ سبب منقطع ٿي ويو جيڪو پوءِ ڪافي زماني سالن تائين ٽٽل رهيو اڄ وچ مائٽي سڱ ڪرڻ جي گهڻو وقت رڪجي ويئي، آدم شماري ڀنهين طرفن الله سائين وڌائي آهي.

الهہ بخش پڳدار وسائو (وسايو خان) جو ٽيون نمبر پٽ هو. وڏو حيدر خان ۽ غلام محمد هئا، ليڪن پيءُ جي وفات جي پڳ الهہ بخش پاتي، جو هِن ۾ پڳ سنڀالڻ جي اهليت هئي ۽ اتان اسان مينهاڻين تي پهاڪو ٿهيو تہ مينهاڻين جي پڳ پوچڙ ڪان ٿي هلي، جيڪو ڪافي مشهور ڳالهہ برادري ۾ آهي.

گهڻو ڪري مون راقم ۽ مشاهدو ڪيو آهي تہ برابر ائين پڳ ننڍي پٽ کي ٻڌايو ڇڏن.

الله پاڪ جل شانہ جي مهرباني آهي مون راقم سان ائين نہ ٿيو جڏهين سندم والد جناب حاجي محمد پريل خان جروار 6 جنوري 1992ع تي وفات ڪئي تہ بابا سائين جي پڳ مون کي ٻڌرائي وئي، جنهن ۾ شهداد ڪوٽ، رتو ديرو، ميرو خان، خانواهہ، سانول، ميون عثمان جا قبا ڇچ جهان خان ڪان مرشد سائين اميد علي شاهہ، لوڪل ٽنڊوالهيار جي ست راڄي جروارن ۽ ٻيا دوست احباب گڏ ٿيا هئا، جتي مون کي پڳ ٻڌائي وئي.

جيئن تہ الهہ بخش جروار انتهائي خوبين جو مالڪ هو، سندس عزت بہ راڄن ۾ گهڻي هئي، ٿورو پڙهيل پڻ هو ۽ اهيو زمانو ميرن جي حڪومت ڪان پوءِ جو ٿو پائنجي يا آخر جو.

سندس ٻني پڻ پير بقادر شاهہ جي ڪڙيئي جي پوچڙ وٽ موجوده ديهہ بڪيراڻي بلاڪ 203 ۾ هئي، اتي هڪ ننڍي اوطاق پڻ هئي ۽ هن مڙس جو راڄن ۾ پڻ وقار هو.

جيئن ان زماني ۾ ٻارَهو ئي پاڻي پراڻن واهن ۾ ڪو نہ هو ماڻهن جي پيئڻ ۽ مال مويشي لاءِ پڻ پاڻي جي ضرورت هئي، ننڍا ڳوٺ ٿوڙي آدم

شماري وصائل گهٽ ۽ غربت بہ ايتري جو ڪڏهين نہ ڪرڙ جي پسي ۽ ڪرڙ جي ڏونرن تي پڻ گذر ڪرڻو ٿي پيو غربت تمام الاهي هوندي هئي، راڄن جا راڄ پاڻي لاءِ بہ تنگ هوندا هئا. ان زماني ۾ کوهہ کوٽائي نهرائڻ بہ سڀ ڪنهن جي وس جي ڳالهہ نہ هئي. پوءِ پاڻي جي سنگين مسئلي کي منهن ڏيڻ لاءِ هن يعني الهہ بخش جروار پاڻي خاطر هڪ پڪو کوهہ موجود ڳوٺ جي الهندي پاسي گهرن کان جريب پري واڪي زمين نار ۽ پڪي اوڙي سان کوهہ تيار ڪرايو. بس پوءِ تہ رنگ لڳي ويا. غريب غربو مسافر. واٽهڙو پنهنجو سڄو راڄ بلڪہ تر جا ڪيترائي ڳوٺن جا ماڻهو مال مويشي کي پاڻي اتي اچي پيئاريندا هئا. وڏن وڏن جي چانوَ لڳي پئي هوندي هئي، ائين هنڏين ماڳين سندن نيڪي بہ ٿي ۽ ڳالهہ ٿي، تئين الله سائين بہ مٿن رزق جا در ڪشادا ڪيا. کوهہ جي ڪم مان فارغ ٿيندئي کوهہ کان ڏکڻ طرف پراڻي مسجد کروٺ سيدن واري جاءِ تي جيڪا تمام ننڍي مسجد ويران هئي، ان کي مرمت ڪري آباد ڪيائين. ڪچي مسجد ننڍي هئي ۽ پابندي سان بانگ ۽ نماز شروع ٿي، مسجد ٻيو دفعو تعمير جي ضرورت ٿي، ساڳي جاءِ تي راقم جي ڏاڏي حاجي محمد خان ننڍي مسجد کي شهيد ڪرائي ۽ ڪجهہ وڏي مسجد ڪچي اوڏن جون پٽيون ڏياري اندارن ۽ ٻاهران اچي چن جو نيرو جا پلستر پٽين چٽ سالي اندران جن ۾ ميوي دار وڻ ۽ وليون نقش ڪرايون ۽ چِٽ لاءِ بہ پنهنجي اوچي قسم جي چٽ سالي سان ڪام ۽ داستن جي مٿان پٽيون بہ نم جي ڪاٺ جو هو جنهن لاءِ منهنجي ڏاڏي حاجي محمد خان لاءِ مشهور آهي تہ پاڻ مسجد جو ڪم ڪرائي رهيو هو تہ ان وقت ڳوٺ صاحب خان جروار جي هڪ ٻيوه مينگهواڙي مائي پوڙهي چيو تہ حاجي بابا الله سائين جو گهر نهرائين ٿو مون رن زال جو گهر ڪريل آهي، اهو بہ مون کي نهرائي ڏي، ڏاڏي سائين مسجد جو ڪم بند ڪري ساڳين واڍن ۽ رازن کان پنهنجي ٻني مان ڪاٺ وڍائي ۽ ٻيوه جو گهر بہ نهرايائين، مسجد جو ڪم بہ تمام اچو ڪرايائين. پوءِ مسجد شريف کي منهنجي پيءُ حاجي محمد پريل خان جروار 1950ع ۾ شهيد ڪرائي ۽ پڪين سرن سان گپ جي اوساري ۽ پلستر اندارن ٻاهران نيرو اڇو چن جو استعمال ڪرائي

ڇت ڳاڊرن ٽيئرن سان فرش ٽائلس سان تعمير ڪرايو. جيڪا منهنجي ڄمڻ ڪان اڳ جي ڳالهه آهي.

مسجد وڏي ۾ عاليشان ڪشادا در دروازا هڪ وڏي مسجد جنهن کي ٽي در چار دريون ۽ ڪٻٽ قرآن شريف رکڻ لاءِ، اڳيان ٽن ونگن جي دروازن ۾ ٻن درين سان پڪو ويرانڊو سميت سان ٽائلس جو فرش سان، جنهن ڪم لاءِ ملتاني رازا ايندا هئا.

رازي جو نالو لال دين هو جنهن مسجد شريف جو سڄو ڪم ڪيو. جيڪو اڄ ۽ ملتاني ڪاريگري جو شاهڪار آهي، اميد ته مسجد شريف جو فوٽ نوٽ ۾ ڪٿي ڏيندس، ڏسڻ وٽان آهي حاجي محمد پريل خان جروار دل کولي خرچ ڪيو ۽ رازي لال دين ملتاني پنهنجون فني صلاحيتون خدا جي گهر لاءِ ڪتب آنديون ۽ ڳوٺ وارن مزوري ڪرڻ ۾ ڪونه گهٽايو جنهن کي ڏسڻ سان داد ڏيڻ ڪان رهي ڪونه سگهبو. لال دين ملتاني ڪچو سيڊو وٺي پنهنجي ماني پاڻ تيار ڪري کائيندو هو. باقي ڪم وارن سڀني جي ماني گهران نهندي هئي، موجوده لوهي چونڪ در درين جا اهي حاجي مير محمد، نبي بخش جي پيءُ 1965ع ۾ لڳايا. ڇو جو ڀهريون ڪاٺ اڏوهي کائي ضايع ڪري ڇڏيو هو ۽ دروازا هڪ اتر طرف وارو ٻيو ڏکڻ طرف وارو جو اڏ بند ڪرائي لوهي چونڪن سان دريون لڳائي ڇڏيون. مرحوم چاچا عثمان واڍو ۾ سندس پٽ حاميد واڍو ڪم ڪيو هو. اميد ته سندن احوال ڳوٺ صاحب خان جروار ۾ ايندو. باقي هڪ در وچ وارو لوهي چونڪ سان ٻہر جا مضبوط تختن سان لڳائي ڇڏيو جو اڃا تائين لڳل آهي.

باقي مين دروازو ٻن مينارن وارو ۾ مسجد شريف ساڳئي شان سان موجود آهي، پنج وقتي ٻانگ نماز باجماعت ٿئي. جمع ڏينهن وڏي جماعت ٿيندي آهي ۽ علاوه ٻنهي عيدين جي نماز جماعت تمام وڏي ٿيندي آهي، اندازن سڄي مسجد ڦل ڀرجيو وڃي، جماعت سان عيد الفطر. عيد الضحيٰ ملون يا ٻيو ڪو حافظ مقرر نه آهي.

پنهنجي ئي نسب جروارن مان وقت سر مسجد سنڀاليندا اچون، مسجد شريف جي ديک ڀال صفائي پنج وقت ٻانگ امامت منهنجو چاچو حاجي عثمان حوالي آهي، ڪڏهين غير حاضري ۾ ادا يوسف يا قاضي محمد

رحيم اهيو ڪم ڪن، جروارن جڏهن ڪان مسجد شريف سنڀالي تفصيل وار نالا درج ڪجن ٿا، ڀهريون الهه بخش پڳدار، حاجي محمد خان، حاجي اسماعيل، حاجي سليمان، حاجي عثمان، ڀائو محمد يوسف جيڪو بعد ۾ اکين ڪان نابين ٿي ويو سياري جو پاڻي گرم ڪرڻ لاءِ مٽ هيٺيان باهه جو انتظام حاجي گامن ڪندو آهي، جنهن جي پڻ اکين جي بينائي خراب ٿي پئي آهي.

حاجي عثمان راقم جو وڇٽ چاچو مسجد جو ڪم سندس حوالي آهي، قرئت سٺي ڪندو آهي، حافظ نه آهي، پر قرآن شريف الاهي ياد آهي، سندس ڊيوٽي پنجئي وقت آذان نماز جي امامت آهي، سندس غير حاضري ۾ پوءِ اسان مان جيڪو به آهي نماز پڙهائي ٿو.

چاچا حاجي عثمان تراويح نماز به پاڻ پڙهائيندو آهي، 30 کن سالن ڪان ذميواري نڀائيندو پيو اچي، اسلام سان وڏي محبت هئس، جواني ۾ سائين لکي محمد شاهه بخاري بڪيرا شريف، سائين ميرل شاهه بخاري بڪيرا شريف، اسماعيل شاهه عرف عطر شاهه بخاري جي حويلين جي سائين ڪي جيجا حاجاڻي نور ڪي بيل گاڏي ۾ پوش ٻڌي ۽ ڳوٺ وٺي ايندو هو ۽ سندس واپسي به پردي داري ۾ ڪري ايندو هو اٺ به لڏيندو هو جو ڏاڏا سائين ڪان اسان وٽ مال ڊڳيون، ڊڳا، اٺ هئا، هاري به جا مڙد مڙس هو. ليڪن آخري حصو عمر جو مسجد شريف جي خدمت ڪيائين، چندا گڏ ڪري مصري شاهه جامع مسجد ٽيون نمبر بلاڪ مکي باغ حيدرآباد ڏيئي ايندو هو، چوهڙ جمالي ۾ ڳوٺ عجائب سومرو ضلع ٺٽي ۾ مسجد شريف جي تعمير لاءِ پڻ چندو گڏ ڪري پهچائي آيو.

ڳوٺ الهه بخش جروار ۾ چاچي حاجي عثمان ديني مدرسي جي شروعات ڪئي، بنياد رکيو سندس وفات بعد قاضي محمد رحيم مدرسو نهرائي خطابين جو سک ٿيو قرآن شريف پڙهڻ لاءِ قاضي محمد رحيم چاچي حاجي عثمان جو وڏو پٽ ۽ منهنجو سئوٽ ٿئي، سندس وفات ڪان پوءِ مسجد شريف ادا وڏو يعني قاضي محمد رحيم حوالي آهي، پاڻ خوش اصلوبي سان پيو نڀائي، جاءِ وضو خانو پڪو نلڪين تي پاڻي جي مشن بجلي تي ٽانڪي سميت جوڙائي اٿس، جماعت وڌڻ ڪري به مينار در ڪي

قلف لڳائي ۽ بند ڪيو آهيس. لڳ ڏکڻ ٻانهين ۾ ننڍو لوهي گيٽ لڳرايو اٿس، جتان جماعت ايندي ۽ ويندي آهي.

قاضي رحيم بہ چاچا وڏي وانگي ڪل مصروفيتون ڇڏي مسجد شريف جي خدمت ۾ لڳو پيو آهي، تازو بيماري جي جهڙپ آيس، پر الله سائين مهربان ٿيو پاڻ هاڻ چاڪ تندرست ٿي اٿيو آهي، سندس غير حاضري ۾ حاجي اسحاق يا جمع يا اسان مان ڪو ٻيو امامت ڪرائيندو آهي.

عيدين جي صبح سڀ گڏجي جماعت لاءِ مسجد شريف جي صفائي توڙي صفون وڇائي تياري ڪندا آهيون. عيد نماز لاءِ پسگردائي جي بہ جماعت ايندي آهي، مسجد شريف ۾ خطبو جمع يا عيد جو حاجي نبي بخش پڙهندو هو پوءِ جماعت هلندي خطبي ۾ ڪري پيو ۽ ان کان پوءِ خطبو پڙهڻ ڇڏي ڏنائين. پوءِ ماستر پير بخش ادا جمع بہ ڪڏهين ڪڏهين خطبو پڙهندا هئا. خطبو پڙهڻ جي ذميواري منهنجي حصي ۾ آهي، ڪنهن سنو پڙهيو اهيو فيصلو جماعت ڪيو آهي تہ نبي بخش کان بعد محمد ياسين خطبو سنو ٿو پڙهي، الله معاف ڪري. منهنجي غير حاضري ۾ منهنجو ننڍو ڀاءُ ماستر شير محمد پڙهندو آهي، سندس غير حاضري ۾ ماستر عرس پڙهندو آهي، ادا احمد بہ ڪڏهن ڪڏهن خطبو پڙهندو هو.

جڏهن بجلي فٽنگ ڪرائي ۽ عارضي ميٽر لڳو. جڏهن ڳوٺ الهہ بخش جروار جي بجلي منظور ٿي لڳي، ٿنيا لڳا ڀڪيون تارو لڳيون ۽ آدمشماري بہ وڏيل هئي، مانجهي جروار عطراٽي جي ڳوٺ ۾ اجان آبادي نہ هئي، ليڪن مسجد ۽ هڪ گهر پير بخش عطراٽي ۽ محمد عطراٽي جروار جا هئا. پوءِ مانجهي پير بخش محمد خان راقم جي معرفت خرچ ڪيو. اعتراض وارو ڪونہ هو بجلي اتي بہ الهہ بخش جروار وارو ڳوٺ نالي ويئي، هاڻي گورمينٽ بجلي ڳوٺ الهہ بخش جروار جي حد ۾ بہ مسجدون ٿي پيون. ٻن مسجدن جي بجلي ڪنڪشن لاءِ بہ ٻن نالن جي تجويز ٿي نالا منتخب ڪيا. راقم جيئن ان وقت اوطاق تي وڏي ڪچهري ٿيندي هئي، سڄي ڳوٺ جا همراهہ اچي گڏ ٿيندا هئا. مسجد شريف جي ڪنيڪشن ميٽر لاءِ راقم بجلي ڳوٺ واري جي ڪم جو اڳواڻ هو ۽ ٻنهين مسجد شريفن جا نالا

تجويز ڪري رکيم. جيڪي الله سائين جي مهرباني سان سيني ڪچهري وارن پسند ڪيا ۽ بئي نالا مسجد شريفن تي قائم ٿيا.

وڏي جامع مسجد ڳوٺ الھ بخش جروار واري جو نالو مدينہ مسجد ڳوٺ الھ بخش جروار ۽ مانجهي فقير عطراڻي واري مسجد شريف جو نالو مڪ مسجد ڳوٺ الھ بخش جروار مقرر ٿيا. جيڪي الله جي مهرباني سان پسند ٿيا ۽ قائم آهن. انشاءَ الله قائم رهندا. هاڻي بئي مسجدون انهن نالن سان سڏجن ۽ بجلي جا بل بہ انهن نالن سان اچن ٿا.

1. مدينہ مسجد ڳوٺ الھ بخش جروار
2. مڪ مسجد ڳوٺ الھ بخش جروار

خير ذڪر پئي هليو الھ بخش پڳدار جو ۽ اتان وري مسجد جو ذڪر نڪري آيو.

جيئن تہ ان وقت تعليم صفا نہ هئڻ جي برابر هئي. سندن احوال بہ گھٽا ڪونہ ٿا ملن. جڏهن مون 1980ع ۾ لکڻ چالو ڪيو تہ جيڪي ان وقت وڏا موجود هئا. جن وٽ اهي احوال سينہ بہ سينہ سانديل هئا. انهن کان معلومات حاصل ڪندو ۽ بروقت رف ڪندو ويس. جيئن جيئن وقت ساٿ ٿو ڏي تہ انهي مختلف نوٽبڪن ۾ لکندو آهيان ۽ هي فيئر بڪ لکڻ شروع ڪيو.

جيئن تہ ڏاڏو الھ بخش جروار پڳدار جو وقت ميرن ٽالپرن جي حڪومت هئي ۽ بعد ۾ انگريز آيا ۽ انهن کي وڏا فلنگي (فرنگي) دي حڪومت سڏيندا هئا ۽ پوءِ انهن جڏهن زمينن جي ماپ ۽ نقشا ٺاهيا تہ ديھ بڪيراڻي جي نقشي ۾ انهن سروي بلاڪ 265 ۾ موجوده پڊ تي ڳوٺ الھ بخش جروار جي نالي سان ڳوٺ جي پڊ جو نشان واضح ڪيو. جيڪو اتي ڏسي سگھجي ٿو. اهيو ڏاڏو الھ بخش ان وقت سڏ سلوڪ اتي ويٺي وارو هو ۽ سندس نالو پڊ تي رکيائون. موجوده انگريزن سروي مطابق هاڻي هي تعلقو ٽنڊوالھيار جو تپو ڪوڪر جي ديھ بڪيراڻي آهي. جنهن ۾ ذڪڻ اوير طرف زمينون بہ اسان جروارن جون آهن. پراج کان پهرين بہ اسان جي جروارن جي پاڙي جون هيون. ڪلهوڙا ۽ ٽالپر دور کان هنيون. جن کي ان وقت جي پراڻي واھ ڪيساني تي هرلا چاڙهي آباد ڪندا هئا. ڏکيو وقت هر هرلو چاڙهڻ. هر

ڪنهن جي وس جي ڳالهه نه هئي، هرلو به الڳ مضمون آهي، موقع سان هرلي جو به ذڪر ڪبو. پوءِ ٻئراج مان زمين ڪٽت به ڪئي وئي، جيڪا موجوده چاڪر واهه ۽ زنئور شاخ تي آهي، ديهه ٻڪيراٽي ۽ ديهه سهڻا ٻڪيرا ۾ اسان جروارن زمينون خريد ڪيون. برانچ مان ۽ پارٽيشن وقت واڍين کان به اسان جي وڏن زمينون خريد ڪيون. جيڪي ان وقت واڍين 1946/45ع ۾ خوشي سان سودا ڪيا.

جيئن مٿي ذڪر ڪري آيس ته ڪلهوڙا ۽ ٽالپرن جي دور حڪومت ۾ اسان هن حصي ۾ اچي آباد ٿياسون، ٻيا به پاڙا جروار جا آيل هئا. ڪجهه پاڙا پوءِ ٻين ڳوٺن ڏانهن مائٽي جي سنڌي سان لڏي ويا، ڪجهه پاڙا اتي ئي رهي پيا، سندن ڳوٺ به آهن. رانجهاٽي جروار هن وقت موجوده ديهه سهڻا ٻڪيرا ٽپو ڪوڪر ۾ ڳوٺ علي بخش جروار ۾ آهن. ديهه سهڻا ٻڪيرا جي نقشي سروي بلاڪ 54 ۾ پڊ آهي، ڳوٺ علي بخش جروار جي نالي سان سندن اتي اچي آباد ٿيڻ جو جيڪو احوال مليو آهي، ان مطابق ڳوٺ احمد خان رستماٽي ديهه شاهه ڪي وارن سان سندن مائٽي يا ڪو رشتو هو. انهن رستماٽين معرفت اتي اچي ويٺا. هن وقت مائٽي رشتو نه آهي، باقي راڄ هڪ ٻئي جا آهيون. ڳوٺ صاحب خان جروار به ديهه سهڻا ٻڪيرا ٽپو ڪوڪر ۾ سروي بلاڪ 52 ۾ موجود آهي، اتي جروارن کان پهرين واٽيا، گرڙا، مينگهواڙ ۽ سمان واڍا ويٺل هئا. باقي سڀ لڏي ويا. سمان واڍا اڃان آباد آهن. جروارن مان پهرين فقير آيا ۽ ٻيا بعد ۾ ساڳئي ٽپو ڪوڪر جي ديهه ٻوچڙ ۾ پڻ جروارن جو وڏو ڳوٺ داد خان جروار جي نالي سان موجود آهي، اهيو ڳوٺ به قديم آهي ۽ اسان جروارن جا وڏا پڳدار منجهنس آباد آهن. جن جو قديم اٺ ويهه ڪوڪرن جي وڏن سان هئي، خصوصي ٻيڙو خان ڪوڪر سان انهن جروارن ۾ پڻ وڏي نالي وارا جروار گذريا آهن. رئيس حاجي عبدالرحيم خان جروار، رئيس امام بخش جروار، رئيس علي محمد خان جروار، خليفو ابراهيم جروار، سرهندي پيرن جو خليفو هو. مراداٽي پاڙو، ياراٽي پاڙو، پاڙو موساٽي، پاڙو پنجاٽي جروار به آباد آهن. ٻيون قومون به ڳوٺ ۾ آباد آهن، سونارا، واڍا، مينگهواڙ، ماڇي به هن ڳوٺ ۾ قديم آهن.

امید تہ موقع سر سيني جو بيان ڏبو جيڪو ڳوٺ داد جروار ۾ آباد آهن، احوال الهہ بخش پڳدار جو پئي هليو ان بہ ڪافي زمين ڪئي، ڳوٺ الهہ بخش جروار سان لڳ اتر پاسي ۽ الهندي پاسي بہ ديهہ ٻڪيراڻي جي مختلف بلاڪن ۾ موجود آهي، پشت درپشت سندن اولاد ۾ تقسيم ٿيندي اچي، الهہ بخش پڳدار جي وقت ۾ قرب وڏو هو پنهنجي ميهاڻين کي ورسائڻ لاءِ هن ۽ سندس اولاد ڪڏهن بہ دل سوڙهي نہ ڪئي، ڪنهن کي بہ گهر لاءِ يا مال جي وٿاڻ ناهڻ لاءِ سمجهو تہ آسائش لاءِ ڪونہ جهليندو هو ڳوٺ بہ سندس وقت ۾ وڏيو هو پاڻ هر هفتي جمع ڏينهن يا عيد نماز پڙهڻ لاءِ پابندي سان ٻڪيرا شريف ۾ جماعت سان پڙهڻ لاءِ ايندو هو.

هڪ جمعي جي ڏينهن ڪمن ڪارين سبب ٻڪيرا شريف تي جماعت نماز لاءِ نہ پهچي سگهيو ڏينهن گذري ويو رات ئي سيئي پاڻ ۾ ڪچهري تي وينا هئا ۽ الهہ بخش پڳدار روئي پيو مينهون دوئم جيڪو ان وقت خاشو جوان سمجهہ لائق هو سو ڪچهري ۾ وينل هو تنهن پڇيو تہ چاچا روئي ٿو ڇو؟ پاڻ ٻڌائين تہ بابا عيدين تي ۽ جمع نماز جماعت ۾ ٻڪيرا شريف ۾ پڙهندو آهيان ۽ اتي غريب حاجت مندن کي خدا ڪارڻ خيرات ڏيندو آهيان، اڄ نہ پهتس اهي غريب آسرو ڪري خالي هٿين واپس ويا هوندا، سندن ٻچن کي الاجي ڇا ڪارايو هونداءُن، آءُن ڪونہ وڃي سگهي، خيرات ڪا نہ ڏنم، شايد الله اڄ مون تي ناراض ٿيو آهي، ان ڪري روئان پيو جو اڄ الله جي نالي ڪجهہ بہ ڏيئي نہ سگهيو آهيان، ان تي مينهون دوئم جيڪو سڱ ۾ سندس ڀائيٽيو ٿيندو هو انهي چيو تہ چاچا مان غريب آهيان ۽ گذر لاءِ تنگ آهيان، دعا ڪندس مون کي خيرات ۾ نمبري زمين جي جيڪا 6 جريب آهي، مون کي خيرات ۾ بخشي ڏيو خدا ڪارڻ الهہ بخش پڳدار رضا خوشي سان ڪيس اها 6 جريب نمبري زمين جي ڀائٽي مينهون خان دوئم کي لکي ڏني ۽ سندن حوالي ڪئي.

جڏهين حيدرآباد ۾ انگريزن سول اسپتال شروع ڪئي الهہ بخش خان بيمار ٿي پيو ۽ دوا لاءِ حيدرآباد سول اسپتال ويو ۽ داخل ڪيائون، اتي سندس سنو علاج ٿيو اهيو سندس ڀائٽيو مينهون دوئم گڏ هئس، تندرست ٿيڻ تي موڪل مليس، پاڻ ڪپڙا بدلائي تيل سرمون ڪري ڳوٺ جي تياري

ڪيائين ڪو اچانڪ اٽيڪ دل جو ٽيس ۽ موقعي تي ئي دم ڏٺي حوالي ڪيائين، وڏا جن هي احوال ڏنو چون ٿا تہ نرس سوئي لڳائي ۽ مڙس مري پيو.

مينهون دوئم جيڪو ساڍس گڏ هو ان همت ڪري مڙس کي بستري سميت کٽي ڪلهي تي ۽ کنيون، ٻاهر ٽانگي ۾ رکي مرزا پاڙي وٽ کو جروارن جو گهر هو ٻيا ڇاڻ سڄاڻ وارا بہ ائين کٽ وٺي همراهہ کي ڪڍائي ٽنڊو حيدر، ٽنڊو قيصر منگين جوتڙ کوکرن کان پنڌ ئي پنڌ لاش ڳوٺ پهچا يائين ۽ پنهنجي آباڻي قبرستان واقع شاهہ عنايت گهوٽ ۾ مدفون ٿيو ڪائنس بعد سندس پٽ حاجي محمد حسن جروار کي پيءُ واري پڳ ملي، حاجي محمد حسن کي بہ پٽ ٿيا، هڪ حاجي حسين ٻيو حاجي اسماعيل.

حاجي اسماعيل هڪ حج شام کان پيادل زيارتون ڪندو پڙهي آيو ٻيو حج بحري سفر ڪيائين، پاڻ رانجهاڻي پاڙي مان حاجي نبي بخش رانجهاڻي جروار جي نياڻي حاجاڻي معربي سان شادي ڪيائين، صوم صلوات جو پابند مسجد شريف جي خدمت ڪند هو.

پاڻ لاولاد گذاري ويو هو، حاجاڻي پهرين گذاري ويئي هئي، پاڻ حاجي اسماعيل پيءُ کان زمين جو حصو وٺي پنهنجي ڀائٽي هارون جي ڪاتي ڪرائي ويو هو. جيڪا زمين هن وقت هارون جي ملڪيت آهي ۽ احمد خان حاجي وسايو وٽ مقاطعي ۾ آهي.

حاجي محمد حسن پيءُ جي عزت برقرار رکي جا مڙد قدآور پيءُ وانگي سهڻو هو مون راقم بہ ڏٺو هو ڪائنس بہ ڳالهيون پڇندو هئس، جيڪي هنن پنن ۾ لکيون ويون آهن، راڄن ۾ ڏاڍي عزت هوندي هئس.

پرهياڙ، خاصخيلي، ٻانهيپوٽا، درس، هاليپوٽا ۽ ٻين راڄن جروارن سڀ راڄي سان اٿي ويٺي فيصلن ۾ گڏ رهندو هو راڄ برادرين ۾ ناتو نپايو ايندو هو. ڪٿي بہ ڪا غمي يا خوشي ٿيندي هئي تہ پاڻ بروقت پهچي ويندو هو سک ڏک ۾ هڙان وڙان ڪونہ مڙندو هو ايتري قدر جو ڪجهہ راڄن جون تہ سڱابنديون بہ حاجي محمد حسن جروار ڪندو هو پيءُ پوٽ برادر توڙي سنگت مهل سر پهچي شريڪ ٿيندو هو، حاجي محمد حسن جروار چني ۾ نہ

پهچي، ماني ڪونہ هلائيندا هئا. سندس پهچڻ تي جڻ چنو سينگارجي ويندو هو جروارن جي ڪاج ۾ تہ ست راڄي سندس انتظار ڪندي هئي، جيسين پهچي، آمري جروار، مصري جروار، حيدر جروار، منو جروار، بيگن جروار، مبارڪ جروار، داد جروار مطلب تہ خاناڻي، مراداڻي، باگاڻي، بشڪاڻي، موساڻي، سعيداڻي، جياڻي، بگهاڙ وارا يا ناگنا وارا يا ڳاهوري وارا ٽندو قيصر جا نظاماڻي، حاجي محمد خان، بچل خان، حاجي شهلي خان نظاماڻي ۽ ٻيون برداري ۽ دوستي جو ناتو پري پري تائين نڀائين.

پير بقادار شاهہ جي ڪڙيئي واري اوطاق بہ برقرار رکيائين، چوندا هئا تہ حاجي محمد حسن وٽ سو سنات ٻارهن ذات پئي اچي.

هڪ باغ موجوده مقام ڪان الهندي طرف ديهہ بڪيراڻي ۾ آهي، انب، ليمان، زيتون، ڊاک، ڦاروا، ڪجي پڻ پاڻ هٿن سان رکيائين، وڏو فارم تہ ڪونہ هو مگر ٻن ٽن ايڪڙن ۾ هو جيڪو مون چڱي طرح ڏٺو هو چٽو ياد آهي.

حاجي محمد حسن گهوڙن جو تمام شوقين ڄاڻو هو پلا پلا گهوڙا ڏاريائين ۽ چڙهي ڪيائين ميلن ملاکڙن ۾ ڪونہ ڊوڙائيندو هو پنهنجي چڙهي لاءِ استعمال ڪندو هو ڪير لاءِ مينهون هئس، ڪير مکڻ ڏڌ پنهنجو جڏهن سندس پٽ حاجي اسماعيل ۽ حاجي حسين جوان ٿيا تہ ڳوٺ وارو کوهہ جنهن تي اڳي نار ۽ اوڙو نهيل هو هاڻي برانچ جو پاڻي موڪ پيو هلي، کوهہ سان لڳ ڏکڻ طرف پنهنجي زمين ۾ هڪ اوطاق، مدينہ مسجد بلڪل سامهون ٻن وکن تي، اوطاق بہ اوڏڪيون پٽيون ڏياري سنو ڪاٺ وجهي ٺهرايائين، پهرين ڪان بينل پير بہ اوطاق جي اڱڻ ۾ چانوَسني ٿو ڪري، هڪ ننيڙي ڪوني ۾ سندس ريزڪي دڪان پڻ آهي، ليڪن هنن سٽن لکڻ وقت اهو دڪان احمد خان جي گهرن جي اندر ڏيڍي ۾ اچي ويو ۽ اوطاق احمد خان ولد حاجي وسايو جا گهر آهن.

گهوڙن جو ڪاڏو ۽ علاج بہ ڄاڻندو هو ابتدائي راڄن جا واقعات پڻ ٻڌائيندو هو پڙهيل بہ هو ليڪن ڪا بہ لکت نہ آهي، فجر نماز ڪان بعد قرآن شريف جو دور ڪندو هو وڏي آواز ۾ لسي ڪرئت دل کي ٻڌڻ سان فرحت پئي ايندي هئي، سندس آواز پري پري تائين پيو ٻڌبو هو معلوم ڪرڻ تي

ٻڌاياائين تہ آئون ننڍپڻ کان وڏي آواز سان قرآن شريف جو دور ۽ ذڪر بہ ننڍي ڪچي مسجد کان وٺي ڏاڍي ڪندو آهيان. سندس گهرن کي ۽ سڄي ڳوٺ کي ڪرڙ خان جا گهر ڇڏي انهن کي اپرندي طرف لوڙهو اتر بہ لوڙهو هو باقي سڄي ڳوٺ کي ڪچو ڪوٽ اوڏڪو ملايل هو ۽ سڄي ڳوٺ لاءِ داخل ٿيڻ جو هڪ وڏو ڪاٺ جو ڏاڪائون در هو. سندس گهر جو اتو پسائي ڪرڻ لاءِ هڪ وڏي جانبه هئي، جيڪا ان پسائي ڪندي هئي، گڏهہ تي هلندي هئي، باقي هر هڪ جي گهر جو دروازو مين گهٽي مان الڳ هوندو هو. ڳوٺ جو ڪوبہ ٻار ٻچو سندس گهرن ڏانهن ويندو هو تہ چوندا هئا رئيس جي پاڙي ٿا وڃون.

احترامن سندن گهرن کي رئيسن جو پاڙو سڏبو هو. اسان جي پاڙي جا رئيس پنهنجن سيني تي ساهہ ڇڏيندا هئا. هڪ دفعي جي ڳالهہ ٻڌاياائين تہ ڪي دوستي وارا سنگتي آيا تہ منجهن شادي آهي، حاجي محمد حسن ڳهہ گهر جا ڏي تہ ٻارن کي پارايون ۽ شادي بعد ڏيئي وينداسين. سونيون ڌُهريون، نٿون، ايرنگ سڀ سونا گهر جا زيور ڪٺي ڏنائين. تہ شادي کان بعد ڏيئي ويندا. سنگت ڳهہ واپس ڪونہ ڪيا. ڪائي ويا ۽ سندن سنگت بيهي وئي، سندس والده جو نالو جنت هو ۽ ڏي گامن جي هئي، سندس اهليہ جو نالو خيري هو ۽ ڏيءَ حيدر خان جي هئي.

آخر وقت پاڻ اڪين کان ويهي ويو هو ۽ اوطاق ۾ رهيو پيو هوندو هو. سندس وڏو پٽ حاجي اسماعيل پيءَ سان گڏ اوطاق ۾ رهيل هوندو هو. خدمت ڪرڻ لاءِ حاجي اسماعيل جي گهر واري پڻ گذاري ويئي هئي، سندس ٻيو پٽ حاجي حسين هو. ان ٻي شادي بڪيرا جي شيدين مان ڪئي، پاڻ حاجي محمد حسين جيڪا پيءَ جي ڪاتي ۾ زمين هئي، ان جو 50 پئسا حصو ننڍي ياءُ وسايو خان جيڪو پهرين گذاري ويو هو بہ شاديون ڪيون هيائين، ان جي پٽن رمضان، الهہ بخش ۽ احمد کي حصن مطابق ڪاتا زمين جا ڏيئي ڇڏيائين. باقي پنهنجا اٺ آنا ڪاتي تي رکيائين، مٿين همراهن کي پنهنجو حق حوالي ڪري ڇڏيائين. حاجي اسماعيل کي اولاد ڪونہ هو. ان پنهنجو حصو پائٽي هارون ڪاتي ڪري ڇڏيو. جو حاجي حسين کي ڏاڏي پوٽي زال مان هڪ ئي پٽ هارون هو.

خير حاجي محمد حسن جروار پنهنجي جيئري ئي کاتا پٽ بدل ڪري حقدارن کي ڏيئي ويو ۽ پاڻ تقريبن 110 سالن جي عمر ۾ وفات ڪيائين. اباڻي قبرستان شاهه عنايت ۾ مدفون ٿيو. ڀرين حاجي اسماعيل 70 کن سالن ۾ وفات ڪئي۽ شاهه عنايت ۾ مدفون ٿيو.

هاڻي راڄن ڀڳ حاجي حسين جروار کي پارائي ڳوٺ الهه بخش جروار جو چڱو مڙس حاجي حسين ٿيو.

حاجي محمد حسين جروار پڻ ننڍپڻ کان ئي نهايت ملنسار راڄن عزيزن ۾ عزت جو مالڪ هو ڪيس وڏو صبر عطاءُ ٿيل هو سندس اوطاق چئن ڪچن ڪمرن جي اڳيان ورانڊو سنو اڳڻ الهندي ڏاکڻي ڪنڊ ۾ وڏو پپر جو وڻ بيٺل هوندو هو. جنهن جي ڇانو ۾ سڄي اڳڻ تي 40 کٽون پيون هجن،ساڳي جاءِ تي هن وقت احمد خان جا گهر آهن. پاڻ حاجي حسين ڀرين ڏاڏي پوٽي زال مان اولاد هوس. پر شوق جي شادي بڪيرا شريف جي شدين ڪيائين. جنهن مان هڪ پٽ ۽ ٻه نياڻيون ٿيون. واهه جي اتر پاسي واري زمين ته ماڇين جا ٻه گهر به ويهاريائين. هڪ گهر انهن مان هينئر بڪيرا شريف جي ٻاهران ديهه وساڻڪي ۾ زمين جو ٽڪرو خريد ڪيو. پنهنجو ڪريو وينا آهن ۽ ٻيو گهر دربدر آهي. ناگجي ڪولهي، سهراب خاصخيلي. لوهار به وٽس وينل هئا. سندس اوطاق حاجي مير محمد کي ان ۽ ٻج رکڻ لاءِ ڏيئي عارضي ۽ پاڻ ٻاهران زمين ۾ جدا هڪ پارڪ نما ڊاک جو بنگو تيار ڪرائي. ان ۾ رهندو هو. سندس زمينداري جو ڪاروبار سندس سئوٽ احمد خان جي حوالي هو. وقت سنو پئي گذريو. چاچا حاجي حسين جو ننڍي پٽ غلام حسين عرف پنهون تي وڏو راز هو ۽ پنهنجي ويني 16 آنا زمين جو کاتو وڪرو رجسٽر پنهون جي نالي ڪيائين. وڏو ڊرامون هو چاچا حاجي حسين خان کي اڌ رنگ جي بيماري ٿي پئي هئي. مٿيون زمين جي کاتي وارو ڪم بيماري دوران ٿيو. ان ۾ به وڏي هڪ سازش هئس. پنهنجن جي جيڪا هڪ ڏکي ڪهاڻي آهي. اصل بڪ ۾ ڏسي ۽ پڙهي سگهجي ٿي. اشاعت جي قابل نه آهي. پنهون خان ڀرين ڏڪ ۾ سال اندر هڪ حصو زرعي زمين جو وڪرو ڪري هڪ بس بڪيرا شيخ پير ڪيو روٽ تي هلائي ۽ ٻئي ڏڪ ۾ رهيل اڌ حصو زمين جو وڪرو ڪري ٻي بس خريد ڪئي.

سال جي اندر ٻئي ٻسون فيل همراهه ڪي ڳوٺ مان ڪڍيائون، زمين سڀ انهن خريد ڪئي، جن ڪي ويهڻ لاءِ اوطاق چڙهي لاءِ گهوڙي پلوڙ مفت ۾ حاجي حسين ڏني هئي، ادا چڱائي ڪيئي ڳچي ۾ پئي يا نه جي چڱائي ڳچي ۾ پئي ته ڪيل آهي نه ته.....

مِٺي به ماٺ مُٺي ماٺ، چاچا حاجي حسين جهڙو امير هو مگر زندگي جا آخري ٽي سال ڪن دربدري واري زندگي گذاري سندس ٻڪيرن واري اڳائي ليمي وٽ انتقال ڪيائين، تاريخ 11 رمضان 1410هه 1980ع ڪن جي ڳالهه آهي نبي بخش خان جي ٽالي ٽريڪٽر وني سيئي ڳوٺ وارا جماعتي ٽي ٻڪيرا شريف مان سندس ميت کڻي اچي پنهنجي آباڻي قبرستان شاهه عنايت ۾ مدفون ڪيوسون.

سندس عمر تقريبن 70 سال هئي، ٻئي ٻسون وڪامجي ويون، پنهون خان مزوري تي گذر ڪري ڳوٺ مان ڪنهن ڪڍيو ڇا ٽيو ڏٽي ڪان پاڻ ڪان ڪو پڇي ڏسي ڇا وهيو واپرو الله پاڪ سڀ ڪنهن کي پنهنجي حفظ وامان ۾ رکي، گهر جا ٽي پاتي زمين وڪري ڪان روڪي پي سگهيا، ليڪن پئسو ڪائي ايمان وڪيائون.

چاچي حاجي حسين جو وڏو پٽ محمد هارون ان کي سندس چاچو حاجي اسمائيل زمين جو حصو ڪاٽو ڪري ڏيئي ويو آهي زمين احمد خان کي مقاطعي ۾ ڏيئي پاڻ وڃيو حيدرآباد مال پڙي ۾ رهي ڳوٺ نٿو رهي مڙئي ووٽن لاءِ منت ڪريو وٺيو اچو نس اليڪشن جي ڏينهن ووٽ ڏيئي وري گهمڻ هليو وڃي.

ادا رمضان 1960ع ڏاري گذاري ويو الله بخش دوئم به تازو هنن سٽن لکڻ وقت گذاري ويو آهي باقي ادا احمد لائق ماڻهو انهي سلسلي مان آهي ڪيس گڙدي جو سور پوندو آهي انتهائي ڪمزور ٿي ويو آهي سڌ سلوڪ جو پلو وڏن جهڙو آهي ڪيس چار پٽ آهن محمد عيسيٰ واڪ سينيٽر آهي ۽ هن وقت بي شادي ٽنڊو ڄام ڏومرن مان ڪئي آهي محمد عرس ۽ عبدالشڪور ۽ شڪيل اڃان ننڍا آهن ادا رمضان جو لکيو ڪلام هو ڳالهه جو وٽ ڳاٽوڌڙ پيو ڏوڙ پائي. ادا الله بخش دوئم به راج جي سڌ تي سيني ڪان پهرين پهچي ويندو هو.

نالي سوني ڏيءَ چٽي جي حيدر جي گهرواري هئي

جيئن تہ تفصيل وار ذڪر هڪ پاڙو مينهاٽي جروار جو پيو اچي موقعي جي مناسبت سان حيدر خان جروار جي سلسلي کي اڳتي وڌائجي ٿو جنهن جو مختصر احوال پهرين بہ اچي چڪو آهي

حيدر خان جروار .. جيڪو مينهون خان اول جو ٽي پيڙهي پوٽو هو سندس شادي سڳي سوٽ "سوني" بنت چٽو سان ٿيل هئي ۽ کيس بہ ڪافي اولاد ٿيو جن جا تفصيل هيٺ ايندا. 1مينهون دوئم 2حاجي محمد خان 3حاجي احمد 4عمر خان کيس رڳو نياڻيون ٿيون 5عثمان ڪنوارو فوت ٿيو 6 صالح ڪنوارو فوت ٿيو بہ پٽ هئس جنهن جي نالي جي خبر نہ پئجي سگهي آهي ننڍ پڻ ۾ فوت ٿي ويو هو نمبر وار 5.6۽ ست فوت ٿيا ۽ اباڻي قبرستان واقع شاه عنايت ۾ مدفون ٿيا.البت عثمان وڏو ٿيو هو شادي جي تياري هئي ۽ بيمار ٿي جلدي گذاري ويو باقي چئين پٽن شاديون پڻ ڪيون ۽ کين بہ الله اولاد سان نوازيو آهي حيدر خان جروار جي پهرين پٽ مينهون دوئم جو احوال هن طرح آهي جو پاڻ بہ شاديون ڪيون هئائين کيس پهريون حرم ڏاڏي پوٽي زال مان هڪ پٽ نالي اڪ_اڪو هاڻي اڪبر ۽ نياڻيون ٿيون مينهون دوئم طبيعت جو شوخ ۽ ڏاڍو مڙس هو ليڪن ڪم ڪار جي گهٽ ڪارپت جي اون بہ گهٽ پر ڏاڍ مڙسي همراه ۾ گهٽي هئي رات جو ڊڄندو ڪونہ هو پنهنجن وڏن ۽ اشراف پائرن جو موچڙو هئس مڙئي زبردستي قائدي ۾ رکندا هئس ڪڏهن قائدي کان نڪري بہ ويندو هو. ٻني جي ڪم تي دل گهٽ هئس ۽ ياري دوستي اهل واري سان ڊيگه سوائي رکندو هو. ڪِتي جي ٻني پوکڻ جو وقت اچي ويو همراه وٽ ڊڳي جي ڪوٽ هئي. ڳوٺ دريا خان مسرڪ ۾ خيرات خدا ڪارڻ جي دعوت هئي کيس موڪليائين تہ واندو وينو آهين وڃ دعوت خيرات ڪائي اچ همراه ويو تہ ڪائڻ پر سپ ڪو پنهنجي فن جو ماهر هوندو آهي هي همراه بہ ماهر هو خيرات ڪائي رات جو واپسي ڪئي هئائين گس ۾ صبح جو وجڻ وقت هڪ مئل ڍڳو ڏٺو هئائين جنهن کي ڪتن ۽ ڳجهن ڪائي ختم ڪيو هو باقي ڍڳي جا سنڱ همراه جي ڪم جهڙا هئا. مسرڪن مان سج لاهي اونداهي ۾ واپس ايندي انهي مئل ڍڳي جا سڱ کهاڙي سان وڍي ڪٽي آيو ۽ صاحب خان جروار جي ڳوٺ مان

واٽين جو ڍڳو چوري ڪري جيڪو ڏڱاٽي بوزدار جي واٽين جو هو چاراٽي اڏ تي بيٺل هو اهو چوري ڪري رات جو ڪاهي اچي مئل ڍڳي وارا سڱ سڱن تي چاڙهي ڍڳو پنهنجو ڪري واهڻ لڳو. واٽين پيرا ڪڍي ڍڳو سڃاتو هلڻي پير رنگ ساڳيو باقي سڱ ٻيا. واٽيا چڙدي ويا تہ اهيو ڍڳو سڱن ۾ اسان جو نہ آهي. اهڙي طرح همراهہ ڍڳو واهيندو رهيو ۽ ڪتي جو ٻنون جهلي پوءِ ٿوري پنگ تي پنهنجن پائرن ۽ چاچي جي جنين تي ڍڳو واٽين کي واپس ڪيائين.

پهرين گهرواري سوني بنت چٽو درويش صفت هئي. اُن جي وفات کان پوءِ مينهون خان دوئم جي شادي ڳوٺ داد خان جروار جي ياراٽي پاڙي مان پياري ياراٽي جروار جي نياڻي سان ڪئي. ان جو بہ نالو سوني هو ان مان بہ ڪيس اولاد ٿيو ۽ سندس تفصيل موقع سر ايندا.

اڳي الهہ بخش پڳدار جو احوال لکي چڪو آهيان تہ پاڻ عيدين ۽ جمع نماز لاءِ ٻکيرا شريف ويندو هو ۽ هڪ نماز تي نہ پهتو ۽ رات جو ڏک ۾ رنو هو ۽ مينهون کي زمين جي نمبري 6 جريب خدا ڪارڻ ڏني هيائين. اها 6 جريب نمبري زمين جي الهہ بخش پڳدار کان خيرات ۾ مليل هئس. ان تي گذر ڪندو هو.

هاڻي ڪيس بہ شادي مان اولاد ٿيو. ڪجهہ زمين پيءُ کان بہ ورتائين. 4 ايڪڙن تي گذر تنگ هئس ۽ سندس ڀاءُ حاجي محمد خوشحال هو. پوءِ مڙئي ڀاءُ تي بار پوندو هو. انهيءَ بار کي هلڪو ڪرڻ لاءِ پهرين شادي واري پٽ اڪو هاڻي اڪبر کي زمين جو ٽڪرو الڳ ڪري ڏنائين. جيڪا پيءُ وارو حصو هئس ان مان اڪو هاڻي اڪبر اهو وري چاچي حاجي محمد خان جي نياڻي سڳي سوٽ آمنت پرٽيل هو ڪاتي ڪرائڻ مهل ٽپيدار ڪوڪرن جي ڳوٺ ٻيڙو خان ڪوڪر ۾ ٽپيدارن جو ديرو هوندو هو نواب ولي محمد ڪوڪر چيس تہ پاڻ وٽي ڪاتو نہ ڏي پوءِ ڪوڏو واٽيو کي چئي ڪاتو بدلائين. ڪوڏو جي اوطاق ڳوٺ ٻيڙو ڪوڪر ۾ هئي. رئيس ولي محمد خان ڪوڪر کي چئي ٻني جو ڪاتو نهراياڻين. شهلي پتافي ولي محمد خان ڪوڪر جو ڪمدار هو. ڪوتار حمزو ڪولاچي هو انهيءَ زماني ۾ ڪوڏو واٽيو ۽ سندس ڀاءُ ٺاڪر داس واٽيو بہ هو. ڪوڏو مل واٽيو ۽ مکي موتي رام نالي واٽيا بہ زمين

جي تڪرار ۾ هئا ۽ تپيدارن وٽ ڪاتن تي وڙهيا پيا هوندا هئا. حاجي مجاور درس جي مينهون جروار سان دوستي گهاٽي هئي، لاڙ سجاول ۾ ڪنڊڙي واري خاصخيلين جيڪي هينئر طاهراڻي سڏجن ٿا. پٽيل محمد صالح جي پيءُ جمع سان بہ سندس پڪي ياري هئي.

مينهون خان دوئم جو مٽيون سچو احوال سندس پٽ حاجي غلام محمد عرف گامن لکايو پاڻ پير بقادار واري زمين ۾ انبن جو باغ پوکيو اٿس، آمدني وڏي آهي، حاجي غلام محمد گامن ٻڌايو تہ الھ بخش پڳدار جي ڏنل نمبري واري زمين تي بابا مينهون دوئم نار جو ڪم پراڻي ڪيسانو واهہ ڪري رهيو هو ۽ پيڙ ڪري ۽ مينهون دوئم جي ساجي ٽنگ پڇي پئي، پوءِ بابا هلي ڪونہ سگهندو هو. ڪٽ تي گهر ويٺو هوندو هو. حاجي مجاور ٻانهيپوٽو ڳالهہ ٻڌائي ٿندو محمد خان ڏڪ ۾ مينهون جروار جو ساٿي درس وچ سميت جيڪا وچ چوري جي هئي ۽ مينهون جروار جي شاهدي واري وڏي آيو. شاهدي پنهنجي زبان وڏيل وچ جي سچي ڪيائين. درس ڪي ٽيهاڻ وچ چوري واري ڦبي ويئي. هو تہ راقم جي ڏاڏي جو پاءُ پر احوال پڙهي ۽ سمجهو تہ پنجئي آڱريون برابر نہ آهن. ماڻهو ڀلا بہ آهن ۽ ڏلا بہ آهن. الله سائين سڀني کي گڏائي هن دنيا ۾ موڪليو آهي. دنيا کي هلائي پيو. مينهون دوئم 90 کن سالن جي عمر ۾ وفات ڪئي ۽ آباڻي قبرستان شاهہ عنايت ۾ مدفون ٿيو. سندس پهرين گهر مان پٽ اڪبر نالي آهي، سندس شادي سڳي سئوٽ نالي آمنت بنت حاجي محمد سان ٿيل آهي. جنهن کي پڻ هڪ پٽ حاجي موسيٰ نالي ۽ نياڻيون بہ آهن. حاجي موسيٰ خان حيات آهي. هنن سٽن لکڻ تائين سندس عمر 80 سال آهي ۽ ڪيس اولاد بہ آهي.

اڪبر بہ پيءُ وانگي دلبر مڙس هو اڻ پڙهيل ڏاڍو جوشيلو هو ڏنگو هو پيءُ بہ ڏار ڪري ڇڏيو هئس. زمين جا 4 ايڪڙ ڏيئي ۽ گهر ورهائي ڏار ڪري ڏنائين. علي محمد عرف علڻ جو همعصر هو. چار ايڪڙ مائٽياڻي زمين تي گذر ڪندو هو ۽ حاجي محمد جي نياڻي سندس گهر ۾ هئي، تنهن ڪري مڙئي سندس ٽيڪ ڪندو هو مال بہ وٺرايائين ۽ اٿ بہ جن تي حاجي محمد خان مزوري تي موڪلي ڇڏيندو هوس.

جيئن تہ اڪبر انتهائي سخت مزاج هو ٿوري گهڻي تان پنهنجن سان رنو ڪاوڙيو وينو هوندو هو ۽ بلوچاڻي ڪاوڙيت ۾ ڪو نہ ايندو هو وڏو ڪاج ڳوٺ ۾ شادي غمي جو ٿيندو هو تہ ٻارن کي گهر ۾ بند ڪريو وينو هوندو هو تہ آئون ڪاوڙيو آهيان پيٽ ڪونہ کائيندس. جهيڙو لايو وينو هوندو هو. پوءِ سندس پيائر ۽ سئوٽ مڙئي پٽڪا لاهي پرچائي ايندا هئس. تڏهين زال ۽ نياڻين کي ڪاج ۾ شريڪ ٿيڻ جي موڪل ڏيندو هو اڌ ڄمار کان پوءِ حاجي موسيٰ سندس پٽ جي شادي خان محمد جي گهران ڪيائين. جيڪا منهنجي سڳي ماسي ٿئي.

منهنجي پڦي ۽ ماسي جي ناتي منهنجو پيءُ جناب حاجي محمد پريل خان جروار پائيندو هئن. ماڻٽاڻي گهرجي جاءِ حصو تمام ٿورو هئن. بابا کان گهرن جي لاءِ زمين گهريائون. بابا کين پنهنجي زرعي زمين ڳوٺ جي پڊ لڳ بلاڪ سروي 265/12 ۾ ڏني جتي هن وقت سندن موجوده گهر آهن. عيوض ۾ سندن اٽپوري گهر واري جڳهہ ورتي جيڪا چاچا حاجي عثمان جي نياڻي غلام محمد گامن جي گهر ۾ ڏنل آهي. ان کي ڏني جن ۾ هينئر غلام محمد گامن جا گهر اپرندي مهاڙي سان آهن.

حاجي موسيٰ کي حاجي محمد پريل خان برانچ مان بہ زمين موجوده ديهہ ٻڪيراڻي جي سروي بلاڪ 39/38 ۾ آهي. ڪٽت ڪرائي ڏني ۽ اتي هڪ باغ انبن جو بہ ڏٽين پوکيو ۽ مال جو وٿاڻ بہ اتي زمين تي ڪيو. اڪبر جهنگ ۾ پنهنجي همت سان وينو هوندو هو. پيري ۾ اکين کان نابين ٿي پيو. پر وينو ٻني تي هوندو هو. روزانو صبح لڪڻ جي ٽيڪ تي ٻني جو ٻارو ٻارو ڪري گهمي پٽ حاجي موسيٰ کي ڪم سمجهائيندو هو دل سجاڳ هئس. مال جي ڇوڙي ٻڌي ڪري کير ڏهائي، ڪاٺين جو گڏ مٿي تي رکي چئونري کير جي ڳوٺ پهچائي ۽ ماني کائي ٻني تي ماني کڻي ويندو هو. لٺ جي ٽيڪ تي هڪ دفعي پاڻ اڪبر ۽ علڻ انن جي قطار ۾ بار کڻي شهر پي ويا. جتاڻون عقل سو رستي ۾ تلخ ڪلامي ٿين علڻ هڪڙو جلد مڙس ۽ پاڻ جامڙد ڏگهو مڙس سو جوڙي کڻي علڻ جي ٽنگن وچان ڪنڌ ڏيئي علڻ کڻي ڪنيائين. علڻ وري سندس ڳچي ۾ انگڙا ڦاسائي ويهي رهيو. علڻ کي چوي تہ توکي ڪڏ ۾ اڇليندس. ڪو فرلانگ مڙس کي ڪنيو رستو وينو هليو. رستو ۾

هڪ سڪل وڏي ڪڏ نظر آيس ۽ علڻ کي ڪٽي ان ۾ اڇلايائين، علڻ ٻه ڳچي مان ٽنگون نه ڪڍيون ۽ ٻئي گڏ وڃي انهي ڪڏ ۾ ڪريا ۽ بعد ۾ وري ٻه سفر گڏ ڪيائون، اهي هئن عقل جا لکجن هڪ پيري واندڪائي جا زمانا ويا چاچي جانو لوهار وٽ ٻيڙو ڪوکر جي ڳوٺ واپسي ۾ ڳوٺ اميد علي بوزدار ۾ سڄ مڙئي پهتا ڪين بک لڳي، اڪبر ۽ علي محمد عرف علڻ ٻئي سئوٽ گڏ هجن، بک لڳي هئن، ماني ٻهاني چاچي يعقوب ميربحر جي گهر ويا، جتي چاچي ويٺل هئي، ان کان ماني گهريائون، جيسين چاچي ماني ڏي تيسين ٻئي ڄڻا چلم حقي پيئڻ کي لڳي ويا، اڪبر چلم حقي جي نڙ کي پاڻي سان پسائي چلم جي سوراخ تي نڙ رکي هٿ جي زور تي نڙ ڦاسائڻ لڳو وڏيڪ زور اچڻ تي چلم حقو وڃي ڪريو ۽ حقي جي ٽوپي پڃي پئي، حقو ٻه ڪرڻ جي ڪري پڃي پيو، چاچي ڪاوڙ مان وٺي ٻنهين ڄڻن کي الاهي ڳالهايو، مئا جروار اهڙا ٿهڙا باهه لڳي چلم حقو ٻه زيان ڪيو اٿوَ اڇي اوهان جو چاچو يعقوب پادر هنڻايان ٻنهي جي ڪل تي لهرايان، دڙڪا داٻا زبردست ڏيئي ٻنهي کي ڪٽي دٻايائين، ٻئي ڄڻا ٻنا ماني جي ڳوٺ اڇي نڪتا، علي محمد علڻ هو سگهڙ تنهن ورائي ڪٽي چاچي يعقبوب ميربحر جي گهرواري تي بيت ٻڌو، اهو بيت ٻه علڻ مونکي لکايو آهي، پر پوءِ ڪتاب ۾ اچڻ کان روڪرائي ڇڏيم، ڇو ته سنو ڪونه ٿو لڳي.

خير سدائين بادشاهي آهي الله جي، پاڻ اندازن 100 سالن جي ڄمار ۾ وفات ڪيائين، کيس آباڻي قبرستان شاهه عنايت ۾ دفن ڪيو ويو.

هاڻي احوال حاجي موسيٰ جو سندس پٽ ۽ منهنجي ماسات محمد رحيم کي سوانح حيات لکي ڏيڻ لاءِ عرض ڪيم، 2 سالن تائين انتظار ڪرايائين، پر پوءِ احوال لکي منهنجي حوالي نه ڪيائين، هاڻي وڏن کان مونکي جيڪو احوال مليو آهي، قلم ڪٽي لکيو آهي.

پاڻ ابتدائي تعليم لاءِ ملا مڪتب ۽ ميان جي حاجي پروز جروار ملين وٽ ڇڏيائون، ان وقت ڪو ملن جي چوري ٿي پئي، جنهن جو ڪوڙو الزام حاجي موسيٰ جي پيءَ اڪبر تي لڳو پوليس ان زماني ۾ ڪوکر ٻيڙو جي ڳوٺ ۾ ٿاڻو هو ۽ پوليس هئي، پوليس اچي اڪبر کي ٻڌو پر پوءِ جانچ ٿيڻ کان پوءِ چوري ثابت نه ٿي ته ڇُٽي آيو مگر ڪاوڙ مان حاجي موسيٰ کي ۽

منهنجي والد حاجي محمد پريل خان جروار ڪي جيڪي ٻئي مامون ۽ ياٽيجو ملا مڪتب ۾ ميان جي پروز وٽ پڙهندا هئا. اتان ڪين ڪيڏي ۽ ڳوٺ حمزو خان ٽالپر ۾ سرڪاري پرائمري اسڪول ۾ پڙهڻ لاءِ ڇڏيائون. ڪو ٻه ٽي درجا پڙهي ۽ نتائي اسڪول وچڙ ڇڏي ڏنائون. حاجي موسيٰ پيءُ سان گڏ ٻني جي ڪم ۾ لڳي ويو ۽ بابا سائين پنهنجي ياٹرن سان گڏ پنهنجي مال ۽ ٻني توڙي انن ڪي چارڻ ۾ لڳي ويو.

حاجي موسيٰ ٻني جي ڪم سان گڏ واڍڪا اوزار ۽ لوهارڪا اوزار ٻه ورتا. گهر جو ڪاٺ پڳل ٽتل ٺاهڻ سکيو. ڏانتا وغير ٺپڻ ٻه سکي ورتائين. جيڪڏهن ضرورت پوندي هئس ته ٻني واري ڪم تان فارغ ٿي اوطاق تي ويهي ڪم ڪي لڳي ويندو هو پر ڪيس پاٽي ڏيڻ جي ڪاريگري نه آئي. اوزارن جا منهن مڙي پجي پوندا هئا. پاڻ حج تي اهليه ۽ وڏي ڌيءُ سميت ويو. حج ڪري آيو سندس حج جا رفيق جيڪي جروار هئا. انهن جا نالا حاجي يار محمد پوري عيال سان زال مڙس، ٻه پٽ، ٻه نياٽيون. حاجي بچل مراداڻي ڳوٺ مبارڪ جروار وارو ٻه ٻارن ٻچن هو. حج تان واپس اچڻ کان پوءِ ڪيس پرواني جو شوق ٿيو مامي حاجي محمد پريل خان کي چئي پئسن سان ليس واري بندوق دونالي خريد ڪيائين.

ڪيس ٻه پٽ عبدالحڪيم ۽ محمد رحيم ٿيا ۽ ٽي نياٽيون ٻه. ٻئي پٽ پڙهيا ڳوٺ واري سرڪاري اسڪول جنهن جو بنياد بابا سائين رکرايو هو. ان ۾ مڊل تائين پڙهيا. مڊل جو اجازت نامون بابا زوري وٺي آيو هو. انگريزي پڙهائڻ لاءِ نه ته شاگرد پنج پاس ڪري مال حوالي ٿي ويندا هئا. خير مڊل تائين ڳوٺ الهه بخش جروار ۾ پڙهي پوءِ وڏيڪ تعليم لاءِ ٽنڊوالهيار ويا. وڏيڪ تعليم لاءِ عبدالحڪيم پڙهي پاس ٿي انگريزي جو استاد ٿي ويو آهي. مختلف اسڪولن ۾ ڊيوٽي ڪري چڪو آهي. ليڪن پنهنجي ڳوٺ الهه بخش جروار ۾ مڊل اسڪول جي بلڊنگ 1993ع پهرين پرائمري استاد بعد ۾ انگريزي ۾ ٿهي چڪو آهي. ايس اين سي ٻه اچي چڪي آهي. پر پاڻ اتي ڊيوٽي نٿو ڪري. اهيو ڪير ڪائنس پڇي ته جتي تون بنيادي تعليم پڙهيو آهين ۽ استاد ٿيو آهين اتي ڇو نه ٿو پڙهائين.

سندس والد ڪان اسان جي مامي محمد هاشم ۽ ڀين ڪان چورايو اٿم پر همراهه پنهنجي اسڪول ۾ ڊوٽي نٿو ڪري، ڪافي ڪجهه ان تي لڪان پر دادلو ماسات آهي، ڇا لڪان، هو به منهنجو حياءُ ڪري روبرو جواب ڪونه ٿو ڏيئي، حاجي محمد موسيٰ جو ٻيو نمبر پٽ ماسات محمد رحيم پڙهي بنيادي تعليم ڳوٺ واري اسڪول مان ۽ هن وقت پرائمري استاد ٿيو آهي، نوڪري ملي جوائين ڪرڻ لاءِ ڳوٺ جي اسڪول جو آرڊر وٺي آيو. استاد هئڻ سان گڏ ادب تي لکي پيو. پڙهي ڳوٺ واري اسڪول مان بدلي ڪرائي ويو آهي، ننڍي وڏي ڪا لائبريري شاهه لطيف جي نالي سان ٺاهي آهيس، مون کان به ڪجهه ڪتاب ڪٺي ويو آهي، شاعري پڻ ڪندو آهي، پاڻ به شاديون ڪيون اٿس، هڪ ڏاڏي پوٽي ۽ هڪ امير بخش باگائي جروار جي ڌيءَ، ٻنهين مان ڪيس اولاد آهي.

مون عرض ڪيو هو ته پنهنجي فيملي اڪبر تي احوال لکي ڏي، ته ڪتاب ۾ شامل ڪيون، پر پاڻ نه لکي ڏنائين، مون جيڪو احوال لکيو آهي، سو احوال مونکي به علي محمد علڻ جروار لکرايو هو، جيڪو هتي شامل ڪيو اٿم، پاڻ به ڀاءَ عبدالحڪيم ۽ محمد رحيم مونکان عمر ۾ الاهي ننڍا منهنجي هٿن جا ٻار آهن، پاڻ عبدالحڪيم جيڪو وڏو ڀاءُ آهي، جڏهن 7 سالن جو ٿيو هو ته اسان جهنڊ لهرائڻ لاءِ شيخ آچاري تي وٺي وياسين، عبدالحڪيم ڪي گهوڙي تي گڏ وٺي ويس ۽ شيخ پيرڪيو آچاري تي زيارت ڪرائي ۽ سندس جهنڊ لهرائي آيس، انهيءَ زماني ۾ موجوده پڪو روڊ اڃان تعمير ڪونه ٿيو هو. ڪچو رستو گهوڙن جو سفر هو. سويرو ڳوٺان نڪتاسين ۽ واپسي مهل اسان کي منجهند گرمي جا ڏينهن هئا، بک به لڳي، مڪان شريف جي ننگر جي ماني وٺي ڪاڏيسون، سندن احوال پورو ڪيم، هاڻي اڳتي بيان وڌايون.

حاجي حيدر خان ميهاڻي جروار جو احوال جيئن ته پاڻ مينهون خان جروار دوئم جو ياراڻي ديري مان پرڻيو. پاڻ 5 ڀاءُ هئا. هڪ ڀيڻ ياراڻي ديري مان هئي، نمبر وار هن طرح آهن. حاجي حيدر، حاجي علي بخش، حاجي مير محمد، حاجي غلام محمد عرف گامن، حاجي امام بخش ۽ هڪ ڀيڻ نالي مسمات فاطمه جيڪا منهنجي وڏي چاچي حاجي سليمان جي

گهرواري ۾ منهنجي سس پڻ هئي، مينهون دوئم ڀاراٽي ڏيرو جي حاجي حيدر به غربت جو وقت ڏٺو ۽ مزدوري نه ملي ته ڀائو محمد يوسف سان گڏجي ڀري به مزدوري تي نڪري پوندا هئا. پاڻ چوري جي پير کڻڻ جو به ماهر هو ۽ علائقي ۾ ڪا چوري ٿي جروارن جي يا ٻئي ڪنهن قوم جي آڌي رات سڏ سان گڏ هليو ويندو هو ۽ پيرن کڻڻ جي وڏي ڄاڻ هوندي هئس. پيرا ڪٽي مال موٽائي ايندو هو. بدن جو هلڪو قدآور مٿي تي هميشه اڇو پٽڪو ٻڌندو هو. مزوري کان فارغ ٿي اڇو ڪپڙو ڪندو هو. پاڻ ٻه شاديون ڪيائين. پهرين شادي ڏاڏي پوٽي سڳي سئوٽ عمر خان جي نياڻي سان ڪيائين. جنهن جو نالو مسمات فاطمه هو. ان مان ڪيس هڪ پٽ نالي عبدالڪريم عرف عدل ٿيو ۽ گهرواري گذاري ويس. پاڻ حاجي حيدر ٻي شادي باگاٽي جروارن مان خير محمد جي نياڻي سان ڳوٺ بيگن جروار مان ڪيائين. جنهن مان ڪيس هڪ نياڻي ٿي. جيڪا پاڻ ڳوٺ صاحب خان جروار ۾ عطراٽين جروار جي پاڙي ۾ صاحب خان کي پرڻائي ڏني ۽ بدي جو سڱ صاحب خان جي ڀيڻ وٺي سندس ننڍي ڀاءُ حاجي امام بخش جي شادي ڪرايائين. مٿيان ڀاءُ پاڻ ۾ گڏ رهندا هئا. روزي ۾ به برڪت ٿي. پاڻ زمينون به خريد ڪرڻ لڳا ۽ زميندار ي وڌائڻ جو عشق وڏيڪ اٿن. پوءِ پنهنجن کي چپ سپ ڪندا مڙئي ايڪڙ وڌائيندا اچن.

نماز روزي جو پابند هو. ڪيس تعليم ڪانه هئي، ڪپڙا بلو رنگ جا يا خاڪي رنگ جا پائيندو هو. چيڙاڪ به هو. شل نه ڪاوڙ اچيس. سڀ ڀجي پري ٿي ويندا هئس. پوءِ حاجي مير محمد سندس ڪاوڙ لاهيندو هو. اگهائيون بيماريون ته آهن. مگر پاڻ تندرست رهندو هو ڇن جي تڪليف هئس. ان کان ڇيلهه ۾ ڊاڪٽري پٽو ٻڌندو هو. ڪيس جيڪا زمين حصي ۾ آئي. پنهنجي جيئري پٽ ۽ ڏيءَ جا ڪاتا نهرائي ڇڏيائين. البت سندس وفات بعد ان تي عمل نه ٿيو. اهيا هڪ ڏکي ڳالهه آهي. شايع ڪرڻ جي لائق نه آهي. همراهن کي زمين وڏيڪ مٿي آهي. سڀ ننگ ناتا پوءِ. هي جهان فاني هر هڪ کي هلڻو آهي. پاڻ حاجي حيدر بلڪل تندرست روز مرده وانگي ڏينهن ٻني تي گذاري وچين نماز به سندس ٽيوب ويل تي پڙهي جيڪو حاجي نبي بخش بجلي تي لڳايو هو. ان نماز کان بعد ڳوٺ لاءِ روانو

ٽيو مغرب وقت پريل هو طوفان لڳو جهڙ آسمان ۾ ٿي ويو ۽ برسات سنهين شروع ٿي وئي، طوفان تمام تيز هو رستي ۾ هارين جا گهر هئا، انهن به ڇيس مجيري ترس برسات بيهي پوءِ وڃ. برسات گهٽ طوفان وڏو هو پاڻ هارين وٽ نه ترسي ۽ هليو آيو ڳوٺ ڏي، مدينه مسجد ڳوٺ الهه بخش جروار وٽ پهچي به ويو آذان به ٿي چڪي هئي، جماعت جي به مهل هئي، پاڻ هو به نماز جو پابند پر قضا جو قلم ڪونه ٽريو پاڻ مسجد بجاءِ گهرن ڏانهن هلي پيو. طوفان تيز هو حاجي حسين خان جي گهرن جون ڏاڪٽيون وڏو ڪوٽ جتي مسجد جي اوپر اتر ڪنڊ اڳيان بجلي جو پول آهي، اتي تيز طوفان جي زور سان ڪوٽ ڪري پيو ۽ پاڻ ان جي هيٺيان اچي ويو. ڪنهن کي به خبر نه پئي، مڙس هيٺيان اچي دبجي دم ڏٽي حوالي ڪيو. جڏهين طوفان ختم ٿيو برسات به بيٺي مغرب جي نماز به پڙهي ويئي، همراهه گهر نه پهتو ته معلومات ڪيائون، خبر پئي ته ٻني کان نڪتو هارين ترسڻ لاءِ چيو مگر نه ترسيو ڳوٺ ڏانهن ويو ته وڏيڪ ڳولا ٿي، ڇو جو طوفان ۾ ڪوٽ به ڪريو هو پوءِ ڪوٽ جي کوٽائي ڪري همراهه کي ٻاهر ڪڍيائون، ائين 80 کن سالن جي ڄمار ۾ پنهنجي مالڪ حقيقي سان وڃي مليو. کيس به پنهنجي آباڻي قبرستان شاهه عنايت ۾ مدفون ڪيائون. رهي نالو الله جو باقي سڀ فنا.

حاجي علي بخش جو احوال. پاڻ ياراڻي ديري مان مينهون خان دوئم جو ٻيو نمبر پٽ هو پاڻ به ٻه شاديون ڪيائين. پهرين ڏاڏي پوٽي گلڻ فقير جي نياڻي جنهن مان کيس ڪوبه اولاد ڪونه ٿيو ته سندس وڃي پنهنجي ناناڻن ياراڻين مان ڳوٺ داد خان جروار ديهه پوچڙ تپو ڪوڪر مان عمر خان ياراڻي جروار جي نياڻي سان شادي ڪيائين، جنهن مان کيس اولاد ٿيو. ٻه پٽ ۽ ٻه نياڻيون. بدي جو سڱ ڪيائون عمر خان کي وري سندس ڀائٽي اڪبر جي نياڻي ڏنائون، جنهن کي پڻ هڪ پٽ ۽ هڪ نياڻي آهي، حاجي علي بخش جا مڙد مڙس دلير هو جواني ۾ مزوري به الاهي ڪيائين سڀ ڀاءُ پاڻ ۾ گڏ هئا. ڪنڌار مڙس اڻ پڙهيل هو نماز جو پابند هو سندس حصي جي جيڪا زمين هئي، ان ۾ انبن جو باغ ۽ ڪيلو به پوکيائين. اهيا ٻي ڳالهه آهي ته پوين اها زمين حاجي امام بخش کي ڏني ۽ حاجي علي بخش کي حاجي امام بخش وارو زمين جو حصو ڏنائون. خير اهيو سندن گهرو مسئلو

هو حاجي علي بخش به پيءُ مينهون خان وانگي ڏاڍو مڙس هو حاجي علي بخش ڪئنال وٽ پٽيوالو هو ۽ پگهار 14 رپيا هئس. پيءُ واري چڪ همراهن ۾ ڪٽي هئي، پر رات وارو شڪار قائدي ۽ صفائي سان ڪندو هو جو لڪا ئي نه پوندي هئي، رات واري شڪار تي به ويندو هو پري پري حاجي مير محمد جو قائدو هئس، ظاهر ڪونه ٿيو چوراڻي وهنوار تان ڪي ڪوسا چور دوست هئس، انهن جو ونهوار هو ۽ رات جو پاڻ ۾ وڙهي پيا، موجوده ديهه ڳوٺ صاحب خان جروار وٽ محمد ۽ پير بخش عطراڻي جي موجوده گهرن وٽ اتي اڳي، ان زماني ۾ مينگهواڙ گرڙا، ڪنمپو جنهن جا پٽ سانوڻ ۽ طوطو هن وقت چمبڙ شهر وينا آهن، انهن جا گهر هئا، اصل اتي جا هئا، پوءِ مجبور تي لڏي ويا، اتي ڪوسن چورن سان وڙهي پيو حاجي علي بخش کي ڪهاڙي جو وڏو ڌڪ لڳو جنهن ۾ سندس پسراٽيون وڍجي ويون، آنڊا ٻاهر نڪري آيس ۽ چور ڀڄي ويا، پاڻ حاجي علي بخش پٽڪو مٿي تان لاهي پاسراٽين ۽ آنڊن کي ٻڌي اچي ڳوٺ گهر پهتو همراهن سان ڳالهه جهيڙي جي ڪري ٻڌائي پوءِ قرب ۾ ٻڌي هئي، هڪڙن حاجي علي بخش کي کٽ تي کنيو ٽنڊوالهيار سول اسپتال پراڻي ۾ پهچايو جتي شاهه صاحب ڪو وڏو ڊاڪٽر هو جنهن همراهه جو علاج ڪيو ٻين همراهن ابتا پير کنيا ۽ هڪڙن وري سبتا پير کنيا، ٿاڻو پوليس جو ڪوڪرن ۾ هو رپورٽ ڪيائون ٻئي مهيني چور ٻڌا، همراهه نيڪ ٿيو ۽ ڪيس هليو چورن کي ڪيس ۾ سزا جا امڪان هئا، پوءِ نياڻيون وٺي آيا، حاجي مير محمد کان ڏوهه بخشايائون جنهن کين بخش ڪيو ڪيس ڏکيو هو وڪيل جي چوڻ تي شاهدي ڦيرايائون، چور ڇٽي ويا، اهيا ڳالهه انگريز دور جي آهي.

پوءِ اولاد ڪانه هئس پاڻ ٻي شادي ڪيائين ۽ مٿيون ذڪر ڪيل اولاد به ٿيس، سندس پاءُ حاجي مير محمد کي اڌ رنگ جي بيماري هئي، جنهن مان به 30 کن سال ٿيا جو چڙهي ويو البت هڪ ٽنگ ساڄي پاسي واري کان مفلوج هو گهوڙي تي چڙهي زمين جيڪي هاڻي وڏائي ويا هئا، 1950ع بعد انهن تان گهمي ايندو هو حاجي مير محمد وري ٻيو دفعو بيمار ٿي پيو ۽ ڪيس ميمڻ اسپتال حيدرآباد ۾ ڊاڪٽر پروفيسر محمد عظيم عالماڻي داخل ڪيو طبيعت ڪجهه سڌري رهي هئي ۽ حاجي علي بخش

ڳوٺ خدا ڪارڻ خيرات ڪئي ۽ گهرن کي پنيان ڪوٺ کي چيڙو تي لوڙهو ڏياري منجهند جو فارغ ٿي حاجي مير محمد کي ڏسڻ حيدرآباد ميمڻ اسپتال ويو ۽ اتي اچانڪ بيمار ٿي پيو ۽ گذاري ويو.

حيدرآباد مان گاڏي تي ڪٽائي آيا ۽ حاجي مير محمد صحتياب هو اهو ٻه ٻي گاڏي ۾ ڳوٺ آيو حاجي علي بخش کي ٻه آباڻي قبرستان شاهه عنايت ۾ دفن ڪيو ويو حاجي نبي بخش وڏي خيرات ڪئي، حاجي مير محمد چئي ته خيرات نه آهي، حاجي علي بخش جي جهڙي ڪر شادي آهي ۽ پنيان جلدي حاجي مير محمد پڻ گذاري ويو حاجي علي بخش پنيان ٻه بيوه، نياڻيون ۽ ٻه پٽ افضل ۽ سليم ڇڏيا آهن. جن کي پڻ پري جي چڪ سندن ڏاڏي مينهون جي آهي، ليڪن زمانو الاهي بدلجي چڪو آهي، سليم مانيٽون آهي، افضل جا خيال ڪافي ملن ٿا.

هاڻي احوال مينهون خان دوئم جي ٿي نمبر پٽ جو ياراڻي ديرو مان حاجي مير محمد، حاجي مير محمد قدبت جو پورو پنو منهن مهاندو سهڻو ۽ وٽندڙ هوس، عقل منجهنس خدائي ذات هو فيصلن راڄن ۾ اٿي ويٺي تمام وڏي هئس، پاڻ يا سندس لاڳاپيل واري همراهه کي فيصلي ۾ پوئتي نه ڪندو هو ڳالهه مڙئي پنهنجي عقل سان مٺيري ڪندو هو جتي ڪيس ڪس ايندي هئي چوندو هو ادا مٺا اهيو ڪم ڪونه ٿيندو. ڀائرن ۾ قرب وڏو هو هڪ ٻئي تان ساهه پيا ڇڏيندا هئا، سندس چاچي عمر خان جي نياڻي سان شادي ڪيائين، جنهن مان ڪيس اولاد ٿيو. حاجي نبي بخش ۽ هڪ نياڻي جيڪا پنهنجي سئوٽ محمد يوسف کي ڏنائين، پاڻ پيڻ کي ڪافي اولاد آهي، حاجي مير محمد ۽ سيئي ڀائر گڏ هئا. سکر بئراج جي واهن جي کوٽائي واري وقت ۾ واهه تي مقدم هو ٽپال ڪيسانو موري بڪيرا ريگيوليٽر چمبڙ، سنجر چانگ پهچائيندو هو پگهار 16 روپيا هئس.

حاجي علي بخش ڪئنال وٽ پٽيوالو هو سندس پگهار 14 روپيا مهينو هو حاجي مير محمد ۽ حاجي غلام محمد عرف گامن ميان جي پروز وٽ پڙهيا هئا.

هيءَ ڀائر 5 ئي گڏ هئا. پنهنجي ملڪيت ناهڻ جي اٽڪل هئس، منهنجو والد ٻه سڳو سئوٽ هو هڪ ٻئي جي عزت ڪندا هئا. زمينن

سرڪارين ۾ ۽ واڻين ڪان ھڪ بہ سودي ۾ گڏ ھئا، ھمراھ ھر ملڪيت ۾ سودو ڪري پاڻ ڏوج ڏيندا ھئا، يعني سنو پلو حصو پاڻ جھليندا ھئا ۽ گھٽ پاسو بابا سائين کي ڏنائون، بابا جا سئوٽ ھئا، بابا سائين وڏي چاچي جي پٽن جي حيثيت ۾ وڏي پاءُ ڪان بہ سندن وڏيڪ راءِ رکندو ھو.

حاجي مير محمد پڻ نماز جو پڪو پابند ھو ٻاھر نڪرندو ھو تہ مڙس سھڻو ھو ڪپڙا اڇا پائي ۽ بوسڪي جو پٽڪو ٻڌي نڪرندو ھو حاجي بچو ميمڻ بڪيرا شريف واري سان وڏي دوستي ھئس پاڻ گڏجي ديھہ وساڻڪي ۾ بڪيرا شريف ڏانھن زمين مقاطع تي ڪنيائون، پوءِ صبح ڳوٺان گھوڙن تي چڙھي ٻني تي ويندو ھو ۽ منجھند جو واپس ڳوٺ ايندو ھو.

شايد اھيا 58_1955ع جي ڳالھہ آھي، ھي ٻني تان واپسي منجھند ڳوٺ پھتو اڌ رنگ جي بيماري ٿي پئي، دوا ڪرايائون، ھمدرد دواخانو ڪراچي مان حڪيم محمد سعيد ڪان، باقي سڄو ڳالھائڻ وغيره ۾ ٺيڪ ٿي ويو ليڪن ساڄي ٽنگ ڪان آخر تائين مفلوج رھيو، ھلي ڪونہ سگھندو ھو مال رزق زمين تي سندس چانس ھئي، علاج لاءِ سندس پٽ حاجي نبي بخش گڏ رھندو ھو ڪجھہ وقت شروع وارا سول اسپتال حيدرآباد ۾ بہ داخل ھو، چون ٿا تہ ڪرنل نجيب سول اسپتال حيدرآباد کي سنو ھلائي ويو اھيا ان زماني جي ڳالھہ آھي.

مال ۾ مينھون الاھي ھئس ۽ ڍڳيون بہ ڪجھہ ھئن، ڍڳن جا 4 جوڙا پنھنجا ڪيائين، مال مان بہ آمدني سٺي ھئس، سيئي گڏ ھئا، عدل حاجي حيدر جو پٽ مال چاريندو ھو ٻيا ھمراھ ٻني جو ڪم ڪندا ھئا، ھارين جا بہ ڪجھہ جوڙا ٻني تي رکيائون، فصل سٺا ٿيا، اناج جي اپت وڏي، ان رکڻ لاءِ گھرن ڪان علاوه ٻي جاءِ نہ ھيس، پوءِ حاجي حسين کين سڄي اوطاق حوالي ڪئي، جيڪا مدينہ مسجد جي بلڪل لڳ ھئي، اناج، ٻج اتي سنڀالي رکندو ھو ٻجن ۽ ضرورت وقت ڪڍندا ھئا، اوطاق سندن حوالي ھئي، حاجي حسين ھڪ پلي گھوڙي بہ ڪيس چڙھڻ لاءِ ڏني، مفت ۾ صبح جو گھوڙي تي سنج رکي حاجي مير محمد کي ھٿن سان ڪڍي گھوڙي تي ويھاريندا ھئا ۽ گھوڙي بہ سياڻي ٻني جو ٻارو ٻارو ڪري گھمي نبي بخش جو لڳايل ٽيوب ويل بجلي وارو مال جو وٿاڻ بہ اتي ڪيائون، پھرين وٿاڻ حاجي

مير محمد جو سيئي پاءُ گڏ هئا. بڪيراڻي بلاڪ 41 ۾ چاڪر واهه کان ڏکڻ ۾ لڳ هو. خير مال جوڙ سڀ شئي جي نظرداري ڪري منجهند جو ڳوٺ ايندو هو. ڪجهه سالن جي مسلسل چڙهي جي ڪري گهوڙي کي پٺن ۾ وڏو چٽو پئجي ويو ۽ چڙهڻ کان وڏي ٿي ويئي. آخر تائين وٽن رهي ۽ پوءِ مري وئي. 10 کن سال به اوطاق حاجي حسين واري وٽن رهي.
سندس پاءُ حاجي امام بخش جي شادي عطراڻي جروارن مان ٿيل هئي. نورل ۽ علي نواز حاجي امام بخش جا پٽ آهن. عطراڻين تي پولڙي نچائڻ جي آل پيل آهي. سو علي نواز کي حاجي مير محمد چيو توکي پولڙي وٺي ڏيان. تون نچائيندين. علي نواز چيو ها چاچا. حاجي مير محمد چيس يارو تي ڏيئين. پر توکان پولڙي ڪُتا ماري ڏيندا. چيائين نه ڪتن کي مارڻ ڪونه ڏيندس. به گهوڙيون پليون هيون. هڪ مکڙي هڪ ڪميت رنگ جي. جهڙيون هيون پليون اهڙيون هيون سياڻيون. غريب. خير مڙس هو هوشيار سڀ ڳالهه کي سوچي سمجهي. مون کان ڪميت گهوڙي چڙهي لاءِ موڪلايائين ۽ مون وڏي خوشي سان سندس حوالي ڪئي. چيائيون تو وٽ بڪ پئي مري. اسان ڪارائي متاري ڪنداسون. بس شل ڪنهن ڦِتي شل نه. ڪاهي گهوڙي چڙهي ڪرڻ لاءِ ڏيئي آيس. هڪ سال ڪن وٽن هئي. جهڙي ڏنم. اهڙي واپس ڪيائين. متاري ته ڪانه ٿي پر ان کي به پٺي ۾ وڏو چٽو ناسور ٿي ويو ۽ هوشياري سان مونکي واپس ڪري ڇڏيائون. جيڪا چڙهڻ کان عمر پر ويئي ۽ بابا ممون ڪوتار ڪولاچي کي خدا ڪارڻ ڏني ته گهوڙي پلي آهي تون وجي گهوڙي کان ڦر وٺ. انهي ويچاري محمد رحيم ممون ڪولاچي ڪوتار گهٽي سنڀالي ليڪن گهوڙي چڙهڻ کان وئي ۽ ڦرن کان به وئي. پوءِ ممون ڪوتاري گهوڙي کي براق ڪرائي ڇڏيو حاجي بچو ميمڻ ڳوٺ ايندو هو جڏهن حاجي مير محمد حياتي هو ۽ اسان جي اوطاق تي اچي رهندو هو. چاچا حاجي مير محمد پڻ پاڻ ڪٽائي اچي ويهندو هو ڪچهريون ڪندا هئا. ڪو راج جو ماڻهو ملڻ لاءِ يا ڪچهري لاءِ ايندو هو ته پاڻ ڪٽائي اسان جي اوطاق تي اچي ڪچهري ڪندو هو. انهي زماني ۾ سندن اوطاق ڳوٺ ۾ نه هئي. جيڪا هئي. ان کي پانڌ وان ۽ ٻج رکڻ جو ڪري ڇڏيو هيائون. ڪو غريب ڪائڻ لاءِ ان اوڏر تي گهرڻ ايندو هو ته ان کي چوندو هو منا ادا ان

غريبن جي ڪاڻ ڪان مٿي چڙهي ويو آهي، پوءِ دل پسند اگهه مقرر ڪري ڪين اوڏر ۾ ان ڏيندو هو. پاڻ جروارن جون ڪجهه زمينون خريد ڪيائين. آخري وقت ۾ ٻئي حج لاءِ اهليه ۽ پٽ سميت تياري ڪيائون. ٽئي ڀاتي هوائي جهاز جي ٽڪيٽ تي سفر ڪيائون. حاجي نبي بخش حج ۽ مدينه شريف جو سفر زيارتون ڪرائي آيو اچڻ واپسي مهل ڳوٺان بس ڪري ويا هئاسين. تڏهين ڪراچي شهر ۾ ٽام ريل هلندي هئي، مون سيني دوستن ڀائرن کي ٽام جو سفر ڪرايو. عبدالرزاق عرف دلبر خان نظاماڻي ۽ سندس وڏو ڀاءُ عبدالباقي نظاماڻي ٽنڊو قيصر وارا به گڏ هليا هئا ۽ حاجن سڳورن کي وٺي آياسون. خير جا پنهنجي ڳوٺ وڏا آهن. ياداشت لاءِ پنين جي جاڻ لاءِ لکيو اٿم. ڊيگهه ڪري ويس. ايتري سٺي تاريخ نه آهي. جو ويهي پنهنجو پئسو ۽ وقت زيان ڪريان. آخري ڏينهن ۾ پاڻ بيمار ٿي ميمڻ اسپتال حيدرآباد ۾ علاج لاءِ ويو هو ته حاجي علي بخش بيمار ٿي اتي اسپتال ۾ گذاريو. وڏي ماني خيرات جي حاجي نبي بخش ڪئي ۽ جلدي پنيان حاجي مير محمد پڻ ڀاءُ جي ڳڻتي ۾ دم ڏٺي حوالي ڪيو. آباڻي قبرستان شاهه عنايت ۾ دفن ڪيو ويو.

حاجي نبي بخش جروار جو احوال. پاڻ حاجي مير محمد جو اڪيلو ۽ پيءَ چاچن جو دادلو آهي، پاڻ ڪوسو واءُ ڪونه ڏٺو اٿس. منهنجي پيءَ حاجي محمد پريل خان جروار پاڪستان ٺهڻ وارن سالن ۾ ٽنڊوالهيار ۾ رهڻ جي جاءِ ورتي هئي، پوءِ غلام رسول عرف الهه بچايو. نبي بخش. مير محمد. لائق خان ولد مير هادي بخش خان ٽالپر. حمزو ٽالپر جي ڳوٺ وارو. ٽنهين کي گڏ پڙهائڻ لاءِ رهايو ليڪن گريجوئيٽ منجهائن ڪوبه ڪونه ٿيو پڙهڻ ڇڏي سڀ اچي مائيٽاڻي ڪمن يعني زميندارې کي لڳا. پيار محبت هئي، نبي بخش خان وارن وٽ ڳوٺ ۾ اوطاق نه هئي ۽ اسان جي اوطاق تي مهمانن سميت رهندا هئا. ڪچهري جو ڪوڏيو هو ۽ چڙندو به جلدي هو ته وري پرچندو به جلدي هو چو جو مائٽن جو دادلو هو پاڻ حاجي موسيٰ جي نياڻي وڏي سان شادي ڪيائين. جنهن مان ڪيس 5 پٽ ۽ ٻه نياڻيون آهن. وڏو پٽ محمد حنيف اٿس. عزت ڀرم وارو آهي، وڏي نياڻي عدل جي پٽ ڪرو جي گهر ۾ آهي، ٻئي نمبر پٽ تي عمر ورسي جو نالو

آهي، حنيف کان سواءِ سيڻي چاچڻ ۽ ڀائرن لاڙ واري زمين جيڪا سجاول لڳ ڪنڊڙي ۾ خاصخيلين طاهراڻين وٽ آهي، وڪڻي ڇڏي اٿن، حنيف جو حصو باقي آهي. الله بچائي ڏيندس.

سندس ٻئي نمبر پٽ عمر کي عرض ڪيم ته اوهان جي سڄي فيملي تي تاريخي احوال نوٽ ڪري ڏي ته ڪتاب ۾ لکيا، ها ڪري آسرا ڏيندي هن به ڪونه لکي ڏنو منهنجي لکڻ جو ڪم هڪ سال پوءِ ٿيو جيڪا حقيقت آهي، اها لکي ڇڏي آهي.

حاجي نبي بخش پيءُ ۽ چاچڻ جو دادلو آڳ واڳ جو ڏٺي هو ۽ وچائڻ وارو به نه هو زمين کي پيءُ ۽ چاچين جي صلاح سان خريداري ڪندو ۽ وڌائيندو آيو هروڀرو جي الاهي سنگت ڪونه رکيائين، مگر جتي به سندس ڪم ڪار پوندا هئا، اتي 5 جي جاءِ تي 50 به خرچ ڪري ڇڏيندو هو اسان سڀ پاٽت ۾ سئوٽ ٿيون، ماستر محمد صالح، ماستر مبارڪ، لکاڏنو جوڳي خاصخيلي، صالح پٽيل ولد جمع خاصخيلي جي معرفت ڪنڊڙي وٽ به زمين خريد ڪيائين، ٻنهي ٺهرائڻ ۽ هتان سندس ٽريڪٽر سان گڏ سئوٽ قاضي محمد رحيم جا ٻه ٽريڪٽر وٺي ويو جيڪي اتي مسلسل 5 مهينا تيل تي ڪم ڪري آيا، نبي بخش کان بعد چاچڻ ۽ محمد حنيف کان سواءِ سڀن حصا وڪرو ڪري ڇڏيا.

حاجي نبي بخش دادلو هئڻ ڪري مڙئي سهپ گهٽ هئس ۽ چڙ جلدي ڪندو هو سندس وڻي ۽ حاجي حيدر حاجي علي بخش ۽ پيءُ حاجي مير محمد گذاري ويا هئا، سڀني جي گڏيل زمين هئي، حصن مطابق هيراڦيري ڪاتا ٺهريائين، حاجي علي بخش جي باغ پوکيل حصا حاجي امام بخش کي ۽ حاجي امام بخش جا باغ پوکيل زمين سميت حاجي علي بخش جي پٽن حوالي ڪيائين، افضل ۽ سليم ننڍا هئا، سندن طرفان سندن نانو عمر ياراڻي داد جروار وارو تمام ناراض ٿيو حدون اڪري ويا، ٻئي چڙان دنيا خاطر دين مٽائي ڇڏيائون، عمر ياراڻي سور پي ويو جو نياڻي بيوه جي ۽ ننڍن ٻارن جو اجا ٻي سمجهه هئا، سندن اختلاف حد کان ٻاهر هو راڄن کي خبر آهي لکڻ جهڙو مواد نه آهي، جو عمر ياراڻي مون وٽ به دانهن کڻي آيو هو پاڻ ۾ هئا سو مون ڪنهن جو به طرف نه ورتو حاجي نبي بخش کي شگر بيماري

جي تڪليف هئي، مسجد ۾ خطبو پڙهندي پڙهندي ڪِري پيو. هڪ دفعو خطبو پڙهي ڪِري پيو ۽ ان کان پوءِ خطبو نہ پڙهيائين. ان کان پوءِ مون خطبو پڙهيو ۽ هاڻ شير محمد ۽ منهنجو پاءُ ماستر عرس خطبو پڙهندا آهن.

آخري ڏينهن پاڻ ڪاتن ۽ شريعت محمدي جي ترڪي جي سلسلي ۾ ميمڻ حاجي سيف الحق وٽ هو ۽ ڪاغذ ٺهريائين. ڪهڙا ٺهراياڻين اها مونکي خبر نہ آهي، سندس پٽ نانو عمر گڏ هئس. شگر جو مريض هو گهر لاءِ ٻوڙ ۽ سامان خريد ڪري خان محمد جي مسافر خاني نڪاڻي تي رکي آيو اهيو نڪاڻو اسان سڀني جروارن جي ملڻ جي جاءِ آهي. اڄ انهي ڳالهہ کي 35 سال ٿيا، هاڻي جروار سينٽر مارڪيٽ تعمير ٿي ويئي آهي.

اتي پهتو ۽ اٽيڪ ٿيس دم ڏني حوالي ڪيائين. ميت کي گاڏي ڪٽائي نانا عمر ڳوٺ آيو ۽ هڪ ڏينهن آئون بہ ڪونہ هوندس. رهي نالو الله جو باقي سڀ فنا آهي، مان مزوري سانگي شوڪيہ نصير بيراج فاضلاڻي موري تي هئس. علي خاصخيلي ايريگيشن فون وسيلي ٻئي ڏينهن اطلاع ڪيو ۽ ڪم ڇڏي ڳوٺ آيس.

حاجي نبي بخش پنيان 5 پٽ، 2 نياڻيون ۽ هڪ بيوه ڇڏي آهي، هڪ محمد حنيف وڏو پٽ ۽ وڏي نياڻي منهنجي تمام گهڻي عزت ڪن ٿا، ٻيا نڪي منهنجي عزت ڪن نہ مان ويجهو ٿيان. محمد حنيف کي ڪجهہ پيءُ وارا خيال آهن تہ ڳوٺ راڄ ۾ ۽ هيٺي جو مڙئي خيال ڪري ٿو. الله ڪري خوش هجي، باقي ڪو اهڙو احوال نہ آهي، جو لکان. ايترو تجربو ۽ عمر ٻڌائي ٿي تہ سڀني کي پُري جي ڇڪ آهي، صفائي سان ٻئي جي گلو کهي ڄاڻن ٿا، ڪنهن جي بہ سک سان ٻڌل نہ آهن. پنهنجو پيٽ پالي ڄاڻن ٿا پر خوش هجن. ڪرڪيٽ راند جو بہ محمد حنيف کي شوق آهي ۽ پاڻ بہ راند ڪري ٽيمون ٻاهران گهرائيندو آهي ۽ عبدالحڪيم جي اوطاق لڳ پنهنجي زمين ۾ ڪرڪيٽ راند جو سنو گرائونڊ ٺهرايو اٿس ۽ راند جي پيچ بہ سيمينٽ سان پڪي ٺهرائي اٿس.

حاجي غلام محمد عرف حاجي گامن ميان جي حاجي پروز وٽ ڪجهہ پڙهيو جڏهن هيءَ احوال پهرين بڪ تي پئي لکيم تہ سندس ٻڌائڻ تہ منهنجي عمر هن وقت 70 سال کن آهي، مينهون دوئم جو ياراڻي ديرو مان

جروار ڳوٺ داد خان جروار وارو ديهه ٻوچڙ ٽپو ڪوڪر مان چوٿون نمبر پٽ آهي، منهنجي سڳي سئوٽ گهر ۾ اٿس، ان مان ڪيس 4 پٽ ۽ 3 نياڻيون آهن. پاڻ هن وقت اڪين ڪان ويهي رهيو آهي، ويهي ڪچهري ڪبي ته پراڻيون ڳالهيون ياد اٿس ۽ هن سندس احوال ۾ به سندس ٻڌايل ڳالهيون درج آهن. پنهنجي جيڪا حصي جي زمين آهيس جواني ۾ ان ۾ مزوري ڪري انبن جو باغ پوکي تيار ڪري ڇڏيو اٿس. اهيا زمين جڏهن سڀ پائر گڏ هئا ته پير بقادار شاهه بڪيرا شريف واري ڪان خريد ڪئي حاجي مير محمد ۽ حصي ۾ رکي حاجي گامن هيئنر پاڻ اڪين ڪان ويهي ويو آهي، ڪارو بار پٽن جي حوالي ڪري ڇڏيو آهيس ۽ ڪاتا به 4 پٽن جا زمين ۾ پنهنجي جيئري ڪري ڇڏيا اٿس. نياڻين کي زمين ملڪيت مان حصو ڪونه ڏنو اٿس. مڙس کي پيءُ واري چڪ آهي، پر حاجي مير محمد قائدي ۾ رکين ۽ کين خوار ٿيڻ کان بچائيندو رهيو. حاجي گامن به پنهنجي اولاد کي پڪائي جي سٺي ٽرينگ ڏني آهي، پنهنجي پيٽ پرڻ پورو پورو سکيا آهن. ٻيو پاڙي جو غريب پاءُ مري ڪي بچي، انهي ۾ سندن هڪ نياڻي منهنجي سئوٽ محمد ايوب جي گهر ۾ آهي، کيس اولاد آهي، ٻي نياڻي محمد حنيف جي گهر ۾ آهي، کيس به اولاد آهي، ٽي نياڻي علي نواز جي گهر ۾ آهي، کيس به اولاد آهي، علي نواز مڙئي ڏکيو مڙس آهي، ڏاڏاڻي توڙي ناناڻي چڪ همراهه ۾ پوري پوري آهي، جنهن کي به پهتو انهي کي ٽڪي جو ڪريو ڇڏي.

حاجي گامن جي وڏي پٽ قمر الدين ۽ امين جي پٽن جا نالا "الدين" تي ترز تي رکيا اٿن. وڏا ڳالهه ڪندا آهن ته سڀ ڪو پنهنجي فن جو ماهر آهي، پوءِ جنهن وٽ جيڪو فن هجي اهو ان ۾ ماهر سو انهن "الدين" نالن ۾ به وڏي ڳالهه سمايل آهي. اشاعت جي قابل نه آهي پر ايترو ضرور لکندس ته اسان سڀ گڏجي هڪ فيصلي ۾ وياسون. جنهن ۾ اسان چڱن مڙسن سان گڏ هڪ امانتدار جروار مسٽر حاجي شير محمد ولد غلام رسول جروار اسٽامپ ويڊر به فيصلي جي امانتدار ٿي هليو هو. مسٽر غلام قادر مري ۽ سندس پاءُ اسماعيل خان مري وٽ زمين جي فيصلي لاءِ اتي مينهون خان جيڪو ڳالهايو ان مان اسان کي معلوم ٿيو ته اهيو نالن جي ترز

"الدين" چوڙڪي اٿن. فيصلو حقي حق ٿيو پر همراهن جي نيت ۽ ڏاڏي جي چڪ اٿن. بس دين ايمان سڀ ڪجهه ملڪيت شايد اهيا ملڪيت سندن ايمان ۽ اخلاق ۾ آهي. جيڪا وڏن جي چڪ اٿن. حياءَ به ايترو جو سندس گاڏي ڪار ۾ ڪنهن دعوت يا دوستي ياري ۾ گڏجي هليا ته وڏو مامون قاضي محمد رحيم يا ننڍو مامون حاجي اسحاق هجي ان کي پنهين سيٽ تي ۽ پاڻ مينهون خان اڳين سيٽ تي ويهن. اهيا اٿن وڏن واري چڪ ۽ ذهني سوچ رئيس غلام قادر مري ۽ حاجي اسماعيل مري وٽ جيڪو فيصلو ٿيو اميد ته صحت ساڻ ڏنو ته ان جو پورو پورو احوال درج ڪندس. جيئن پوين کي سندن ساک پت ۽ ايمانداري توڙي اخلاق جي پوري خبر پوي. ليڪن ڪندا سڀ ڪجه صفائي سان. جيئن الزام ٻئي ڏانهن وڃي ۽ ناجائز نفعو پاڻ کائين. استعمال ٻئي کي ڪري ڇڏيندا سندن وڏن کان اهڙا به تي واقعا آهن.

ڏاڍي کان پري رهندا ۽ هيٺين کي گار ڏيئي جهيڙو ڪري جهيڙي جي آڙ ۾ هيٺين کي هيسائڻ سندن چالاڪي آهي. اهڙا واقعا منهنجي فيملي سان ڪندا اچن. اسين اشرافت سبب سهيو وڃون.

حاجي امام بخش مينهون خان دوئم جو پنجون نمبر پٽ آهي. سندس شادي عطراڻي جروار جي پاڙي مان ٿيل آهي. کيس به اولاد ۽ انهن کي به اولاد آهي. حاجي امام بخش کي به پٽ ۽ ٻه نياڻيون آهن. نور محمد عرف نورل ۽ علي نواز. حاجي امام بخش کي حصي جي زمين آهي. نبي بخش ڪجهه بدلي سدلي ڪري کاتا نهرايا ڪجهه ناراضگيون به ٿيون. پر وري به ملڪيت سندن آهي. نهي ويا. الله ڪري خوش هجن. حاجي امام بخش ڪچهري ۾ ننڍي ڳالهه کي وڏو ڪري چاٽندو هو. وٽس اهيو فن به ورسي جو هو. سندس ساڄي ٻانهن ۾ نونٽ کان مٿان ڪلهي کان هيٺيان گوشت جو وائي ڳنڍيو به ڪلو کان به ڪجهه وڏيڪ هو. سڏ سلوڪ برادر يا دوستي ۾ موڪليندا هئس. قدرآور وڏي منهن سان مڙس هو. سڏ سلوڪ ۾ وڃڻ وقت بوسڪي جو پٽڪو هيٺ مٿي تري سان ٻڌندو هو ۽ جيڪو کيس ٺهندو هو. اسان جي نسل ۾ مڇيون ۽ ڏاڙهي وڏيون ڪونه ٿين. البت ڪُسرا نموني جا آهيون. ڏاڙهيون مڇون ڪنهن ڪنهن مڙس جون پريل مڇون چا پر ڏاڙهي ٿئي. پر گهڻن همراهن کي شهپر وڏا رکڻ جو شوق ته آهي. ليڪن ٿين ڪونه.

ڪوئي واري بيت ۾ علڻ سندس نالو وصفون ۾ گڏ بيان ڪيا آهن. جيڪو مون وٽ لکيل پيو آهي ۽ هتي ڪٿي بيان درج ڪندس. حاجي امام بخش جو وڏو پٽ نور محمد عرف نورل هو. پاڻ سھڻو جوان هو ننڍي وهي ۾ شادي ڪيائين. منظور علي، مختيار علي، مراد علي ۽ هڪ نياڻي جو اولاد اٿس. نورل نانگن جي بادشاهہ نواب حاجي محمد خان تاجپور واري جو شاگرد هو ۽ بلائون جھليندو ڇڏيندو هو تعويذ مليل هئس. ڪکيل ڪي بہ پاڻي پڙهي ڏيندو هو سوپائتو جوان سيني کي وٽندڙ سچ گو پڻ هو ٽريڪٽر پنھنجو پاڻ ڊرائيو ڪندو هو. واقعي واري ڏينھن منجهند جو ڳوٺان ٻني تي ويو. هارين نانگ ڏٺو ان کي پئي ماريائون. نورل جي نظر پئي ۽ چيائين نہ ماريوس. پاڻ اڌ ڏڪيل نانگ کي پاڻي جا ڇنڊا هڻي ڪجھہ سامت ۾ آندو ۽ ڪيس هٿ وڌائين تہ نانگ ڪو زهريلو هو ان چڪ هنيس، تعويذ گڏ نہ هئس. ڳوٺ وساري آيو هو. قضا جو وقت پريل هو. نانگ جي چڪ سان همراهہ ڪِري پيو جيئن شاهہ سائين فرمايو آهي.

> سنھان مَ پائج سپ وياءَ واسيگن جا،
> لتاڙيا لطيف چئي چڙيا هڻن چڪ،
> جن جي جھڙپ هاٿي هنڌان نہ چري.
> (شاهہ)

بس همراهن کي زهر وڪوڙي ويو. بروقت جيپ ۾ نواب حاجي محمد خان وٽ تاجپور پھتا، ان چيو بابا زهر پنھنجو ڪم ڪري چڪو آهي، جلدي سول اسپتال حيدرآباد پھچو ۽ انهيءَ ئي گاڏي ۾ سول اسپتال حيدرآباد پھتا.

جيئن لطيف فرمايو آهي تہ

> اڳي ان تڙان مون وهنجدي ورهہ ٿيا،
> قضا آندس ڪن ۾ گھرائي گھران.
> جڏهين پورا ٿيا پريان تڏهين تانگو بہ تار ٿيو.
> (شاهہ)

سول اسپتال حيدرآباد ۾ پهتا. ڊاڪٽرن علاج به ڪيو ليڪن قضا کي ڪير به روڪي نٿو سگهي. نورل جو حياتي ساٺ ڇڏيو پاڻ سول اسپتال حيدرآباد ۾ ساهه الله جي حوالي ڪيائين. ڪو 4 ڪلاڪن ۾ سڀ ڪجهه ٿي گذريو.

سڀ فنا جو مڪان آهي. الله سائين ڪيس جنت ۾ جاءِ ڏي. ڳوٺ اچي آبائي قبرستان شاهه عنايت ۾ دفن ڪيو ويو.

ڪڏهين ڳاڙهو گهوٽ، ڪڏهين مڙهه مقام ۾،
واري سندو ڪوٽ اڏي اڏبو ڪيترو.
(شاهه)

الله سائين کان به دعا آهي ته الله سائين سندس اولاد کي خوش رکي ۽ وڌائي.

حاجي امام بخش حصي ۾ ورتل گهر جي پلاٽ کي تعمير ڪرايو. جيڪو منهنجي گهر لڳ الهندي پاسي آهي. نورل کان بعد ڪيترا سال پنهنجو ڪاروبار سنڀاليندو رهيو. آخر اڌ رنگ جي بيماري ٿيس. لڪي محمد شاهه پير بڪيرا شريف واري کان دوا ورتائين. هيڪر اڌ رنگ مان اٿي ويو. وري ٻئي دفعي بيمار ٿيو پوءِ دوا ڪٿان ٻئي پاسان ڪرايائين. نيڪ نه ٿيو. ڪيترا سال کٽ تي پئي بيماري ۾ وفات ڪيائين. ڪيس آبائي قبرستان واقع شاهه عنايت ۾ دفن ڪيو ويو.

علي نواز کي به شاديون آهن. اولاد اٿس. سندس چاچي حاجي مير محمد جي چيل پولڙي واري ڳالهه سچي آهي. پاڻي ٻي شادي سڳي مامي محمد عطرائي جي واڍن واري حرم يعني گهر مان جو شادي چاچا علي واڍو وچي نياڻي سان ٿيل هئي.

اهي واڍا صاحب خان جروار جي ڳوٺ وارا ابوپوتا. سمان آهن. ڳوٺ صاحب خان جروار جي احوال ۾ سندس ذڪر ايندو. علي نواز ڪُپت ڪري ڪائي ويو. باغ جي سودي ۾ باگڙين جا پئسا ڪاڏا. چاچا حاجي ڪريمداد وساڻ ديهه وساڻڪي وارو ۽ پروفيسر ڊاڪٽر سيد شاهنواز شاهه فيصلي لاءِ مون کي چيو مڙئي منتون ڪري وني ويس. مينهون، ڪرو ۽

افضل سيني ٻڌايو تہ مون کي باگڙي جا پئسا آهن، نٿو ڏي، اسين ڇا ڪريون، پوءِ مونکي وٽي ويو روبرو ڳالهيون ٿيون، باگڙي جا پئسا ثابت ٿيا، مونکي فيصلي ۾ ضامن ڪري اڌ پئسا ڏنائين ۽ اڌ پئسا نہ ڏنائين سو نہ منهنجي ڪري پوليس ۾ ڳالھ ڪانہ ويئي، نہ تہ ڇٽي سميت پري اچي ها، مٿين پنهنجي خاندانن چاچا حاجي ڪريمداد وساڻ ۽ سائين شاهنواز شاھہ صاحب مونکي ۽ بابا سائين حاجي محمد پريل خان کي عزت ڏئي، علي نواز وٽ عزت نہ آهي، تہ ڪٽان ڏين، مينهون خان، افضل ۽ حنيف وارن مان ڪو بہ علي نواز سان گڏ چاچي حاجي ڪريمداد وساڻ ۽ ڊاڪٽر شاهنواز وٽ فيصلي لاءِ گڏجي نہ هليا، آئون گڏجي ويس، مٿان همراھہ رڳو پئسن ڀرڻ جي سور کان نہ هليا، باگڙي جا پئسا باغ جا علي نواز تي ثابت ٿيا، مونکي ضامن وجهي اڌ پئسا ڏئي اڌ کائي ويو.

جيئن تہ هن لکڻ جي ڪم لاءِ جروارن جي ڳوٺن ۾ وڃڻ ۽ خبر چار وٺڻ لاءِ توڙي شجرن فوٽ نوٽن لاءِ تہ اهيا خبر مواد گڏ ڪرڻ جي سنڌي لينگويج اٿارٽي کي پئي، انهن مواد موڪلڻ لاءِ ليٽر منهنجي نالي موڪليو، دير جا الاهي سبب آهن، اهيو لکڻ وارو سمجهي سگهي ٿو، سنڌي لينگويج اٿارٽي کان مليل ليٽر، سنڌي ٻولي جو بااختيار اداري طرفان موڪليل ليٽر پيڊ تي ليٽر جناب شيخ محمد اسماعيل اعزازي مشير موڪليو، موضوع انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا بابت پهتو، نمبر ايس ايل اي/ايڊمن 1498/ 31 آگسٽ 2001ع تي پهتو، بہ سال بند ڪم وري ڪنيو اٿم، 27 سالن ۾ ڪيتريون تبديليون اچي ويون آهن، ڪي ڪاغذ بہ هيٺ مٿي ٿي ويا آهن، اصل پيپرن مان شاٽ ڪٽ ڪري احوال لکيو آهي.

حاجي محمد خان ولد حيدر خان، پاڻ حيدر جو ٻيو نمبر پٽ هو، منهنجو ڏاڏو آهي، سندس شادي حيدر خان جي ماماڻن مان سونو جروار بخشاڻي جي نياڻي مسمات مريم سان ٿي، بَدي جو سڱ هو، عيوض ۾ حاجي محمد خان جي ڀيڻ ۽ حيدر خان جي نياڻي مسمات حاجاڻي آسيئتہ ڏنل هئي، حاجي غلام علي بخشاڻي کي مٿيان حاجي غلام علي ۽ سونو بخشاڻي انهي زماني ۾ ڇيچ جهان خان ميون عثمان شاھہ جا ڦبا لاڏيون ضلع ٺٽہ ۾ وينل

هئا. منهنجي ڏاڏي حاجي محمد خان اتان شادي ڪئي، ڏاڏي کي وٺي آيو. اڇو پٽڪو ٻڌندو هو.

رنگ جو ڪجهه پڪو هو. باڊي ۾ سنهون مڙس اڻ پڙهيل مگر حساب ڪتاب جو پڪو پختو. هٿ جو سخي مڙس بنان ڪنهن لالچ جي غريبن جي مدد ڪندو هو اڙيال کي هرگز خالي نه ڇڏيندو هو. ڪار پٽ زبان جو سچو هوندو هو.

واٽين سيئين سان ڏيتي ليتي کي بلڪل چٽو رکندو هو. واٽيا به چوندا هئا ته ڪارو ڪوجهو آهي پر ڪارپٽ جو سچو آهي، هر وقت پنهنجي ٻني ۽ مال رزق جي ڪم ۾ ۽ آئي ويئي مهمان مسافر جي خدمت ۾ رڌل رهندو هو. پرائي ڪان صفا ڀڄل صوم صلوات جو بلڪل پابند هو. ڳوٺ واري موجوده مدينه مسجد کي شهيد ڪرائي پنهنجي ٻني مان نمون وڌائي، ساڳئي سيدن واري بنيادن تي ننڍي مگر سهڻي مسجد ٺهرايائين. مسجد شريف جي ڪاٺ جي چٽسالي به ڪريائين، ڪچين پٽين تي اڇي چن جو سٺو نيرو ڪرائي ان تي رنگ جي چٽسالي به تمام اوچي ڪرايائين. جنهن ۾ تمام گلن سان گڏ انب جا وڻ به ڦر سميت چٽسالي ڪرايائين. اڳي به بيان ڪري آيو آهيان، ته مسجد شريف جي ڪم دوران صاحب خان جروار جي ڳوٺ ۾ مائي بيوه مينگهواڙي اسان جي ڳوٺ آئي ۽ سندس گهر ٻڌل هو. منهنجي ڏاڏي حاجي محمد کي چيائين ته حاجي بابا الله سائين جو گهر پيو ٺهرائين، مون بيوه رن زال جو گهر ڊٺو پيو آهي، مونکي به خدا ڪارڻ گهر ٺهرائي ڏي، انهي بيوه کي پنهنجي ٻني مان ڪاٺ وڍرائي ۽ ساڳين رازن مزدورن ڪان بيوه جو گهر ٺهرائي ڏنائين. ميان جي حاجي پروز جروار ملون اچي ڳوٺ صاحب خان جروار ۾ ويٺو. قرآن شريف جي تعليم ڏيڻ لاءِ ڏاڏا حاجي محمد خان ڪيس ڳوٺ الهه بخش جروار ۽ ڳوٺ علي بخش جروار جي ٻارن کي پڙهائڻ لاءِ فقر به وقتوءِ جنسن لهڻ تي ان جو وظيفو راڄن تي مقرر ڪيو ته ميان جي حاجي پروز جروار ملون ٻارن کي پڙهائي ۽ اهيو تعليم جو سلسلو ڳوٺ صاحب خان جروار ۾ حاجي محمد خان جروار شروع ڪرايو هيو. 1970ع تائين به ڳوٺن مان فقر جي ماني شاگرد پهچائيندا هئا. تي پيڙهين تائين اهيو سلسلو هليو ۽ ملان مڪتبه رهيو پوءِ پرائمري اسڪول

ٿيو پوءِ پرائمري اسڪول ڳوٺ الھ بخش جروار ۾ پڙ منھنجي بابا سائين حاجي محمد پريل خان جروار، حاجي غلام حسين ڪوڪر کان ايوب جي حڪومت ۾ کولرايو. جيڪو هن وقت مڊل اسڪول ڳوٺ الھ بخش جروار ۾ بلڊنگ سميت هلي پيو موجود آهي.

جڏهن انگريز سرڪار بيراج واھ کوٽايا ۽ پاڻي 1931ع ۾ نوان واھ جاري ٿيا تہ اسان جي فيملي جون ڪافي زمينون موجوده چاڪر واھ جي اتر طرف ٿي ويون، ڳوٺ چاڪر واھ جي ڏکڻ ھو اَن گاھ آڻڻ ۽ ٻني ٻاري جي اچ وڃ چاڪر واھ وچان گذرڻ ڪري ڏاڍي مشڪل ٿي پئي، چاڪر واھ تي ان وقت موري ڪانہ هئي، وڏي تڪليف ٿي، پوءِ حاجي محمد خان سرڪار کي موري چاڪر واھ تي تعمير ڪرڻ جي درخواست ڏني، جيڪا وڏي جدوجهد سان انگريز سرڪار منظور ڪئي تہ خرچ پنھنجي سان ڪاٺ جي موري تعمير ڪرايو ۽ ضرورت پوڻ تي سرڪار ڪاٺ لهرائي ۽ ڪاٽي ڪرائيندي، حاجي محمد خان قبول ڪئي ۽ پنھنجي خرچ تي سرون ۽ ڪاٺ پين ۽ لوهيڙو پڪو خريد ڪري آيو ۽ پنھنجي زمين ۾ بيٺل سرينھن جو وڏو وڻ ھو ان کي ڪٽائي زبردست ٿلها تختا ٺهرائي، مال موجود ڪري ڏنو ۽ سرڪار جي طرفان آفيسرن اچي نشان ڏنا ۽ موري جا پيلرن جا بنياد پيا ۽ ان تي ڪاٺ جي موري تعمير ٿي، هاڻي مال مويشي مزور هاري وھٹ ٻني تي سولائي سان اچڻ وڃڻ لڳا، لوڊ ٿيل ڏڱي گاڏي خالي ڪري ۽ هٿن سان همراه بيل گاڏي هڪ کان ٻئي طرف پاس ڪري پوءِ گاڏي مان لاٿل بار لوڊ ڪري هڪ کان ٻئي پاسي ويندا هئا ۽ اڄ ان موري کان اولهہ طرف 165 فوٽن تي پڪي موري منھنجي بابا سائين حاجي محمد پريل خان جروار، حاجي غلام حسين خان ڪوڪر يونين ڪائونسل ڪوڪر جو چيئرمين ھو ان کان اهيا موجوده پڪي موري شايد 1962ع ۾ تعمير ڪرائي.

ڳوٺ جي همراهن مڙسان مڙسي چيڙون ڏنيون ۽ موجوده پڪي موري ٺهي تيار ٿي، جيڪا هن وقت هلي پئي.

منھنجي ڏاڏي کي 3 پٽ ۽ 4 نياڻيون هيون، حاجي سليمان، حاجي عثمان، حاجي محمد پريل ۽ نياڻيون خديجہ جيڪا سڳي سئوٽ خان محمد

سان نڪاح ٿيو اولاد ٻه ٿيو ۽ بعد ۾ خان محمد مينهون جي گهرن ڪي باهه لڳي ۽ امام بخش ڪي باهه مان ڪڍي آيو ڪيس باهه ساڙي ڇڏيو ۽ فوت ٿي ويو پنيان گهرواري ۽ ٻار ٻه گذاري ويا. حاجاڻي رضيه بيگم ڀرين جمع ولد ڪرڙ جي گهر ۾ هئي، سندس ٻنا اولاد گذارڻ جي ڪري ٻيو حق علي بخش جروار ۾ عبدالرحمان سان ٿيو جنهن مان حاجي صديق ۽ نياڻيون ٿيون آهن.

آمنت سڳي سئوٽ اڪو هاٽي اڪبر جي گهر ۾ هئي، هڪ پٽ حاجي موسيٰ ٿيو ۽ نياڻيون انهن کي ٻه اولاد آهي، 4 جندو مصري جي نڪاح ۾ آهي ڪيس هڪ نياڻي ۽ 5 پٽ آهن.

چاچا حاجي سليمان ۽ چاچا حاجي محمد عثمان ڪي اٺن جي قطار ۾ لاڙ طرف ڪورواهه شاهه ڪريم ميرپور ٻتورو ٻنون طرف مزوري لاءِ موڪليندو هو سيزن ڪمائي ان، چانور ٻه خريد ڪري ايندا هئا ۽ پنهنجا اٺ چاري ايندا هئا ۽ چار پئسا مزوري مان ڪمائي ڪٽي ايندا هئا.

هڪ سال سندم والد اٺن تي مزوري لاءِ ويو قدرت جا شان هڪ اٺ چور ڪاهي ويا ۽ هڪ اٺ جي ٽنگ ڀڄي پئي، پوءِ بابا ڪي يعني حاجي محمد پريل خان ڪي اٺن جي مزوري تي ڪونه موڪليندا هئا.

پنهنجي ڳوٺ واري زمين جڏهن ڪيسانو واهه پراٽو وهندو هو ته ڏاڏا حاجي محمد خان 4 هرلا پنهنجا هلائيندو هو ان زماني ۾ هرلو چاڙهي زمين آباد ڪرڻ هر ماڻهو جي وس جي ڳالهه ڪانه هئي. مرد قلندر ڪنهن ڪي مزوري ڪنهن ڪي هارپ جي پٽي تي ته ڪنهن ڪي اٺ جي ڪمائي ۾ ڀائيوار ڪري ٻنيون پوکائيندو هو جيڪي پاڻ همٿ ڪري پوکرائيندو هو ڪڏهن ٻه پوکيل زمين ڪي غير آباد نه ڇڏيندو هو.

هڪ سال گنجي واري نمبر ۾ اڪبر سندس ڀائيٽيو هو ۽ ناني ٻه هو تنهن سان بيڪلي نالي سنڌي ڀيل کي ڀائيور رکيائين. ڀيل اڌ ۾ ٻني ڇڏي ڀڄي ويو وينل هو درسن وڏيرن جي ڳوٺ ابريو درس ۾، خير پيار، محبت ۽ عزت جو وقت هو حساب ڪري سندس مزوري ڪٽي اجان ٻه چار پئسا ڏاڏي حاجي محمد خان جا رهيا. ڏاڏي درسن کي شڪايت ڪئي ته بيڪلو ڪان پئسا وهنوار وٺي ڏيو ۽ وهنوار مليو.

پر علي محمد عرف علڻ جروار مٿس مزاحيہ بيت ٺاهيو. بيت ۾ سمجهڻ واري ماڻهو لاءِ هڪ تاريخ سمايل هوندي آهي، علي محمد علڻ کان بيت لکائي ڇڏيو اٿم، اميد تہ ڪٿي داخل ڪبو.

منهنجي ڏاڏي پنهنجي مال مويشي لاءِ ڪڙ ٺاهڻ جا گهاڻا بہ پنهنجا لڳايا هئا، توريو ۽ ڄانپو پيڙهي ڪڙ بہ پنهنجي ۽ تيل بہ پنهن ڪم آڻيندو هو مزوري تي ٻين کي بہ تيل ڪڙ تيار ڪرائي ڏيندو هو تيل ۽ ڪڙ جا گهاڻا موجوده اوطاق جي ڳوٺ واري اڳيان هئا.

جيئن تہ ڏاڏي جي وينئي ٿي بابا سائين حاجي محمد پريل ڪاروبار سنڀالي ورتو انگريز سرڪار جو وقت برانچ جون زمينون خريد ڪيائين ۽ ٽنڊوالهيار ۾ لوهار محلہ ۾ اتي جي چڪي بجلي هلندڙ ۽ جڳهہ بہ واڻين کان خريد ڪئي ۽ ڪاروبار وڌائيندو ويو جڳهہ جي سهولت ڪري بابا ڪڏهن ڪڏهن هڪ بہ ڏينهن ڳوٺ ڪونہ ايندو هو تہ ڏاڏو حاجي محمد خان چاچي حاجي سليمان کي ٽنڊوالهيار موڪليندو هو ابا ڏس ڪونہ آيو آهي، ڪٿي اوهڏ ۾ نہ ڪري، ڏاڏي جي هوندي نہ بلڪ ڏاڏي جي وفات کان پوءِ پاڻ ٻي شادي ڪيائين ۽ ڏاڏي درويش جي ڳالهہ سچي ٿي، ٽنڊوالهيار رهڻ دوران بابا کي حج جو ارادو ٿيو خبر چار پڪي وٺي آيو تہ ڪمپني جو جهاز ڪراچي بندر تي لڳو آهي ۽ حاجين کي ڪٺي ويندو. تڏهن پاسپورٽ ۽ ٻيا ڏڪا ڪون هئا، سڌو ٽڪيٽن جا پئسا ڀياري ۽ ڀري سفر ڪبو هو.

سو بابا اچي ڳوٺ رات جو ڏاڏا سائين کان حج وڃڻ جي موڪل ورتي ۽ ڪيس موڪل ملي پر چاچي حاجي سليمان ڪاوڙجي پيو تہ وڏو آئون آهيان ۽ ننڍو پهرين ٿو وڃي حج تي، بابا مونکي بہ موڪل ڏيو تہ گڏجي ٻاءَ سان حج پڙهي اچان، تہ ڪيس بہ موڪلي ملي تہ وڏي ڦڦي جنهن جو گهروارو وفات ڪري ويو هو. انهي ڦڦي حاجاڻي رضيہ بيگم بہ حج جي موڪل ورتي، ڏاڏا سائين ٽنهين ٻاتين کي حج جي موڪل ڏني ۽ ٿمر جو بہ انتظام ٿيو ٻئي ڏينهن موڪلائي بہ ٻاءَ ۽ هڪ ڀيڻ خير جا حج لاءِ ويا، تنهن زماني ۾ ڇئن مهينن جو سفر هوندو هو.

چاچا حاجي عثمان ٻنهي ڀائرن جي گهر سنڀالڻ جو زمون ڪنيو ۽ چاچا وڏو ڦڦي حاجاڻي رضيہ بيگم حج ادا ڪري آيا، آخر زمانو ڏاڏا سائين

جي نظر تمام گهٽجي وئي هئي، پر ماني مٿي تي ڏڏ جو وٽو هٿ ۾ ٻيو هٿ ڪنهن ٻار جي هٿ ۾ ڏيئي مسافرن کي اوطاق تي ماني ڪارائيندو هو. اندازن 90 کن سالن جي ڄمار ۾ سال 48_1949ع ۾ وفات ڪيائون. ڪيس به آباڻي قبرستان شاهه عنايت ۾ دفن ڪيو ويو.

چاچا حاجي عثمان ۽ مامون مصري ڏاڏي سائين جي قبر معلوم ڪرڻ تي ٻڌائي، جيڪا مونکي ڏيکاريائون، ان جو نقشو هن ئي ڪتاب ۾ ڏيندس.

حاجي سليمان خان جروار پاڻ حاجي محمد خان جو وڏو پٽ هو ۽ منهنجو وڏو چاچو توڙي سهرو به هو.

پاڻ قدآور گول وڏو منهن مهانڊا سهڻا ۽ وٽندڙ پريل ڏاڙهي، سنت برابر، مٿي تي سدائين اڇو پٽڪو مٿان ٽُرو ڇڏيل ٻڌندو هو نهايت باهمت رُعبدار، دٻدٻي سان ٻاڏي وارو مڙس هو. پنهنجي موقوف جو پڪو هو.

قرآن شريف پڙهيل هو پنهنجي ڪم جيتري سنڌي به لکي ۽ پڙهي ويندو هو. ميان جي حاجي پروز ملون جروار وٽ پڙهيو هو مڪتب ۾، سڳن جي ڪوٽ هئي، پڪو جوان ٿيو ته سڳي سئوٽ مسمات حاجاڻي فاطمه بنت مينهون دوئم جي نياڻي سان شادي ڪيائين. جيڪا مينهون خان دوئم کي ياراڻي جروار ديري مان هئي ۽ ڪيس اولاد به آهي.

ننڍپڻ ۾ پڙهائي کان بعد پنهنجي پيءُ حاجي محمد خان سان ڪاروبار ۾ هٿ ونڊائيندو هو. ٻني ۽ مال مويشي حلال رزق ۾ پيءُ جو ساڄو هٿ هوندو هو. سيزن تي اٺ به هوندا هئا. انهن تي مزوري ڪرڻ لاءِ لاڙ پٽ ۾ شاهه ڪريم ميرپور ٻنورو ڪورواهه ابڙال طرف اٺن جي قطار سان ويندو هو. سيزن ڪم جي ختم ڪري گهر لاءِ اَن خريد ڪري ساريون پنهنجي اٺن تي ڳوٺ ڪڻي ايندو هو ۽ پئسا به بچت ڪري سنڀالي ڪڻي ايندو هو. حساب جو پڪو پختو هو. مزودرن کي مزوري ڇٽي ۽ بروقت ڏيئي لکيو صاف رکندو هو. اهيو وقت انگريزن جو هو. ڳوٺ وري پيءُ سان گڏ مال مويشي جي خدمت ۾ ۽ باقي وقت ٻني جي ڪم تي مزدورن ۽ هارين تي نذرداري ۾ خيال ڏيندو هو. هرلا چاڙهڻ لاءِ به پيءُ جو ٻانهن ٻيلي ٿيو بيٺو هوندو هو. پنهنجن فصلن کي گڏ ڪرائڻ ۽ ٻٽين دوران ڪرن جي نذرداري آڏي اڌ رات گهوڙي تي چڙهي

هليو ويندو هو. اَن تي پهتو ته ڪوچڙا چور اَن چورائي رهيا هئا. پاڻ انهن سان وڙهي اَن چوري ڪان بچاياٸين. ڪيس ڏڪ به ڏاڍا لڳا، پر همت ڪري پنهنجو رزق بچاياٸين. رات ۾ پيرا ڪٽائي شد ڪري چور ٻڌائي ڪائن ڏنڊ ڏوهه پر راڄن ۾ چڱ مڙسي جو معيار هو حق ئي حق فيصلو ڪري آيو هڪ دفعي منهنجي پيءُ سان ناراض ٿي چيائين ته ڪراچي ٻني ڪٽت ڪرڻ مان ٿو وڃان، تون ڳوٺ مال گاهه جي ڪر. قرب هئا بابا ها ڪئي ۽ چاچا حاجي سليمان پئسا ڪٽي برانچ جي زمين ڪٽت ڪرڻ لاءِ ٽنڊوالهيار مان ريل تي ڪراچي روانو ٿيو تڏهن زمين ڪراچي مان ڪاغذ برانچ جي ڪٽت ملندي هئي، داخلا اچي ميرپورخاص ۾ رکبي هئي. ساڻس گڏ مصري فقير جروار جيڪو سندس پيٽايو هو ۽ هاشم لغاري، اميد علي لغاري جي ڳوٺ وارو اهي ٽئي پئسا ڪٽي گڏ روانا ٿي ته سيئي برانچ مان زمين ڪٽت ڪري ٿا اچون. اتفاق ڪراچي پهچي شام ٿي چڪي هئي ۽ ٽئي همراهه ڪراچي ۾ ڪنهن مسافر خاني ۾ رهيا، اتي هڪڙو نڱ ڪائن پئسا وٺي رکڻ حفاظت ٻهاني سان پئسا پاڻ وٽ رکيائين. هنن کي چيائين ته توهان ڪان پئسا لليجا ڪڍي ويندا. هنن پئسا ڪيس ڏيئي ڇڏيا صبح آفيس ٽائيم جي پابندي سان نڱ سميت ٽانگي ۾ سوار ٿيا ته آفيس هلي اوهان کي پئسا ڏيان ٿو ۽ رستي ۾ ٽانگو بيهاري پاڻ نڱ لهي ۽ نڱي ڪري ڀڄي ويو.

ٽانگي وارو ايماندار پناڻ هو، ان کي پئسن ڪٽي وڃڻ جو واقعو ٻڌاياٸون ته اسان ٽنهين ڄڻن جا پئسا وٽس آهن. پوءِ ٽانگي واري پناڻ ساڻس وڏي مدد ڪرائي، هڪ پي ٽي هوٽل تي ان کي نڱن جا نڪاٽا ساريل هئا، وڃي نڱ کي پڪڙياٸون ۽ زبردستي جهلي سڀ سوڙو پوليس حوالي ڪياٸون، انگريز جو دور قانون هو نڱ سڀ سوڙو، نانان ڪورٽ ۾ رجوع ڪياٸون ڪورٽ ٻئي ڏينهن انصاف ڪري ڪين پنهنجي رقم واپس ڪرائي ڏني، نڱ کي سزا آئي ۽ ٽيئي همراهه بنا زمين ڪٽت ڪرڻ جي واپس ڳوٺ آيا. بابا چيس ته ادا زمين ڪٽت ڪرڻ ڪو سولو ڪم به آهي، جڏهن پائرن پنهنجون زمينون ورهايون ته پاڻ مڙئي سنا حصا زمين جا حصي ۾ ڪيائين ۽ صبح سان مال رزق مان فارغ ٿي گهوڙي تي چڙهي ٻني گهمي پوءِ ڳوٺ ايندو هو.

انهي زماني تازو ڄام شورو اسپتال ٺهي هئي، گهوڙي واٽر مان ٽپو ڏنو ۽ چاچا حاجي سليمان پويان ڪنڌ ۾ ويجي ڪريو وڏو ڌڪ آيس، همراهه ڪي بابا ڪٽائي حيدرآباد سول اسپتال داخل ڪرايو ۽ پوءِ اتان ڄام شورو استپال شفٽ ڪيو ٻن ٽن مهينن کان پوءِ ٺيڪ ٿي ڳوٺ آيو ۽ بابا تي ڪاوڙيو ته مونکي هرويرو اسپتال ۾ بند ڪيو آهيس، پاڻ پهرين حج ڪري آيو هو ۽ آخري وقت اجان تندرست هو ته ٻئي حج تي چاچي حاجاڻي فاطمه کي به گڏ وٺي ويو بحري جهاز تي واپس حج پڙهي آيا ته مان ڪراچي ويو هئس ڏنو هيم ته سفينه حجاج جهاز ۾ آيا هئا.

صوم صلوات جو پابند هو رات جو تهجد پڻ پڙهندو هو سورت ياسين شريف تي عمل هوس، هر وقت پيو پڙهندو هو ٻه ٽي دفعا سندس وٽاڻ تان مال جي چوري به ٿي، پاڻ سر ڪڍهن به چوري ٿيڻ جي حالت ۾ پيرن تي نه هلندو هو ٻيا ماڻهو ورهاڙو ڪري ويندا هئا، هيءَ ڳوٺ گهر ۾ يا مسجد شريف ۾ سوره ياسين شريف ويهي پڙهندو هو سندس چوري واپس ٿيندي هئي، 1958ع ۾ پيائرن پاڻ ۾ زمينون ورهاست ڪري الڳ ٿيا، حاجي غلام رسول عرف حاجي الهبچايو سندس پٽ جوان هو ۽ پنهنجو ڪاروبار سنڌو هلايائون، بعد ۾ به چاچا حاجي سليمان 20 ڪن ايڪڙ زمين خريد ڪئي ۽ ٽنڊوالهيار شهر ۾ به ٽي جڳهيون، چمبڙ ناڪي ۾ هڪ اٽي جي چڪي خريد ڪئي، پنهنجي عمر سادگي مگر خوشحالي سان گذاري، حساب ڪتاب جو پڪو پختو هوندو هو ڊِل وغيره محل سر ادا ڪري ڇڏيندو هو رشوت ڏيڻ وارو ڪونه هو پوءِ ٽپيدارن سان ڪونه ٺهندو هو ٽپيدار مٽس ڏمربا هئا ته لاپو سولو ڪونه ٿو ڏي ۽ بابا انهن کي ٽڏو ڪري ڇڏيندو هو.

بڪيرا شريف مين روڊ تي مسجد لڳ لقمان لاشاري وارن کان هڪ پلاٽ خريد ڪيائين، چاچا جي قبضي ۾ هو راڄوٽي اسٽامپ به لاشارين لکي ڏنو هو چاچي جي گذارڻ کان پوءِ لاشاري ڪوڙي ساک ڪٽي پلاٽ واپس ڪري ٻي ڌر کي وڪرو ڪري ڇڏيو وڏو قصو آهي، جيڪڏهن پورو لکبو ته لقمان لاشاري سان گڏ فيصلي ڪرڻ وارن جو ضمير داغدار ٿيندو.

1972ع ڌاري ڀاڻ زرعي ترقياتي بئنڪ ٽنڊوالھيار برانچ مان ٽريڪٽر وياج تي خريد ڪيو. مئنيجر صاحب جي پيو عملو خوش نہ ھو جو ٽپيدار توڙي مختيارڪار بہ مٿس گرم ھئا سو مٿس ضابتگي لاءِ پوليس وٺي ڳوٺ آيا. اوطاق تي ڀاڻ انھن کي روبرو ٿيو جي چيائين تہ منھنجي زمين اوھان وٽ لکي پئي آھي، مان پئسا ٽائم تي ادا ڪندس. ٽپيدار مڙئي گرم ٿيو ڀاڻ ٻنان ڪنھن گھبرائڻ جي مختيارڪار صاحب کي چيائين تہ آئون ڪو رات پيٽ ۾ لڏيو ٿو وڃان جو ھيڏي سختي پيا ڪريو. پوءِ آفيسر صاحب واپس ويا جي ڀاڻ قرض جون قسطون پوري وقت سر ادا ڪيائين. سندس سالن سان دل ڪانہ لڳندي ھئس. انھن جي خيرات بہ ڪونہ ڪائيندو ھو. زمين جا ڪاتا پٽ ٻيان نٿي ڏنائون. انھيءَ سبب ڀاڻ حق تي ھو. ھمراھہ مڙئي ڏنگا ھئا. انھي سبب ڪري ڀاڻ انھن کي ويجھو گھٽ ٿيندو ھو.

آخر تہ ھيءَ جھان فاني آھي، ڀاڻ ڪو 80 سالن کان مٿي جي عمر ۾ مھينو ڪن عليل گذاريائين جي ٽنڊوالھيار مان ڊاڪٽر پيتامبر کي جيپ تي ڳوٺ آڻيندا ھئاسين جي صحتياب بہ نہ ٿيو. ايمان جي سلامتي سان ھيءَ جھان ڇڏيائين. چاچي حاجاڻي فاطمہ ڦڙين گذاري ويئي ھئي جي ڀاڻ بعد ۾ انتقال ڪيائين. ڪيس بہ آباڻي قبرستان شاھہ عنايت ۾ دفن ڪيو ويو. اھيو وقت جنرل آمر جو ھو. اليڪشن پي ٿي، اسان واري قومي تڪ تي وزير دفاع مير حاجي علي احمد ٽالپر حيدرآباد وارو ھو ھارايو ھيائين. اليڪشن غير پارٽي بنياد تي ھئي، چاچا حاجي سليمان پنيان ٿي پٽ جي ٿي نياڻيون سوڳوار ڇڏيا. حاجي غلام رسول عرف الھبچايو. غلام حيدر. حاجي محمد ايوب. ٿي نياڻين ۾ حاجاڻي ڏاڏو حاجاڻي صابل جي جنت عرف جنان منھنجي گھرواري. سندس حج 2004ع جو ٽڪيٽ پرايم قراندازي ۾ نالو نہ آيو جي پاسپورٽ نھرائي ڪيس عمره شريف جي سعاد حاصل ٿي، ويل چيئرمين تي عمرو ڪرايم. جيڪو سفرنامو ھن ڪتاب ۾ موجود آھي. واپس آياسين تہ تمام عليل رھندي ھئي، گھر ۾ ايمان جي سلامتي سان 2007ع ۾ جمع ڏينھن وفات ڪيائين. پورو وقت علاج اسان جو گھرو معالج خانداني ڊاڪٽر پروفيسر محمد انور ميمڻ صاحب حيدرآباد اسان جو فيملي ڊاڪٽر آھي، تمام مھربان آھي.

چاچي حاجي سليمان ڳوٺ جي ٻارن کي قرآن شريف پڙهائڻ لاءِ حاجي احمد درس کي مدينہ مسجد ۾ مقرري ڪري رکيو هو. ڇوڪرا توڙي نياڻيون وٽس قرآن شريف ۽ نماز توڙي وضو سيکاريندو هو. جنهن کي ابتدائي ديني علم چئجي، مون بہ وٽس قرآن شريف پڙهيو هو 1960_61ع جو سال هو تہ سائين حاجي احمد درس کي مدينہ مسجد شريف ۾ مقرر ڪيو ويو هو. وضيفو پاڻ ادا ڪندو هو. مدينہ مسجد ڳوٺ الھ بخش جروار ۾ هر اسلامي مهيني جي پهرين جمع تي خدا ڪارڻ خيرات جماعت لاءِ چاچا حاجي سليمان جو زندگي جو معمول رهيو. پوءِ ڪڏهن تهري پيت تہ ڪڏهن مرچين پيت. هر اسلامي مهيني جو پهريون جمع خيرات ڪندو هو. جنهن ۾ ڳوٺ ڪان علاوه ٻاهر جا بہ غريب جماعتي پابندي سان شريڪ ٿيندا هئا. تاحيات اهيا خيرات ڪيائين. مدينہ مسجد ۾ 1956_57ع ۾ جمعي نماز جماعت ڪرڻ جو بہ اهتمام پاڻ ڪيائين. نہ تہ پهرين صاحب خان جروار جي ڳوٺ جمع نماز جي جماعت ٿيندي هئي. جماعتي وڌيا تہ جماعت جمع جي بہ پنهنجي ڳوٺ مسجد شريف ۾ شروع ڪرايائين. هر اسلامي ڪم وضو نماز اسلامي عقيدا امام تي بيهي اڳيان نماز پڙهائڻ لاءِ اسان ننڍن کي هر وقت تاڪيد ڪري اڳيان ڪندو هو چوندو هو تہ اسلامي ڪم پاڻ ڪريو سکو ۽ سيکاريو.

هاڻي احوال منهنجي ٻي نمبر چاچي حاجي عثمان ولد حاجي محمد خان جروار

حاجي عثمان نهايت ۽ مانيٽو جامڙد هاري مڙس هو. هر وقت ڪيس ٿوال جو پٽڪو مٿي تي بڌل هوندو هوس. ڪڏهن ڪڏهن اندر ٻاهر سڏ سلوڪ لاءِ بوسڪي جو پٽڪو پڻ ٻڌندو هو. ڪڇهري ۾ گهٽو ڪونہ ڳالهائيندو هو. ماٺ ڪريو وينو ڪچهري ٻڌندو هو.

ميان حاجي پروز قرآن شريف ناظران ۽ نور نامو پڪو پختو پڙهيو هو. جواني جو زمانو مال رزق انن جي قطار سان ويندو هو ۽ ڪوڏر جي ڪم جو بہ جامڙد مڙس هو. سندس شادي سڳي چاچي حاجي احمد جي نياڻي سڳي سئوٽ مسمات پنيو سان ٿي ڪيس 6 پٽ ۽ 3 نياڻيون ٿيون. سيئي شادي شده اولادي آهن. پاڻ روزو نماز جا بلڪل پابند سڄي عمر پنهنجي

حلال رزق ڪان علاوه مديني مسجد ڳوٺ الهه بخش جروار ۾ امامت جا فرائض انجام ڏنائين.

اسان جا بخاري سيد سائين عطر شاهه بڪيرا شريف وارا چاچا حاجي عثمان ڊڳي گاڏي ڪيس پوش ٻڌي چاچي کي گڏ ڪٺي بڪيرا شريف مان جيجا حاجاڻي نور رحه کي پردي داري ۾ وٺي ڳوٺ ايندو هو ۽ ڪجهه ڏينهن رهڻ ڪان پوءِ وري ساڳي پردي داري ۾ چاچي سان گڏ بڪيرا شريف پهچائي واپس ايندو هو.

سندم والد جناب حاجي محمد پريل خان جروار جڏهن ٽنڊوالهيار ۾ چڪي اٿي جي ۽ گهر جي جاءِ ورتي ته ٻارن کي بيل گاڏي ۾ پردي داري سان ٽنڊوالهيار گهر پهچائي ۽ واپس اچڻ تي مهيني کن ڪان پوءِ وري ڳوٺ وٺي ايندو هو. تڏهن آئون اجان ڄاول نه هئس. ياءُ پاڻ ۾ گڏ هئا. رزق حلال سان الله مالا مال ڪري ڇڏيو هو وڏي برقت هئي, جڏهن اٺن وارو ڪم بند ڪيائون ته پاڻ ٽيئي ياءُ گڏ هوندا هئا. چاچا حاجي عثمان ٻني جي ڪم کان سواءِ گهر اوطاق جي رسائي سندن زمي هوندي هئي, پوءِ ٻار ٽنڊوالهيار سيدن جو اچڻ وڃڻ گهر جون ٻارڻ لاءِ ڪاٺيون پاٽي به سندس حوالي جا ڪم هئا, هڪ دفعا جو واقعو آهي پاڻ ان (ڪٽڪ) جي ڊڳي گاڏي ٽنڊوالهيار ڪٺي ويو. ڊڳن جو گاهه به گاڏي ۾ گڏ ڪٺي ويندا هئا. جيئن شهر ۾ پئسا نه پرٽان پون. گاهه به ٻني مان مفت جو سو اتي ٽنڊوالهيار پهچي ان مشن پنهنجي تي لاهي گاڏي خالي ۾ ڊڳا ٻڌي ۽ پنهنجو گاهه ڊڳن کي ڏنائين. ميونسپالٽي ٽنڊوالهيار جو هڪ ڊڳو ڳاڙهي رنگ جو ٿلهو متارو چوٽ پيو هلندو هو. اهو اچي گاهه تي پيو هڪ دفعي ٻي ٽي دفعي هڪليو ڇڏي, پاڻ بازار مان سود سامان وٺيو اچي ميونسپل وارو ڊڳو به اسان جي ڊڳن سان گڏ بيٺو گاهه ڪائي, پاڻ هڪلي ڊوڙائي ڊوڙائي بيزار ٿيو. سڄو ڏينهن سو ڪاوڙ مان ڊڳي ميونسپل واري کي رسو وجهي ٻڌي ۽ شام جو ڪٺي ٽنڊوالهيار مان روانو ٿيڻ مهل اهو ميونسپل وارو ڊڳو پنهنجي ڊڳي سان گڏ گاڏي ۾ ڪٺي جوٽيائين. پنهنجو ڊڳو پٺيان گاڏي ۾ ٻڌائين بس اجان چمبڙ ناڪي تي پهتو ته پوليس سرڪاري ميونسپل جي ڊڳي کي ڪاهي وڃڻ جي ڏوهه ۾ ڪيس ٻڌي ويئي. هاري گاڏي واپس ڪري مشن اٽي واري تي آيو ۽

ڀڏائي پوءِ بابا ويو ۽ چاچا حاجي عثمان کي ڇڏائي آيو مغرب وقت پنهنجا ڏڳا گاڏي ۾ جوٽي ڳوٺ آيا، 2 ڪلاڪن جو رستو هوندو هو چاچا حاجي عثمان کي اسلام سان تمام محبت هئي، سيدن پيرن ۾ وڏي عقيدت رکندو هو ميون عثمان شاهه جا قبا ضلع ٺٽه ڇڇ جهان خان سان ته جهڙو ڪو رت جو رشتو هو ڇو جو سندن والده جا مائٽ اتي ويٺل هئا ۽ بعد ۾ هن طرف لڏي آيا هئا، ليڪن سندن عقيدت پيرن ۾ هئي، هر سال چاچا حاجي عثمان ۽ بابا حاجي محمد پريل خان جروار ويندا هئا ۽ سائين غلام حيدر شاهه، سائين احمد شاهه ۽ سائين اميد علي شاهه، غلام حيدر شاهه عرف حيدرشاهه وڏي نالي وارو ٿي گذريو آهي، احمد شاهه پنهنجي ڀني ۽ درگاهه ميون عثمان جو متولي هو سائين اميد علي شاهه درويش مريد خادمي ۾ سفر ڪري عمر پوري ڪئي، سندن سلسلو پيران پير سيد عبدالقادر شاهه جيلاني جي اولاد ۾ آهي، سندن هڪ وڏي تاريخ آهي، چاچا حاجي عثمان جتي بڪيرا شريف جي اسان جي بخاري سيدن سائين اسماعيل شاهه عرف عطر شاهه بخاري وارن سان يارهين ۽ چوڏهين هر اسلامي مهيني جي شريڪ ٿيندو هو اهڙي طرح سونڊين جي شهر کان پريان ٽيگن جي ڳوٺ ۾ به پير يار محمد شاهه نصير محمد شاهه وارن وٽ به ٻارهين يارهين شريف ۾ شريڪ ٿيندو هو ۽ سندس عقيدت هئي، نصير محمد شاهه کان هڪ پلو گهوڙو خريد ڪيائين، مڪڙي رنگ جو پلو گهوڙو هو وڙهڻ جو به ڏنگو هو پر چاچا حاجي عثمان ۽ گهوڙي جو هڪ ٻئي سان پيار هو چاچا سان وڙهندو هو جيئن ته چاچا حاجي عثمان جي شادي ڀڙين ٿي هئي ۽ چاچا حاجي سليمان ۽ منهنجي بابا سائين جون شاديون پوءِ ٿيون، وڏي تعليم نه هئي، ملان حاجي پروز وٽ قرآن شريف ۽ ڪجهه ننڍي ريزڪي وڏو دوڪان ڪولي ڏنو پنهنجي جڳهه ۾ جيڪا واٽين کان بابا خريد ڪئي هئي، موجوده ڳوٺ صاحب خان جروار ۾ مسجد کي سامهون رستو ڇڏي اولهه طرف دوڪان ڏاڍو هلند هو هر ٻئي ڏينهن به بيل گاڏيون جنس اناج جي شهر ڪٽي ويندڙيون هيون، قاضي محمد رحيم پيءُ ۽ چاچڻ جو دادلو هو اوطاق به پنهنجي سنڀاليندو هو 1960ع ڌاري دوڪان حاجي اسحاق حوالي ٿيو ۽ دوڪان جي آمدني گهٽجي ويئي، ان وري حاجي لڪاڏنو حوالي ڪيو جنهن

ڀرين دوڪان پوءِ هوٽل ڪولي ليڪن فيل ويو پوءِ اها جڳهه ڦقي جي پٽ عبدالله ولد مصري فقير جروارن کي حوالي ڪئي ۽ ان وٽ آهي، بند آهي.

چاچا حاجي عثمان جڏهن ڀاڱ جدا ٿيا تہ ڪيس بہ سندس حصو زمين جو ورهائي ڏنائون. سندس اولاد جوان هو پنهنجي زمين کي سنڀالڻ لڳا، چاچا حاجي عثمان کي مڪمل واندڪائي ٿي، بس بابا سائين جو آئون محمد ياسين هئس، اهو بہ ننڍو ۽ ٻاراڻي وهي، بابا وري ٻي شادي حيدرآباد مان عالماڻي نصرپور جا هئا، انهن مان ڪئي ۽ اهيو ئي ٻي شادي سبب بني جدا ٿيڻ جو پر چاچا حاجي عثمان بابا جي حاضري پوري پوري نڀائي عمر ڀر ٻارن کي ٽنڊوالهيار حيدرآباد پهچائڻ ڳوٺ بابا جي ڪم جي سارسنڀال ڪري حال احوال حيدرآباد مان ڏيئي وٺي ايندو هو.

جدا ٿيڻ جي بہ چاچا حاجي عثمان ڪڏهن بہ محسوس ڪونہ ڪرايو تہ ڪو اسان جدا ٿيا آهيون، سڀ ڪم ڪار بابا جي هدايتن تي ڪندو هو. ٽيوب ويل بہ لڳرايائين، بہ ٽريڪٽر خريد ڪيائين، هڪ جيپ ڪو 55 ماڊل جي فورڊ خريد ڪيائين، جنهن جو نمبر ڪي 444 هو محمد صالح سندس پٽ جي 1947ع ۾ شادي ڪرائي، ڀرين گهر ۾ رهائي پڙهايو پڙهيو نہ، پر اٺي جي چڪي سٺي سنڀاليندو هو جدا ٿيڻ تي ڪيس دوڪان بہ بابا ڪولي ڏنو، ٽنڊوالهيار ۾ سندس شادي بہ بابا ڪرائي آيو، سندس مامي جي نياڻي سان جنهن ۾ بہ بابا کي ڪجهہ زمين جي ٽڪري تان هٿ ڪڻڻان پيا، لکڻ جهڙي ڳالهہ نہ آهي.

بس ڏاڍ مڙسي ٿي، معنيٰ جنهن جي لٺ ان جي مينهن وارو محمد صالح کي گڏجي زماني کان ئي بابا ٽنڊوالهيار وٺي ويو هو سندس گهر جي جڳهہ بہ بابا وٺي سندس حوالي ڪئي، ڏاڍو دوڪان هلندو هئس، گهر کي بہ ڍهرائي نئين ڊزائن سان ماڙي بہ تعمير ڪرايائين ۽ اولاد بہ آهيس، پر وري محمد صالح گهر ۾ بيماري جي ڪري ڏلي ويو جايون جڳهيون وڪڻي چڏيائين، هڪ نمبر زمين جو سندس حصي جو ديهہ ستياري ۾ 162 نمبر ۾ 10 ايڪڙ زمين بہ وڪرو ڪري ڇڏيائين. وري بہ بابا ڪيس ٽيڪ ڪئي، پنهنجي چڪي اٽي جي اها جاءِ چاچا حاجي سليمان کي حصي جا پئسا نقد ڏيئي ۽ اها جڳهہ بابا سندس حصي ۾ رعايت ڪري چاچا حاجي عثمان

جو سچو حصو حاصل ته محمد صالح کي وري به گهر ۽ دوڪان وارو ڪيو، ان ۾ منهنجي پيءُ جو وڏو عمل دخل هو. ڳالهه ڏکي آهي، موقع سان بيان ڪبي.

منهنجي فيملي جروارن جو ڪافي مواد آهي، ته کهڙا قوم سان سولا هليا ۽ کهڙا ڏنگا هليا. اهيو الڳ بڪ تي نوٽ ڪري ڇڏيا آهن، اشاعت جي قابل نه آهي، ان ڪري پرهيز ڪئي اٿم. گهر جي کهڙي ملڪيت ڪيئن ٿهي ۽ ڪيئن ويئي، کهڙا ڪارڻ هئا. انهيءَ ملڪي جي ويڄ جا اُها خريد ڪنهن ڪئي، کهڙي طريقي ۽ سندن پڇاڙي کهڙي ٿي، هڪ الڳ موضوع آهي، اشاعت جي قابل نه آهي.

جدا ٿيڻ جي باوجود چاچا حاجي عثمان هر وقت هر گهڙي بابا سان ساٿ نڀايو ۽ بابا به ڪيس عزت ڪندو هو ۽ ڏکي سکي ۾ ڪونه ڇڏيندو هو. چاچا حاجي عثمان پويو وقت مدينه مسجد شريف جي خدمت ۾ امام ٿي گذاريو. مصري شاهه جامع مسجد ٽيو نمبر تلاءُ جي حيدرآباد مکي باغ گيٽ جي تعمير وقت هتي ڳوٺن مان چندو گڏ ڪري في سبيل الله صوفي رضا محمد صاحب عباسي کي پهچائي آيو. الله ڪيس آجر ڏيندو. ننڍ چوهڙ جمالي ڳوٺ عجائب سومرو ۾ مسجد شريف جي تعمير وقت به ڳوٺن مان چندو ڪري پهچائي آيو. سائين مقيم شاهه ڪريم پوٽو وارشاٽي سيد سان به دوستي هئس، حج جي رفيقن ۾ ٽيبا مولان وارا چاچا حاجي محمد رحيم ٽيبو ۽ ٻارڻ ٽنڊو محمد خان جا لغاري به رفيق هئس، چاچا حاجي عثمان ۾ وڏ ماڻهپي اصل ڪانه هئي، سادو سودو خوش اخلاق هو.

آخر ۾ بيمار ٿيو به مهينا ڪن منهنجي ياءُ الهه بخش جي ڳوٺ واري جڳهه ۾ قادر بخش سندس پٽ سان گڏ فيملي سميت رهندو هو. ايمان سلامت هئس، پنهنجي آخري وقت ۾ وڏي پٽ قاضي محمد رحيم کي مدينه مسجد ڳوٺ الهه بخش جروار جي امامت ۽ ٻانگ صلوات تي مقرر ڪيائين ۽ اتان ان به نيايو. مدينه مسجد شريف ۾ چاچا حاجي عثمان ڏڪڻ لڳ ديوار مدرسو تعمير سان تڪميل ڪرايو. پاڻي جي مشن مسجد شريف ۾ به وضو ۽ جاءِ استنجا به پاڻي جي ٽانڪي پڪو انتظام ڪيو. چاچا حاجي عثمان جي سندس پوٽي حاجن ولد لڪاڏنو گرم پاڻي لاءِ بجلي جو گيزر لڳايو ۽

چاچا حاجي عثمان جي ٻئي پوٽي محمد علي ولد لکاڏنو پيئڻ جي ٽنڌي پاڻي لاءِ مدينه مسجد ۾ بجلي جو ڪولر ٽنڌي پاڻي جو لڳايو آهي.
چاچا حاجي عثمان به اندازن 95 سالن کان مٿي جي عمر ۾ گذاريو ڪيس به آباڻي قبرستان شاهه عنايت ۾ جڳهه ملي.
جناب حاجي محمد پريل خان جروار ولد حاجي محمد خان جروار جو احوال، جيڪو منهنجو پيءُ حاجي محمد خان جو ٽيون نمبر پٽ هو. سندس هڪ وڏي تاريخ آهي، شايد نه لکي سگهان، ڪوشش ڪندس ته جيترو ٿي سگهي، لکي وڃان.
ڪنهن ڪنهن ماڻهو منجهه اڇي بوءِ بهار جي.
(شاهه)
پاڻ حاجي محمد پريل خان جروار 15_1912ع جي درميان ڳوٺ الهه بخش خان جروار ۾ حاجي محمد خان جي گهر ۾ جنم ورتو. سندن والدين ڳوٺ ۾ ئي سندس پرورش ڪئي، جڏهن پڙهڻ جيڏو ٿيو ته ڳوٺ صاحب خان جروار ۾ ٻين ٻارن سان گڏ ملان مڪتب ۾ داخل ڪيائون. پاڻ قرآن شريف پڙهيو ۽ سنڌي جي به شروعات اتي ئي ڪيائين. ان زماني ۾ ملن جي گهر جو فقر ٻين ڳوٺن علي بخش جروار ۽ الهه بخش جروار مان شاگرد وٺي ايندا هئا ۽ ملن جي گهر جون ڪانيون ۽ پاڻي به شاگرد ڪندا هئا، هيءَ به ٻين شاگردن سان گڏ ملن جون ڪانيون پاڻي ۽ فقر لاءِ ويندو هو. جيڪا ڳالهه ڪيس پسند نه آئي، توڙي جو ملن جروارن صاحب خان جروار جي ڳوٺ وارن جو فقر به سندس پيءُ حاجي محمد خان جروار طرفان وظيفي سان گڏ ڳوٺن تي مقرر ڪرايل هو. ڪيس شاگردن کان ڪم وٺڻ جي ڳالهه نه وڻي ۽ ان ئي زماني ۾ ملن جروار صاحب خان جي ڳوٺ وارن جي چوري ٿي، جنهن جو ڪوڙو الزام اڪبر مينهون جروار جي پٽ تي لڳو ۽ ڪيس پوليس جيڪا ان زماني ۾ ڳوٺ ٻيڙو خان کوکر موجوده حاجي غلام حسين کوکر ٿاڻي تي رهندي هئي ۽ شڪايت داخل ڪرائي، اڪبر کي ملن ٻڌايو ڏاڍي جاچ بعد اڪبر بي ڏوهي ثابت نڪتو مڙس هو جوشيلو سو ان وقت موجود ڳوٺ وارن کي ملا مڪتب مان حاجي موسيٰ ۽ سندس مامين حاجي پريل کي اسڪول مان ڪڍي آيو. اڪبر کي ٻين ساٿ نه ڏنو باقي حاجي محمد

هوس سهرو ان کي نياڻي جي مجبوري. انهي زماني ۾ انگريز سرڪار ڳوٺ حمزو خان ٽالپر ۾ پرائمري اسڪول کوليو جيڪو اسان جي ڳوٺ کي ٿوري مفاصلي تي هو. هاڻي ﭘنهين کي گڏي گورمينٽ پرائمري اسڪول ڳوٺ حمزو خان ٽالپر ۾ داخل ڪرايائون. سنڌن استاد جو نالو نہ مون کي ملي سگھيو الاجي ڪهڙو هو. مامون حاجي محمد پريل خان ۽ سنڌس ڀاڻيجو حاجي موسيٰ اتي پڙهيا. ڪو ٻہ درجا پرائمري پاس ڪري ﭘنهين ڇڏڻ صلاح ڪري اسڪول ڇڏي ڏنو. حاجي موسيٰ سنڌس ﭘيءُ جو ﭬني ۽ مال ۾ هٿ ونڊائڻ لڳو ۽ بابا سائين پنهنجي ڀائرن حاجي سليمان. حاجي عثمان ۽ ﭘيءُ حاجي محمد خان سان پنهنجي ڪم ڪار. مال رزق ۽ ﭬني جي ڪم ۾ شروع ٿيو اهو ڪو اندازن 1920ع جو دور هو.

مائٽاڻي ڪو 40 کن ايڪڙ زمين هئي. ان کي وڏائڻ ۽ ٿل زمينن کي ٺاهي آباد ڪرائڻ. ان ۽ مال رزق جي ڏنڏي کي لڳي ويو. واپار بہ مال جو ڪندو اڳتي وڏيو ۽ برانچ سکر جون زمينون وڪامڻ لڳيون. تہ انهن جي خريدي بہ ڪيس سمجهہ ۾ اچي ويئي. ﭘيءُ جي هوندي زمين بہ وڏائيندو آيو ۽ مال جو وٽ واپار بہ ڪندو آيو. ڀاڳ بہ اچي وريو ۽ زمينون ڪٽندو آيو. ڪنهن بہ پنهنجي کي ڏکي ۾ ڪونہ ڇڏيندو هو ۽ الله سائين بہ ڀاڳي آيو. راڄن ڀاڳن ۾ مرتبي وارو ٿيو.

ﭘهرين سنڌس مڱڻو سڳي سئوٽ عمر جي نياڻي سان ٿيو پر شادي کان ﭘهرين سڳي سئوٽ گذاري ويس ۽ ﭘاڻ وري پنهنجن عزيزن مان خان محمد جي نياڻي مسمات سوني سان نڪاح ڪيائين. جنهن مان اولاد ٿيو. ﭘهرين نياڻيون ٿيون تہ ﭘاڻ پٽ جي اولاد لاءِ سڪندو هو پوءِ الله سائين کيس پٽن جي اولاد سان ﭘڻ نوازيو ﭘاڻ اندازن 1940_41ع ۾ حج جي سعادت ماڻيائين. هڪ ڀاءُ حاجي سليمان ۽ ڀيڻ حاجاڻي رضيہ بيگم جيڪا بيوه ٿي چڪي هئي. انهن کي بہ گڏ حج ڪرايائين. حج کان واپس اچي وري بہ پنهنجي زمين جي ڪاروبار کي سنڀاليائين. وڏي ڀاءُ جي نالي ۽ گڏيل حصن ۾ برانچ مان زمينون 1940_45ع تائين ڪٽندو رهيو. زمين جو قسطون ڀرڻ ۽ آبادين تي خيال هوندو هئس.

هڪ دفعا سليمان سندس پاءُ ڪاوڙ ڪري انن جي قطار ۾ مزورن سان لاڙ روانو ڪيو هن همراه ڪي جتن وارو ڪم ڏانءُ نہ آيو هڪ اٺ چور ڪاهي ويس تہ هڪ اٺ جي ٽنگ ڀڃي پئي، ماڪ ۾ اٺ لڏيائون لاڙ جي ڪلرائي زمين اٺ جو پير ترڪي پيو ۽ اٺ وچي ڪريو اٺ جي ٽنگ ڀڃي پئي، زيان تان مايوس ڪونہ ٿيو نڪي گهبراياائين. خدا وري ڪيس الاهي برڪتن سان نوازيو. چاچو خيرڻ جويو ڪي پوري ڪٽمب سميت هن تر ۾ بابا حاجي محمد پريل خان هارپ لاءِ آڻي آباد ڪيو.

45-1944ع تي پاڻ ٽنڊوالهيار شهر ۾ واڻين ڪان جڳهہ ۽ اٽي جي چڪي خريد ڪئي، هاڻي ٽنڊوالهيار ۾ رهڻ بہ ٿيس. ڪڏهن فيملي ٽنڊوالهيار تہ ڪڏهن ڳوٺ. چاچا حاجي عثمان بيل گاڏي ۾ سفر ڪرائيندو هو 1945ع ڏاري صاحب خان جروار ۾ وينل واڻين رضا خوشي سان زمينن ۽ جڳهن جا سودا لکاياائين. حاجي مير محمد ڪي پاڻيوار ڪيائين. سودن ۾ حاجي مير محمد ڏوج ٿي زمين رکي جاين جو حصو نہ رکيائين. زمين زنئور شاخ واٽر ڪورس ون ايل جي پيچ ڳوٺ صاحب خان جروار جو اولهہ طرف ٻي ڏکڻ طرف تي اوپر طرف هئي، ڏوج همراهہ منڊ جو حصو رکيو. ڳوٺ مان اولهہ طرف رکيو ۽ واٽر جو پوچڙ ڳوٺ کان ڏکڻ ۽ اوپر طرف بابا سائين ڪي ڏنائون. اهيا قدرت جي مهرباني آهي جو بابا جي سڄي زمين اڄ ٽرانسفر ٿي چاڪر واهہ جي پهرين اي آر تي آهي، جيڪو هڪ الڳ داستان آهي، ذاتي بڪ ۾ درج ڪندس. گڏوگڏ قائد اعظم جي مسلم ليگ ۾ شامل ٿيو. ٽنڊوالهيار ۾ 1945ع ۾ ٽنڊوالهيار ۾ مڪمل رهائش اختيار ڪيائين جتي سندس اٽي وينئي پڙهيل طبقي سان هئي ۽ ترڪي جو منزلون ڪامياب ويون. پاڻولين حاجي محمد يعقوب بچاڻي سان سندس دوستي بہ ۽ ڦتين توڙي ٻي ڪاروبار جي ڏيتي ليتي پڻ ٿي، 1946ع ۾ سندس والد حاجي محمد خان انتقال ڪري ويو. پر پاڻ پنهنجو ۽ پائرن جو سڄو ڪاروبار باهمت ٿي هلاياائين. 1947ع ۾ بہ ٽنڊوالهيار رهندو هو فيملي سميت.

1950ع ۾ ڳوٺ واري موجوده مدينہ مسجد ڳوٺ الهہ بخش جروار ڪچي مسجد شهيد ڪرائي وڏيڪ زمين سندس چوڻ تي منهنجي آهي، هڪ وڏي ڪشادي مسجد پڪين سرن گاري جي اوساري لينٽر ۽ ونگن ۾

سيمينٽ ملتاني رازو ڪاريگر لال الدين ڪان بهترين مهاڙي ٽائلس جو فرش لڳرايائين. جيڪا اڄ به ڏسڻ سان پنهنجي شاهدي پاڻ پيش ڪري رهي آهي. 1955ع ڌاري سندس سس حاجاڻي جنت جيجان حاجاڻي نور بخاري بڪيرا شريف کي رفيق ڪري پاڻي واري جهاز ۾ حج سفر ڪرايائين. ان ۾ پاڻ ڪونه ويو هو باقي سڄي سفر لاءِ انتظام ڪيا هيائين. بحري جهاز تيار هو جيجان حاجاڻي نور کي پٽ جي اولاد لاءِ الله پاڪ کيس عرض ڪرڻ جو چيائين. هڪ ڦوٽو دعا ڪري گهري ڪائڻ لاءِ ڏنائون ۽ مان بعد ۾ والدين کي پيٽ ۾ ٽيس ۽ ڄايس. جيجا حاجاڻي نور جي ڪرامت الله سائين منهنجي ڪاڀي ڪک تي ڦوٽي جو داڻن وارو نشان آهي. جيئن ان تي اڳر سان ڪنيدو آهيان ته ڦوٽن جي داڻن جهڙا داڻا ڪرندا آهن.

1958ع ڌاري حيدرآباد مان ٻي شادي ڪيائين. عالماڻين مان جيڪي اصل قديم نصرپور شهر جا هئا ۽ اٿين ارباب صاحب حاجي جمال الدين ورياهه جو سنڌو ٿيو يعني ته ارباب حاجي جمال الدين جي اهليه منهنجي ماسي ٿي کيس پٽ نه هو 1958ع ڌاري مان پيدا ٿيس ۽ بابا سائين حيدرآباد پنهنجي جڳهه پٽ خريد ڪري جڳهه نهرائي ٿيون نمبر تلاءَ ٽنڊو طيب حيدرآباد ۾ رهائش اختيار ڪئي ۽ ٽنڊوالهيار ۾ ٽيليفون نمبر 77 ورتو ۽ حيدرآباد ۾ به گهر ٽيليفون لڳرايو. جنهن جو نمبر 26154 هو. حيدرآباد رهڻ ڪري ۽ ياٺرن جي جدا ٿيڻ ڪري زميندار ي ڪاروبار توڙي ٽنڊوالهيار اٽي جي چڪي جي ڪاروبار ۾ ڌڪ لڳو.

پاڻ 1946ع ڪان جيئن ٽنڊوالهيار ۾ رهيو ته پهرين محمد صالح کي پڙهائڻ لاءِ وني ويو پڙهيو نه باقي ريزڪي دوڪان ۾ ڪامياب ويو. پوءِ حاجي غلام رسول عرف حاجي الهبچايو ۽ حاجي نبي بخش کي پڙهائڻ لاءِ ٽنڊوالهيار گهر رهايائين. مير محمد لائق خان ٽالپر ولد مير هادي بخش خان ٽالپر ڳوٺ حمزو ٽالپر ليڪن اهي به نه پڙهيا. پوءِ حاجي اسحاق کي ٽنڊوالهيار پڙهڻ لاءِ وني ويو خدا جا شان اهو به نه پڙهيو. جڏهن آئون پڙهڻ جهڙو ٿيس ته کيس به پڙهائڻ لاءِ پهرين مسلم پرائمري اسڪول ميمڻ محلا ٽنڊوالهيار ۾ داخل ڪيائين. جو سندم والده پڻ ٽنڊوالهيار جڳهه تي رهندي هئي. پوءِ ايس ڪي رحيم هاءِ اسڪول حيدرآباد ۾ داخل ڪيائين ۽ بعد ۾

وري نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد ۾ داخل ڪرايائين. ليڪن مان به نه پڙهي سگهيس ۽ اسڪول ڇڏي ڏنم. ڳوٺ زمين جي ڪاروبار ۾ لڳي ويس. پرائمري ڪان آخر تائين جن استادن وٽ پڙهيس، انهن جا نالا ترتيب وار پرائمري استاد محمد رمضان شايد لُنڊ ذات جو هو استاد محمد عرس درس، استاد محمد عثمان پيٽي، اهڙا استاد ڪٿي سندس ڪل شاگرد سرڪاري نوڪريون ماڻيائون. وڏي فهرست آهي. اميد ته ڪٿي لکي ڇڏيندس. استاد محمد عثمان پيٽي ۽ حاجي محمد پريل خان جروار جو هڪ وڏو ڪردار رهيو آهي، اسان جي ٽنڊوالهيار ۾ ڳوٺن ۾ استاد مولانا ناهشمت علي، سر محمد الياس پيرزادو، استاد سائين علي محمد شاهه، استاد مسٽر غلام حسين بالادي، استاد شيخ علي محمد. منهنجي بدقسمتي چئبي جو پڙهي نه سگهيس.

مٿيان سڀ استاد نالي وارا هئا. ليڪن منهنجي قسمت ۾ شايد اهيو ئي لکيو هو اهيا به سندم والد ۽ استادن جي تعليم جي برڪت آهي جو ايترو ڪجهه به اکر لکيو ۽ پڙهيو وڃان. حاجي محمد پريل خان ملان مڪتب اسڪول ۾ شاگردن کان جيڪو ڪانئين ۽ پاٽي جو ڪم استاد ملان وٺندا هئا اتان ڪيس تعليم جو خيال ۽ اجاگر ٿيو ته شاگردن اچن پڙهڻ لاءِ ڪن ملن جي گهر جون ڪاٺيون ۽ پرين گهر جو پاڻي. بس پوءِ خاص تعليم جو خيال ڪيس دل ۾ وجهي ويو ۽ پوءِ استاد محمد عثمان پيٽي جنهن جي ڊوٽي صاحب خان جروار پرائمري اسڪول ۾ لڳي ۽ بابا جو مٿس وڏو اعتقاد ٿيو پڙهائڻ جي سلسلي ۾، اهيو سنڌي ست درجا فائنل جو زمانو هو. استاد محمد عثمان پيٽي جيڪي به شاگرد پڙهايا ۽ فائنل ڏياري اهي سڀ سرڪاري نوڪرين ۾ ويا. جن ۾ حاجي عثمان ملون، حاجي عمر ملون جروار پرائمري استاد ٿيا. ماستر خان محمد ولد خداد ملون جروار پرائمري استاد. پير بخش ولد حاجي جان محمد پرائمري استاد. حاجي علي نواز رستماڻي، ماستر محمد ونهيل درس، ماستر حمزو خاصخيلي ڳوٺ منو خان خاصخيلي، ماستر ڏٽي بخش خاصخيلي ڳوٺ منو خان خاصخيلي، ٽپيدار مسٽر شير محمد جروار، ٽپيدار لڪاڏنو ولد جلال خان جروار ڳوٺ خير محمد جروار عرف آمري ۽ جيڪي نوڪرين ۾ نه وڃي سگهيا. انهن ۾ محمد رفيق

ولد سليمان جروار ڳوٺ صاحب خان جروار پهرين حاجي محمد پريل خان ڪيس ناڪي منشي ٽنڊوالهيار ۾ نوڪري وٺي ڏني، ڪجهہ وقت نوڪري پوءِ ڇڏي ڏنائين ۽ ادا قاضي رحيم جي دوڪان ريزڪي ڳوٺ صاحب خان جروار وٽ دوڪان تي ڪم ڪندو هو غربت هئڻ سبب ڪيس شادي لاءِ پريشان هو حاجي پريل خان سندس شادي بلوچي موساٽي جروارن مان ڪرائي، آخري وقت پنهنجي ڀيڻين هلائيندو هو ۽ هڪ پٽ ٽيس ۽ پاڻ جلد گذاري ويو.

مولابخش ولد صادق واڍو عبدالله ولد مصري فقير جروار عثمان ولد عبدالرحيم جروار حاجي عبدالرحمان عرف حاجي الهجڙيو جروار بہ استاد سائين سعد الله لاڙڪاڻہ واري وٽ پڙهيا. ڳوٺ صاحب خان جروار ۾ ليڪن اڳتي نہ نڪري سگهيا فائنل پاس انهن ڪئي، جيڪي استاد محمد عثمان پٽي پڙهايا. بعد ۾ ملان جروار پنهنجي ئي اسڪول ۾ استاد ٿي آيا. ڪنهن کي بہ اڳتي پڙهائڻ لاءِ خوش نہ هئا، ٻيو تہ ٺهيو رڳو استاد ماستر خان محمد ولد خدا داد کي بہ اسڪول ۾ ڊيوٽي جي دخل ڪار نہ ڏنائون. بس جيڪو سو اسان جو هجي، ٻيو ڪير بہ نہ پوءِ حاجي محمد پريل خان جروار 1960ع ۾ گورمينٽ پرائمري اسڪول ڳوٺ الهہ بخش جروار ۾ کولرايو. جنهن ۾ حاجي غلام حسين خان ڪوڪر چيئرمين يونين ڪائونسل ڪوڪر جو وڏو هٿ هو ۽ اسڪول کلي ويو. پهريون سرڪاري استاد ماستر محمد ابراهيم ولد ماستر نور محمد ترڪ مقرر ٿيا. پاڻ ٽنڊوالهيار ميمڻ پاڙي جا هئا ۽ انهن ٻنهي استادن پيءُ ۽ پٽ ماستر محمد ابراهيم ۽ ماستر نور محمد ترڪ اسڪول جنرل رجسٽر رکي اسڪول هلايو. جيڪو الله جي مهرباني سان سال برسال ترقي ڪندو وڃي، پوءِ استاد بدلي ٿيندا ۽ ايندا ويا. جن ۾ استاد محمد عرس درس، استاد محمد هاشم ڏيٿو ڳوٺ پنهنجو مٽياري شگر مل نزديڪ پير بخش ولد حاجي جان محمد جروار جنهن اسڪول کي الاهي پوئتي ڪيو. سندس بہ پٽ بہ نہ پڙهائي سگهيو پوءِ وري ماستر خان محمد ٽالپر آيو. جنهن ڪجهہ ساهہ وڌو. اسڪول ۾ ۽ داخلا بہ وڌائي ۽ بعد ۾ ماستر خان محدم ولد خدا داد جروار استاد مقرر ٿيو انهي زماني وري اسڪول سٺو هلڻ لڳو ۽ حاجي محمد پريل جي ڪوشش سان بہ درجا ٻيا بہ گورمينٽ

اٺيج ڪري ڏنا يعني 6 ڪلاس پڙهائڻ ۽ ستون ڪلاس پڙهائڻ جو اجازت نامون مليو ۽ هڪ استاد بہ وڌيڪ مليو. ماستر محمد رمضان ولد حاجي سائين بخش پرهياڙ ۽ پوءِ بابا سائين مڊل اسڪول جي منظوري جو آرڊر ڪرائي آيو جيڪا ڳالهہ ملن جروار کي نہ وڻي، وڏو زور ڪيائون تہ آرڊر بند ڪرايون، ليڪن ڪرائي نہ سگهيا. پوءِ ڊي او صاحب حيدرآباد واري کي چار پئسا ڏيئي صلاح ڪري بابا سائين تي ميڙ ڪري وٺي آيا تہ اسڪول جو آرڊل مڊل جو جيڪو آهي اهيو صاحب خان جروار جي ڳوٺ ڏيو ڀرين تہ آفيسرن کي بلڪل جواب ڏنائين تہ منهنجي ڳوٺ مڊل اسڪول جو آرڊر آئون واپس نہ ڪندس، پوءِ آخرڪار آفيسرن بابا کي الاهي ستايو تہ اسان جي عزت ڪر اهيو سڄو قصو ڳوٺ اوطاق تي اڱڻ ۾ ڪرسين تي ويٺا هئا، شايد ٿورو سيءُ بہ هو ان ڪري اوطاق جي اڱڻ ۾ اس تي ويٺا هئا، آفيسرن جي گهڻي زور ڀرڻ تي تہ حاجي اسين ميڙ ٿي توڪان عزت وٺڻ آيا آهيون. اسان کي عزت ڏي حاجي عثمان ملو بہ گڏ هو مون گهران چانهہ ماني پئي آندي، ڪارائي سيڻي کي نيٺ بابا چيو گهران منهنجا سئوٽ قاضي محمد الرحيم ۽ غلام رسول عرف الهبچايو پڻ هئا، عزت بہ عزت وارو ئي ڏيندو آهي پوءِ بابا کين چيو تہ مان اوهان کي هن وقت عزت ڏيان ٿو يلي منهنجي ڳوٺ الهہ بخش جروار جو گورمينٽ مڊل اسڪول جو آرڊر اوهان ڳوٺ صاحب خان جروار کي ڏيو. هيءَ شاگردن کي پڙهائيندا ڪونہ آهن ۽ مان هينئر اوهان جي عزت ڪريان ٿو پر ڇڏيندس ڪونہ. لکپڙهہ ڪرائي وري بہ اوهان وٽ ايندس ۽ ڳوٺ الهہ بخش جروار لاءِ نئون آڊر وٺندس ۽ بابا کين عزت ڏني ۽ پنهنجو نڪتل مڊل اسڪول جو آرڊر ڳوٺ صاحب خان جروار لاءِ حاجي عثمان کي ڏنائين. پاڻ وري بہ همت ڪونہ هاريائين. وري نئين سر درخواست ڏيئي ۽ سڄو ڪم ڪاغذي ڪاروائي مڪمل ڪرائي ۽ مڊل اسڪول ڳوٺ الهہ بخش جروار جو آرڊر وٺي آيو. ڪو اندازن ٻن سالن جي اندر ڪم ڪيائين ۽ پرائمري اسڪول ڳوٺ الهہ بخش جروار لاءِ ورتائين انهي کي مڊل تائين ڪامياب ڪيائين ۽ هلي پيو. ان جي بلڊنگ بہ منظور ڪرائي نهراياائين. ليڪن بلڊنگ پاڻ پنهنجي حياتي ۾ نہ ڏسي سگهيو. جيڪا سندن وفات واري سال 1992ع ۾

تعمير ٿيڻ شروع ٿي هئي، پاڻ پيري ۾ لڪڻ نيٺ هٿ ۾ ٽيڪ ڪري هلندو هو انهي نيٺ سان جيڪي نشان مڊل اسڪول جي بلڊنگ لاءِ ڏنائين، بلڪل اتي ئي ڪائنس پوءِ بلڊنگ ٺهي ۽ هلي پئي، حاجي محمد پريل جروار جي مڊل اسڪول ڳوٺ الهه بخش جروار ۾ جيڪي شاگر پڙهي اڄ نوڪرين وارا ٿيا آهن، انهن ۾ ماستر محب خاصخيلي ڳوٺ منو خاصخيلي، حاجي عبدالحڪيم جروار، محمد رحيم جروار، رحيم بخش جروار، مسٽر شير محمد جروار، منهنجو ڀاءُ ماستر سائين داد، ولي داد، ابراهيم، محمد عسيٰ، محمد سومار، عالم بشير خان، محمد اسلم، ارشاد جروار، ديدار، صديق ۽ ٻيا ڪيترا جيڪي 94_1993ع تائين اسڪول مان پڙهي ۽ پنهنجي روزگار سان وڃي لڳا آهن، جيڪي نه پڙهي سگهيا اهي پنهنجي ڀاڳ ڪان ڀائين، ديهه ٻڪيراٽي يونين ڪائونسل ڪوڪر ۾ پاڻ حاجي محمد پريل خان جروار ٻه دفعا ٻي ڊي جو ميمبر چونڊيو، 70 واري ڏهاڪي ۾، واهه جي موري چيئرمين حاجي غلام حسين خان ڪوڪر ڪان موجوده چاڪر واهه جي موري منظور ڪرائي ۽ ٺهرائي، جنهن جي ڪم تي حاجي غلام حسين ڪوڪر خود اچي ويهي نظرداري ڪندو هو منظور به پاڻ وٺي آيو هو، جيڪا پل به بابا جي ڪوشش سان ٿي.

جو اڄ اسان جي سڄي علائقي کي شهري اڄ وڃ جو ڪم پئي ڏي، اصل اتي ڏاڏي حاجي محمد خان جروار ڪانن جي تختن واري موري انگريزن ڪان منظور ڪرائي ۽ ٺهرائي هئي، اڄ اتي پڪي زبردست پل چاڪر واهه تي آهي.

جيڪڏهن منهنجو ڏاڏو ان جو بنياد نه رکائي ها ۽ سندم والد ان کي پڪي پل تعمير نه ڪرائي سگهي، پوءِ اسان جروارن کي احساس ٿئي ها ته اسان ڪيترا ڏکيا آهيون، پل ڪان سواءِ ٺهي جڙي شيون مليون ان جو قدر نه آهي.

1958ع ۾ پاڻ هڪ رٽائرڊ جيپ جيڪي ان وقت نيلام ٿينديون هنيون هڪ فادر جيپ حاجي هاشم جروار جي ڀائيواري پئسن مان خريد ڪري آيو، ان زماني ۾ ڳوٺن ۽ آس پاس جي ماڻهن اهيا ڀرين جيپ اچي ڏٺي هئي ۽ ان تي ئي مامون هاشم ڊرائيوري سکيو، 1962ع ۾ بلڊوزر

ٽريڪٽر زمين ٺهرائڻ لاءِ ٽنڊو ڄام ايگريڪلچر کان منظور ڪرائي ۽ ڪرائيي تي آندائين، پاڻ پائرن ۽ سئوٽن به ڪلاڪن جي حساب سان هلايو حاجي هاشم به ڪرائي تي هلايو ليڪن هن تر ۾ وٺي حاجي محمد پريل آيو جنهن ڪي ڏسڻ لاءِ ڳوٺن مان ماڻهو هاسيڪار ايندا هئا.

پائرن سئوٽن ڪو 7 ڪلاڪن کان 14 ڪلاڪن تائين هلايو ليڪن حاجي محمد پريل خان جروار 700 کان به وڌيڪ ڪلاڪ 36 روپيا ڪلاڪ جو حساب هو روپيه وڌا هئا، اڄ وارا نه ٽريڪٽر جو نالو ڪاٽر پيلر ڊي ايٽ هو اوطاق سامهون واري زمين ۾ مقام واري زمين ۾ الاهي وقت هليو 1947ع ۾ پاڪستان ٺهيو ته ملڪ جي وڏي حفاظت جي ضرورت هئي، انگريزن کان اسلحه وائس وارن همراهن جو ڊوٽيون لڳنديون هيون، رات جي وقت ملڪ جي حفاظت لاءِ بابا سائين ٽنڊوالهيار رهندو هو ڪيس به سنجراڻي شاخ موري تي بڪيرا رستي تي رات جو چوڪي به سندس حوالي هئي، پنهنجي ليسن واري دو نالي بندوق ڪٽي هڪ به راتيون پاڻ ويو پوءِ بندوق محمد هاشم سنجراڻي کي ڏيئي ۽ ان کي مقرر ڪيائين چوڪي تي، 1965ع واري جنگ دوران حيدرآباد شهر ۾ رضاڪار فورس ۾ به ڪردار ادا ڪيائين، ان سان گڏ پنهنجو ڪاروبار به سنڀاليندو آيو.

1968ع کان پاڪستان پيپلزپارٽي سان وابسته ٿي ويو ذوالفقار علي ڀٽو جا سنڌ جي سيني پروگرامن ۾ مير رسول بخش خان ٽالپر جي گڏجي هلندو هو مير صاحب بابا کي ذاتي طرح سڃاڻندو هو ۽ ڀٽي صاحب سان به روبرو ڳالهائيندو هو پارٽي امور ۽ ملڪي معاملن تي پ پ پ سان سندس تاحيات وابستگي رهي، 1970ع جي اليڪشن ۾ قومي جي ٽڪيٽ ٽنڊوالهيار تڪ جي مخدوم محمد زمان طالب موليٰ کي ملي، بابا پورو پورو وقت اليڪشن مهم ۾ ورڪ کي ڏنو مخدوم صاحب قومي جي سيٽ ڪٽيو وڏي اڪثريت سان ۽ صوبائي سيٽ جي ٽڪيٽ سائين محمد حسن شاهه عرف پورل شاهه کي ملي، پ پ پ سان بابا ملهايو ۽ سائين پورل شاهه به وڏي اڪثريت سان ڪٽيو.

1981ع ۾ پرائمري اسڪول ڳوٺ الهه بخش جروار جي بلڊنگ منظور ڪرائي، جيڪا ڊسٽرڪٽ حيدرآباد جي چيئرمين پير خالد جان

سرهندي منظور ڪئي ۽ ڪمرا وڌا. ان وقت ڊسٽرڪٽ انجنيئر عبدالغفور مهر هو، ٺيڪيدار بلوچ آئسو سيئيٽس محمد نظير لُنڊ هو.

1973ع ۾ زرعي ترقياتي بئنڪ ٽنڊوالهيار کان قرض تي هڪ پنهنجي لاءِ ٽريڪٽر روسي ۽ هڪ ڀاءُ حاجي سليمان لاءِ ٽريڪٽر روسي خريد ڪيا ۽ زمين کي آباد ڪرڻ لاءِ پاڻي جا ٽيوب ويل لڳرائي بجلي ڪاسٽ تي خريد ڪري لڳايا. بابا ڳوٺ ۾ بجلي پهچائڻ لاءِ ٽيوب ويل ڪاسٽ تي لڳايو پاڻي اَن فِٽ هو پر ڳوٺن کي بجلي جي نعمت ڏيڻ لاءِ 1973ع ۾ 1 لک 59 هزار روپيا قسطن ۾ واپڊا کي جمع ڪرائي ۽ ڳوٺن جي بجلي جي سهوليت پيدا ڪئي ۽ اڄ ٽيئي ڳوٺ بجلي پيا ٻارين. ٽيوب ويل جو پاڻي اَن فِٽ هو پر ڳوٺن جي بجلي ضروري هئي ۽ پاڻ پئسا ڀري بجلي وٺي آيو. 1973ع ۾ پڪو روڊ چمبڙ ناڪي ٽنڊوالهيار کان شيخ ڀرڪيو لاءِ منظور ڪرائي ۽ وڏي جفا ڪشي ڪري روڊ جا پئسا فنانس ڪراچي سيڪريٽريٽ مان رليز ڪرايا ۽ ٽينڊر ٿيو ۽ پڪي روڊ جو ڪم چالو ٿيو. ڦهريون ٽينڊر.

منهنجي والد جناب حاجي محمد پريل خان جروار 1973ع ۾ ڪاسٽ ڀري ڳوٺ الهه بخش جروار ۾ پنهنجي اوطاق اڳيان ٽيوب ويل لڳايو ۽ بجلي ٻن ميلن تان ڳوٺ ۾ پهچي وئي. ٽيوب ويل ۽ اتي جي چڪي بجلي تي چالو ٿيا. ڳوٺ کي به عارضي بجلي ملي وئي. انهي لائين مان ڳوٺ صاحب خان جروار جي بجلي منظور ٿي ۽ پول تارون ٽرانسفارمر مامو قاسم ولد حاجي ڀائي خان رانجهاڻي جروار، حاجي نبي بخش، قاضي حاجي محمد الرحيم طاهراڻي جي معرفت ڳوٺ صاحب خان جروار مان لائين بجلي واڌائي ڳوٺ علي بخش جروار پول تارون لڳي ويا.

جيڪا ڳالهه ڳوٺ صاحب خان جروار وارن اڻ سهو گهرن کي نه وڻي، جيڪي ٻي کي ڪونه سهن. بس بجلي آفيسرن جن ڪاغذ صاحب خان جروار جي ڳوٺ سان ملايا هئا. انهن جي پٽيان محمود ولد سونو فقير کي گهر جو ڪرايو ڏيئي، ڳوٺ علي بخش جروار جي بجلي مسلسل 2 مهينا جدوجهد ڪري ڪٽائي، جنهن ۾ لڳل ٿنيا انهن جون تارون ڪولي واپڊا

مجبورن واپس ڪٽي وئي، سبب ڳوٺ صاحب خان جروار جي همراهن بجلي لڳائڻ نہ ڏني.

واپس ٿيل پول تارون گل حسن طاهراڻي پنهنجي فارم تي امانت ڪري رکيا، هڪ مهيني اندر ڳوٺ علي بخش جروار جي نالي سان منظوري وٺي، ساڳيو سامان واپس لڳائي بجلي منظور ڪرائي، جيڪا ڳوٺ علي بخش جروار ۾ هلي پئي، پورا تفصيل فيئر بڪ ۾ لکيل آهن، بئي ڀاڱي ۾ ايندا.

وري هڪ وقت آيو ڳوٺ الهہ بخش جروار ٽيوب ويل جي بجلي بل ۾ ڪٽجي ويئي، تہ ڳوٺ ۾ بہ بجلي ٻرڻ بند ٿي ويئي، ڇو جو ٽيوب ويل تان لائين هئي ، ڳوٺ جي بجلي منظور نہ هئي، پوءِ راقم ڳوٺ علي بخش جروار جي معززين حاجي مولابخش، حاجي محمد خان ۽ محمد عثمان وٽ حاجي مولابخش اوطاق ۾ روبرو ڳالهائي اعتماد ۾ وٺي عارضي طرح بجلي ڳوٺ علي بخش جروار جي پول مان ڳوٺ الهہ بخش جروار جي مدينہ مسجد ۾ رمضان شريف جي مبارڪ مهيني لاءِ عارضي ڪنيڪشن سو بہ اجازت ڳوناٽن کان وٺي پوءِ چالو ڪرايو.

بس ڳوٺ علي بخش جروار جا اڻ سهو ماڻهو انهن وري گهر جو ڪرايو خرچ ڀري محمد الرحيم عرف ممون رانجهاڻي جي ڊوٽي لڳائي ڇڏي تہ پنهنجي ڳوٺ جي بجلي مان ڳوٺ الهہ بخش جروار جي مسجد ۾ بجلي ڇو پئي ٻري، بند ڪرايو. جن جي مدد وري عبدالحميد خاناڻي جروارن وقت لائين مين واپڊا هو ان ڪئي.

ممون ۽ ٻين عبدالحميد جي معرفت 27 رمضان مبارڪ مسجد ڳوٺ الهہ بخش جروار جي بجلي ڪٽائي دم ڪنيو.

بعد ۾ بابا ۽ اسان ڳوٺ الهہ بخش جروار جي بجلي ڳوٺ سيڪشن ڪرائي بجلي لڳرائي، جيڪا هن وقت هلي پئي، سيني ڳوٺ وارن مدد ڪئي.

اڻ سهو ماڻهن لاءِ يادداشت نامون آهي، نالا ڪهڙن جا لکان، ضمير جاڳائڻ لاءِ ڪافي آهي.

مسٽر گل حسن طاهراڻي خاصخيلي سجاول ٺٽي واري ڪنيو روڊ جي ڪم لاءِ ٺيڪيدار ٽينڊر ڪڍڻ لاءِ تيار نہ هئا. وڏو نئون اڙانگو ڪم هو پوءِ مسٽر گل حسن طاهراڻي سان بابا جروار جا تمام وڏن ڪان لاڳاپا هئا ۽ پاڻ حاجي صاحب تي خصوصي مهرباني ڪري بڪيرا ٽنڊوالهيار جي ڦرين ۾ ميلن جو ٺيڪو ڪنيو ۽ روڊ جو ڪم چالو ٿيو جيڪو مسلسلو ۾ چئن سالن ۾ ورڪ هلندو ڦرين بڪيرا شريف پوءِ ڪوڪرن جو ڳوٺ ۽ بعد ۾ مڪان شريف تائين پهتو شيخ پرڪيو سان ڳنڍجي ويو.

وزير اعليٰ غلام مصطفيٰ جتوئي صاحب هو ۽ فنانس مان پئسا نٿي نڪتا. حيدرآباد مشهور ڪنيونشن ۾ ذوالفقار ڀٽي جي سامهون پ پ جي ڪارڪنن جي حيثيت ۾ جتوئي صاحب جي پئسا نہ ڪڍي ڏيڻ جي شڪايت ڪيائين. جو جتوئي صاحب انهي ڪنويشن ۾ روئي پيو ۽ عهدي جي استيفا ڏني. جيڪا ذوالفقار علي ڀٽو صاحب قبول نہ ڪئي ۽ تاڪيد ڪيو تہ منهنجي ڪارڪنن جا ڪم ڪريو. اهيو پ پ جو مشهور ڪنويشن حيدرآباد سرڪٽ هائوس ۾ مسلسل ٽي ڏينهن هليو ڀٽو صاحب روبرو وزيرن. آفيسرن ۽ پ پ ڪارڪنن جون شڪايتون ٻڌي انهن جو آزالو ڪيو. جيڪو سنڌ جو مشهور معروف پ پ ڪنوينشن ٿيو هو. گورمينٽ رڪارڊ تي اج بہ موجود آهي.

1976ع ۾ پاڻ عمره شريف جي سعادت لاءِ پ پ حڪومت ۾ انٽرنيشنل پاسپورٽ ٺهرايائين. ليڪن ڀٽو صاحب انهي سال ۾ عام چونڊن جو اعلان ڪيو تہ پاڻ اليڪشن لاءِ جدوجهد ڪرڻ ڪي لڳي ويو ۽ 1977ع جي اليڪشن ٿي تہ وري بہ پ پ ڪٽيو اڪثريت سان ۽ 9 ستارن ڀٽو صاحب لاءِ سول نافرماني تحريڪ هلائي. پ پ ساٿ جي ڪري عمري شريف جو پروگرام ڇڏي حڪومت جو ساٿ نڀايائين. پوءِ مسلسل پاڪستاني سياسي حالات ۾ پ پ سان همدردي خاطر سفر نہ ڪري سگهيو 13 سال مسلسل پ پ جي تحريڪن اجلاسن جلوسن ۾ جدوجهد ۾ گذاريائين.

1977ع جي جنرل جو اقتدار ۾ اچڻ ڪري پاڻ سياسي طرح پ پ سان ساٿ نڀائيندو رهيو جنوري 4 تاريخ جي اخبارن ۾ بيان ڏنائين تہ پاڻ 5

جنوري 1978ع تي جناب ذوالفقار علي ڀٽو صاحب جي سالگره جو ڪيڪ حيدرآباد توڙي ٽنڊوالهيار ۾ تقريبون منعقد ڪرائي ملهائيندو ۽ ملهايائين.

انهي ڏينهن 5 جنوري 1978ع تي حيدرآباد توڙي ٽنڊوالهيار ۾ سالگره جا پروگرام ڪرايائين. جنهن ڏوهه ۾ ڪيس گرفتار ڪيو ويو ايس ڊي ايم جي عدالت ۾ پيش ڪيائون. جتي ايس ڊي ايم صاحب ڪيس چيو ته اخباري بيان جي ترديد ڪر ته توکي ڇڏي ڏيان. پاڻ پنهنجي بيان تان نه هٽيو ۽ ڪيس 90 ڏينهن لاءِ نارا جيل حيدرآباد جي هوا کائڻي پئي. پر پنهنجي عزم ۾ پختو رهيو. ساڻس گڏ سندس ڀائيٽيو سوٽاٽي سئوٽ جو محمد صديق جروار، حاجي محمد بخش انڙ ٽنڊوالهيار ۽ ڊاڪٽر خورشيد ڀانهن ڪٽيل ٽنڊوالهيار اهي به جيل ويا. سالگره جي ڀٽي صاحب جي ڏوهه ۾ محمد صديق جروار جا امتحان جا پيپر هئا. بابا سائين جيل ۾ لکپڙهه ڪرائي جيل ۾ ئي ڪيس پيپر ڏياريا ۽ محمد صديق جروار پاس ٿيو مون تي اڄ ڏينهن تائين مهربان آهي ۽ شفقت ڪري ٿو اڳين سال يوم پاڪستان 23 مارچ 1978ع جي ڏينهن جناب ذوالفقار علي ڀٽو صاحب کي ڪوڙي ڪيس ۾ لاهور هاءِ ڪورٽ بدنيتي تي سزا ئي موت ٻڌائي.

مون ڳوٺ الهه بخش جروار کان ڪوڙي ڪيس بدديانتي لاءِ لاهور هاءِ ڪورٽ جي فيصلي خلاف احتجاجي جلوس ڪڍائي قيادت ڪئي، ان وقت جي ڪائونسل ۽ ٽپو ڪوکر جي ڳوٺن ۾ جلوس ۽ آخر جلوس کي بکيرا شريف ۾ ختم ڪيو. پرامن جلوس ۾ ڊڪٽيٽر جنرل جي اتحادين هڪ پرائيوٽ بس جا شيشا ٽوڙيا ۽ ڏوهه ۾ مون تي. ليمون شيدي ۽ هوت برفت کي چمبڙ پوليس گرفتار ڪري سمري ملٽري ڪورٽ 5 ۾. جيڪا ان وقت ڊسٽرڪٽ ڪائونسل حيدرآباد جي ميٽنگ حال ۾ هلندي هئي، سزا ڏيئي 9 مهينا ۽ ٽي هزار جرمانو ڪيو اسان کي جيل موڪليو پهرين نارا جيل بعد ۾ سينٽرل جيل حيدرآباد ۾ 6 مهينا ڪٽي پوءِ ٻين عيدين معافي به ملي ۽ مليل سزا ڪٽي آزاد ٿياسين. پهرين ڏيڍ مهينو مختلف ٿاڻن ۾ حيدرآباد ڇانوڻي ۾ ڏک ڏوڙ به ڪيائين. ليڪن اسان جي سڄي ڪيس جي سربراهي بابا سائين ڪئي.

جناب ذوالفقار علي ڀٽو کي ڪوڙي ڪيس ۾ ڦاسي جي سزا آئي، بابا سائين سزا جي اعلان واري ڏينهن لاڙڪاڻو ڳڙهي خدا بخش ويو ڳوٺ سانول جروار ۾ ڏهي تائين رهي ۽ پوءِ واپس آيو ان وقت ڀٽي صاحب جي قبر تي فوج جي چوڪي بيٺل هئي، انهي زماني ۾ ريلوي اسٽيشن ۽ اسٽاپن تي پ پ جي ڪارڪنن لاءِ تمام سختي هئي، ڪين گرفتار ڪري جيلن ۾ بند ڪيو ويندو هو. بابا ڳوٺ سانول جروار ۾ محمد بچل ولد محمد صفر خان جروار وٽ رهيو.

1979ع ۾ بابا سائين سنڌ آبادگار بورڊ جو ميمبر ٿيو. علي مير شاهه ۽ ڊاڪٽر پروفيسر شاهنواز شاهه جو پورو ساٿ نڀايائين، ان زماني حيدرآباد ۾ بورڊ آفيس جو صدر حاجي فريد الدين نالي هو ماهوار گڏجاڻي ۾ شرڪت ڪندو هو اتفاق سندس غير حاضري ۾ مون کي به موڪليو ساليانو چندو به سنڌ آبادگار بورڊ حيدرآباد جو ڏيندو هو ڪمند جون ملون ريٽ، مارڪيٽ سهولتون، پاڻي جا مسئلا ۽ ٻيا انيڪ زرعي مسئلا اتي حل ٿيندا هئا.

1981ع ذوالفقار علي ڀٽو صاحب جي ورسي تي مون کي محمد يوسف کي 4 اپريل تي ڀٽي جي ورسي ۾ موڪليائين، 4 اپريل 1981ع تي مون کي ۽ محمد يوسف کي نئون ديرو پوليس ٻين ڪارڪنن سان گڏ بند ڪيو. شاهنواز ڀٽو لائبريري لاڙڪاڻو ۾ فوجي ڪورٽ پهرين ڏينهن اسان کي 90 ڏينهن ٽن مهينن لاءِ بند ڪري ڇڏيو ۽ پوءِ پورا ڪري پوءِ آزاد ٿياسين. بابا سائين، محمد پناهه خان ۽ وڪيل ايڊووڪيٽ غلام حيدر خان جروار مسلسل رابطي ۾ هئا.

1981ع ۾ به پ پ پارلياماني بورڊ کي پي ايس ٽڪيٽ لاءِ اپلائي ڪيائين، پوءِ چونڊون ملتوي ٿيون هيون. پرائمري جا ٻه ڪمرا بلڊنگ منظور ڪري ۽ نهرائي ان زماني ۾ ميٽرل سرون به ڳوٺ اسڪول جي سائيڊ تي پهچائڻ وڏو مسئلو هو. رستا ڪونه هئا. زميندارن جون بائونڊريون هيون، واٽرن تي مورين جي سهولت پڻ ڪانه هئي، وڏي مشڪل سان سامان سائيڊ تي پهتو جنهن ۾ ٺيڪيدار سان سڀ سهولتون مزوري سميت ڪيو ويون، لوڪل خرچو بابا پاڻ ڀريو.

1982ع ۾ ذوالفقار علي ڀٽو جو ننڍو پٽ شهيد شاهنواز خان ڀٽو جي ميت هوائي جهاز ۾ موهن جو دڙو ايئرپورٽ پهتي ته بابا موهن جو دڙو ايئرپورٽ پهتو ۽ ميت ۾ لاڙڪاڻي ۾ ڳڙهي خدا بخش شرڪت ڪئي، غلام علي ڀٽو ٽنڊوالهيار وارو ڏٽي بخش شيدي درزي به گڏ هئس.

وري ٻيو دفعو جڏهن پارٽي بنياد تي اليڪشن تي ته پاڻ پي ايس تڪ لاءِ پ پ پارلياماني بورڊ کي ٽڪيٽ لاءِ فيءِ ڏيئي درخواست اپلائي ڪئي، اتفاق محترم صاحب کي ڪيل واعدو وسري ويو ۽ ٽڪيٽ عبدالطيف مڱريو کي ملي، بابا عبدالطيف مڱريو جي اليڪشن خرچ پري ڏيڻ لاءِ چيو زمين وڪڻي به پ پ ڪارڪن جي ورڪ تي خرچ ڪندس.

1983ع پورو وقت پ پ سان ساٿ نڀائيندي 28 آگسٽ 1983ع تي ايم آر ڊي تحريڪ ۾ گرفتار ٿيو ٻڪيرا شريف درگاهه کان ڪيس گرفتار ڪيو ويو جلوس مان جلوس ۾ يونين ڪائونسل ٽپو ڪوڪر جي سيڻي ذاتين جا هر ديهه مان ماڻهو گڏ هئا، بابا گرفتاري پيش ڪئي، ٻڪيرا شريف شهر ۾ درگاهه اسٽاپ تان 18 جولائي تي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جو پٽ شاهنواز خان ڀٽو فرانس ۾ شهيد ڪيو ويو پاڻ لاڙڪاڻي وڃي شاهنواز ڀٽو جي ميت ۾ شريڪ ٿيو.

1984ع ۾ بابا سائين ۽ سندس ڏوهٽو لالا واحد بخش جراور عبدالستار ٻچاڻي جي پيٽرول پمپ وٽان جلسي مان گرفتار ٿي سينٽرل جيل حيدرآباد موڪليا ويا، اهيا به ايم آر ڊي تحريڪ جڏهن فل اوج تي هئي تڏهن جي گرفتاري هئي.

جنهن غير سياسي بنيادن تي اليڪشن جو اعلان ڪيو ته جنرل ڪوڙو ڊونگ رچائي اليڪشن جو محترمه بينظير ڀٽو صاحبه اليڪشن جو بائيڪاٽ ڪيو ته بابا سائين مڪمل ساٿ نڀايو. ڳوٺ بيگن جروار، مبارڪ جروار، منو جروار، حاجي علڻ خان لغاري، حاجي بهادر دائيداڻو ڪئوڙو دائيداڻو ڳوٺ ٻچل سومرو ماڇي، منو خاصخيلي، محمد عرس درس، محمد علي پرهياڙ مسوبوزدار ديهه ٽل ۾ سعيد خان لغاري، غلام حسين لُنڊ، داد جروار، مير خان نوڙهو الهه بخش جروار، علي بخش جروار، ديهه وساڻڪي حاجي ڪريمداد وساڻ، اميد علي بوزدار، بختاور پتافي، يار محمد ميربحر،

دين محمد شاهه، خادم حسين شاهه، ديهه ٻائل جمعون ڪاتيار، اسماعيل مهراڻي، واڳوڙر مطلب تہ ٽنڊوالهيار جي سڄي ڏکڻ تڪ ۾ ٻائيڪاٽ مهم ڪٽي پنڌ ڪٽي گهوري تي تہ ڪٽي ڪا ٽيڪسي جيپ ڪٽي عام پبلڪ کي ٻائيڪاٽ اليڪشن لاءِ سجاڳ ڪيائين.

1985ع مين روڊ ٽنڊوالهيار شيخ ڀرڪيو مان لنڪ روڊ ٻڪيرا ريگيوليٽر ڪان عالم ڪوڪر، مقبول ميمڻ، لونگ دل، محمد عرس ٻانهيپوٽو درس ڪان پنهنجي ڳوٺ الهه بخش جروار تائين، مير عنايت علي خان ٽالپر ٽنڊو محمد خان وارو مقبول احمد ميمڻ جي معرفت تعمير ڪرائي ۽ ان جو افتتاح پڻ ڪرايائين، اهيا جنرل جي حڪومت هئي، افتتاح جي ڏينهن پاڻ ٻڪيرا ريگيوليٽر تي موجود رهيو. ڳوٺ لاڙڪاڻي جا عزيز ڏاڏا منان خان جروار، رسول بخش گمبو جروار ترسيل هئا. مير اعجاز علي خان ٽالپر ٽنڊو محمد خان وارو بہ مير عنايت سان گڏ هئا. مير عنايت انو وقت وزير هو. جناب مير محمد خان ڪوڪر حاجي علي محمد عرف علڻ خان لغاري، وڏيرو غلام محمد ٽيٻو مولاد وارو بہ گڏ هئا. مون شڪريو ادا ڪيو. تقرير ڪئي ٻڪيراڻي ريگيوليٽر موري تي.

1988ع تي جنرل ڊڪٽيٽر جهاز 130 سي ڪريش ٿيو ۽ پارٽي بنيادن تي اليڪشن جو اعلان ٿيو. پاڻ پ پ پارلياماني بورڊ کي ٽڪيٽ جي اپلائي ڪيائين. بس لوڪل قوتن ڪيس ٽڪيٽ کان محروم رکيو.

وزير اعظم محترمہ بينظير ڀٽو ڪراچي ۾ مزار قائد تي عظيم جلسو ڪيو جنهن جي ٽنڊوالهيار مان ڪارڪنن جي شرڪت کي يقيني بنائڻ لاءِ منسٽر مسٽر حاجي عبدالستار بچاڻي ٽنڊوالهيار ۾ ايريگيشن بنگلو تي پ پ ڪارڪنن جو هڪ وڏو جلسو ڪيو. جنهن ۾ حاجي محمد پريل خان جروار پنهنجي طرفان ڪارڪنن جي سهوليت لاءِ ڪراچي لاءِ پهچائڻ جو انتظام ڪيو ٻن بسن جو جيڪي جلسي واري ڏينهن ٻڪيرا شريف ۽ سڄي يونين ڪائونسل جا پ پ ڪارڪن هليا. ساڳئي ڏينهن جلسي ۾ خادم حسين شاهه صدر پ پ سرڪل ڪوڪر ڪجهه اختلاف بہ ڪيو. ٽپيدار جي نوڪرين تان جيڪي بچاڻي صاحب محترمہ بينظير ڀٽو طرفان ڪارڪنن ۾ تقسيم ڪيون، بچاڻي صاحب، حاجي صاحب

اعتراض ڪيو ته ڪجهه آڊر من پسند ماڻهن کي ڏنا اٿئي، جيڪي اصل ڪارڪن نه آهن. خير ڪراچي جو جلسو ڪامياب ويو حاجي صاحب کي ٻه ڪارڪن ڪوٽائي هڪ آڊر مليو جيڪو سندس پوٽي محمد خان ولد محمد صالح کي ڏنائين. پوءِ انٽرويو ۽ ٻي ڪاغذي ڪاروائي تي جي لکبو ته الڳ ڪتاب ٿهي پوندو.

1990ع ۾ محترمه بينظير ڀٽو صاحبه وزير اعظم ٿي ته بابا سائين پورو ساٿ ڏنو.

پيپلز ورڪ پروگرام چالو ٿيو ته عبداللطيف انصاري صاحب کي پيپلز ورڪ پروگرام جو ائڊمنسٽريٽر مقرر ڪيو بينظير ڀٽو صاحبه. بابا سائين انصاري صاحب کي يونين ڪائونسل جي ترقياتي ڪمن لاءِ دعوت ڏيئي گهرايو ٻڪيرا شريف ۾ سندس وڏو جلسو منعقد ڪرايو جيڪو جلسو ڪامياب ويو جنهن ۾ آجياڻي کي خطاب دوران بابا سائين ڪائنس ٻڪيرا شريف روڊ جي ٽٽل حالت جو ۽ ريڪنسٽريشن جو نه صرف مطالبو ڪيو پر جلسي ۾ ڪائنس ٻيڪرا شريف روڊ جي ٻيهر ريپئر ڪرائڻ جو ٻه اعلان ڪرايو ان تي عمل ٻه ڪرايائين. ساڳيو ڏينهن يونين ڪائونسل جي مختلف ڳوٺن جو دورو ڪرائي ڪجهه پرائمري اسڪولن جو ٻن ٻن ڪمرن جون بلڊنگون ٻه ورتائين پيپلز ورڪ پروگرام جي ايڊمنسٽريٽر جناب عبدالطيف انصاري کان ۽ انهن تي عمل ٻه ٿيو جن مان ٻه ڪمرا پرائمري اسڪول ڳوٺ الهه بخش جروار ۾ ٺهيا. ايرندي طرف وارا منجهند جي ماني جو بندوبست بابا سائين پنهنجي ڳوٺ الهه بخش جروار ۾ ڪيو هو. هڪ ڊش برياني ٺهرائي هئي، حاجي خير محمد ڪوڪر، مسٽر عبداللطيف انصاري سميت يونين ڪائونسل جي سيني معززين ۽ عوام دعوت ۾ شرڪت ڪئي هئي، ٻڪيرا شريف جلسي جو سڄو انتظام بابا سائين جي هٿ ۾ هو ۽ ڪامياب ويو.

1991ع تي عبداللطيف غلام محمد جروار ٽنڊوالهيار کي سروس جي سلسلي ۾ اسلام آباد گڏ وٺي ويو مون ٻه گڏ سفر ڪيو هو.

1991ع ۾ ئي غلام اسحاق خان اسيمبلي ٽوڙي محترمه بينظير ڀٽو جي حڪومت برطرف ڪئي.

6 جنوري 1992ع صبح فجر آذان تي 10 ڏينهن علالت ۾ سول اسپتال حيدرآباد ۾ اندازن 80 سالن جي ڄمار ۾ وفات ڪيائين.

ڪل 10 ڏينهن عليل رهيو 3 ڏينهن گهر ۽ 7 ڏينهن اسپتال، پروفيسر سرجن ڊاڪٽر شاهنواز شاهه هر وقت اسپتال اچي بابا کي ڏسي ڊاڪٽرن کي پارت ڪندو هو چئي هن ماڻهو پئسو گڏ نه ڪيو نه ته اڄ حيدرآباد سول اسپتال نه بلڪ لنڊن جي ڪنهن ۾ اسپتال ۾ زير علاج هجي ها.

حاجي محمد پريل خان جروار جي سنگت برادر جو هڪ وڏو حلقو آهي، جيڪو اميد ته ڪتاب جي ٻئي ڀاڱي ۾ تفصيل سان لکبو ياداشت خاطر ڪجهه هتي به نالا ڏجن ٿا، ملڪ محمد هاشم سومرو ڳوٺ عجائب سومرو لڳ روڊ موري چوهڙ جمالي، ڳوٺ آمري جتوئي جو مولوي خان محمد جتوئي، حاجي محمد ۽ حاجي ستار سومرو، مبارڪ سومرو، ملڪ محمد حنيف سومرو، چاچو جوڳي خاصخيلي طاهراڻي ڳوٺ وارو، نور محمد شاهه، مقيم شاهه، خير محمد شاهه، عبدالستار شاهه وارساڻي، سيد ميون عثمان شاهه جا قبا پير حيدر شاهه، احمد شاهه، اميد علي شاهه، شوڪت علي شاهه، مراد علي شاهه راشدي ٽنڊوالهيار وارا.

حيدر خان ميهاڻي جروار جو پٽ عمر خان مڙئي خدا جو ماڻهو روپئي جو پڪو ڪيس رڳو 4 نياڻيون ٿيون، 1 فاطمه حاجي حيدر ولد مينهون جيڪو ڀائٽيو هوس، ان جي گهر ۾ هئي، هڪ پٽ ٿيو ۽ ماءُ مري وري، ٻي نياڻي حاجاڻي سهتي حاجي مير محمد جي نڪاح ۾ هئي، نبي بخش ۽ هڪ نياڻي ٿيس، ٽي نياڻي بختاور حاجي جان محمد جي نڪاح ۾ هئي، چار نمبر نياڻي منهنجي پيءُ حاجي محمد پريل خان جي ڏنل هئي ۽ فوت ٿي ويئي.

1993ع سال آگسٽ مهيني جي ڳالهه آهي، آئون پاڪستان پيپلزاپارٽي سرڪل بڪيرا شريف جو صدر هئس، محترمه بينظير ڀٽو صاحبه پاڪستان جي وزير اعظم هئي، 14 آگسٽ تي آزادي پاڪستان ملهائڻ لاءِ سڄي ملڪ جي پ پ عهديدارن کي اسلام آباد گهرايو ويو. پروگرام کي تشڪيل ڏيڻ لاءِ پ پ تعلقه ٽنڊوالهيار جي هنگامي گڏجاڻي گهرائي وئي، اسلام آباد ۾ 14 آگسٽ ملهائڻ لاءِ بڇاڻي هائوس تي

ڪارڪنن جي نالن کي حتمي شڪل ڏني وئي، اتفاق سان ان هنگامي گڏجاڻي ۾ آئون هئس، ڪن ڪمن جي مصروفيتن ۾ نه پهچي سگهيو هئس، منهنجي نالو لسٽ ۾ نه آيو، بڪيرا شريف سرڪل جو جنرل سيڪريٽري جان محمد شاهه بخاري پاڻ ۾ ٻيا هڪ يا ٻه پنهنجي مرضي جا ڪارڪن لسٽ ۾ لکرائي ڇڏيا. آئون پهتس پهرين ته جنرل سيڪريٽري جان محمد شاهه مونکي اعتماد ۾ آندو ته اوهان رهجي ويو پوءِ مون تعلقه ۾ عبداللطيف مڱريو اميد علي ناگور سان رابطو ڪيو ته منهنجو نالو لکو ۽ مونکي سيٽ ڏيو انهن به مونکي جواب ڏنو اصل ۾ گروپ ۾ مونکي گڏ وٺي هلڻ جو ارادو ڪونه هئن، ان وقت ٽنڊوالهيار تعقلوءِ اسان جو ضلع حيدرآباد هو جيئن ته منهنجي ضلعي تائين پهچ هئي، همراهن مونکي جواب ڏئي ڇڏيو پوءِ مون ضلع سيڪريٽري حاجي محمد عرس سوهو هو ان سان ڊائريڪٽ مليس جيڪو حاجي امين لاکو صدر سميت مون کي ذاتي طور سڃاڻندا هئا، مون ساڻن رابطو ڪري ۽ منهنجي سيٽ لاءِ ڪنفرم ڪري ڇڏي، جنهن جي ڄاڻ مون تعلقي جي همراهن کي نه ڏني، 11 تاريخ شام رات جو مونکي ڪراچي ڪبير جوکيو پٽ جي شادي جي دعوت هئي، مانجهي جوکيو جي ان ۾ شريڪ ٿيس، 12 تاريخ مون ڪراچي کان واپسي ڪئي ۽ اچي پنهنجي گهر حيدرآباد ٿيون نمبر تلاءَ ٽنڊو طيب گهر نمبر 1647/72 ۾ رهيس، شوڪت علي به گهر هو پروگرام مطابق شوڪت علي کي گهر حيدرآباد ڇڏي ۽ مون رات ۾ ڪل تياري اسلام آباد جي ڪئي، سيٽ نمبر بوگي ريل گاڏي جو مونکي ملي چڪو هو، خصوصي ٽرين ڪراچي کان پ پ جي عهديدارن لاءِ چارٽر ٿيل هئي، صبح سوير جيسين ٽنڊوالهيار جا ڪارڪن عهديدار پهچن، آئون 6 بجي گهران ٿيلي شاپر ۾ ڪپڙن جو جوڙو کڻي ريلوي اسٽيشن حيدرآباد پهتس، ريل به پهچي چڪي هئي، ڪراچي جهمپير ضلع، بدين ضلع، ميرپورخاص ضلع جا عهديدار ڪارڪن سوار ٿيڻ لاءِ پهتا، مان به پنهنجي نمبر واري بوگي ۽ سيٽ پهرين پهچي ۽ ويهي رهيس، ٽنڊوالهيار جا ڪارڪن ڪو 7 بجي بعد پهچڻ شروع ٿيا، بس پليٽ فارم ۾ ملياسين، مونکي مايوس انداز ۾ چيائون ته بروقت تون ڪونه هئين، نه ته توکي سيٽ ڏيون ها. آئون سامان ٿيلي شاپر سيٽ تي رکي ۽ حيدرآباد

جي ڪارڪنن کي پارٽ ڪري چڙهي هئي ۽ ٻي اونو پليٽ فارم ۾ پئي ڦريس.

سڀ سڃاڻون هڪ حيدرآباد ڀيو ٽنڊو محمد خان ۽ هالا تعلقو سيئي هڪ ٻئي کي سڃاڻون. پهرين سيٽني نمبروار سيٽون سنڀاليون. پوءِ هڪڙا سيٽ ۽ سامان وٺ ٻيا پليٽ فارم ۾ پيا ڦرون. 8 وڳي ريل هلڻ لاءِ سيٽي هنئي سڀ ڊوڙي پنهنجي پنهنجي بوگين ۽ نمبر وارين سيٽن تي پهتا ۽ ريل چالو ٿي. جيئن تہ منهنجو نمبر ٽنڊوالهيار تعلقي جي بوگي ۾ هو ۽ ريل چالو ٿي اتفاق سان منهنجي نمبر سان گڏ يونين بڪيرا شريف جان محمد شاهہ ۽ بہ سندس دل گهريا بہ اچي ويٺا. منهنجي سيٽ دري سان لڳ هڪ ماڻهو واري هئي ۽ ٻيا دوست بہ پنهنجي پنهنجي نمبر ۾ هئا.

سو همراهہ ششدر پئي ٿيا تہ هن جي بڪنگ اسان تہ ڪانہ لڪائي هئي، ڪيئن اچي ويو مون تي خاص مهرباني حاجي محمد عرس سوهو ۽ حاجي امين لاکو ڪئي، بس پوءِ اڪيون پيون چار ٿين. لڄ پئي ٽئي، خير جو سفر شروع ہو دل ئي دل ۾ ڪجهہ همراهہ لڄي پئي ٿيا. ٽنڊو آدم اسٽيشن تان ۽ نواب شاهہ اسٽيشن تان بہ عهديدار ويٺا. روهڙي ڪان بہ ۽ بعد ۾ ڏينهن بہ وچين تي پهتو سفر وڏو ہو. ڪل پوڳ لڳو پيو ہو گانا ڪلام پئي ٿيا. حاجي مريد علي مستوئي غزل ٻڌايا ۽ مون گانو ٻڌايو ”ديک تيري سنسار کي حالت، کيا هو گي ڀڳوان ڪتنا بدل گيا انسان“ ٻڌايو ماٺ لڳي وئي، جنهن همراهہ کي آئون سفر ۾ سٺو ڪونہ لڳي رهيو هوس. ڏنم تہ ڏاڍو متاثر ٿيو آهي. نالو ڪونہ ٿو لکان. جو هلڪائي آهي. منهنجي ويجهن ۽ پيارن مان آهي. مونکي دري جي پاسي واري سيٽ جيڪا نمبر ۾ منهنجي هئي، کيس تمنا ٿي تہ آئون اتي ويهان. پاڻ سندس سيٽ نمبر مطابق ٻن ڄڻن جي وچ ۾ ڏکيو ٿيو ہو سو مونکان دري واري سيٽ جيڪا اڪيلي ماڻهو جي هئي طلب ڪيائين. مون بہ دل ڪوسي سبب نہ ڏني. مٿان جو ڪوي پرديپ جو گانو ڳايم تہ ڇهئي پيسا ڇٽي پيا. صادق آباد سڄ لٿو سڄي رات ڪجهہ آرام، ڪجهہ ڪائڻ پيئڻ ۽ ڪچهري ۾ سفر جاري ہو 14 آگسٽ جو صبح 7 وڳي اسان جي ريل گاڏي گوجرانوالا اسٽيشن ۽ بعد ۾ ٻيون اسٽيشنون هلندي 3 وڳي راولپنڊي پهتي. بس يار چا ٻڌايان. شهيد راڻي محترمہ بينظير

پڻو صاحب زنده هئي، ڏٽڪا هاسين. راولپنڊي اسٽيشن جي ٻاهران اسان جا ايم اين اي صاحب بسون بيهاريو بيٺا هئا. هر هڪ پنهنجي ڪارڪنن کي عزت آبرو سان ملي ۽ بسن ۾ ويهاريو. اسان ٽنڊوالهيار وارا 5 وڳي اسلام آباد شهر ۾ شايد پيرن سرهندين ڪمرن ۾ ورڇجي وياسين. ٻي اتفاق منهنجي نمبر جنهن ڪمري ۾ هو آئون ته پنهنجي نمبر تي شاپر ڪپڙن جي رکي قبضو ڪري وينس ۽ جن همراهن کي منهنجي حاضري ناپسند هئي، اهي به ان ڪمري ۾ آيا. بس گڏ رهڻو پئجي ويو ۽ ماني ملي، هدايتون مليون. رات فنڪشن ۾ وڃڻ جون. ماني ڪائي اجان ڪلاڪ سڄ هو ٻهران جائزو ورتوسون. جلسي گاهه ڏي وڃڻ ۽ واپس پنهنجي بنگلي پهچڻ جا رستا ڏسي آياسون. رات جي ماني بنگلي تان کائي ۽ جلسي لاءِ وياسين. جلسو وڏو هو وزير اعظم صاحبه جي خطاب جو پروگرام هو. کليئي آسمان هيٺ قومي اسيمبلي بلڊنگ جي اڳيان ڪيئن مزا هئا. شازيه خشڪ اچي ڳايو ۽ ٻين فنڪارن به پئي واري واري سان ڳايو. شازيه جي ڳائڻ مهل تيز برسات شروع ٿي وئي. جلسو ختم ٿي ويو. برسات سبب سڀ ڪو پنهنجي پنهنجي رهائش ڏانهن ويو. آرامي ٿياسين. پوئين رات سڀ ڪو ننڊ ۾ ٻاهر برسات، تيز هوا ۽ کنوڻ گوڙ جا ٺڪاءَ هجن. اوچتو تيز هوا ۽ گوڙ جو وڏو ٺڪاءَ ۽ ان سان گڏ اسان واري ڪمري جي دري جو تاڪ هوا جي زور تي ڏڙام ڪئي. ٺڪاءَ وڏو ٿيو. سڀ ننڊ هواسين. ڇرڪ ۾ ٿي چار همراهه وٺي ڀڳا. ڪمري جو در هڪ طرف ته همراهه ڀڳا دري ڏي. ڪجهه همراهه هڪ ٻئي کي لتاڙي بيهي رهيا. الله پاڪ جي مهرباني سان آئون پنهنجي بستري تي سڪون سان ويٺو رهيس پوءِ ته ڏاڍي کل پئجي وئي.

صبح 15 آگسٽ اسلام آباد ۾ گذارڻو هو. آئون اڳئي بابا سائين حاجي محمد پريل خان سان گڏ گهميل هئس. مون وٽ پئسا به ٿورا گڏ هئا. ان ڪري مون گهمڻ جي پروگرام ۾ دلچسپي ڪانه ورتي. ليڪن مون وارا همراهه پهريون دفعو آيا هئا. انهن کي شوق گهمڻ جو وڏيڪ هو ۽ مون کي صلاح هنيائون ته پئسن گهٽ ڪري مون انڪار ڪيو. پوءِ سيني گڏجي منهنجو خرچ پريو ۽ مونکي وٺي ويا. آئون واقف هئس ۽ سيني کي پهرين فيصل مسجد. شڪر پڙيان. پنڊي پئنٽ گهمائي وين ۾ بعد ڪوهه مري لاءِ

وياسين، رستي ۾ فرمائش ٿي تہ ساڳيو گانو ريل گاڏي وارو ٻڌائي، ٻڌايم ۽ ڪوهہ مري گهمي مغرب تي پنهنجي جاءِ جي تياري پڻ ڪرڻي هئي، سو فجر نماز مسجد ۾ پڙهي جو ٻاهر نڪران تہ ڪجهہ همراهہ اسلام آباد رستن ۾ ڦرندي ڏٺم، اجا پورو ڏينهن ڪونہ ٿيو هو اوندهہ اڃي ڏينهن واري هئي، غور ڪيم تہ همراهہ پنگ جا ٻوڙا پتي وڏيون وڏيون شاپرون پيا پرين، پنگ جا شوقين هئا، مفت جي ڏٺئون، ريل گاڏي چارٽر هئي، چيڪنگ جو ڊپ ڪونہ هو سو مفت جي پنگ پتي ڪنيائون.

بنگلي تان بسون 11 وڳي ڪٽي راول پنڊي ريلوي اسٽيشن پهتيون، نواب يوسف خان ٽالپر جي خاص ڊوٽي هئي، ڪارڪنن کي روانو ڪرڻ لاءِ اسٽيشن تي هو، 1 لڳي 30 منٽن ڏاري گاڏي هلي واپسي لاءِ، ڪارڪنن نواب يوسف خان ٽالپر کي چئي ۽ لاهور گهمڻ لاءِ ريل بيهارڻ جو حڪم ڏنو تہ ڪارڪن گهمن، اندازن 3 وڳي لاهور آياسين ريلي بيٺي مگر اعلان ٿيو تہ پنهنجي ريل جي حفاظت پاڻ ڪريو متان ڪو ريل گاڏي ۾ بم نہ رکي وڃي، بس ساهہ سڪي ويا، ڊپ ۾ مون جهڙا تہ گاڏي مان بہ نہ لٿا، پر ڪجهہ دوست هڪ ٻئي کي پارت ۽ زمينوار سنڀالڻ جو چئي گهمڻ ويا، هاڻي اسان جون پنهنجون ڪاوڙون ڳوٺ واريون ختم ٿي چڪيون هيون، سو پاڻ ۾ سڀ ڪير ڪنڊ جهڙا منا هئاسون، هڪ ٻئي تي ساهہ پئي ڇڏيوسين، ڪي پري تاءِ ڪي ويجهي تائين گهمي آيا، اميد علي ناگور ۽ مان جڏهن سڀ واپس آيا تہ ان کان پوءِ اسين شهر طرف وڃي پنهنجي پنهنجي حال آهر خريداري ڪري آياسين، مون ڪپڙن جا بہ وڳا خريد ڪيا، مغرب تي ريل گاڏي سفر شروع ڪيو بس ساهہ سڪو پيو هو تہ ڪٿي بم نہ هجي، سڄي رات سفر ڪري 17 آگسٽ صبح روهڙي پهچي ۽ اڳتي روانا ٿياسين، ائين نواب شاهہ ۽ ٽنڊو آدم پهتاسين، پنگ وارا ٽنڊوالهيار جا ٽنڊو آدم ۾ لٿا ۽ ٻيا حيدرآباد ريل کي سنگل ڪونہ مليو ۽ چئنل واهہ وٽ گاڏي بيٺي، پنگ وارا رهيل همراهہ بہ گاڏي مان لهي ويا، سنگل مليو گاڏي هلي، حيدرآباد اسٽيشن پهتي ۽ لهي پنهنجي گهر حيدرآباد آيس ۽ اسان وارا عهديدار بہ ڪير ڪنڊ سيڪو پنهنجي منزل ڏانهن روانو ٿيو باقي ريل گاڏي دادو، ڪوٽڙي، نٿو جهمپير ۽ ڪراچي جي ڪارڪن ڪٽي رواني ٿي.

احوال حيدر خان ميهاڻي جو ٽيون نمبر پٽ حاجي احمد جو حاجي احمد کي ڳوٺ علي بخش جرورا مان ڀيڙو خان جروار جي نياڻي نالي سياڻي سان شادي ٿي، کيس هيٺيون اولاد آهي، ٽي پٽ ۽ هڪ نياڻي، حاجي جان محمد، حاجي يار محمد، خان محمد ۽ هڪ نياڻي ڀنڀو جيڪا منهنجي چاچي عثمان جي نڪاح ۾ هئي، راقم جي ڏاڏي حاجي محمد پنهنجي نياڻي نالي خديجه خان محمد عرف خانو کي نڪاح ۾ ڏني، مينهون دوئم جي گهرن کي باهه لڳي ۽ وڪوڙي ويئي، حاجي امام بخش مينهون جو پٽ ننڍڙو ٽِج تي هو ۽ اندر گهر ۾ ديندر جنهن کي منهن رکي به چوندا آهن، ان ۾ ستل هو ماين دانهون ڪيون ۽ خان محمد عرف خانو رلي پاڻي سان پسائي مٿان وجهي، ٻرندڙ باهه جنهن ۾ ڇت جا ڪاٺ باهه ۾ ٻري ۽ هيٺ پئي ڪريا، هر شي کي باهه وڪوڙي وئي هئي، خانو يڪي همت ڪئي، ديندر منهن رکي کي اڇل ڏيئي، امام بخش کي پاڻي پسيل رلي ۾ جلدي مٿان وجهي ويڙهي ٻاهر سلامت ڪڍي آيو ليڪن کيس باهه جي وڏي چوٽ اچي ويئي، مڙس جا مٿي وار وڏا هئا، اهي به سڙي ويا، پاڻ انهي باهه وگهي مهينو کن گذاري راهه رباني هليو ۽ کيس هڪ پٽ ماءُ جي ٽِج تي هو اهو به پنيان جلدي گذاري ويو ۽ صدمي ۾ گهرواري خديجه به گذاري وئي، سڀني کي آباڻي قبرستان شاهه عنايت ۾ دفن ڪيو ويو.

حاجي جان محمد حاجي احمد جو پٽ پنهنجي رزق ۽ مال مويشي سنڀاليدو هو سندس نڪاح ۾ سڳي چاچي عمر خان جي نياڻي نالي بختاور هئي ۽ کيس چار پٽ ۽ به نياڻيون ٿيون، هڪ نياڻي ملن ۾ ۽ هڪ خميسو ولد گلڻ کي نڪاح ۾ ڏنائين، نمبر وار پٽ سانوڻ پاڻ حاجي هاشم جي نياڻي پرڻيو ۽ کيس صديق، الهجڙيو، خانو ۽ حاجنين پٽ آهن، صديق ٽيوب ويل بجلي ۾ ايڪسيڊنٽ تي گذاري ويو ۽ وري ٻيو پٽ ڄائو جنهن جو نالو صديق رکيو اٿس، پاڻ حاجي بچو صاحبخان جي ڳوٺ وارو سان رفيق پيدل حج جي سفر تي ويو رستي ۾ ٿڪي پيو ۽ واپس آيو، حاجي بچو حج پڙهي پوءِ آيو.

ٻيو نمبر پٽ حاجي جانو جو پير بخش ملن مان حاجي عزيز ملون جي نياڻي سان شادي ڪئي، جنهن مان اولاد رسولو ۽ سائين بخش آهن، پاڻ

استاد محمد عثمان ڀٽي ڪان پڙهي فائنل امتحان ڏيئي ماستري جي نوڪري بدين جي ويجهو ڪيائين. لنئواري وارن جو اثر هوس، محنتي استاد بہ اهڙو جو آخري وقت ڳوٺ الهہ بخش جروار ۾ بدلي ٿي آيو ڀيا تہ رهيا پر پنهنجي پٽ رسولو بہ نہ پڙهائي سگهيو ۽ بدلي ڪرائي نئون اسڪول ٻڪيراڻي ديهہ جي 32 بلاڪ جهنگ ۾ اسڪول منظور ڪرائي، چاچي حاجي جان محمد جي گهر جا ٻار وٺي يعني سندس فيملي جا ٻار وٺي ويو. حال اهيو جو سڳو پٽ ڀيو سائين بخش بہ نہ پڙهائي سگهيو ۽ سڄو طور 10 سالن جي ٻارن جو ڪاري چڙيائين. يعني اڻ پڙهيل رهيا. ڪيس رڱو پڳهار سان پيار هو جيڪو ڪٽندو رهيو ۽ وڃي رٽائر ڪيائين. پينشن جو حقدار ٿيو جيڪا اڄ ڏينهن تائين ملي پئي. هڪ جيپ وٺي ڊرائيوري سکي ۽ بعد ۾ ڊاٽسن پڪ اپ وٺي ڪرايو ڪمائڻ لاءِ سازگار ماحول مليو اٿس. ڏيٺا اسٽيشن حيدرآباد روڊ اسٽاپ تي ايڪسيڊنٽ ڪري ناريجاڻي جي پاسي جو الهجڙيو جت ايڪسيڊنٽ ڪيائين. جيڪو سول اسپتال حيدرآباد ۾ گذاري ويو. پير بخش ٽنڊو ڄام لاڪپ ۾ پوليس وٽ بند بروقت رسولو ۽ گل محمد چاچو پائيٽيو منهنجي بابا سائين وٽ حيدرآباد جڳهہ تي پهتا ۽ احوال ڪيائون تہ مڙس جي ملاقات بہ بند آهي. بابا انهي وقت رئيس عبدالرزاق خان نظاماڻي ۽ چاچا حاجي محمد خان نظاماڻي ڪي ٽنڊو قيصر نياپو ڪيو ۽ انهن پير بخش ڪي شخصي ضمانت تي لاڪپ مان آزاد ڪرايو ۽ الهجڙيو جت اسپتال ۾ گذاري ويو. پروفيسر سرجن سيد اظهر حسين جو ڪمدار هو. سرٽيفڪيٽ نڪتو تہ وري پيربخش لاڪپ. بابا ڪي حيدرآباد اڇي ٻڌايو. گلو ۽ رسولو سان بابا ارجنٽ ٽنڊو قيصر نظاماڻين موڪليو ۽ ناريجاڻي مان چاچا ڪيوڙو خان. عبدالمجيد جو پيءُ گهرائي چاچي حاجي محمد نظاماڻي ڪي گڏ ڪٽي ڳوٺ ناريجاڻي پهچي الهجڙيو جت جي فاتح ڪري ۽ خون بخشائي پوليس جو ڪيس هلڪو ڪرائي ۽ ڪورٽ مان ضمانت ڪرائي. آخر بخشش آڏار ٿي. ڪيس ڪورٽ ۾ ختم ٿيو. گل محمد عرف گلو گڏ هو. رسولو ڪي سڄي خبر آهي. ننڍڙو ڪونهي. الاهي ڪم آيا آهيون. همراهن قدر سچاتو آهي. وڏا لائق ۽ سچار آهن. دنيا فاني آهي. پيربخش راهہ رباني هليو. ڪيس آباڻي قبرستان شاهہ عنايت ۾ دفن ڪيو ويو.

احوال چاچي حاجي جان محمد احمد جو. پاڻ ۽ سندس ڀائٽيو رسولو ڪاوڙيا، عبدالباقي صاحب انجنيئر مٺس وڏو مهربان هو ان ٻني تي وڃڻ لاءِ چاڪر واهه تي هڪ موري تعمير ڪرائي، جنهن جو سبب ٻني تي وڃڻ جو رستو رسولي سندس ڀائٽي بند ڪري ڇڏيو هو ۽ عبدالباقي صاحب سئوٽ احمد تي مهربان هو. ٻيا به ڪيترائي ڪم احمد جا ڪيائين، جائز گهٽ ناجائز الاهي، سئوٽ احمد کي به اولاد آهي، خوش هجن.

رسول بخش عرف رسولو ولد ماسٽر پير بخش ميهاڻي جروار سڳ ۾ منهنجو ڀائيٽيو ٿئي، مختصرن ته 1992ع ۾ منهنجي ڀاءُ حاجي شير محمد جي زمين ديهه ستياري 151 ۾ جي سي او ڊي ڪمپني تيل گئس لاءِ ڪم ڪيو پوءِ واسطيدار هر هڪ کاتيدار کي پنهنجي پنهنجي حصي جو اڻ ميو پئسو ڏنو ۽ جنهن جو جهڙو ضمير هو ان پنهنجو حق ڪمپني کان جائز ناجائز طريقي ورتو. منهنجي سئوٽ احمد ولد حاجي جان محمد ۽ احمد جا ڀائيٽيا انهن جي به مهاڳي مان رستو ڪمپني ڪڍيو ۽ ماپ مطابق ڪين به ورچ ملي، پئسا واسطيدار کاتيدار لالچي بس حدون اُڪري ويا. بس پئسو بس پئسو ڪمپني مان ڪڍڻو آهي ۽ خدا پاڪ سڀني کي پنهنجي قدرتي طاقت ڏيکاري جو اڌ ڇڏي سڄي لاءِ پي ڊوڙيا. ڪمپني جو ويل فيل ٿيو. هوندي سوندي هن کان ڦرين به ساڳئي ديهه ۾ چار پنج نمبر پنڌ جا 6 فرلانگ تي ڪمپني جو 9 مهينا ڦرين هڪ ويل رنگ فيل ٿي هئي، لوڪل عوام کي سڄي خبر آهي.

سروي ۽ 2016 يا 217 ديهه ستياري ڳوٺ محمد درس سان لڳ هڪ ويل رنگ ڪمپني جي فيل ٿي چڪي هئي، ساڳي ڪمپني جي ٻي رنگ ويل ساڳي ديهه ۾ فيل ٿي، انچارج آفيسر مسٽر نور محمد مون کي گهرايو. آئون ويس، مليو. سندس ڪاروان ۾ وٺي ويو. ريفريشمينٽ ٿي، لوڪل همراهه به مونکي ڏسي بنا دعوت شامل ٿي ويو. جنهن تي مسٽر نور محمد صاحب مائينڊ ڪيو. روبرو ڪجهه چئي نه سگهيو مگر چيائين جروار صاحب اوهان جا پاڙيسري سٺا نه آهن. افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته منهنجي رنگ ويل فيل ٿي ويو آهي ۽ هتي منهنجي هر شئي چوري ٿي آهي، بجلي، پائپ، سيمينٽ، مزدورن جا چمپل، راند ڪرڻ جي پلاٽ گرائونڊ ۾

والي بال جي نيٽ لڳل ٻه چوري ٿي پيو ڇا ڇا ٻڌايا ايف آئي آر ڪٽائي سگهيم پئي، ليڪن ان ۾ اوهان ڪي شاهدي ڏيڻي پوي ها ۽ اوهان عزت وارا ماڻهو ٻي سبب شنوائي جو چڪر پريو ها، ان ڪري ڪيس نه ڪيم، سور پي ويس، منهنجي ڪمپني فيل ٿي واپس وڃي رهي آهي، هي سامان اوهان جو آهي، پنهنجو سنڀاليو اوهان پري آهيو مال چوري ٿي ويندو، منهنجي پاڙيسري ۽ اسان ٻه ڀاءُ ياسين (مان) ۽ شير محمد گڏجي حيدرآباد گهر وياسين، اسان مصلحت کان ڪم وٺي 75 سيڪڙو مال ۽ خرچ پنهنجي زمي ڪيو ۽ 25 سيڪڙو مال ۽ خرچ پاڙيسرين جي زمي ڪيو اهيا ٻي ڳالهه آهي ته ان تي عمل نه ٿيو ڪنهن غلط ڪيو ڪنهن صحيح ڪيو انهي جا ڪيئي سبب هئا، اهيو الڳ مضمون آهي.

اصل مقصد لالا مال خلاص، رستو اچ وڃ جو جنرل ڪم پيو ڏيندو هو زمين سئوٽ احمد جي بعد رسولو جي، جيڪا الهندي سڌو اچي موجوده موري پُل واري جيڪا واهه جي موري تي آهي، اتي دنگ روڊ سان ملندو هو ڪمپني جو رسول اٽيڪٽ سبب رستو بند ڪيو ٻي واهه ڪانه هئي ۽ مسجد شريف مهاڳو سندن ليڪن زمين ٻڪيراٽي مائنر جي سرڪاري، بس استادن جي چوڻ تي راتو رات مسجد شريف جو بنياد ۽ تعميرات ٿي وئي.

1995ع ۾ سال اڳتي هلي سئوٽ احمد جو رستو سندس پائتي رسولو بند ڪيو ان الڳ کان هڪ پُل اندازن ٻه هزار خن فٽن تي ايريگيشن مان منظور ڪرائي، سئوٽ احمد کي تعمير ڪرائي ڏني، ڇو جو احمد کي بند ٿيل رستي کان سواءِ ٻي ڪا ٻه واهه نه هئي، ائين سئوٽ احمد جي 4 ايڪڙ 7 گهنٽا زمين رستو ٿي ويو، سئوٽ احمد مهاڳي واري سرڪاري زمين جيڪا ٻڪيراٽي شاخ سندس مهاڳو ۽ حق هو، سو حاجي محمد يوسف عرف حاجي محرم درس کي وڪرو ڪري ڏيئي ۽ پئسا وٺي ڇڏيا، سئوٽ احمد رضا الاهي سان وفات ڪئي، 18 سالن بعد ٻڌو اٿم ته سندس پٽن زمين رسول کي وڪرو ڪري ڇڏي آهي، پاڙت ۾ سئوٽ آهن، جنهن هينئر 2017ع جنوري ۾ عوام عام کي ڪم ايندڙ رستو مشن کان پڇائي ختم ڪري ڇڏيو مونکي ذهني صدمو ٿيو ۽ هي تاريخ ڳالهه ڪتاب ۾ لکي ڇڏيم، هر هڪ کي پنهنجي زمين ملڪيت مٺي آهي، پر ڪجهه پاڙي جو

ننگ بہ ڏسبو آهي، موري وارن جروارن مٿين واقعن کان بعد 2003ع ۾ ڳوٺ ڀڏو آهي، آباد ڪيو آهي، ڀمرين ڳوٺ الهہ بخش جروار ۾ وينل هئا.

هاڻي احوال چاچي حاجي جان محمد جي پٽ گل محمد عرف گلو جو. پاڻ بہ ٽي درجا سنڌي پڙهيل آهي ۽ پنج ٽي آڳريون برابر نہ آهن، ڪجهہ برداشت وارو آهي، ڪيس بہ اولاد آهي، صالح آهي ۽ نيت نيڪ اٿن، حاجي نبي بخش جا سئوٽ سان گڏ ماسات پڻ هئا ۽ سدائين گهر ۾ وڏو گوڙ ڪندا هئا، پوءِ حاجي نبي بخش ڪين چلگري سڏيندو هو ۽ مشهور ٿي ويا، تہ چلگرين جو پاڙو آهن.

چاچي حاجي جان محمد جو ڀاءُ ۽ حاجي احمد جو پٽ چاچو حاجي يار محمد، سندس شادي ميان جي حاجي پروز جي گهران ٿي، ڪيس بہ پٽ حاجي علي محمد، حاجي ابراهيم ۽ بہ نياڻيون هڪ منهنجي سئوٽ محمد صالح جي نڪاح ۾ هئي ۽ هڪ احمد خان، حاجي وسايو جي نڪاح ۾ شاديون ڪري ڏنائين، ٻانهيپوٽن ۽ سمن واري بيت ۾ سندس نالو آيو آهي، "ڀڪي سان يار محمد ڪي آهي قندار ڪي ڪرڙائي" اتان پرکيو وڃي تہ ڪنهن سان ڪونہ ٺهندو هو سئوٽن ۽ ڀائٽن سان هرگز ڪانہ پوندي هئي، سدائين ڪو نہ ڪو بهانو ۽ جهيڙو هوندو هوس، نيٺ سيني بيزاري ڪي ڪائنس سڏ سلوڪ ڪان پري ٿي ويا، پوءِ ڀاءُ حاجي جان محمد سان بهانا ڪريو جيهڙو مچائيندو هو انهي بہ بائيڪاٽ ڪيو پوءِ ڳوٺ مان لڏي وڃي پنهنجي ٻني جيڪا ڳوٺ ڪان الهندي ميل فاصلي تي پراڻہ ڪيسانہ واهہ جي ڪپ سالن اتر طرف جايون ٺهرائي رهيو پيو هوندو هو، چار ڀار پنجين اهليہ ڇهون پاڻ، ڀڪي سفر ۾ حج ڪيائون، پاڻي جي جهاز ۾ چئن مهينن جو سفر هوندو هو، وري آيو ۽ جيپ خريد ڪيائين، آخري سالن ۾ وري وڪڻي ڇڏيائين، وڏي پٽ حاجي علي محمد ڪي 3 شاديون ڪرايائين ۽ جدا ڪري ڇڏيو هيائين، الڳ ڪائڻ پيئڻ رهڻ، ٻن پوين شادي مان اولاد بہ آهيس، سندس ٻيو نمبر پٽ حاجي ابراهيم گڏ رهندو هئس ٻني تي گهر اوطاق سڀ ڪجهہ اتي هوندو هو.

خميسو گلڻ جو پٽ انگريز حڪومت آخر ۾ جمعدار پوليس بي سبب جهليو هڪ لغاري وچ ۾ ضامن وجهي جمعدار ڪي رشوت ڏئي خميسو

ڪي چڙهائي ۽ بعد ۾ جمعدار تي ڪيس رشوت وٺڻ جو ڪري ڪيس ڪٽيائين، ڪنهن ٽيڪو احسان ڪندو هو تہ پوءِ اهو ڦاٽو جهيڙو هرويرو اشرافن سان ڏاڍن ڪان پري رهندو هو. پاڻ پيري ۾ آخري وقت شادي ڳوٺ مصري جروار مان ڪيائين ۽ بہ نياڻيون ٿيون، هڪ رسولو کي ڏنائين هڪ واپس ساهوريجن پنهون جي پٽ شفيع کي ڏنائين، اولاد اٿن، گڙدي جي سور ۾ رات جو وفات ڪيائين، صبح اطلاع تي وياسين ۽ اباڻي قبرستان سيد شاهہ عنايت ۾ دفن ٿيو ۽ سندس ٻيو نمبر پٽ حاجي ابراهيم ٻني واري اوطاق ۽ گهر چڏي اڇي ڳوٺ ۾ رهيو آهي، ڪيس نياڻيون ۽ بہ پٽ جاويد ۽ مجاهد آهن، پاڻ حاجي ابراهيم پيءَ وانگي موقوف جو سخت آهي.

بڪيرا شريف ۾ قلندر قائم الدين قريشي اسدي هاشمي جو موجوده سجاده نشين، حضرت پير صديق محمد شاهہ آهن، موجوده درگاهہ شريف جو اڳ ۾ درگاهہ اتر پاسي واري مسجد شريف بہ پاڻ پوري رنگ جا ڳاڙها قدبت مرادڻون مناسب ڪچهري جو خان، ڳالهائڻ جو لهجو سندن شايانہ شان ڪل واري ڪا ڳالهہ ٿي تہ وڏا ٺهڪ ڏيئي کلندو آهي، هڪ دفعو ايوب خان دور ۾ پاڻ يونين ڪائونسل ان وقت ڪوڪر جو چيئرمين جي اليڪشن ۽ ضياءَ جي دور ۾ غير سياسي بنيادن تي پي ايس جي سيٽ الڪيشن ڪئي، ٻئي اليڪشنون کٽي نہ سگهيو منهنجي والد ۽ منهنجي عزت ڪندو آهي، هڪ دفعو بابا وٽ ڪچهري تي ڳوٺ اڇي اوطاق تي ڪچهري ڪئي، رات جي دير ٿي خليفن کي بڪيرا موڪلي چڏيائين، جيڪي وري صبح 9 وڳي پهتا، پاڻ ڪچهري ڪري بابا وٽ اوطاق تي ٽڪي سمهي آرام ڪيو 10 بجي اٿي ڪپڙا بدلائي ناشتو ڪري دير تائين ڪچهري ڪري 12 وڳي منجهند بڪيرا شريف ويو منهنجي پٽ شوڪت علي جي وفات تي 2010ع ۾ مون وٽ دعا فاتح لاءِ شام 5 وڳي عيسيٰ خاصخيلي واڍي سان گڏجي آيو ڏک ۾ شريڪ ٿي واپس ويو.

سائين بقادار شاهہ جا پوٽا، بقادار شاهہ عرف پير بقن شاهہ پير نبي بخش شاهہ ۽ محمد اياز شاهہ سيني پيرن ڪان سندن پرورش تمام خانداني ٽيل آهي ۽ هر ماڻهو کي هر سکي توڙي ڏکي وقت ۾ ڪم اچن ڪيترن مختلف ماڻهن کي نوازي نوڪريون وٺي ڏنائون، ليڪن پاڻ پنهنجي

خانداني قائم رکندا اچن، مون سان سندن انتهائي عقيدت ۽ پيار آهي، آئون به کين پنهنجو سمجهان. پير اياز ۽ نبي بخش شاهه اسان ٽنهي محمد صالح سومري جي دعوت کان واپسي تي ڪار نبي بخش ۽ پائرن جي هئي، نئين پارڻ ۽ ڪلري بگهاڙ فيڊر عرف ڪراچي واهه جو سائيفن ڏسڻ وياسين، خوف ناڪ جاءِ هئي، واپسي ۾ سائين اياز شاهه کي چيم سائين ڊپ ٿيو يا نه، سائين اياز شاهه چيو چاچا حاجي اوهان گڏ هئا ۽ مونکي ڊپ نه ٿيو اتي فوٽو به ڪڍياسين، موبائيل تي ۽ منهنجي آئي ڊي تي اپ لوڊ ٿيل آهن، منهنجي وڏي عزت ڪندا آهن ۽ آئون به کين وڏو سمجهندو آهيان، عمر مطابق الاهي ننڍا آهن، الله کين خوش رکي آمين.

پير تاج محمد شاهه کي به پٽ هئا، هڪ پٽ پير مقبول شاهه هڪ دفعو يونين ڪائونسل ڪوڪر جو چيئرمين چونڊيو رئيس دوست علي خان ڪوڪر ٻڪيرا شريف شهر کي ورسايائين، ٻيو پٽ پير محمد اشرف شاهه قدبت جو هلڪو سهڻو مڙس آهي، شاهد علي ۽ شاهزيب شاهه اسان کين عزت ڪندا آهيون ۽ پاڻ به پائين ٿا.

ڳوٺ پانڊي خان جروار ۾ ميهاڻين واري پاڙي مان جن سان منهنجي ويجهڙائپ رهي، انهن ۾ محمد پناهه خان جروار تمام معتبر نالي وارو باهمت هو، سندس هڪ وڏي تاريخ آهي، پاڻ پنيان پٽ محمدصالح، محمد اڪبر، محمد اصغر، احمد نواز ۽ ربنواز ڇڏيا آهن. سڀ پنهنجي ليکي خانداني ٻار آهن. محمد اڪبر خان پيءُ وانگي راڄن ۾ اٿي ويٺي ۽ عزت جو مقام رکي ٿو، سندس وڏي تاريخ آهي، ڪيس به پٽ سجاد ۽ محمد پناهه نالي آهن، الله سائين خوش رکين، الهورايو خان عرف ڏاڏا منان خان ڪير سڏائي، وڏو راڄوٽي سڏ سلوڪ وارو هو. گهوڙن جو شوقين، سدائين پنهنجو ٽانگو جنهن کي اتي ٻگهي سڏين، پنهنجي چڙهي لاءِ رکندو هو. ڪچهري جو سدا ملوڪ، محمد پناهه خان جي اوطاق تي رهندا هئاسين، سڄو ڳوٺ ڪچهري تي ايندو هو ملان رئوف، ماما لائق، ممتاز، رسول بخش گمبو نور محمد، نيڪ محمد، نصير خان، حاڪم علي، چاچي جان محمد جا پٽ محمد بخش، عرض محمد، حاجي محمد علي، مينهون خان، حاجن، ديدار علي، مختيار . محمد علي، حاجن ۽ انور جيڪي قرب مديني شريف

ڪيا، وسارڻ جا نہ آهن، وڏيون سوڪڙيون ڏنائون، جڏهن 1980ع ۾ انور محمد ياسين ۽ محمد يوسف ڳڙهي خدا بخش ۾ٽو ٻڏجي پياسون تہ محمد اڪبر خان ۽ عبدالمجيد جي خصوصي ڊوٽي محمد پناهہ خان لڳائي، اسان جي ماني ۽ ڪپڙا ڊيلي پهچائڻ 90 ڏينهن مسلسل ماما لائق خان ڪچهري جو سدا ملوڪ گهميل هو، امداد علي بہ ايندو هو چاچو غلام رسول جروار ڪيس سرائي سڏيندا آهن، وڏو همت وارو هو، سندس پٽ ممتاز، معشوق ۽ سڪندر هر وقت ڪچهري ۾ حاضر هوندا هئا، ڪڏهين تہ محمد بچل خان جروار نئون ديرو ڪان ڪچهري لاءِ ايندو هو ۽ سندس ڳوٺ جهان خان جروار عرف سانول تہ سمجهو سچو ٿنبوالهيار جو تر وٽس بڪ هوندو هو، محمد آچر خان جروار رتو ديرو جو وڏو پيار ڪرڻ وارون مان آهي، سردار علي خان جروار، محمد علي خان پوتار ۽ شوڪت علي وساريو بيان بي وزن ٿيندو، سيني جي الڳ الڳ تاريخ آهي، حياتي تندرستي ساٿ ڏنو الله مهربان ٿيو تہ انشاءَ الله ٻئي ڀاڱي ۾ پورا پورا تفصيل ڏبا، اسان وٽ ٻچن سميت اچن ۽ اسان بہ ٻارن ٻچن سميت خوشي غمي ۾ شريڪ ٿيون ٿا.

اتران اُني آئيو وساٽڪي تي وري
پچائي بڪيرن کي ڊاڳ مٿي ڏري
پڌري ۽ پلر مان سپ پري
اچلي آب سري سدا ستياري تي

***

بڪيراٽي پون کي ڏنو آب اولياءَ
جمال واهہ زور وهي ڪيساني ڪنڊڪيا
سَري ۽ سون واهہ پلٽي ٻئي پيا
ڏڏڪي جيئن درياءَ سدا ۽ سرفراز ٿو

(هي بيت شفيع محمد يا نور محمد مينهون جا چيل آهن، ڪتاب اذ ڪار قلندري جي 335 تان ڪنيل)

## مينهون خان جروار (2 شاديون)





مينھون خان جروار (2 شاديون)
ھڪ ديرو باگاٽي جو اولاد ڳوٺ الھ بخش جروار
جروار ميهاٽين ديري جو اولاد
چٽو (سندس اولاد لاءِ پيو پنو ڏسو)
وسايو
الھ بخش (ڳوٺ جو پڳدار)
غلام محمد خان
حاجي حيدر خان
عثمان
عمر خان
حاجي احمد خان
حاجي محمد خان
مينھون خان
(تفصيل اڳي چڪو)
حاجي محمد پريل خان
(اولاد لاءِ پيو پنو ڏسو)
حاجي محمد عثمان
حاجي سليمان خان
(تفصيل اڳي چڪو آهي)
خدا بخش
قادر بخش
محمد سحاق
لکانو
محمد صالح
محمد الرحيم
اڪرم
اعظم
فتح خان
عبدالرحمان
بخت علي
اسلم
ارشاد علي
اعجاز علي
بشير
نظير احمد
محمد شريف
سجاد
وقيل
عاقب
امتياز
فھاد
اسد علي
فدا حسين
رضا علي
رجب علي
ظھير
شبير احمد
شازين
احمد علي
اعجاز
حاجن
رحيم بخش
عبدالحفيظ
رفيق
مشتاق
عرفان
آصف
عزيز الله
محب الله
حبيب الله
نعمان
شھزاد
اعجاز
محمود
محمد خان
قاضي
تاج محمد
مولابخش
انور
منور
منصور
مشتاق
تنوير
نيڪ محمد
خير محمد
عطاءَ الله


ميهون خان جروار (2 شاديون)
هڪ ديرو باگاڻي جو اولاد ڳوٺ الهه بخش جروار
جروار ميهاڻين ديري جو اولاد
وسايو
چٽو (سندس اولاد لاءِ پيو پنو ڏسو)
حاجي حيدر خان
غلام محمد خان
الهه بخش (ڳوٺ جو ڀڳدار)
ميهون خان
(اولاد لاءِ پيو پنو ڏسو)
حاجي محمد خان
حاجي احمد خان
عمر خان
عثمان
حاجي سليمان خان
(تفصيل اڳي چڪو آهي)
حاجي محمد عثمان
(تفصيل اڳي چڪو آهي)
حاجي محمد پريل خان
(2 شاديون)
محمد ياسين (راقم)
غلام قادر
شير محمد
شوڪت علي
خان محمد (نياڻيون آهن)
محمد پريل خان (راجا)
محمد عثمان
محمد سليمان
شعبان
بهادر علي
الهبخش خان
شعيب
زوهيب
زبير الدين
زيشان
ذوالفقار
ذوالقرنين
شايان
لطيف
عادل
شهزاد
عامر
دانيال

## مينهون خان جروار (2 شاديون)




مينھون خان جروار (2 شاديون)
هڪ ديرو باگاٽي جو اولاد ڳوٺ الھ بخش جروار
جروار ميهاٽين ديري جو اولاد
وسايو
چٽو (سندس اولاد لاءِ پيو پنو ڏسو)
حاجي حيدر خان
(تفصيل اڳي چڪو آهي)
غلام محمد خان
الھ بخش (ڳوٺ جو پڳدار)
حاجي محمد حسن (ڳوٺ جي پڳ ٻڌائي ويئي)
حاجي وسايو خان (2 شاديون)
احمد خان
محمد رمضان
الھ بخش (2 شاديون)
محمد عيسيٰ
محمد عرس
عبدالشڪور
شڪيل
هادي بخش
محمد خان
محمد هاشم
غلام قادر
عبدالغفار
عبدالجبار
عبدالله
مظفر حسين
امتياز حسين
صابر حسين
عبدالغني
عبدالحميد
عبداللطيف
محمد رفيق
حاجي محمد حسين
محمد عمر عرف لعل محمد
محمد هارون
غلام حسين
عرف
پنھون
حاجي حسين
حاجي اسماعيل (لااولاد)
غلام مصطفيٰ
محمد رمضان
وسايو
محمد حسن
عبدالستار
علي گل


مينھون خان جروار (2 شاديون)
هڪ ديرو باگاڻي جو اولاد ڳوٺ الھ بخش جروار
جروار ميھاڻين ديري جو اولاد
چٽو
وسايو
(تفصيل اڃا چڪو آهي)
ڪرڙ خان
حاجي خان
جمع (لااولاد)
گلڻ خان
دوست محمد
جمع
خان محمد
حاجي چٽو
محمد هاشم
خميسو
محمد يوسف
(نياڻيون)
جمع
بچو
علي محمد
محمد خان
گل حسن
محمد ايوب
ڪالو
جمع
نعيم
جسيم
نديم
عبدالحميد
محمد علي
محمد عالم
محمد سومار
آصف
محمد يوسف
جميل
قاسم
خادم حسين
مخب
منن
نور حسن
علي حسن
مير حسن
محمد حنيف
چٽو
جمع
علي محمد
فرحان علي
عاشق علي
معشوق علي

ديهه گل ڪلهوڙو ميرو خان لاڙڪاڻه



## ديهه گل ڪلهوڙو ميرو خان لاڙڪاڻه




نوٽ: ميهاڻي راقم جا ڏاڏاڻان آهن، لاڙڪاڻه ميرو خان ديهه گل ڪلهوڙا جا، ان ڪري هتي ديهه بڪيراڻي ۾ داخل ڪيو ويو آهي.

ديهه گل ڪلهوڙو ميرو خان لاڙڪاڻه

## مينهون خان جروار ميهاڻي



## رسول بخش جروار محمداڻي پاڙو




ڳوٺ پانڌي خان جروار ديهه گل ڪلهوڙو تعلقو مير و خان لاڙڪاڻه

سليمان جروار محمداڻي پاڙو




ڳوٺ پانڌي خان جروار ديھہ گل ڪلھوڙو تعلقو ميرو خان لاڙڪاڻہ

## ديهہ ستياري جو نقشو



# ديهہ ستياري

ديهہ ستياري نالي جي وجهہ تمسيہ، ستياري نالي قوم جو ذڪر ڪتاب "تحفت الڪرام" ۾ ملي ٿو انهي ستيار قوم جي رهڻ ڪري مٿس ستيار ۽ بعد ۾ ستياري سڏي ٿي.

گورنمينٽ جي نقشي ديهہ ستياري ۾ قديم ڳوٺ جن جا نالا اڇن ٿا، انهن ۾ ڳوٺ حاجي ڪئوڙو خان دائيداڻو ميوو سجاول، محمد، عالم خان، حاجي احمد خان، حاجي عبدالحميد، حاجي صاحب، مير محمد، محمد رحيم، غلام محمد، حاجي نم، حاجي غلام نبي ۽ ٻين سيني سان برادري اٿي ويٺي آهي، وقت ساٿ ڏنو تہ ذڪر ڪيل هر هڪ نالي جو تاريخي احوال لکبو.

ڳوٺ ٻچل ٻڪيرو بہ اندازن بہ سئو سال ڪان آباد آهي، چاچو آري ٻڪيرو تمام نالي وارو تڏي جو خان آئي ويئي جي آڌر ڀاءُ ڪرڻ وارو ۽ سندس اولاد ۾ محمد ٻچل، چاچو ماستر غلام حسين ۽ سندس اولاد سائين عبدالغفور ۽ عبدالشڪور عرف فهيم وڏن جا يادگار آهن، سندن فيملي خاندان جي هڪ وڏي تاريخي آهي، اميد تہ موقع سان بيان ڪبي.

چاچو خير محمد ٻڪيرو ياد نہ ڪريون اهيا بہ زيادتي ٿيندي، پنهنجي موقف تي سختي سان قائم رهڻ وار پوءِ پلي سر وڃي تہ وڃڻ ڏي، هڪل ڪري تہ مڙسن جا هنيان ڦاڙي وجهي، ماستر محمد جمن، رٻڏنو علي ڏنو علي محمد ڊرائيور کهڙن جا نالا لکون، کهڙا نہ، منهنجي والد صاحب

جناب حاجي محمد پريل خان جروار جي ساڻن وڏي قربت هئي ۽ الله جي مهرباني سان اسان بہ نيائيندا اچون.

پراڻي پاڻي تي جمال واهہ ۽ شايد سون واهہ مان آبادي ٿيندي هئي، هن وقت موجوده کيسانو مائنر 2 جو پوڇڙ ۽ نہ برابر پاڻي آهي. ٽيوب ويل بہ آهن تہ بجلي اڻپوري.

سڄي ديهہ ستياري کي هڪ لنڪ روڊ حاجي ابراهيم ڪالوني ٽنڊوالهيار ڪان چالو ٿي ڪئوڙو دائيداڻو بچل بڪيرو، سولنگي، ريپار ماڇي، واحد بخش زرداري، منو خاصخيلي، اُپريو درس کي شهر مارڪيٽ سان گنڍي ٿو ۽ آخر اسان جي روڊ سان ملي ٿو. ديهہ ستياري ختم ٿي اتي ديهہ بڪيراڻي 145 بلاڪ وٽ ملي بڪيرا شهر ۽ جروارن سان ملي ٿو.

ڳوٺ منو خاصخيلي سان لڳا الهندي طرف مقام آهي، ڪچي چوڪنڊي جڳهہ ۾ جدين پير نالي سان.

مذڪوره ديهہ ستياري ۾ هڪ ٻيو بہ مقام غازي شهيد عبدالله شاهہ جي نالي آهي، جنهن ۾ ڳوٺ بچل بڪيرو ۽ پس گردائي کي استعمال هيٺ آهي.

سيد غازي عبدالله شاهہ جي قبر جو احاطو پڪين سرن جي چوڪنڊي ۾ آهي، جيڪا تازي ٺهرايل آهي، سيد غازي شهيد عبدالله شاهہ جي وڏي چوڪنڊي مٽي سان مٿي پرائي ڪيل آهي.

## ديھ شاهڪي جو نقشو



# ديھہ شاهڪي

ديھہ شاه ڪي بدلجي لفظ شاهڪي رائج ٿي ويو آهي، نالي جي وجھہ تسميہ، هن ديھہ ۾ ننڍڙا ننڍڙا مقام شاهن جي نالن سان آهن. لڳي ٿو تہ ڪي سيديا پير هن ديھہ ۾ قديم آباد هئا. ننڍيون نڍيون وسنديون شايد هجن، هن وقت انهن جو ڪو بہ اتو پتو ڪونہ ٿو پوي، هڪ بہ گهر سيدن جو زمين سميت آهي، ليڪن اهي ڳوٺ مسو خان بوزدار ۾ گهر ڪريو ويٺا آهن، باقي پنهنجي زمين ديھہ ساهيڪي ۾ آباد ڪندا آهن.

منهنجي ڪتاب ٽپو ڪوڪر ۾ نہ آهي، ليڪن راقم جي مائيٽياڻي زمين ديھہ سهڻا ٻڪيرا سان لڳ اوپر ڪان آهي.

چڱن سنن راڄن سان اٿي ويٺي آهي، ان ڪري درج ڪئي اٿم، قديم ڳوٺن ۾ ڳوٺ حمزو خان ٽالپر تمام گهڻو مشهور معروف ٽالپر صاحبن جو ڳوٺ آهي، ٽالپر مير هادي بخش خان زميندار جي وفات بعد ڪجھ بہ ٿي گهر ميرن ٽالپرن جا جن ۾ مير حاجي جمن خان سميت ٽنڊوالهيار ۾ وڃي ويٺا آهن. اڳي تمام وڏو ڳوٺ هو جنهن ۾ خاصخيلي، مينگهواڙ حاتم ۽ سندس ڀاءُ بختو جيڪو لوهارڪو ڪم بہ ڪندو هو. ان ڪان علاوه همير مينگهواڙسندس پٽ طوطو مل. نين پراڻين جُتين جو ڪم ڪندا آهن.

ڪنيار ۽ مڱڻهار بہ اڳي ويٺل هئا. هاڻي لڏي ويا آهن. جن ۾ مشهور مولود خوان فقير محمد الرحيم مڱڻهار ۽ سندس ٻاري جن ۾ محمد ايوب ۽ پپو اجان ٻار آهي، پهرين جوڙ جو مولودي آهن. سندن جو جسڪاٽي ٽنڊو

محمد خان جا مولودي حاجي ولي محمد، ڪمال خان، حاجي امام بخش ۽ محمد صالح قابل ذڪر آهن. هميشه ٻڪيرا شريف ۾ مخدوم پير ولائت علي شاهه، فاضل شاهه جي 14 شوال تي رات ۽ 12 ربيع الاول تي پير ولائت علي شاهه جي بنگلي تي پڙهڻ اچن ٿا. ويهي ٻڌجن وڏو سڪون آهي، ڊاڪٽر شاهنواز شاهه ۽ محمود شاهه ٻڪيرا شريف ۾ گهرائيندا آهن.

ڳوٺ احمد خان رستماڻي به هن ديهه ۾ پراڻو ڪيسانو واهه جي اوپر طرف واقع آهي، جنهن ۾ رستماڻين سان گڏ پنجابي ۽ ڪنڀار به آباد آهن، رستماڻين ۾ استاد حاجي علي نواز سندس ڀاءُ حاجي الله بخش، رئيس ڪريم خان رستماڻي آباد آهن. سندن زميندار آهي راڄ ۾ اٿڻ ويهڻ سڌ سلوڪ ڏيڻ وارا آهن.

پراڻه واري ۾ ڪيسانو واهه تي نار ۽ هُرلا هن ديهه کي پاڻي آبادي جو ملندو هو هن وقت سرفراز واهه عرف چاڪر واهه سڄي ديهه کي زراعت جو پاڻي پهچائي ٿو ڳوٺ محمد علي پرهياڙ به هن ديهه ۾ واقع آهي، پراڻه ڪيسانه واهه جي اوپر طرف ۽ موجوده سرفراز چاڪر واهه کان ميل کن اتر طرف موجود آهي.

ڳوٺ جو چڱو مڙس هن وقت چاچو حاجي سائين بخش پرهياڙ باهمت موٽيل مڙس آهي، ڪيس اولاد پڻ آهي، خدا ڪري پنهنجي وڏن جي نقش قدم هلن. استاد حاجي محمد جمن پرهياڙ سندم والد جناب محمد پريل خان جروار جو ڀائرن جهڙو ڀاءُ آهي، چاچو حاجي عبدالله خان پرهياڙ سندس ڀائٽيو خميسو خان پنهنجي زميندار ۽ سڌ سلوڪ ڏيڻ وارا آهن، ٻاگو پرهياڙ اسان وٽ ٻني ڪندو هو شادي کان بعد چاڪر واهه تي بيلدار ٿيو آهي، اصل ڳوٺ جو رئيس جاڙو خان هو پوءِ زماني جي گردش ۾ دٻجي ويو هاڻي سندس پونير خميسو خان لائق مڙس پنهنجي ڪاروبار کي سنڀاليو آهي، رئيس دوست علي خان پرهياڙ جون سڪون لاهي خوش هجن.

# ميرپورخاص ڪاٺڙي وارا جروار

دور ڪلهوڙا جي وچ ڏاري ديره غازي خان مان ڪالو نالي جروار مري گزيني واري شاخ مان هو. جيڪو لڏي اچي حيدرآباد پر ۾ گهوٽاڻن جي ڳوٺ جي پاسي ۾ رهيو. ڪالو وارا پاڙ ۾ ٽي ڀائر هئا، ٻن ڀائرن جو اولاد ديره غازي خان ۾ رهندڙ آهي ۽ سندس پاڙو منگواڻي جروار سڏجي ٿو ۽ هڪ ڀاءُ ڪالو منگواڻي جروار جيڪو حيدرآباد جي طرف لڏي آيو. ان جو سڄو پاڙو منگواڻي جروار جيڪي هن موجوده وقت ۾ ڳوٺ ڪاٺڙي ميرپورخاص کان 10 ڪن ڪلوميٽر جي فاصلي تي چٺهوڙي جي قبرستان کان 3 ڪلوميٽر اورتي سندس 3 وڏا ڳوٺ آباد آهن. الله کين آباد رکي، آمين. سندن پاڙي منگواڻي جروار جو پيرائتو فوٽ نوٽ شجرو چاچا پٽيل درياءَ خان جروار منگواڻي نوٽ ڪرايو ۽ ڪجهه احوال جيڪو ٿوري وقت ۾ ساٿس ڪچهري ۾ حاصل ڪيم. سو به اميد ته نالن سان قلم بند ڪندس. انهيءَ اميد تي ته پنهنجي قوم تي ڪجهه روشني وجهي ڪو تاريخي ڪتاب رقم ڪري وجان. جيڪو پوين لاءِ مشعل راهه بنجي وجي توڙي جو ناچيز بنده محمد ياسين جروار ولد حاجي پريل خان جروار هنن سٽن جو لکندڙ جروار ميهاڻي هن ڏکئي ڪم ۾ هٿ وڌو آهي. ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. تعليم به گهٽ آهي. مطالعو پڻ مناسب ليڪن الله ۾ اميد ڪري شروعات ڪئي اٿم. ڪامياب به اُهائي ذات ڪندي. آمين.

چاچو پٽيل درياءَ خان منگواڻي جروار جو چوڻ هو ته جڏهن حيدر جروار ڪاٺڙي ۾ اچي رهائش اختيار ڪئي. ان وقت دور حڪومت ٽالپرن

ميرن جي هئي ۽ ڪانڙي ۾ ان وقت جوٽيجا رهندا هئا. جيڪي بعد ۾ لڏي ويا. هن وقت جڏهن مون هي ڪم هٿ ۾ ڪنيو آهي تہ اتي جوٽيجا نہ آهن ۽ چاچو پٽيل درياءَ خان بہ پيرسن تقريبن 80 سالن جي عمر جو هوندو. سنڌي سنو پڙهيل آهي ۽ دين اسلام سان بہ سٺي دلچسپي رکندڙ توڙي مسئلي جو تمام خبردار ڄاڻ رکندڙ اهل سنت جماعت جو پابند آهي. سندس اولاد بہ جوان ۽ باهمت مڙس هڪ رٽائر استاد الهرکيو بہ اولادي آهي. مسٽر غلام مصطفيٰ خان بہ انتهائي لائق باهمت برجستو تپيدار جي نوڪري ۾ حاضر سروس آهي. پيو بہ سندس لائق اولاد آهي. جن جو ذڪر موقع سان ڪبو.

درياءِ خان پٽ ڪيهر خان پٽ درياءَ خان پٽ اميد علي. ٽالپر دور حڪومت ۾ مختيارڪار جي پوسٽ تي فائز هو. اميد علي پٽ غلام علي ڪمشنر. پٽ حيدر جو جيڪو مشائخ هوٿي ٽنڊوالهيار جي پرم ۾ رهندو هو. حيدر پٽ سائينداد پٽ بنگو پٽ سهتڪ پٽ روحل پٽ ڪالو جنهن پهرين بينڪ گهوٽاٽا ڪئي ۽ بعد ۾ آراڙو جيڪو ٽنڊوالهيار جي پاسي ڳوٺ منو خان جروار جي پير ۾ واقع آهي. اتي اچي رهيو ۽ آراڙي کان بعد مشائخ هوٿي ۾ ڪجھ وقت رهي ۽ بعد ۾ ميرپورخاص جي پريان ڪانڙي ۾ اچي رهيو. اولاد سميت آراڙي ۾ اچا تائين سندس نالي کوھ آهي ۽ سڏجي ٿو.

حيدراڻين جو کوھ ڳوٺ منو خان جروار جي پاسي وارن جروران کي ان جي خبر آهي ۽ ان حيدر کي هينيون اولاد پشت بہ پشت هلندو اچي، جيڪي پنهنجي ڏاڏي منگو جي نالي سان منگواڻي سڏجن ٿا.

## نوٽ: هي ڪانڙي جي جروارن جو شجرو آهي.



نوٽ: هي ڪانڙي جي جروارن جو شجرو آهي.






نوٽ: هي ڪانڙي جي جروارن جو شجرو آهي.

محمد هارون کي تان سين ۽ گهيٽو فقير جي نالي سان سڏيندا هئا ۽ پاڻ بہ خوش ٽيندو هو، تہ مونکي گهيٽو فقير سڏيو، مون کي ڏاڏو قادر بخش گهيٽو فقير نالو رکيو آهي، منهنجي ماسات حاجي عبدالحڪيم وٽ ڳوٺ الھ بخش جروار ۾ الاهي وقت رهندو هو، وفات بہ اتي حاجي عبدالحڪيم وٽ ڪئي هيائين، انور سندس پائيٽيو بروقت پهچي ۽ ميت سندس ڳوٺ ڪانڙي ڪٽائي ويو، اسين سڀ ڪانڌي ٿي آياسون.

## نوٽ: ھي ڪانڙي جي جروارن جو شجرو آھي.



## نوٽ: هي ڪانڙي جي جروارن جو شجرو آهي.



## نوٽ: هي ڪانڙي جي جروارن جو شجرو آهي.



نوٽ: هي ڪانڙي جي جروارن جو شجرو آهي.

- **حيدر**
  - ميوو
    - فتح خان (تفصيل اڳي چڪو آهي)
    - مير خان (تفصيل اڳي چڪو آهي)
    - مزاد (تفصيل اڳي چڪو آهي)
    - غلام علي
      - نظر علي
        - محمد علي (تفصيل اڳي چڪو آهي)
      - اميد علي
        - دريا خان (تفصيل اڳي چڪو آهي)
        - خير محمد
          - اميد علي
            - خير محمد
              - اميد علي
                - مشتاق علي
                - مهر علي
                - بلاول
              - علي اڪبر
                - ممتاز علي
                - عابد حسين
                - وزير علي
                - صداقت علي
                - نصر الله
              - شمس الدين
              - علي اصغر
            - علي نواز
              - محمد يونس
            - عبدالحڪيم
              - رشيد احمد
              - عبدالحفيظ
              - عبدالحڪيم
              - راشد
        - غلام علي (اڳيان ڏسو)
      - فضل علي
        - گلڻ
          - محمد حسن
            - گل حسن
            - ابوالحسن
            - نور حسن
            - ظهور حسن
            - علي حسن
  - محراب (تفصيل لاءِ اڳيان ڏسو)
  - شهزاد (تفصيل لاءِ اڳيان ڏسو)

## نوٽ: هي ڪانڙي جي جروارن جو شجرو آهي.



## نوٽ: هي ڪانڙي جي جروارن جو شجرو آهي.



# ڳوٺ خير محمد جا جروار

ڳوٺ خير محمد جروار ۾ ٽپيدار لڪاڏنو ۽ سندس پاءُ تاج محمد جروار تمام مهربان آهن، خوش هجن، حاجي خان خادم حسين هوٽل وارو همت وارو ۽ پيارو ماڻهو هو ڪهڙا لڪجن، ڪهڙا نہ لڪجن، پنهنجي پنهنجي جاءِ تي سڀ قابل احترام آهن، نبي بخش، احمد علي چاچي نصير خان پٽ بابا سان ۽ مون سان پيار جو رشتو رکيو اچن، چاچا حاجي سليمان چڪي وارو اسلم ۽ اصغر پٽ آهن، اصغر ۽ محمد صديق جروار ناڪي نصرپور تي ڊيوٽي ڪندو هئا، بابا سائين جيئن حيدرآباد کان بس مان لهندو هو تہ پهرين محمد صديق سان ملي پوءِ اڳتي شهر ۾ حاجي شير محمد ولد غلام رسول جروار اسٽامپ وينڊر وٽ ۽ پوءِ محمد عثمان حاجي دائم جروار جي پٽ کان ٿي، محمد صالح وٽ مانجهاندو ڪري شام يا ڳوٺ يا واپس حيدرآباد ويندو هو شير محمد ٽپيدار خير محمد جروار ڳوٺ وارو بہ باهمت ٽپيدار سان گڏ برادري ۾ سڏ سلوڪ جو بہ نڀائي ٿو مٺي جروار جي ڳوٺ مان وليداد جروار جنهن حاجي محمد يا حاجي اسماعيل پاٽولي جي چوٽي تي ٽنڊوالهيار مارڪيٽ ۾ واٽين جو ڊگو ماريو هو بابا وٽ ايندو هو محمد صديق تہ 5 جنوري 1978ع تي بابا سان گڏ سالگره ذوالفقار علي ڀٽو جي ملهائڻ جي ڏوهہ ۾ بابا سان گڏ گرفتار ٿيو جيل ويو امتحان جا پرچا هئس، بابا جيل حيدرآباد ۾ محمد صديق جروار جي امتحان جا پرچا ڏيارايا ۽ محمد صديق پاس ٿيو ۽ برادر ۾ مونسان پيار جو رشتو نڀايو اچي، سئوٽ رمضان بہ وسارڻ جهڙو نہ آهي، گڏوگڏ مظهر زنگي غلام محمد غلامون سان

بہ محمد پناهہ وارو رشتو بابا نياپو. شهباز بلڊنگ زنگي سان ملڻ هلندو هو. جمال الدين عرف جمع ولد محمد پناهہ خان جروار ۽ پيربخش سان راقم ڳوٺ خير محمد ۾ ملندو هو پير بخش کاتي جي وڏي مشن ڊرگ لائين هلائيندو هو.

فقير ڪريم بخش اصل ڳوٺ صاحب خان جروار جو رهندڙ هو اڄ بہ سندس گهر ڀين مائٽن وٽ آهي، وڪرو ڪونہ ڪيو هئس. ان کان پوءِ اچي ڳوٺ خير محمد جروار ۾ رهيو. سندس پوٽو ۽ حاجي محمد حسين جروار جو پٽ خادم حسين جروار هن ڪتاب جو ڪمپوز ڪندڙ بہ آهي.

جمع جا پٽ مون تي تمام مهربان آهن. فقير ڪبڙ جو اولاد ۽ فقير ڪريم بخش جو احوال بہ مهربان آهن پير پائي آهيون. ميون عثمان شاهہ جا قبا چيچ جهان خان ضلع نئہ هاٽي سجاول جا ڪبڙ فقير سان رشتو بہ آهي، سندس اولاد ۽ راقم هڪ ٻئي جا ماسات ٿيون. ڳوٺ منو جروار ۾ نهال خان ۽ محمد هاشم، سيٺ عبدالرحمان ۽ ڀيا حاجي عبدالمجيد، حاجي غلام نبي مهربان آهن، خوش هجن. ڳوٺ شادمان جروار ۾ رئيس حاجي محمد صالح، محمد قاسم خان، مجاهد، حاجي هاشم ۽ ڀيا، مبارڪ جروار ۾ محمد خان عرف سرور استاد حاجي محمد اسحاق، حاجي جمع، ڊاڪٽر سرجن محمد خان ۽ مراداڻي سڀ مهربان آهن، خوش هجن.

چاچو محمد سليمان خان ولد هوت خان بوزدار ڳوٺ مسو بوزدار جي گهر سان اسان جا ناتا آهن. چاچي حاجي سليمان کان وٺي هلندا اچن، ماستر سائين بخش عرف ڪالو ۽ حاجي دائود اسان سان تعلقات نڀايو اچن، توڙي ڳوٺ مسوبوزدار ۾ ماستر غلام محمد جنهن جي شناختي ڪارڊ وارن غلطي مان سريوال لکيو آهي، اسان وٽ حيدرآباد جاءِ تي ۽ هتي ڳوٺ بہ اچي ٿو. آئون نيڪ نہ آهيان. گهڻو ٻاهر ڪونہ نڪران سيئي تمام مهربان آهن. سندن لک لائق حاجي رمضان ڪينار بہ منهنجي سئوٽ حاجي اسحاق ۽ سندس ٻارن سميت حج جا رفيق هڪ گروپ ۾ سفر ڪري آيا آهن. اهو بہ تمام مهربان آهي، چاچا حاجي محمد قاسم سمون سونارو ٽنڊوالهيار نصرپور جا اصل هئا. بابا حاجي محمد پريل خان تي وڏو مهربان هو ٽنڊوالهيار ۾ پاڙيسري هئا. 1947ع گهرو اچ وڃ هئي، پوءِ چاچا حاجي

قاسم حيدرآباد وڃي رهيو ۽ بابا بہ حيدرآباد پلاٽ وٺي جڳهہ ٺهرائي حيدرآباد ٿيون نمبر تلاءَ ٽنڊو طيب 1959ع ۾ اتي بہ ساڳيا پيار محبت جا رشتا سلامت رهيا. خدا جي قدرت بابا جي وفات 6 جنوري 1992ع تي ٿي ۽ اسان جو حيدرآباد رهڻ گهٽجي ويو جڳهيون آهن. پاءَ رهن ٿا. آئون گهٽ رهان چاچو حاجي قاسم سونارو بہ حيدرآباد کي خدا حافظ ڪري اچي ٽنڊوالهيار رهيو ۽ مونتي وڏو شفقت جو هٿ هئس. ٻنين جا پاڻ ٻج موقع سان پئسا ڏيئي مدد ڪندو هو جڏهن ڳوٺ واري اوطاق بابا کان بعد وراست ٿي تہ نئين تعمير لاءِ مونکي پئسا ڏنائين ۽ الله جي مهرباني سان مون بہ واعدي مطابق ڪارپٽ ۾ نياپو. هاڻي حاجي منظور سونارو سندس ڏهتو ٿئي، وڏن وارا رشتا رکيو اچي ۽ آئون بہ ڪڏهن بہ بيڪارو نہ ٿيو آهيان.

چاچو هاشم ٽيٻو ۽ سندس اولاد شيخ پرڪيو چاچو حاجي محمد رحيم ٽيٻو. سندس اولاد وڏيرو جان محمد ٽيٻو سندس اولاد رشتا نڀائيندا اچن، خوش هجن.

چاچو حاجي غلام حسين ۽ سندس پٽ تپيدار محمد هاشم تازو تازو راجپوتانا اسپتال حيدرآباد ۾ آپريشن ٿيو ۽ انتقال ڪري ويو. الله سائين بخشش فرمائي، غلام مصطفيٰ، نظير احمد، آفتاب خان سيئي بابا جي عزت ۽ مونکي بہ پائن ٿا عزت ڏين ٿا خوش هجن.

چاچو حاجي سليمان ۽ چاچا جمع خان سندن اولاد بہ اٿي ويٺي وارا آهن. منهنجي پوٽن کي پڙهڻ لاءِ آڪسفورڊ ڊڪشنري جي ضرورت ٿي، بازار مان ملڻ ناممڪن هئي پوءِ استاد حاجي محمد اسحاق جروار کي عرض ڪيم شاباس هجيس عزت ڪيائين. آڪسفورڊ ڊڪشنري تحفو ڪري ڏنائين. محمد خان سرور ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ڊيوٽي لاءِ ويندو آهي ۽ آئون ڳوٺ کان حيدرآباد گهر ننڍين پائرن ۽ ٻارن جي خبر چار وٺڻ لاءِ صبح واريون بسون ٽنڊوالهيار کان حيدرآباد وارين ۾ ملاقات ٿيو وڃي، آئون بہ ساڻس اسلام عليڪم ڪرڻ لاءِ سندس ڳوٺ ويندو آهيان ۽ پاڻ بہ مون وٽ دعا سلام ڪرڻ ايندو آهي، الله خوش رکيس، محمد خان سرور بہ تعليم يافتہ نوجوان آهي ۽ ڪتاب بہ لکيا اٿس.

رئيس شادمان خان خاناڻي جروار پاڻ پھرين ڳوٺ مبارڪ جروار ۾ وينل هو سندس عيال بہ وڏو هو ڳوٺ ۾ پلاٽ جي کوٽ گڏوگڏ سندس زمين بہ پرپري هئي پوءِ پاڻ سندس نئون ڳوٺ تعمير ڪرايو جيڪو اڄ بہ سندس نالي شادمان جي سڏجي ٿو مجاهد حاجي هاشم جروار ۽ ٻيا بہ ڪجھ جروارن جا گڏ وينا آهن.

حاجي محمد صالح برادري جي پڳ ۾ وڏو آهي، حاجي قاسم هن وقت سڄو ڪاروبار خوش اصلوبي سان هلائي ٿو. برادري ۾ ڳوٺ مبارڪ جروار جو غلام صديق جروار ڳوٺ لاءِ ڇا ڪجھ نہ ڪيو سونهري اکرن ۾ سندس ڪارناما آهن. پرائمري اسڪول کان هاءِ اسڪول تائين ڳوٺ بيگن جروار ۾ ڪامريڊ حاجي الھبچايو باگاڻي جروار پھرين ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جي هاري پارٽي ۽ بعد ۾ پ پ ۾ ڳوٺ لاءِ يونين ڪائونسل بيگن جروار کان ميرواهہ روڊ تعمير ۽ ٻيا بہ ڪم سندس خدمتن جو يادگار آهن.

هن جائزي ۾ جيڪڏهن رئيس نور خان لاشاري ياد نہ ڪريون تہ ٺهي ڪونہ ٿو رئيس صاحب نور خان وڏو بردبار، باهمت زميندار آهي، سندس ڳوٺ سندن وڏي جي نالي ڳوٺ اميد علي لاشاري آهي، ڊاڪٽر سرجن سيد شاهنواز شاهہ وٽ سندس ۽ راقم جي نياز مندي آهي، سندس پٽ رئيس اعظم خان باهمت نوجوان آهي.

ڳوٺ راڄو خان لاشاري جو مسٽر محمد خان لاشاري ۽ راقم جا پائرن جھڙا ناتا آهن، پاڻ سڄي عمر پ پ سان وفاداري ڪندي نڀائي آهي، سياسي طرح مون محمد ياسين ڪي والد صاحب کان بعد سندس وڏو ساٿ رهندو اچي، بغير ڪنهن لالچ جي هر جلسو جلوس ميٽنگ يا برادري سڏ سلوڪ ۾ گڏ هوندا آهيون، تازو عزيز خان لاشاري ڪي پ پ جي چيئرمين اليڪشن بہ محمد خان لاشاري ۽ سردار اعظم خان لاشاري کٽائي آهي.

## ھي شجرو ڳوٺ خير محمد جروار عرف آمري واري جروارن جو آھي.




نوٽ: ھي شجرو 1985ع ۾ ٺاھيو ويو، جنھن ڪان پوءِ آخري نالن وارن کي ٻه اولاد آھي، پر درج نه ڪيو ويو آھي، ياد رھي ته خير محمد خان جروار مري گزيني واري شاخ جو اولاد آھي، بابل خان جروار ڏوڪري لاڙڪاڻه ڪان سلسلو آھي. (محمد ياسين جروار)

# هي شجرو ڳوٺ خير محمد جروار عرف آمري واري جروارن جو آهي.



## هي شجرو ڳوٺ خير محمد جروار عرف آمري واري جروارن جو آهي.



## هي شجرو ڳوٺ خير محمد جروار عرف آمري واري جروارن جو آهي.



## هي شجرو ڳوٺ خير محمد جروار عرف آمري واري جروارن جو آهي.



(ءِ مختلف پاڙا)




نوٽ: هي مختصر احوال پاڙو موساڻي جروار مري گزيني واري شاخ مان آهي، جيڪي جروار ديهہ پاٻيري تعلقہ ٽنڊو محمد خان جروار ۾ وينل آهن.

ديهہ ڀانيري ۾ وينل جروار موساڻي مري گزيني واري شاخ مان آهن، سندن شجرو اچي ويو آهي، سندن مختصر تاري تہ ٽنڊو محمد خان جي ٽالپر ميرن انهن کي اتي آباد ڪيو سندن پڊ بہ عارب جروار جي نالي ڪٿيل آهي، جنهن ۾ هن وقت ميهار جروار وارا وينا آهن. بلڙي شاخ کان الهندي پاسي ۾ حاجي سومار ڪمال توڙي بهارو ۽ ابراهيم پنهنجن پنهنجن زمينن ۾ ڳوٺ ڪريو وينا آهن. موجوده ميرن صاحبن مير اعجاز علي خان ۽ مير عنايت خان ٽالپر وٽ سندن وڏي عزت آهي، منهنجي ڀائٽي محمد خان تپيدار جو ڪم ٽنو جي مختيارڪار ۾ هو. حاجي سومار جروار مير اعجاز علي خان کان خط وٺي اسان سان گڏجي ٽنو هليو ۽ اسان جو ڪم ٿي ويو.

آئون محمد ياسين سئوٽ محمد صالح ۽ سندس پٽ تپيدار محمد خان گڏجي ويا هئاسين.

حاجي سومار ڪمال ۽ ٻين جروارن سان سڱن مائٽي ۾ گڏ آهيون.

ڳوٺ محمد عمر جروار آراڙو ۾ ماستر علي محمد جروار اتي ويٺي، سڏ سلوڪ ڏيڻ وارو آهي.

ڳوٺ ساجناهہ جو رئيس شادي خان جروار وڏو سڏ سلوڪ وارو هو.

ڳوٺ مصري خان جروار ۾ حاجي الهہ بخش مريداڻي جا پٽ محمد خان عرف ڦوٽو ڊرائيوري ڪندو هو. وڏو باهمت آڏي جو سڏ ڏيڻ وارو هو. سندس اولاد آهي، محمد رمضان اتي ويٺي وارو آهي، ڪيس اولاد آهي، عدلو کي بہ اولاد آهي، ڳوٺ مصري جروار ۾ ٽي محمد امين جروار، محمد حنيف جروار، حسين بخش جروار، محمد بخش، حضور بخش، ادا علي، خادم حسين جروار بہ دلبر ماڻهو آهن.

محمد شريف عرف پنهون ڊرائيور آهي، سندس پٽ پيٽرول پمپ لڳايو آهي، پٽيل رئيس غلام خان ۽ سندس اولاد ماستر نواز ۽ ٻيا.

بولڻ شاهہ نالي ڳوٺ بہ جروارن جو آهي، فقير خان محمد جروار جو سڀ اولاد اتي آهي، لڪاڏنو جروار ۽ فقير خان محمد وارا بہ هن ڳوٺ جا آهن.

ڳوٺ حيدر خان جروار ۾ چاچي حاجي حاجي مبارڪ جاداٽي جروار جو اولاد، حاجي محمد حسن ۽ حاجي محمد عثمان جروار جو اولاد آهي، حاجي نور محمد جا پٽ، حاجي محمد خان، حاجي اسماعيل خان، شفيع محمد خان ۽ اولاد آهي، ڊاڪٽر حيدر به هن ئي ڳوٺ ۾ آهي.

غلام نبي جروار، ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ جروار آمريڪا نوڪري ڪري ٿو ۽ سندس ڀاءُ غلام رسول به اتي ويٺي سڌ سلوڪ وارو آهي.

ڳوٺ امن آباد سم سور هڏي ڪارياٽي وارو سردار رئيس حاجي محمد يوسف خان جروار پنهنجي قوم راڄ تر ملڪ لاءِ تمام باوقار شخصيت جو مالڪ آهي.

ڦريون حرمين شريف عمرو

# سِڪ جو سفر

هڪ ننڍي بندي جيڪا هر وقت گڏ هئي، ان تي لکيم، جيڪو بعد ۾ نوٽبڪ تي تفصيل سان لکيو اٿم، انهي سفر دوران ڪرنسي هڪ هزار روپيه پاڪستان جا چوهٽ ريال ۽ نصف ريال ملندو هو پاڪستاني ڏهه هزار روپين جا ڇهه سئو پنجاهه ريال ملندا هيا، سفر خرچ لاءِ پاڪستاني ٻه لک روپيا ڪئش گڏ کنيم، ٻه ٻاتي گڏ هئاسين (ٻي منهنجي اهليه) ٻه ٽڪيٽن جا پئسا هتئي پياري ڇڏيا هئاسين.

هي سفر عمري شريف جي نيت سان ٿيو عمره شريف لاءِ سبب الله سائين پيدا ڪيو جيئن ته منهنجا والد بابا سائين، ڏاڏا سائين ٻه حج ڪري آيا هئا ۽ مونکي ٻه سِڪ هئي ته مان ٻه حج ڪري اچان، سِڪ ته تڏهين ٿي هئي جنهن سال چاچا حاجي لڪاڏنو دائيداڻو حج تي ٿي ويو ۽ راقم ساڻس حاجي ڪئمپ ڪراچي ۾ ويو ۽ حاجي ڪئمپ ۾ چاچا حاجي لڪاڏنو سان گڏ هڪ رات رهيس ته شام حاجين سڳورن جي سنبت تياري ۽ اڪير ڏسي مونکي ٻه سِڪ جاڳي ته آئون ٻه حج تي وڃان، جيئن ته ان وقت گهر جي آمدني روانگي خرچ سڄو بابا سائين وٽ هو ۽ گهرو خرچ توڙي مالي دٻاءُ تحت صبر ڪيم ۽ ائين عمر جا الاجي ڪيترا ٻيا ٻه سال گذري ويا، 6 جنوري 1992ع تي بابا سائين جو انتقال ٿيو ته ويتر هڪ وڏي جي حيثيت

۾ گهرو ۽ لوڪل مصروفيتون وڌي ويون، سڀ جوابداريون محسوس ڪندي پهرين تہ مقاطہ جي رقم مان مختلف بينڪن ۽ قرضن ڪارين ڪي منهن ڏيئي ۽ چاڇن جا زمين جا ڪاتا بيان ڏيئي سندن حق ڪين مليا ۽ جيئن ئي مقاطعي ۽ قرض مان آجو ٿيس تہ اهيو سال 2003ع جو هو زمين مقاطع مان آزاد ٿي تہ شرعي طريقي مطابق پنهنجي پيٽين ۽ پائرن ڪي زمين جا حصا ڪري ڏنم، متصرفي سندن حوالي ڪيم ۽ منهنجو حصو منهنجي حوالي ٿيو الله برڪتون ڏنيون، اهليہ سميت حج جو ٽڪيٽ حبيب بئنڪ ٽنڊوالهيار برانچ ۾ جمع ڪرائيم، قدرتن قراندازي ۾ نالو نہ آيو، ڪامريڊ ماڻهو ٿي ڪري سِڪ وڌيڪ ستايو همت ڪري ادا محمد امين جروار جي معرفت ڪراچي ڪان اسلام آباد تائين ڊڪ ڊوڙ ڪيم، محمد امين جروار جي معرفت اسلام آباد ڪان ڪاغذ پاس ٿي پوري سامان پاسپورٽ، ٻانهن جا ڪڙا، اسٽيل جا ڳچي ۾ پائڻ جو ڪارڊ ٿيلهي سميت ڪراچي آيا، هاڻ صرف ويزا اچڻ جو مسئلو هو، بس اڄ سڀاڻ جي آسري هِن فلائيٽ، هُن تاريخ ويزا ملندي ۽ تاريخ ok ٿيندي، نصيب نہ هو ۽ آخري فلائيٽ تائين قسمت نہ ٿي ۽ حج ڪان رهجي وياسين، انهي درميان دوستن جي چوڻ تي ارجنٽ انٽرنيشنل پاسپورٽ بہ ٺهرائي ورتاسين، حاجي گل محمد سونارو جي چوڻ تي گاڏي ڪار بڪيرن مان ذوالفقار خاصخيلي جي ڪرائي تي ڳوٺ گهرائي ۽ انهي ۾ چڙهي ٽنڊوالهيار مان حاجي گل محمد سونارو جي پٽ ڪي گڏ ڪٺي پاسپورٽ آفيس حيدرآباد ۾ ارجنٽ پاسپورٽ انٽرنيشنل پراڻہ آفيس لطيف آباد واري مان ٺهراياسون، ليڪن انهيءَ سال حج جو مهينو پرجي ويو ۽ حج جو سفر نہ ٿي سگهيو اجان بہ سِڪ سبيل ٿي پئي ۽ ڪجهہ مهينا انتظار ڪرڻو پئجي ويو جيئن تہ منهنجي اهليہ انتهائي عليل هئي، حياتي جو ڪو پروسو نہ آهي، ان ڪري حج شريف جو مهينو گذريو ۽ جلدي عمري شريف جي تياري ڪي لڳي وياسين، بئنڪ بہ حڪم ڪيو تہ پنهنجا پئسا حج جا پياريل واپس ڪٺو اهيو ڪو بئنڪ جو قانون هو ۽ پئسا

ٻہ کٽي آياسين، انهيءَ ۾ ٻہ ڪو الله جو راز خير عمرو ڪلي تہ پئسا پياريا سون، جيئن ئي عمرو شريف ڪليو تہ ٻہ ٽڪيٽ منهنجو ۽ منهنجي اهليہ جو ٽوڙي حاجي موسيٰ درس ۽ سندس اهليہ جو چارئي ٽڪيڪٽ عمري شريف جا ڪاروان اسلامي انٽرنيشنل حيدرآباد برانچ ڪي حاجي محمد امين قادري ڪي سندس گهرو واقع ڇوٽڪي گهٽي حيدرآباد ۾ رقم چارئي ٽڪيٽن جي جمع ڪئي سون، 23 اپريل 2004ع تي جمع ڏينهن هئڻ سبب سندس آفيس بند هئي، ان ڪري حاجي گل محمد سونارو سان گڏ سندس گهر وياسين ۽ پئسا جمع ڪياسون ۽ پئسن جي رسيد اڳين ڏينهن آفيس تي ويس ۽ رسيد ڏنائين، حاجي محمد امين قادري انهي سال ٽڪيٽ عمري شريف جي في ماڻهو 15 هزار، 4 ٽڪيٽون 64 هزار روپيين ۾ ڏنيون، جمع ڪيل 4 رفيقن جا پاسپورٽ نمبر ۽ شناختي ڪارڊ نمبر درج ڪريان ٿو.

1. محمد ياسين ولد حاجي پريل خان جروار
پاسپورٽ نمبر Kc 785924
شناختي ڪارڊ نمبر 41_352952_41303

2. جنت محمد ياسين
پاسپورٽ نمبر Kc 785916
شناختي ڪارڊ نمبر 6_6241241_41303

3. موسيٰ ولد حاجي موليڏنو درس
پاسپورٽ نمبر Kd 345771
شناختي ڪارڊ نمبر 7_4777033_41307

4. شاهخاتون زوجہ موسيٰ
پاسپورٽ نمبر Kd 345803
شناختي ڪارڊ نمبر 4_7368304_41307

بس هاڻي شام صبح حيدرآباد ڪاروان اسلامي انٽرنيشنل جي دفتر واقع مبارڪ شاهہ سينٽر تي اچ سياڻ ڪندي انتظاري جو وقت ڏکيو

سکيو مڙئي مهينو کن لڳو نيٺ تاريخ ملي 23 مئي 2004ع ايئرلائنز جو هوائي جهاز ڪراچي ايئرپورٽ مان تاريخ 22 مئي 2004ع تي شام جو رئيس محمد اڪبر خان ولد حاجي رسول بخش خان جروار جي ڪار گاڏي منهنجو سئوٽ خدا بخش ڊرائيور ڪاهي آيو شام 4 لڳي 30 منٽن تي ڳوٺ گهر جي پوئين دروازي تي گاڏي لڳائي، اهليه ڪي ويهاري سامان سميت ٽنڊوالهيار مان حاجي گل محمد سومرو گڏ ڪٽي ڪاروان اسلامي انٽرنيشنل دفتر حيدرآباد پهچي ۽ ٽڪيٽون ۽ پاسپورٽ چارئي مليا ڪنيم. ليڪن انهن ٻن پاسپورٽ ڪاپين ۽ ٽڪيٽن تي فوٽو بدليل هئا. حاجي امين کي ڏيکاريم چيائين ته خدا جي توڪل ڪريو ۽ ڪنهن کي نه ٻڌايو ۽ پنهنجو سفر ڪريو بس ساهه مٺ ۾ ڪري سفر شروع ڪيوسين.

حاجي موسيٰ وارا ٻي گاڏي ۾ ڪراچي حاجي رسول بخش درس جي جاءِ تي رهيا ۽ مان ڪاغذن سميت منير احمد ولد ڪبير جوکيو وٽ 9 وڳي رات جو پهچي اتي رهيس، صبح جو 6 وڳي 23 مئي 2005ع آچر صبح تي منير احمد جوکيو سندس گاڏي ۾ ڪٽي جناح انٽرنيشنل ايئرپورٽ پهچايو، حاجي موسيٰ وارن کي رسول بخش درس پهچايو ۽ ڪراچي کان لوڪل جهاز ايس اي جو ڪراچي پورٽ تان صبح 7 لڳي 10 منٽن تي روانو ٿيو گوادر کان دمامه پورٽ لٿو بعد وري رياض هليو ۽ جهاز بدلي ڪري جدي لاءِ ٻيو ايس اي جو جهاز مليو ۽ شام پاڪستاني ٽائيم 7 وڳي يعني سعودي ٽائيم 5 وڳي پهتاسين.

معلم جي گاڏي مڪي شريف هوٽل جواهرالوفا هئي، اتي حاجي موسيٰ کي ڪمرو نمبر 508 پنجين منزل تي ۽ اسان کي ڪمرو نمبر 303 ٽيئن منزل تي ٻن بيڊن جو مليو، سامان رکي جيئن ته ڪراچي کان احرام ۾ هئاسين، عمرو پڙهڻ لاءِ خانه ڪعبه وني هليا، جيئن ته منهنجي اهليه انتهائي عليل هئي، جمله جماعت باب ملڪ عبدالزيز کان شروع ٿي ويا، مان اهليه سميت ويهي ساهيون ڪٽندو ۽ ڪيس خانه ڪعبه مطاف ۾ ويهاري مون

طواف جا ست ڦيرا ڏنا ۽ نفل ادا ڪيا، سفر سمجھ ۾ نہ اچي تہ ڪيئن ڪريان، منھنجي اهليہ ۾ هلڻ ڪونہ هو خدا واهہ ڪولي هڪ همراهہ پاڻھي اچي ويل چيئر جي آفر ڪئي ۽ بنا معاوضي ويل چيئرمين مونکي ڏنيائين، پاڻ ويھي رهيو مون اهليہ کي چڪر خانہ ڪعبہ جا ڪرايا، نفل پڙهيا، وري همراهہ گڏ صفاتي هليو ۽ پاڻ ويھي رهيو ۽ مون ست چڪر صفا مروهہ جا ويل چيئر اهليہ سان گڏ ڪيا ۽ وار ڪٽائي (نوٽ: همراهہ پھرين سرڪاري ويل چيئر ۾ مڪتبہ صفاحي پنيان هليو جو اصل دارارقم جي نالي مشھور آهي، زيارت ٿي داراقم جي) ويل چيئر سميت باب ملڪ عبدالعزيز آيا سون ڪيس خدا ڪارڻ ويل چيئر جو اجورو ڏيئي فارغ ٿيس ۽ عقل سلامت ٿيو تہ پنھنجي ويل چيئر ڪان سواءِ سفر ڪونہ ڪري سگھندس ۽ اهليہ کي ويھاري وڃي پنھنجي ويل چيئر خريد ڪري آيس نئين ۽ دوڪان واري سان جنھن ڪان ويل چيئرمين ورتي هئم زبان ڪيم تہ مونکي هوٽل جواهرالوفاتي پھچائي اچو همراهہ گڏجي آيو هو هوٽل جو ڪارڊ ڏنم ۽ مون اهليہ کي ويل چيئر تي ويھاري ۽ هليس، بس منھنجو سڄو سفر آسان ٿي پيو جيڏانھن بہ وڃان تہ اهليہ کي ويل چيئر تي ويھاريو ۽ گڏ وٺيو وڃان.

جمع نماز حرم ڪعبہ مڪي شريف ۾ پڙهي ۽ مديني شريف لاءِ معلم جي گاڏي ۾ مدينہ شريف وياسين، 5 ڏينھن ۾ مڪي شريف جو زيارتون اندازن 30 ڪن جي درميان ڪيون سين ۽ هڪ عمرو ڪراچي ڪان ٿيو ۽ 2 عمرا مسجد جعرانہ تان وڏو عمرو ۽ 3 عمرو مسجد عائشہ تان ڪيو، مون ڪراچي ڪان مڪي شريف ساڳئي تاريخ ۾ عمرو شريف رات 12 وڳي ڪان بہ اڳتي تائيم نڪري چڪو هو، سومر 24 مئي 2004ع فجر نماز ناشتي ڪان پوءِ صبح جو معلم جي بس ۾ زيارتون ڪرائڻ لاءِ وٺي ويا ۽ جبل نور ۽ غار حِرا روڊ تي بس جھلي ۽ زيارت ڪرايائون، غارِ ثور بہ بس کي روڪي زيارت ڪرائون سڌو جبل رحمت عرفات شريف جو ميدان اتي بس وقفو ڪيو ۽ مان ويل چيئر بس مان لاهي ۽ اهليہ کي ڪٽي زيارت ڪرايم ۽

موٽر رڪشه ڪرائي تي ڪرائي ميدان عرفات مان چڪر ڏياريا هئا، هڪ هلائڻ وارو ۽ هڪ سواري، مون پاڻ هلائڻ جي زبان تي موٽر رڪشا ڪرائي تي ورتو ۽ اهليه کي ان تي ويهاري پاڻ هلائي عرفات جي ميدان ۾ چڪر هڻائي آيس ۽ هڪ فوٽو به جبل رحمت جي دامن ۾ اهليه سميت ويل چيئر تي ڪڍايم ۽ پوءِ بس جي واپسي لاءِ ويل چيئر بس ۾ سوار ٿياسين، مسجد نمره هلندي زيارت ۽ مزدلفو ۾ مسجد مشعرالحرام ۽ محصر ميدان جتي هاٿين جو لشڪر تباهه ٿيو ۽ منيٰ شريف ۾ جمعرات ڏيکاريائون ۽ بس روڪي زائرين سڀ لٿاسون، مسجد خيف زيارت ٿي ۽ نهر زبيده نشان مسجد مهلا ڪبش سيدنا اسماعيل عليه السلام جي ذبح واري جاءِ زيارت ڪرائي، مسجد رايه مسجد جن جنته المعليٰ قبرستان جي زيارت هلندي بس مان ۽ نماز ظهر کان اڳ جڳهه تي مسفله چڙهي ويا ۽ جڳهه تان ويل چيئر خانه ڪعبه ۾ نماز ۽ طواف ڪري جڳهه تي آياسين ۽ باقي نمازون حرم ڪعبه ۾ ادا ڪيوسون، ويل چيئر سهولت ڪري هر نماز کان بعد طواف ڪندو هئس ۽ خانه ڪعبه سڄو غور سان زيارت ڪندو هئس، اڱارو 25 مئي 2004ع صبح جو معلم جي بس آئي ۽ سيني رفيقن کي ڪٺي وڏ عمري لاءِ هليا ۽ رستن جون زيارتون هلندي بس مان ڏيکاريندا هليا ۽ اڇي مسجد جعرانه اسٽاپ ڪيائون، لهي ويل چيئر زيارت ڪئي سين، بير جعرانه به اتي آهي، دروازو بند هو زيارت ڪئي سون، قبرستان شُهدا حنين به چند وکن تي آهي، ديوار آيل اٽس ۽ دروازو بند هو اهيو ٺئي زيارتون تقريبن ويجهو ويجهو آهن ۽ طائف وار رستي تي آهن ۽ اتان اسان وڏي عمري جو احرام ٻڌي ۽ نيت ڪئي ۽ مسجد جعرانه ۾ عمري جي نيت جا نفل ادا ڪياسون ۽ ڪجهه نگ منڊين جا ٻڙا ۽ ڪجهه خوشبو به خريد ڪئي سون ۽ واپس بس ۾ ويهاري محلا مسفل ۾ چڙهيا ويا ۽ سڌا خانه ڪعبه پهچي عمري شريف جو طواف چڪر پورا ويل چيئر تي نفل عمري شريف جا ٻه رڪعتون ادا ڪري زم زم جو پاڻي پي ۽ صفا مروهه جي سعي ست چڪر پورا ڪري مٿي کي

صاف ڏياري ۽ جڳهه تي غسل ڪري ڪپڙا بدلائي ۽ ظهر نماز لاءِ خانه ڪعبه ويل چيئر تي نماز پڙهي نقلي طواف ست چڪر ڏيئي ۽ نقل پڙهي ويل چيئر تي جڳهه تي آياسون، معلم طرفان ماني آئي ماني کائڻ کان پوءِ ڪجهه آرام ڪري باب مدينه طرف بازار ۾ وياسين ۽ هر شيءَ کي غور سان ڏٺوسين ۽ مغرب ۽ عشاء نماز ادا ڪئي سون جماعت سان خانه ڪعبه حرم ۾، هر نماز کان بعد طواف ڪرڻ معمول ڪري ڇڏيم ۽ جڳهه تي آياسين رات جي ماني ملي وئي کائي ۽ آرام ڪيوسون، ماني هر وقت صبح جي چانهه ڇڏي باقي معلم طرفان پيڪيج ۾ ملندي هئي، اسان جو پيڪيج 15 ڏينهن جو هو ۽ فورا اسٽار پيڪيج هو منجهد ماني کان بعد ڪو نه ڪو مشروب ڏيندا هئا، اتي جي ماني ۽ مشروب جي لذت پنهنجي هئي، ڪمرو الڳ ٻه بيڊ جو رنگين ٽي وي ڪمري ۾ ٽيليفون فرج سميت اي سي ۽ پنکو لڳو هو ننڍڙو بورچيخانو جنهن جي اسان کي ضرورت محسوس ئي ڪانه ٿي، باٿ روم اٽيچ مطلب ته هر سهولت موجود هئي ۽ ائين شام صبح ويل چيئر هلندي گهمندي ڦرندي مڪي شريف جي مڪي رستن ۽ هڪ ٻه بازارن جو به واقف ٿي پيس حيدرآباد جو رهاڪو ڪراچي جو شهر گهمندل هئس، ان ڪري شهر جلدي سمجهه ۾ اچي ويو.

26 مئي 2004ع اربع فجر کان پهرين تهجد جي آذان تي وضو ڪري حرم ۾ نفل ادا ڪري طواف ڪيم، نفلي ۽ فجر جي آذان تي ۽ نماز جماعت سان ادا ڪري نفلي طواف ڪري جڳهه تي آيس، چانهه ناشتو ڪري حاجي موسيٰ جي ٻارن کي پنهنجي جڳهه تي ڇڏي مان ۽ محمد موسيٰ شهر ۾ تفريح ۽ زيارتن جيڪي ويجهون هنيون نڪري وياسين، (20) گهر حضرت عبدالله رضه ۽ امان آمنه جو جتي محبوب ڪريم ﷺ ڄاوا هئا، باب ملڪ عبدالعزيز کان گذري باب فتح جي سيڙهي تان اچي نڪرندا، اتي پهتاسين صبح جو وقت هو جڳهه تي مڪتبه جو بورڊ لڳل آهي ۽ ڪجهه لکپڙهه وارا اندر هئا، منع نه ڪيائون اندران وچي زيارت ڪري

آيس ۽ ٻاهران اچي (21) زم زم جون نلڪيون ڏٺيوسين، جتان زائرين ۽ ٻيا لوڪل ماڻهو پاڻي جان ڪين ڀري ڪٽي وڃي رهيا هئا ۽ ان ڪان ڪجهه اڳتي جبل ۾ ٻه سرنگن ونگن تي هيون، جتان روڊ هلي رهيو هو ان طرف وياسون، سرنگن تي نالو نفق عبدالعزيز لکيل هو اتي هڪ ريال هوا ۾زمين تي اڏامندو آيو جيڪو ادا حاجي موسيٰ کي چيم تہ ڪڻ ان ڪنيو ۽ نفق يعني سرنگ ڪان اندران هلندا اڳين پاسي نڪري وياسون، اهيو رستو اڳتي هلي پيدل ۽ گاڏين ذريعي مِنا طرف وڃي ٿو ۽ اسان واپس ٿياسون ۽ پراڻو پاڪستان هائوس سڄي هٽ تي مٿي جبل تي هو جيئن تہ اسان جو اوڏانهن ڪم ڪو نہ هو ۽ ڪونہ وياسون واپسي ۾ وري گهمندا ڦرندا ڇپرا بازار جي رونق وغيره ڏسي خريداري لاءِ ذهن ٺاهيوسين ۽ شامي ڪان ٿيندا ۽ باب عمره ڪان ٿيندا بابت ملڪ فهد ڪان باب عزيز ڪان طريق هجره تان پنهنجي جڳهہ تي اچي منجهند ماني ۽ آرام جي ڪئي سون، ظهر آذان تي اهليہ کي ويل چيئر تي ڪٽي نماز ادا ڪري طواف ڪري ڪمري ۾ اچي آرام ڪيم ۽ پوءِ وچين ۽ مغرب ۽ عشاءَ خانہ ڪعبہ ۾ ادا ڪري ۽ جڳهہ تي رات جو آرام ڪيوسين، جيئن صبح واري ٽائيم لاءِ تياري ڪري سگهون، ماني معلم طرفان ٽائيم تي سڌ ڪري ڏيئي ويندا هئا.

27 مئي 2004ع خميس صبح آذان تهجد تي حرم پاڪ خانہ ڪعبہ جي زيارت فجر نماز ادا ڪري طواف ڪري ۽ جڳهہ تي اچي ادا حاجي موسيٰ عمرو ڪرڻ جو مشورو ڏنو ۽ ناشتي سان ئي پوري تياري ڪري (22) مسجد عائشہ لاءِ هوٽل دار توحيد انٽرڪانٽينٽل ڪان بس ۾ فيملين سميت سوار ٿي چند منٽن ۾ پهچي وياسين ۽ مسجد عائشہ تي عمره شريف جا احرام ٻڌي نفل پڙهي نيت عمري جي ڪري ۽ مان روڊ جي هن طرف جبل جي پاسي ويس اتي بہ هوٽل هو وڏو شايد ننڍو ڪو خريداري جو مرڪز بہ هو رڳو ڏٺم ۽ جلدي واپس اهليہ ۽ ادا حاجي موسيٰ وارن وٽ پهتس ۽ ٽيڪسي ڪرائي جي ڪري ان ۾ خانہ ڪعبہ پهچي عمري شريف جو طواف

ست چڪر ۽ عمري جا نفل پڙهي صفامروه جي سعي ڪري وار ڪوڙائي ۽ ٻارن کي جڳهه تي ڇڏي ڪپڙا بدلائي آب زم زم جي کوهه زيارت جي اداري سان اڪيلو نڪري ويس ڇو جو اهو هن وقت تعميرات ۾ اندر ڏيئي بند ڪري ڇڏيو اٿن. ڪنهن کي اندر ڪونه ٿا ڇڏين. مونکي جيئن ته اسان جي اچڻ لاءِ هر وقت باب ملڪ عبدالعزيز کان اچبو هو جيئن خانه ڪعبه تي نظر پئي. دعا گهري اي الله سائين مونکي زم زم جو نفل طواف جون پڙهي مطاف کان جيڪو باب الفتح جي سيڙهي آهي. سيڙهي جي هيٺيان ساڄي هٿ ۾ هڪ دروازو آهي. اندر جڳهه ڏسجي ٿي جڻ ته ڪو وضو خانو ٺهيل هجي. ليڪن ان ۾ وضو خانو نه هو ۽ در کان هڪ ٻيو دروازو هو ان تي هڪ چوڪيدار بيٺل هو بي ڌڙڪ ان وٽ ويس سلام ڪري هٿ ملائي ڪائنس وضو جو پڇيم ڪپڙن مان ۽ ڳالهائڻ مان سمجهي ويو ته همراهه پاڪستاني آهي. چيائين "پاڪستاني هو" مون چيو ته "هائو مان پاڪستاني آهيان" اردو ۾ ڳالهه ٻولهه ٿي چيائين ته وضو لاءِ هتي سجهيم ته همراهه پاڪستاني آهي جو اردو پيو ڳالهائي ڪيس پرم ڏيئي چيم ته مونکي وضو آهي ٻه خدا مان هن طرف آب زم زم جي کوهه جي زيارت جي خيال سان آيو آهيان. مونکي مٿان کان هيٺ ڏسي ڪيس ڪياس آيو خدا من ۾ وڌس مونکي اردو ۾ چيائين ته منهنجي ٻچن جي روزي جو سوال آهي. هيڏانهن هوڏانهن ڪنڌ نه هڻجان منهنجي پٺيان هليو اچ هو همراهه اڳيان ۽ مان سندس پٺيان هلڻ لڳس. ساڄي هٿ جي طرف ڏانهن هليو ۽ مان پٺيان هلندو آيس. اڳيان هڪ شيشي جي ڪيبن جهڙي آفيس هئي. جنهن ۾ ڪجهه عرب سڳورا نظر آيم. پر بي ڌڙڪ همراهه جي پٺيان لڳو ويس. وري ٻه ٿوري وکن تي ساڄي هٿ ۾ اندر ڪجهه گهٽي جو نمونو هو. جنهن مان حرم ۾ ڪم ڪندڙ گاڏي گذري سگهي. اندازن 100 کن فوٽن تي گهٽي ختم ۽ هڪ ڏيڍ وک برابر کوهه هو. ڪيس پڳ ٻڌل نمونو هو مونکي چيائين ته کوهه (23) زم زم جي زيارت ڪر مون هِن هُن پاسي نهاريو ۽ چيم ته بس مون زيارت ڪئي ته ايتري ۾ پاڻ

کوهہ جي پٿر ۾ لڳل هڪڙي ٽوپي کي دٻايائين تہ پاڻي اچي ويو، مونکي چيائين تہ پاڻي پي مون پاڻي بہ پيتو ۽ منهن بہ ڌوتم، يعني پاڻي منهن تي سو بہ ڀڪ ڀري هنيم ۽ همراهہ کي چيم بس هن وري بہ مونکي قائدو ڪرايو تہ واپسي ۾ بہ هيڏانهن هوڏانهن نہ نهارج کوهہ جي پٿر سان اسان جي ٽيوپ ويل جهڙا وڏا پائيپ اندر کوهہ ۾ پيا ويا سمجهيم تہ پائپن ذريعي پاڻي ڪڍن ٿا ۽ همراهہ اڳيان ۽ مان پٺيان ساڳي جاءِ تائين گڏجي آيو چيائين تہ دعا ڪجان، اميد تہ الله ڪيس خوش رکندو، جو منهنجي مدد ڪيائين ۽ ائين آب زم زم جي کوهہ جي بہ زيارت نصيب ٿي وئي، ٻاهر نڪري باب فتح باب مروه کان نڪري ڇپرا بازار کان وڏي شاهراهہ وٺي فائربرگيڊ ۽ مرڪزي بريد کان مقام جنت المعليٰ زيارت ڪري ٻئي، حصا ڇوجو وچ ۾ شايد جبل جو ڪو سنڌو آهي، آخر تائين ويس، محبوب ڪريم ﷺ جي خاندان جي قبرستان تائين وڃي زيارتون ڪري ۽ واپس مسفلہ جڳهہ تي اچي ڪجهہ ساهہ کڻي وري ظهر نماز عصر ۽ مغرب اهليہ سميت ادا ڪيم ۽ نفلي طواف هر نماز سان ڪيم، کوهہ جي زيارت لاءِ آئون اڪيلو هئس ۽ اهيا تاريخ بہ پوري ٿي رات جو آرام ڪري صبح جو نئين سج ني سنبت 28 مئي 2004ع جمع جو ڏينهن هو تهجد فجر ادا ڪري اهليہ کي ويل چيئر تي کڻي باب مديني طرف ڪجهہ ٻارن لاءِ سون بازارن مان خريد ڪيم ۽ ڪجهہ واچون ٻارن لاءِ ۽ ڇپرا بازار مان سرمون ۽ ڪپڙو خريد ڪري 10 وڳي جي اندر ئي جڳهہ تي اچي وياسون، ڇوجو جمع نماز لاءِ بہ تياري ڪرڻي هئي ۽ اڄ اسان کي شيڊول مطابق مدينہ بہ وڃڻو هو ۽ جمع جي آذان کان پهرين جڳهہ تي وضو ڪري حرم پاڪ وياسون، ويل چيئر تي هيٺ نہ حرم شريف پرجي ويو لفٽ تي ويل چيئر سميت مٿي حرم ۾ وياسين جاءِ ملي خطبو سنتون ۽ نماز جمع باجماعت ادا ڪري جڳهہ تي آياسين ۽ ماني کائي سامان سنڀاليو سون خريداري وڏي ڪانہ هئي جيڪي ڪجهہ هو اهيو ٿيلهن ۾ محفوظ ڪيوسين ۽ اطلاع مليو تہ بسون اچن ٿيون، سڳورا جلد تيار

ٿيو بس جلدي جلدي اهليہ سميت ويل چيئر خانہ ڪعبہ وجي طواف وداع ڪيوسين ۽ واپس جڳهہ تي آياسون ۽ بسون بہ آيون ادا حاجي موسيٰ ڪي موڪليم بہ ڪين زم زم پاڻي جا خريد ڪري آيو پئسا ڏنا هئم ۽ آئون ٻارن سميت بس ۾ جڳهہ وٺي ويهي رهيس ۽ ادا موسيٰ بہ پاڻي ڪٺي آيو ۽ ڪيس بہ سيٽ ڏنيسون، اندازن اهيو ٽائيم وچين نماز جو ٽي چڪو هو ليڪن وچين سيني مسافرن قضا ڪئي ۽ بس آهستي آهستي طريق ابراهيم خليل تان هلڻ لڳي، بس خانہ ڪعبہ تي جو آخري نظر پئي بس وجداني صورتحال ٿي ويئي، پاڻ کي زبردستي قابو ۾ رکيوسين ۽ سفر مدينہ طيب جو شروع ٿي ويو مڪي شريف مين بس کي آهستي آهستي ڦيرائيندا ۽ تمام سلو اسپيڊ ۾ شهر مان ڦرندا گهرندا تقريبن مغرب جي وقت مڪي شريف کان نڪري ۽ روانا ٿياسون جا بلو ملڪ شام جو ٽائيم جبل ۾ هڪ ٻن جڳهين تي اٺ ڏناسين، شام واري سج جي ڪرڻن تي اٺن جا وار ائين پئي چمڪيا جڻ تہ اهي اٺ سون مان ٺاهيا ويا هجن ۽ رات جو 12:30 تي مدينہ طيبہ پهتاسين، طريق ستين هوٽل دار شريف عبدالمالڪ ۾ بڪنگ ۽ رهائڻ جو انتظام معلم طرفان ڪيل هو سڄي رستي ۾ مديني جي اڪير هئي، ويجهو اچڻ تي مون ميڪ غزل پڙهيا، معلم جي بس ۾ ميڪ ايمپلفائرٽ لائوڊ لڳل هئا، پوءِ حرم جي نيلن شريفن تي نظر پئي ۽ بهاريون ٿي ويون، خير 28 مئي 2004ع جو ڏينهن بہ ختم ٿيو رات 12 وڳي يعني 29 مئي 2004ع ڇنڇر صبح فجر آذان ٿي، ان ڪان پهرين وضو ڪري حرم نبوي طرف هلي پياسين، ويل چيئر تي اهليہ پڻ گڏ، رستو رات ئي ڏسي سمجهي ڇڏيو هئم پر ان وقت حرم نبوي بند هو ۽ فجر آذان سان گڏ حرم شريف پهچي وياسين، اجان دروازا بند هئا، باب فهد وٽ ٿورو انتظار ڪيوسون ۽ دروازا جن کي باب چوندا آهن، ڪليا ليڊيز کي باب عثمان بن عفان مان سمجهائي موڪليو سون ۽ اسان مرد باب فهد کان اندر داخل ٿياسون باب فهد حرم جي اتر ٻانهين ۾

وچ تي آهي، ساڄي ٻانهين اتر واري ۾ ساڄي هٿ تي باب عمر بن الخطاب ۽ کاٻي هٿ تي باب عثمان بن عفان آهي.

## مديني ۾ رهڻ واريون تاريخون ۽ ڏينهن

6 مئي 2004ع کان 31 مئي 2004ع تائين، ڏينهن ڇنڇر، جمع، خميس، اربع، اڱارو، سومرو، آچر، ڇنڇر.

ڇنڇر جي ڏينهن اڳين نماز کان پوءِ بسون لڳائي ۽ اسان کي جلد ماني کارائي جده شريف پهچايون، انداز 1 وڳي رات جو پوءِ تہ ٽي چار ڪلاڪ رلائي مال سامان بڪ ڪري ۽ رات جي 12 بجي کان بعد بورڊنگ ڪري لائونج ۾ ويهاريائون، وجي فجر آذان کان بہ بعد okڪري ٽڪيٽ جوان ۾ سوار ڪيائون، ڪراچي لاءِ سمجهو تہ 6 جون 2004ع S.Aجهاز تاريخ اتوار ۾ ڪراچي پهچايو، مدينہ طيب جي حرم ۾ داخل ٿيڻ جي سعادت زندگي ۾ پهريون دفعو حاصل ٿي هئي ۽ ادب جو بہ مقام هو، باب فهد کان جتيون سنڀالي رکي ۽ ادب سان حرم کي ڏسندو هر جاءِ کي ادب جي نگاهہ ڏسندو وسڏو باب مجيدي کان اڳتي پر ڇٽين کان بہ اڳتي وڏي جي ترڪن ۾ حرم ۾ داخل ٿيس ۽ کاٻي طرف رياض الجنتہ ۾ وڃي سنتون پڙهي ۽ ادب سان هر زيارت جو جائزو ۽ طريقو ڏٺم ۽ امام صاحب اڳيان کان هڪ خاص دروازي مان داخل ٿيو ۽ تڪبير فرض نماز جماعت جي ۽ مونکي اتي ئي صف ۾ جڳهہ ملي ۽ نماز ادا ڪري ٻين جي پٺيان ادب سان سلام عرض ڪرڻ لاءِ ويس ۽ سلام عرض ڪيم ۽ واپس ساڄئي ادب سان پوئتي ساڄئي باب فهد کان ٻاهر آيس ويل چيئر باب عثمان بن عفان جي اڳيان فولڊنگ بند ڪري رکي ويو هوس اهليہ بہ اتي انتظار ڪري رهي هئي، ادا حاجي موسيٰ جن بہ آيا ۽ ٻاهران جائزو وٺڻ لاءِ سيئي رفيق حرم جي اولهہ طرف هلڻ لڳاسون، دنگ ڪري ۽ حرم شريف جي الهندي ٻانهين وٽي ڏکڻ طرف گمبذ خضرا جي زيارت ڪيوسون، ٿورو اڳتي ٿي ٻاهران ٻاهران مقام جنت البقہ زيارت ڪئي سون ۽ حرم کي ڀهران ڦرندا ساڄئي باب فهد کان هوٽل

دارشريف عمارت جي وچان اچي پھتاسين، ناشتو ڪري ۽ معلم جي بس آئي ان ۾ سوار ٿي زيارت لاءِ ھليا سين، طريف آئِون تان سڌا جبل اُحد جي زيارت جبل روما جي زيارت ڪري ۽ سيد شُھداءِ حضرت امير حمزه رضہ تعاليٰ عنہ ۽ ٻين اصحابين لاءِ قُل پڙھي دعا گھري سون اتي ڪجھ جڙي ٻوٽيون بہ وڪامن ٿيون، جن کي اسين سنڌي ۾ سُتيون سڏيندا آھيون ۽ پوءِ بس ۾ سوار ڪري مسجد قبا اول مدينہ مسجد قبلتين، مسجد جمع، وادي شفاءَ، خندق جي لڙائي واري جاءِ، ڪتل ۽ کجين جو ڪارخانو باغ حضرت سلمان فارسي، پراڻي ريلوي اسٽيشن ۽ ٻيون زيارتون ڪرائي ظھر نماز کان پھرين جڳھ ھوٽل دارشريف تي ڇڏي ۽ فارغ ٿيا ۽ اسان عبادت رياضت ۽ خريداري لاءِ آزاد ٿياسين، ڇو جو ھاڻي اسان جي پيڪيج جا صرف 5 ڏينھن وڃي بچا ھئا، ظھر نماز آذان سان حرم شريف پھچي نماز ادا ڪري ۽ واپس جڳھ تي اچي ماني ملي معلم طرفان ڪائي آرام ڪيو سون ۽ حاجي محمد علي جروار ڳوٺ پانڌي خان جروار ميروخان لاڙڪاڻي وارو منھنجو رت عزيز آھي، ڪيس فون ڪيم ۽ ائڊريس پتو ٻڌايم تہ وچين نماز تي اھو بہ پھچي ويو ۽ ويل چيئر سميت حرم کي ويجھو ڪجھ ٿورو خريداري ڪئي سون، نماز وچين حرم ۾ پڙھي اھليہ کي سلام شريف جو سمجھائي موڪليم ۽ سلام پڙھي آئي ۽ مغرب نماز حرم ۾ پڙھي طريقي ستين تي ئي ھڪ ھوٽل تي ماني ڪارائي ادا حاجي محمد علي جروار اڳين ڏينھن لاءِ پڻ سندس جڳھ تي ماني جھليائين ۽ پروگرام طئي ڪري حاجي محمد علي جروار سندس جاءِ تي ويو ۽ اسان پنھنجي طريقي ستين ھوٽل دارشريف آياسون ۽ اتي ھوٽل ۾ اسان کي بہ ڪمرا گڏ رفيقن کي مليل ھئا، ھڪ ۾ اسين چار مرد ۽ لڳ واري ٻئي ڪمري ۾ اسان جون چار مايون ھيون ۽ پوءِ پاسي ۾ ٻيا حيدرآباد جا دوست مستري عارف جيڪي منھنجي موٽرسائيڪل جو ڪم حيدرآباد ۾ ڪندا ھئا، اھي بہ مليا پاڻ بہ عمري شريف تي ٻارن سميت آيل ھئا.

30 مئي 2004 ڏينهن آچر صبح کان شام مغرف ۽ عشاءِ تائين 5 ئي نمازون جماعت سان پڙهيوسين، جنت البقيہ جي زيارت ڪيم، سامهون 4 مسجدون جيڪي حرم شريف کي بلڪل ويجهيو آهن، هڪ هڪ ڪري زيارت ڪري آيس، ويل چيئر تي اهليہ بہ گڏ هئي.

1. مسجد غمام
2. مسجد سيدنا علي ابن ابو طالب رضہ
3. مسجد سيدنا ابو بڪر صديق رضہ عنہ
4. مسجد سيدنا عمر بن الخطاب رضہ عنہ (ان جي لڳ مرڪزي بريد مدينہ المنوره پڻ آهي)
5. مسجد سيدنا ذوالنورين
6. مسجد بلال
7. مسجد عجابہ
8. مسجد امام بخاري رضہ عنہ
9. مسجد سيدنا ابوذر غفاري رضہ عنہ

اهي مٿيون سڀ زيارتون حرم جي چوطرف بلڪل ٿوري پنڌ تي آهن.

جن مان بہ مسجدون سيدنا صديق اڪبر رضہ الله عنہ ۽ مسجد سيدنا عمر بن خطاب پراڻيو ۽ هڪ قبي ۽ هڪ مينار سان ليڪن بند باقي کلڻ جهڙيون هيون، ليڪن هنيون بند، مسجد سيدنا ذوالفورين بہ بند هئي، مسجد بلال کليل هئي ۽ نفل پڙهيم، مسجد عجابہ بہ کليل هئي نفل پڙهيم ۽ مسجد امام بخاري رضہ بند هئي، نماز وقت تي کلي ٿي، مسجد سيدنا ابوذر پڻ ٽائيم تي کلي ٿي.

مٿين سڀني مسجدن شريفن جا سن ريپيئر لکيل هئا ۽ مون بروقت واري ڊائري ۾ نوٽ ڪيا آهن. وڌاءُ سبب اتي سن نوٽ نہ ڪيا اٿم، پنجئين وقت نماز باجماعت حرم شريف ۾ ادا ڪئي سون ۽ سلام شريف پڙهيا سون،

حاجي محمد علي بہ مغرب تي پهچي ويو ۽ اسان کي عشاءِ نماز بعد سندس جڳهہ تي وٺي ويو اتي سندس پاءُ حاجن ۾ مختيار هئا. جيڪي پڻ منهنجا عزيز ٿين، ٿيئي ڄڻا گڏ رهيل آهن، پاڻ ماتا مزيني ۾ رهندا آهن، حاجي محمد علي دوست رند صاحب جي ڪار وٺي آيو هو اسان کي جڳهہ تي پهچائي واپس ويو ۽ صبح فجر آذان وقت واپس ڪار ڪاهي آيو ۽ هو مونکي اهليہ سميت ڪٺي حرم مدينہ ۾ فجر نماز تي پهچائي ويو رات ادا حاجي محمد علي، حاجن ۾ مختيار سان ڪچهري ٿي، زيارتن ۽ ڳوٺن جون خبرون ٿيون، ماني پاڻ هٿ سان ٺاهي هيائون، گڏجي ڪاڏي سون ۽ رات اتي رهياسين، فجر آذان مهل اسان کي واپس حرم شريف ۾ رند صاحب جي گاڏي ڇڏي ويئي.

31 مئي 2004ع سومر فجر نماز جماعت سان پڙهي ليڪن سفر ۾ روڊ تي هڪ سنگل جي بتي ڳاڙهي ٻري پئي ۽ انتظار ڪرڻو پيو جيسين سائي بتي ٻري، ان وقت فجر جو روڊ چارئي پاسا خالي هئا ڪو هڪ بہ گاڏي چونڪ ڪراس ڪيو هو پر بتي ڳاڙهي قانون تي عمل سو بيٺا رهياسين، جيسين سائي بتي ٻري پوءِ هلياسين، جماعت فجر جي شروع ٿي ويئي ۽ جتي مدينہ شريف حرم جي ٻاهران زم زم جو پاڻي لين ڪري قطار ۾ ملندو آهي، اتي صفن ۾ جڳهہ ملي ۽ اهليہ کي ڪجهہ وکن تي ماين سان جڳهہ ملي ويئي، رند صاحب ۽ حاجي محمد علي بہ اسان سان جماعت ۾ نماز پڙهي، فارغ ٿياسين تہ گاڏي مان ويل چيئر رند صاحب ڪيڍي ڏني، جيڪا فولڊ ٿيل ڊڪي ۾ رکيل هئي، وضو حاجي محمد علي جي جاءِ تان ڪري آيا هئاسين، رند صاحب اسان کان فارغ ٿي هليو ويو ۽ حاجي محمد علي اسان سان گڏجي هليو ۽ هوٽل تان ناشتو ڪرائي پوءِ پاڻ سيٺ جي ڪم سان ويو ۽ شام جو پروگرام ملڻ جو رکيائين، پاڻ ۽ مختيار توڙي انور پٽ غلام رسول خان جروار جو گڏجي آيا ۽ مليا، ڪجهہ سامان خريد ڪيائون، ڇو جو هيءَ عربي ٻولي ڄاڻن ٿا، جيڪا اسان کي ڪانہ اچي، ناشتي کان بعد رهڻ واري

هوٽل تي وياسين ۽ ادا حاجي موسيٰ وارن سان ملي ۽ حاجي درياءَ خان لنڊ حاجي سعيد خان لنڊ جو پاءُ اسان جي پاسي جو آهي، ان سان فون تي رابطو ڪيوسين، پاڻ مليو ۽ شام اچڻ جو چيائين. آيو مليو ساڻس گڏ حاجي موسيٰ جو ڪم حاجي رمضان درس سان آهي، جيڪو پڻ حاجي درياءَ خان لنڊ جي معرف ڪٿي ڪم پيو ڪري، ان سان ملڻ لاءِ حاجي موسيٰ درس چيو خير نماز وقت ويل چيئر تي اسان سڀ گڏجون ۽ حرم شريف وڏن عمارت جي وچان جلد پهچو ويچون، مايون ماين جي پاسي حرم ۾ باب عثمان بن عفان رضہ کان ۽ اسين مرد باب فهد کان داخل ٿيون ۽ نڪرون، مردن لاءِ هر وقت حرم ۾ رياض الجنتہ ۽ سلام شريف لاءِ ڪا ٽائيم جي پابندي نہ هئي، البت عورتن لاءِ صبح 10 وڳي کان بعد ۽ وچين نماز وقت ٽائيم هو جيڪو پيي ادا ڪيوسين ۽ ويل چيئر ئي بازار مان بہ چڪر هڻيو ٿورو ڪي گهڻو ريزڪي خريداري بہ ڪريو اچون، پنجئي نمازون حرم شريف ۾ پوريون ڪيوسين.

1 جون 2004 صبح اڳارو فجر نماز کان عشاءَ تائين پنجئي وقت جماعت سان حرم شريف ۾ نماز باجماعت ادا ڪريو اچون، البت مرد هڪ ٻئي کان جدا ٿيو ويچون، جيڪي پوءِ اچيو ٻاهر باب فهد تي گڏجيو سڀ ڪو پنهنجي پنهنجي حال سارو خريداري ڪي لڳو پيو هو 10 وڳي صبح حاجي درياءَ خان لنڊ آيو ۽ اسان ڪي وٺي حرم شريف ۾ اندر ڪجهہ زيارتون ڪرايائين، پاڻ ٻڌايائين تہ باب مجيدي کان پوءِ حرم نہ هو تہ آئو آيل آهيان هن وقت باب مجيدي کان الاهي ڪيترو وڌائي ڇڏيو اٿن. پوءِ حرم ۾ اندر ئي باب مجيدي لڳ مٿي سيڙين تي وٺي ويو ۽ اتي ٽن منزلن ۾ ميوزيم لائبريري هئي، هڪ هڪ ڪري گهمايائين ۽ ڏيکاريائين. جن ۾ قديم قرآن شريف جا نسخا، حديثن جا ڪتاب ۽ ٻيا ديني ڪتاب لاتعداد رکيل هئا، مطالع ڪرڻ وارا خاموش مطالعي ڪي لڳا پيا هئا ۽ هڪ منزل ۾ حضرت محمد مصطفيٰ صہ جن جا تبرڪات رکيل هئي، شجرو مبارڪ بہ لکيو پيو هو ان

جي بہ زيارت ڪئي سون ۽ واپس جڳهہ تي آيا سون ۽ وري نماز جي وقت تي ويل چيئر اهليہ سميت حرم شريف ۾ جڳهہ دارشريف وڃين نماز کان بعد ٻارن کي سمجهائي ۽ مان مقام جنت البقيہ جي زيارت لاءِ ويس ۽ زيارت ڪري واپس آيس ۽ شام جي چانهہ لاءِ پابندي سان حرم شريف کان اوپر طرف پاڪستاني هوٽل تي چانهہ پيئڻ ويندا هئاسين، اتي هوا بہ ڪليل لڳندي آهي، ڪجهہ وقت ويٽ ڪري ۽ بعد وري مغرب نماز لاءِ حرم پاڪ جماعت سان پهچبو هو، وضو گهران يعني هوٽل دارشريف مان ڪري ايندا هئاسون، جيڪڏهن وڏيڪ ضرورت ٿيندي هئي تہ حرم تان ٻاهران جيڪي حمام هئا، مردن جا الڳ ۽ عورتن جا الڳ انهن کي استعمال ڪندا هئاسين، 5 ئي نمازون حرم ۾ پابندي سان ادا ڪيوسين، ماني بہ پابندي سان معلم جي منجهد مشروبات سميت ملندي هئي، ٻيا دوست ۽ عزيز جيڪي مدينہ طيب ۾ رهيل آهن، انهن جي بہ ماني ڪائون ٿا، رات پنهنجي جڳهہ طريق ۾ ستاسين.

2 جون 2004ع اربع ڏينهن ويل چيئر تي فجر نماز حرم ۾ پڙهي جڳهہ تي اچي ناشتو ڪري ۽ ڪجهہ ويجهون زيارتون جيڪي پهرين بہ ڪري چڪا آهيون، انهن تي وري زيارت ڪريو اچون ۽ ڪجهہ تفريح ۽ ڪجهہ خريداري بہ ۽ وري اچي جڳهہ تي آرام ڪريون، جتي اي سي سميت سڀ سهولت هئي، حاجي محمد علي، محمد انور، مختيار جروار، حاجي درياءَ خان لنڊ، مولوي حاجي مڪي ورياهہ بہ ايندا هئا، ڪڏهين ماني جو ويلو ڪٽيو ايندا هئا، سيني رفيقن لاءِ تہ ڪڏهن ڪجهہ تحفا پيش ڪندا هئا، سندن وڏي مهرباني هئي، مالڪ جا ڪرم هئا، حاجي مدني انهن تاريخن تي ڳوٺ پنهنجي صاحب خان جروار موڪل تي ويل هو ۽ اسين سندس پراڻو دوڪان جيڪو حرم کان اوپر طرف پراڻي بازار ۾ هو، عطا الله سعاتي جي نالي اتي وڃي همراهہ سيٺ ۽ سندس نوڪر جيڪو بنگالي ڇوڪرو هو ان سان ملي دوڪان بازار گهمي ۽ حاجي صاحب جو گهر جيڪو هن وقت

حڪومت ڊاهي علائقو صاف ڪري ڇڏيو آهي، بنگالي ڇوڪري گهر جي جڳهه ڏيکاري حرم کان جيڪو رستو ڪجهه پاسيرو اوڀر طرف مسجد عجاب ڏانهن وڃي ٿو ان جي ڪبي هٽ تي هو ڏنوسين، ۽ ويل چيئر تي اهليه سميت سوق انصار ۽ ڪورٽ جي پريان سوق طمور گهمي وري جڳهه تي آياسين، نماز وري به جماعت سان حرم پاڪ ۾ سلامن تي حاضري باقائدگي سان ادا ڪندا اچون، منجهد ڪجهه آرام ڪري وري وڃين نماز جي آذان سان اهليه ويل چيئر تي حرم شريف ۽ پوءِ پاڪستاني هوٽل جي چانهه روز جو معمول هو ۽ شام جو ادا حاجي محمد علي آيو ۽ ڪجهه خريداري ڪئي سون، وري مغرب نماز ادا ڪري ۽ ڪجهه خريداري ڪئي سون، ادا حاجي محمد علي جروار ٻولي عربي جو ڄاڻو آهي، سون جا اگهه وزن ۽ رقم سمجهيو وڃي، چوڙيون، سونيون منڊيون ۽ ڪجهه ٻيو سامان خريد ڪري ۽ جڳهه تي وياسون ۽ وري عشاءَ جي نماز لاءِ حرم شريف وياسون، نماز کان پوءِ ادا حاجي محمد علي جروار صبح جو پروگرام رکي واپس ويو ۽ اسان ماني رفيقن سان کاڌي، ڪچهري ڪري ۽ رات جو آرام ڪيو. راتيون تمام ننڍيون ۽ ڏينهن تمام وڏا موسم به مئي ۽ جون جي هئي، پر اي سي جي سهوليت رهائش تي به ۽ حرم ۾ به ڳالهه ئي ٻي هئي.

3 جون 2004ع ڏينهن خميس معمول مطابق پنجئي نمازون جماعت سان حرم ۾ ۽ درود سلام پيش ڪرڻ ۽ حرم ترڪن وارو ۽ موجوده جو جائزو وٺڻ ۽ گهمڻ خريداري اڄ صبح سان، ادا حاجي محمد علي جروار، محمد انور جروار ۽ مختيار جروات گڏجي آيا، تحفا ڪٽي آيا، ٻه ڊبل بيڊ ڪمبل منهنجي اهليه جاءِ ۽ ٻارن جا ڪپڙا محمد علي ڏنا، محمد انور منهنجا ڪپڙا هڪ وڳو منهنجي اهليه لاءِ وڳو ڪپڙن جو محمد انور جروار ڏنو، مختيار جروار به منهنجي لاءِ وڳو ڪپڙن جو ۽ منهنجي اهليه کي وڳو ڪپڙن جو ڏنو، علاوه ويلو ماني جو به نهيل، بوتلون پيپسي جون انبن جو جوس، وڏيون بوتلون ڪٽي آيا، سندن وڏا ٿورا آهن، لاهجن نه ته به ڳائجن پلي،

ڇو جو مان هتان پاڪستان مان سندن لاءِ ڪو خاص تحفو نہ کڻي ويو هوس، مڙئي سنڀال خاطران ۾ بہ مونکان مختيار وسري ويو هو ڪيس ڪجھ بہ نہ ڏنو هيم، پوءِ بہ سندس ٿورا آهن. ادا موسيٰ درس اڄ حاجي درياءَ خان سان گڏجي حاجي رمضان درس سان ملڻ ويو هو سندس ڀار منهنجي ڀارن سان گڏ رهيل آهن.

مٿين ڀائرن سڄو ڏينهن ڪچهري ڪئي ۽ ماني ڪارائي موبائيل فون تي ڳوٺ ڳالهہ ٻولهہ ڪرايائون، ظهر نماز ادا ڪرڻ کان بعد محمد انور ۽ مختيار موڪلائي ويا ۽ ادا حاجي محمد علي جروار عشاءَ بہ پڙهي پوءِ ويو.

ظهر نماز کان واپس ايندي حاجي درياءَ خان لنڊ ۽ مولوي حاجي مڪي ورياهہ گڏجي حرم کان عمارت جي وچان آياسون، ڇانهيون رکي گاڏي اچي لٿي هئي، بس مولوي حاجي مڪي ورياهہ بہ چار ننگ خريد ڪيا ۽ اسان جي دارشريف تي کڻي آيا. نئين ڇري بہ خريد ڪري آيا. حاجي درياءَ خان وڃڻ تي ۽ اسين ڪائڻ تي، ڇا ڪائبو مڙئي چسڪو ورتوسين، آرام ڪري وري وچين نماز ۽ سلام تي وياسون. ادا حاجي موسيٰ جاءِ منهنجا ڀار گڏ وني هليس، تي ئي ٽائيم شام ادا حاجي موسيٰ بہ اچي ويو. رمضان درس جي خير خيريت معلوم ڪيم ۽ رات جو آرامي ٿياسين.

4 جون 2004ع جمع ڏينهن فجر نماز سلامن کان فارغ ٿي جڳهہ تي پهچي غسل ڪري جمع نماز جي تياري ڪري جڳهہ تان ئي وضو ڪري ۽ آذان کان پهرين حرم شريف پهچڻ جي ڪئي سون. باجماعت جمع حرم شريف ۾ ادا ڪيوسون. اڄ جمع جو ڏينهن هئڻ ڪري ۽ اسان جي بہ سفر جو آخري ڏينهن ڇنڇر هو سيئي دوست ڀائر اچي گڏ ٿيا ۽ نماز کان بعد دارشريف ۾ ڪچهري ٿي، جن ۾ حاجي محمد علي، محمد انور، مختيار جروار، حاجي درياءَ خان، مولوي حاجي مڪي ورياهہ هئا. هوٽل دارشريف ڪمري ۾ اي سي پئي هليو ۽ خبر چار ڪچهري بہ وري ڪجھ آرام ڪري وچين نماز حرم شريف ۾ پڙهي، پاڪستاني هوٽل جي ڇانهہ ڪجھ گهمي

ڦري مغرب نماز حرم ۾ ادا ڪري ۽ ڪجهہ خريداري ڪري عشاءَ پڙهي پوءِ جڳهہ تي آياسين، اڄ وري اتفاق سان رئيس دوست علي خان کوکر جو دوست حاجي محمود جلباڻي سکر وارو جيڪو پڻ ٻارن سميت عمري تي آيل هو، حرم ۾ ملي وياسين، هڪ ٻئي کي سڃاتو سون ۽ خوش ٿياسين، رئيس دوست علي کوکر جي ڳوٺ اسلام عليڪم ٿيل هو ۽ هڪ ٻئي جا ڏٺل هئاسون، ڏاڍا خوش ٿياسون، عجيب اتفاق منهنجي اهليہ بہ حرم ۾ سندس ٻارن سان ملي ڪپڙن سنڌي لباس ۾ هڪ ٻئي سڃاڻي ويون ۽ ڪچهري ڪيائون، رئيس دوست علي کوکر جي ۽ منهنجي حوالي سان هڪ ٻئي سان واقفيت ڪيائون، بعد ۾ اسان کي بہ سڀ معلومات ملي مايون بہ هڪ ٻئي سان ملي خوش ٿيون، ائين اڄوڪو ڏينهن بہ گذري ويو، رات جو ڪجهہ آرام ڪيوسون.

اڄ ٿي ڏينهن جو وڃي سوق التمور مان ڪجي ڪتل خريد ڪري آيو هئس.

5 جون 2004ع ڇنڇر فجر نماز حرم ۾ ادا ڪري سلام پڙهي ۽ واپس جڳهہ تي اچي ناشتو ڪري پروگرام مطابق آخري تياري کي لڳي وياسون، ڪو ٻارن جا رانديڪا ۽ ڪجهہ تسبيحون ۽ مصلا اڳئي خريد ڪيل هيون، رهي ڪثر بہ پوري ڪئي سون، ادا حاجي موسيٰ جا ٻار ۽ منهنجا ٻار ويل چيئر تي ڪٽي سوق افصار پراڻہ بازار خريداري ڪندا ۽ عمارت جي وچان خريداري ڪندا، 11 وڳي تائين واپس جڳهہ تي آياسون، حاجي درياءَ خان لنڊ هڪ موبائيل فون راءِ مونکي گڏ مولوي حاجي مکي ورياهہ جي ڪار ۾ وني ويو ۽ هڪ رنگين موبائيل خريد ڪري حاجي سعيد خان لاءِ ڏنائين، واپس جڳهہ تي آياسين، ادا حاجي محمد علي جروار بہ آيو هو، سامان جي پيڪنگ حاجي محمد علي ۽ حاجي درياءَ خان ڪئي، ڪپڙا، ڪجيون ۽ ٻيو وزن دار سامان بہ بيگ ٿاهي ان ۾ لڳايائون ۽ رانديڪن ۽ نازڪ سامان جو الڳ هينڊ بيگ تيار ڪري ڏنائون، پاڻي جا ڪين الڳ

هئا ۽ اهڙي طرح ادا حاجي موسيٰ جا ٻه سامان پيڪ ڪري اسان کي سفر جي آساني ڪري ڏنائون ۽ اڳئين نماز ۽ وچين نماز پڙ حرم ۾ ادا ڪئي سون، سلام پڙهياسون ۽ تياري ٻه مڪمل ڪئي سون، وچين نماز کان بعد معلم جون بسون دارشريف اڳيان لڳيون ۽ اسان کي سامان سودا ڪري رکي ڏيئي ۽ ادا حاجي محمد علي جروار ٻه موڪلائي روانو ٿيو ۽ اسان جي بس ٻه آهستي آهستي مديني شريف جي شهر مان هلڻ لڳي حسرت ڀريئي نگاهن سان گمبد خضراءِ حرم شريف جون نيلون ڏسندا ۽ مديني شريف جي سکن کي ياد ڪندا، جده پورٽ لاءِ اڌ منزل تي ماني کارايائون ۽ مغرب وقت جده پورٽ تي لاهي ۽ بسون وبون هليون، اسين سامان گهريندا سهريندا هڪ ڪائونٽر تاڃي تي ايئن سامان بُڪ ٿيو، ٿوڪن لڳا اسان کي وري ٻي طرف چيڪنگ ڪندا هڪ ڪائونٽر تان ٻي تي ۽ رات 12 وڳي ٿيا ته بورڊنگ ڪري لائونج ۾ ويهاريائون، جتي هڪڙي ننڊ ٻه ڪري وياسون، ائين شايد 5 ٿيا ته هڪ جهاز ايس اي جوان مين سوار ڪري سفر ڪراچي جو شروع ٿيو، جهاز ۾ ناشتو مليو ۽ اهيا رات 12 وڳي کان تاريخ 6 جون 2004ع تي چڪي هئي، صبح ڪراچي ايئرپورٽ تي ڪو 8 وڳي صبح هو ته جهاز پهتو ٻه ٿي ڪلاڪ ڪائونٽر بعد ۾ سامان جنهن ۾ منهنجي اهليه واري ويل چيئر شاٽ ٿي، جنهن اسان کي ٻه ڪلاڪ سيڙپ ڪرائي، حاجي رسول بخش درس ۽ منير احمد جوکيو مدد ڪرائي سامان ٻاهر ڪڍايو ۽ پوءِ همراهن سان ملياسين، جيڪي ٻه مبارڪباد ڪرڻ آيا هئا، اهيا تاريخ 6 جون 2004ع آچر ڏينهن هو سمجهو وڃڻ واري تاريخ 23 مئي 2004ع ۽ اچڻ جي تاريخ 6 جون 2004ع اسان جي 15 ڏينهن ٿيا پورا، خير شڪر الحمد الله خير جو سفر ڪري ڪراچي ۾ همراهه ڪار ڪاهي آيا هئا، منهنجو ڀاءُ الهه بخش، حاجي اسحاق، راجا پريل حاجي عثمان ۽ اسان ڪار ۾ ڪراچي کان سڌا ڳوٺ آياسين ۽ حاجي اسحاق پوءِ لوڪل ڪري آيو، ڳوٺ خير جو ٻارن سامان سميت شڪر الحمد الله پڙهي، ٻار ۽ سامان گهر

چڏي ۽ مسجد شريف مدينہ مسجد ڳوٺ الله بخش جروار ۾ وضو ڪري ۽ شڪرانہ جا نفل ادا ڪري دعا گهري ۽ گهر آيس، سيني ڀارن سان ملي ۽ اوطاق تي مبارڪباد ملڻ وارا آيا، شوڪت علي ٻڌايو تہ ٻاهر هلو ۽ اهيو ٽائيم پاڪستاني ڪو 2 لڳي 30 منٽ منجهند جو هو اوطاق تي ڀائرن، دوستن کان مبارڪباد موصول ٿينديون رهيون، الله سائين جا ڪرم آهن بندي کي کهڙي طاقت آهي.

ڏاتار تہ تون، ٻيا مِڙئي منگتا،
مينهن مدائتا وسن، پر سدا وسين تون،
جي راضي ٿئين تون، تہ ميرو ئي مانَ لهان.

# فرضِ حج

اڳين سال 1424ھ حج جا پئسا پيارا هيم. اهليہ سميت ڪرعہ اندازي ۾ نالو ڪونہ آيو ۽ حج گذري ويو. سڪ ۾ بنا دير عمري شريف لاءِ هليا وياسين، عمرو شريف ڪري واپس آياسين. 6 جون 2004ع تي بس مهينو ڪن جي وقفي سان ايندڙ سال هجري 1425ھ تي حج لاءِ پئسا پيارڻ جو اعلان ٿيو اهيا حج فرض جي گذريل سال کان اميد هئي، ويتر سفر زيارتون ڪري آيو هوس، اجان بہ سڪ وڌي ويئي، گهر جو ڪاروبار منهنجي پٽ شوڪت علي خان حوالي ڪري ڇڏيو هيم. جوابداريون بہ ڪونہ هيون، ڇو جو بابا سائين جي وقت کان جيڪي بہ لون وغيره هئا. لاهي آجو ٿيو هئس ۽ شريعت محمدي مطابق ملڪيت ترڪي مطابق ۽ حج جي نسبت ڪيم اعلان جي آخري تاريخ تي شام جو پئسا پيارم منهنجي اهليہ انتهائي عليل هئڻ ڪري پاڻ سفر لاءِ ڪانہ سنبري ۽ مونکي اجازت ڏنائين تہ اوهان يلي حج پڙهي اچو ۽ مون تياري ڪئي، حبيب بئنڪ ٽنڊوالهيار برانچ ۾ هڪ لک بہ سئو پندرنهن روپيا پياريم تاريخ 26 جولاءِ 2004ع شام تقريبن 4 لڳي 30 منٽ ٿيا هئا تہ رسيد ورتم. اهيا گورمينٽ حج اسڪيم تحت آخري تاريخ هئي، شام دير جو سبب اهيو هو جو حاجي خادم حسين ولد ماستر محمد رفيق جروار مون سان گڏ ٽڪيٽ پياري حج جي

سفر ۾ منهنجو رفيق ٽيو ڪيس حاجي خدا بخش ولد عبدالرحيم خان جروار جي همٿ افزائي ڪئي هئي، ان ڪي ڳوٺ داد خان جروار کان پهچڻ ۾ دير ٿي هئي ۽ مان جناب مئنيجر صاحب حبيب بئنڪ ٽنڊوالهيار برانچ کي عرض ڪيو ته اڪائونٽ بند نه ڪريو منهنجو رفيق به پئسا ڪٽي اچي ٿو. اسان جا پئسا پنهي چڙن جا گڏ جمع ڪريو ۽ پاڻ مهربان ٿيا ۽ اڪائونٽ دير تائين ڪليل رکيائون جو حج جي پئس جي اڄ آخري تاريخ هئي، حاجي خادم حسين به پهتو ۽ ساڳئي تاريخ 26 جولائي 2004ع تي سندس به پئسا پياري رسيدون وٺي آياسين. هاڻي بئنڪ ۽ سرڪار جو ڪم هو. اسين واندا ٿي وياسون. وقفن وقفن سان بئنڪ سان رابطو ٿيندو هو ۽ ٻڌايائون ته توهان جو گروپ 10 ماڻهن تي مشتمل آهي ۽ گروپ ليڊر حاجي محمود درس ڳوٺ محمد عرس درس ديهه بڪيراڻي وارو آهي ۽ گروپ ۾ شامل حاجي صاحبن ڊاڪٽر حاجي محمد الياس سريوال چمبڙ. حاجي محمد ياسين جروار ڳوٺ الهه بخش جروار. حاجي خادم حسين جروار ڳوٺ داد خان جروار. حاجي محمود درس. ماءُ ۽ مامين سميت ڳوٺ ويل آهي، محمد عرس درس. فقير حاجي اقبال ٽنڊوالهيار. حاجي جعفر بوزدار اهليه ۽ همشيره سميت ڳوٺ ڏڱاڻو بوزدار ۽ بس انتظار جو وقت قرعه اندازي تي اسان جو گروپ حج لاءِ ڪامياب ٿيو. ائين 6 مهينا گذريا ۽ 9 جنوري 2005ع تي حاجي ڪئمپ ٽڪن سامان ۽ پئسا توڙي پاسپورٽ ۽ هدايتن گهرايائون. وياسين ۽ پئسا، سامان حاجي ڪئمپ ڪراچي کان ڪٽي واپس پنهنجي پنهنجي ڳوٺ شام جو موٽي آياسين. 10 جنوري 2005ع ڳوٺ رهي سيني عزيزن ۽ دوستن سان ڪچهر ڪري گذاريوسين. ايندڙ ڏينهن 11 جنوري 2005ع تي فلائيٽ هئي. 11 جنوري 2005ع تي سيڪو رفيق پنهنجي ڳوٺان نڪتو ۽ مان به وين گهرائي ظهر نماز ڳوٺ پڙهي سفر آسان لاءِ شڪرانه جا نفل پڙهي 3 وڳي وين ۾ ڪراچي روانا ٿياسين. حاجي اسحاق. حاجي محرم. شير محمد. ابراهيم برفت ۽ ٻيا گڏ هئا.

تاريخ 11 جنوري 2005ع شام مغرب وقت سڄو گروپ ڪراچي پراڻو ايئرپورٽ اسٽار گيٽ وارو جنهن کي حج ٽرمينل طور هلائيندا آهن. اتي پهچي سفر لاءِ سڀ تياريون مڪمل هيون باقي رڳو ٽائم جي دير هئي، جيئن تہ اسان سڀني جو حج ۽ حج تمتہ هو ان ڪري ڪراچي مان عمري شريف جا احرام ٻڌي نفل پڙهي ۽ اندر ڪاغذي ڪارروائي لاءِ سڏ ٿيو تہ سڀني عزيزن دوستن ۽ ساٿين کان خدا حافظ ڪري تلبيہ پڙهندا روانا ٿياسين. اهيو ٽائيم اندازن 10 وڳي رات جو هو ۽ اندر پهرين اسان جا سامان چيڪ ڪري روانا ٿيا ۽ بعد ۾ اسان جا ڪاغذات پاسپورٽ ٻانهن جا ڪڙا بہ پاتل هئا، اهي اسٽيل جا هئا. مٿن اسان جو نالو ۽ پاسپورٽ وغير درج ٿيل هئا. ضروري سرڪاري ڪارروائي کان پوءِ اندر ويهاري ڇڏيائون. رات جو 1 لڳي 45 منٽن تي تاريخ 12 جنوري 2005ع تي چڪي هئي ۽ هوائي جهاز ۾ موڪليائون. پي آءِ اي جو هوائي جهاز هو حج پرواز نمبر پي آئي اي. پي ڪي 1353 ۾ سوار ٿياسين. آخري وقت ڀهر ادا محمد امين جروار، حاجي اسحاق. ابراهيم برفت. ۽ منير احمد جوکيو گڏ رهيا. رات جو پاڪستان وقت 2 وڳي هوائي جهاز سفر شروع ڪيو ۽ پاڪستان ٽائيم 5 لڳي 45 منٽن تي جده ايئرپورٽ تي لٿو ۽ اتي اجا وڏي رات هئي، بتين جي روشني ۾ رات جو احساس ئي نہ ٿيو ضروري چيڪنگ ۽ ڪاغذات جي انٽري ڪري فارغ ڪيائون ۽ سامان جا ٿيلها تلاش ڪري سڀني پنهنجا ڪنيا. هاڻي جده شريف ۾ فجر جي آذان ٿي، ڪنهن نماز پڙهي، ڪنهن ڪو نہ پڙهي، هڪ ٻئي جي آسري پورٽ کان ٻاهر ٿياسين. موسم جنوري ٿڌي هئي. رات وڏي ڏينهن نندو هو ٻاهر معلم جا ماڻهو لسٽ هٿن ۾ ۽ نالا پڪاري پاسپورٽ چيڪ ڪري گڏ ڪري ويهاريائون ۽ بسون اينديون ويون. حاجين کي سوار ڪندا ويا. حاجي سڳورن کي بہ ڪجهہ مڙئي بي صبري ٿئي ٿي سڀ وٺ وٺان ڪٽيو ڪن. ائين اسان جي معلم جون 3 بسون پرجي مڪي شريف روانيون ٿي ويون. مان ۽ حاجي خادم سڀني کي روانو ڪري آخري بس ۾

سوار ٿياسين، اسان گروپ جي ڏهن رفيقن مان فقير حاجي اقبال ۽ مان اڳيئي سفر ڪري آيا هئاسين، باقي 8 ماڻهو اسان جا ڀريين سفر جا هئا، معلم جي ماڻهن کين مڪي شريف ۾ رهڻ واري هوٽل ۽ ڪمري تي پهچائي آزاد ٿيا، هاڻي احرام ٻڌل منهنجي انتظار ۾ هئا، جو مان پنين بس ۾ هئس ۽ وقفو ڪو 2 ڪلاڪن جو هو، ٿڪل ته هئاسون، مگر ڏينهن هو سڀ ڪجهه ڏسندا آياسون، سڌو رستو مڪي شريف ڏانهن ۽ صلح حديبيه جي زيارت ٿي اتي روڊ تي گول ونگ سان وڏو در آهي، جنهن مان ٽريفڪ گذري ٿي، ونگ جي مٿان سيمينٽ سان ٺهيل وڏو ريهل ۽ مٿس قرآن شريف ٺاهيل رکيو آهي، اتان ڪان ڪافي اڳتي هلي ۽ ساڄي هٿ تي هڪ اسٽينڊ ۾ بس کي بيهاري ۽ بادشاهه طرفان بسڪوٽ، ڪٽمنا، چاڪليٽ ۽ زم زم جو پاڻي ننڍي بوتل ڏنائون ۽ هڪ مولوي اچي بس ۾ دعائون سمجهايون، پوءِ بس وري مڪي شريف ڏانهن هلي هتي ٽريفڪ ساڄي هٿ تي هلي ٿي هي رستو شايد 50 ڪلوميٽر جي اندازن آهي، پوءِ بس مڪي شريف جي مختلف سرنگن ۽ روڊن تان ٿيندي اچي طريق ابراهيم خليل تي نفق ربيع ڪان هيٺ بيٺي، اتي منشي هڪ ماڻهو کي ٻانهن ۾ ٻڌڻ جو پٽو ۽ ڳچي ۾ پائڻ جا لاڪٽ پلاسٽڪ جا بند ٿيل پاريا ۽ تبليغ جماعت جي سڌي قطار ۾ سامان کلهي طريق ابراهيم خليل هوٽل جنت السفير ڪمرن ۾ پهچايو سڀ ئي حاجي اڻ واقف ٻيو سڀ ٿڪل مٿان احرام جي پابندي ڪجهه ساهه کڻي معلم طرفان منجهد جي ماني ملي، ڪائي ڪجهه ٿڪ پيجي ۽ عمري جي طواف ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وضو ڪري سڀ گڏجي نڪتاسين، هڪ 202 ڪمري ۾ چار رفيق حاجي خادم حسين، حاجي الياس، حاجي محمود، حاجي جعفر، پرواري هڪ ڪمري ۾ چارئي مايون ۽ ٽئي ڪمري ۾ مان راقم محمد ياسين جروار، فقير حاجي اقبال ۽ ڇٽا نواب شاهه جا حاجي ڪريم بخش خاصخيلي ۽ حاجي مبارڪ پناڻ، ڪمرن ۾ فرج، اي سي، بيڊ سمهڻ لاءِ موجود هئا.

هوٽل جنت السفير بلڊنگ نمبر 8117 روم 90 مسفله خليل وچين نماز جي جماعت ڪان بعد حرم ڪعبه باب ملڪ عبدالعزيز ڪان داخل ٿي ڪعبته الله شريف تي نظر ڄمائي دعا گهري ۽ عمره طواف جي نيت ڪري شروع ٿياسين. حج به ڏينهن تي هو ۽ حجاج به هو مطاف ۾ طواف ڦيرا ڪري مغرب نماز جماعت ۾ ئي اتي پڙهي ۽ طواف جا چڪر پورا ڪري به رڪعتون نفل پڙهي زم زم پي ۽ صفا مروا جي سعي تي وياسون ۽ عشاءَ نماز اتي پڙهي سون. هڪ پڪي وچائجي ويئي. حاجي محمود کي ڇڏي باقي وار ڪٽائي جڳهه تي آياسين. رات جا 11 ٿيا هئا ۽ پوءِ حاجي محمود به پڪي کي ٻولي وٺي آيو ائين سڀني جڳهه تي اچي غسل ڪري احرام لاٿو ۽ ماني معلم ڪان ملي. ڪائي ٿوري ڪچهري ڊاڪٽر حاجي الياس جي ڪمري ۾ ڪري سڀ ٿڪل سو سيڪو سمهڻ جي ڪئي. ڪچهري لاءِ ڊاڪٽر صاحب جو ڪمرو 202 هو ۽ ماني لاءِ پڻ ڪم آٽيندا هئاسون. باقي آرام ڏينهن يا رات سيڪو پنهنجي ڪمري ۾ ڪندو هو.

تاريخ 13 جنوري 2005ع ڏينهن خميس ڪمري مان تهجد آذان تي اٿي غسل ڪري ۽ وضو ڪري اڪيلو ئي رفيقن ڪان الڳ ڪعبته الله شريف پهچي مٿي ڇت تي تهجد پڙهي طواف ڪري ۽ فجر جي آذان آئي ۽ سنتون به اتي پڙهيم. فجر نماز جماعت به مٿي ڇت تي پڙهي. مسفله به جوار مان ناشتو به ڪري جڳهه تي آيس سڀ رفيق مليا حاجي خادم حسين ۽ ڊاڪٽر حاجي الياس به نماز پڙهي جڳهه تي آيا ۽ پروگرام ڪري ڊاڪٽر حاجي الياس ۽ حاجي خادم حسين کي گڏ وٺي ويس. ضرورت جون جڳهيون گهمائي بازار بقاله ۽ صراف دڪان ۽ ٻيون جڳهيون گهمائي سمجهائي ۽ جلدي وري به جڳهه تي اچي ۽ حاجي محمود درس. حاجي خادم حسين کي وٺي حاجي گلزار جتوئي کي ڳولڻ لاءِ شامي طرف نڪري ويس. حاجي صاحب سان اضحيٰ جي سلسلي ۾ ملڻو هو. حاجي گلزار جتوئي نه مليو. ڪيڏانهن ويل هو ۽ اتان هوٽل مان به نقشا حج ۽ زيارت جي گائيڊ جا مليا.

ڪٽي جڳهه تي آياسين. ته وري حاجي ڪريم بخش خاصخيلي، مبارڪ پناڻ چيو ته اسان کي زيارتون ڪرائي اچ. جيڪي نزديڪ هجن ۽ ٿي اچون انهن کي وٺي حاجي خادم حسين سميت مڪتبه مڪ محبوب ڪريم صه جي جاءِ پيدائش زم زم پرڻ جون ٽوٽيون، ڇپرا بازار، مسجد الجن ۽ جنت المعليٰ بند هو. واپس حرم شريف ۾ نماز ظهر پڙهي جڳهه تي آياسين ۽ وچين نماز جڳهه تي پڙهي سون. مغرب ۽ عشاءَ حرم ۾ ڇت تي پڙهي، اسانکي اڄ منجهد جي ماني بادشاهه طرفان هوٽل تي ملي هئي. سيني کي طريقو ورهاست جو عجيب نمونو اٿن هوٽل جي ڪمرن ۾ جيترا به حاجي هئا. اوترا ماني جا پاڪٽ ڪائونٽر تي پهچائي ويا ۽ منشين ڪائونٽر تي ويٺي هر ڪمري جي هڪ ماڻهو کي پاڪٽ ڪمري جا حوالي ڪندا ويا ۽ سيني کي پنهنجو حصو ملي ويو ۽ مونکي به مليو رات ۽ صبح به ڪاڄم رات جو فون ڪيم. مديني شريف، حاجي محمد علي جروار، حاجي مظفر ٽڳڙ سان گفتگوءَ ٿي ۽ وري شوڪت علي کي ڳوٺ فون ڪيم. پر لائين صحيح نه هئي، احوال پورو نه ٿي سگهيو. رات دير تائين جاڳيس، بيگ مان ڪپڙ ڪڍي ميرا لاهي غسل ڪري صبح جمع جو ڏينهن هو. ان ڪري رات ئي ڪپڙا بدلائي ڇڏيم ۽ دير ڪان پوءِ سمهي رهيس، پهرين ڏينهن خادم حسين ۽ حاجي محمود خرچ گڏ ڪيو، پهرين ۽ ٻئي ڏينهن سڀ ڪنهن پنهنجي طرفان به ڪجهه خريد ڪري پيي ڪاڏي، پوءِ حاجي خادم حسين ۽ محمد ياسين ڪاڏي ۾ پتيار ٿياسون.

ٻيا سڀ رات جو جلدي سمهڻ جي ڪندا هئا. آئون دير تائين ڊائري لکي ڪپڙا بيگ سنڀالي پوءِ سمهندو هئس. اڄ حاجي خادم حسين کي گڏ وٺي نفق عبدالعزيز ڪان ڇپرن وارو رستو وٺي معنيٰ ۾ جمراة تان گهمائي واقف ڪري آيس. جمراة جي مرمت پئي هلي اتي مون آفيسرن ڪان نقشن جو معلوم ڪيو نه مليا ۽ حاجي خادم حسين کي سگريٽ پياريائون ۽ آفيسر پاڻ سگريٽ پيتا.

14 جنوري 2005ع سپني ڪان اڳ اٿي پهرين وري ٻ غسل ڪري ڪپڙا بدلائي ۽ حاجي خادم حسين کي اٿاري گڏ وٺي تهجد نماز بعد ۾ فجر نماز حرم شريف جي پهرين طبقي ۾ پڙهي سون ۽ مطاف ۾ طواف ڪري حاجي خادم حسين سميت مسفلہ ۾ ناشتو ڪري جڳهہ تي آياسين ۽ حاجي خادم حسين جروار ڊاڪٽر حاجي الياس جي موبائيل فون تي ڳوٺ ڳالهايو. جنهن ڪري دير ٿي ۽ حرم ۾ جڳهہ جمع نماز جي نہ ملي سگهي ۽ بن دائود سامهون تار سيال ايلاف ڪنده تي ڪلئي آسمان هيٺ مسلو وڇائي نماز ادا ڪئي، سون اهيو ٽائيم 10 لڳي 45 منٽ صبح وارو هو. حجاج سبب ۽ جمع هئڻ ڪري ايترو پري نماز لاءِ ويناسين ۽ جمع نماز 12 لڳي 30 تي ٿي بلڪل ترڪن وارو قلعو باب ملڪ عبدالعزيز کي سامهون جمع نماز پڙهي، حرم ۾ طواف ڪيوسين ۽ ٻاهرا جي مسفلہ ۾ ياڪا هوٽل تي ماني کائي وري حرم ۾ وياسين ۽ وڃين نماز مغرب نماز ۽ عشاءَ نمازون اتي ئي حرم ۾ پڙهيون سين ۽ رات جي ماني کائي جڳهہ تي وياسون. منهنجن رفيقن ٻين پاسي وارن شهدادپور جي حاجين جي صلاح سان هڪ همراهہ نالي عبدالحڪيم بروهي، نواب شاهہ جي پاسي وارن کي گهرائي ڊاڪٽر حاجي الياس واري ڪمري 902 ۾ جتي حاجي خادم حسين. حاجي محمود ۽ حاجي جعفر پڻ گڏ رهندا هئا. عبدالحڪيم بروهي اضحيٰ جي سلسلي ۾ گهرايو. جانورن جي خريد جو طئي ٿيو. باقي قرباني اسين پاڻ اچي روبرو ڪنداسون. حاجن کي مدينہ شريف فون ڪيم ۽ حاجي محمد علي جو پري ٻڌايائين. جبل ڏي آهي، اتي فون گهٽ ٿي لڳي ۽ رات جو سمهي آرام ڪيوسين.

15 جنوري 2005ع ڇنڇر تي رش جي ڪري حج پريل هو. نماز مسجد بخاري جيڪا اسان جي هوٽل جي لڳ هئي، ان ۾ پڙهي سون ۽ ڪپڙا جيڪي ٻن ڏينهن کان لاٿل ميرا پيا هئا. اهي جڳهہ تي ڌوئي ۽ سڪايم. گروپ ليڊر حاجي محمود درس ۽ عبدالحڪيم بروهي پڙي ۾ مال ڏسڻ ويا.

ڏسي پنهنجو ڪري آيا، في پهرو ڇيلا 350 ريال جو سودو ڪري آيا ۽ پوءِ بئنڪ الجزيره وياسين، سڄو ڏينهن رلي ۽ نيٺ بئنڪ پهتاسين ۽ ڊالر مليا هئا، اهي بئنڪ مان ڪيش ڪرائي مغرب کان پوءِ حرم ۾ وڃي عشاءَ نماز پڙهي ۽ جڳهه تي آياسين، ماني وٺيو آيس ۽ حاجي خادم حسين ۽ مون کاڌي، ماني جڳهه تي آٽڻ جي ڊوڙي منهنجي هئي، خادم حسين کان رات جو حساب ڪري پئسا وٺندو هئس ۽ ڪچهري ڪري همراهه منجهي پيا ته سودو وڏو آهي، اضحيٰ جو ۽ ٽائيم تي ماڻهو الاجي ملندو الاجي نه. وڏي مغز ماري ڪري بار مڙئي مون تي رکيئون، ته عبدالحڪيم بروهي کي تون ڊيل ڪر ۽ مون ڪيو ڪيس ڇيم ته اسين مقرر جاءِ جنت السفير ۾ آهيون ڪجهه رقم پهرين ڏيون ٿا ۽ اضحيٰ ڪري باقي بعد ۾ ڏينداسين ۽ عبدالحڪيم کي ميڄائي ورتم، الله جي مهرباني سان.

16 جنوري 2005ع آچر جي ڏينهن صبح به وڳي جاڳي اٿيس، غسل ڪري ڪپڙا بدلائي تهجد تي حرم شريف پهچي نماز پڙهي، طواف ڪري فجر نماز پڙهي، طواف ڪري سج نڪرڻ سان نفل ادا ڪري جنازه نماز به هئي، اها به پڙهيم ٻاهران ناشتو ڪري مسفله مان ۽ حاجي گل محمد سونارو کي فون ڪيم، پي سي او منهنجي سوٽ محمد صالح جيڪو ٽنڊوالهيار ۾ رهي ٿو ان جا ۽ اڪبر خان ولد حاجي رسول بخش جروار جا سلام ڇيم ۽ خيريت دريافت ڪيم.

پکين لاءِ امانت جا مليل ان جا پئسا ڪٽي ان خريد ڪري، پکين کي ڏنم ۽ جڳهه تي آرام به ڪيم پنجئي نمازون حرم شريف ۾ پڙهيم مغرب بعد مولوي مڪي جو واعظ ٻڌم، مطواف ۾ جڳهه تي رات واري ماني وٺي آيس، حاجي خادم حسين ۽ ڊاڪٽر محمد الياس گڏجي ماني کاڌي، ڊاڪٽر صاحب جي ڪمري 902 تي ڪچهري ڪري روزانو جو حساب ڪتاب ڪيوسين، ۽ ڪريم بخش خاصخيلي کي پيٽ ۾ ڏاڍو سور ٿيو ڊاڪٽر حاجي الياس، حاجي خادم حسين ۽ مان گڏجي پاسي واري هوٽل

جوهر جمال ۾ ڪيس ڊاڪٽر صاحب دوا وٺي ڏني، هوٽل جوهر جمال ۾ سائين نثار جان سرهندي پڻ ٻارن سميت رهيل آهي، حج تي آيل آهن، عبدالحڪيم بروهي وري پئسن لاءِ آيو سندس اچڻ مان همراهن کي ويتر هرويرو جو شڪ وڌيو ڳالهيون ساڦس صاف ڪري في حاجي جي اضحيٰ جانور جي سو ٽئي، 100 ريال 15 حاجي ملائي 1500 ريال ڏناسون، جنهن ۾ فقير حاجي اقبال چڏي 9 حاجي اسان جو گروپ 6 حاجي شهدادپور جا جيڪي هوٽل ۾ رهندي ڊاڪٽر حاجي الياس جا سڃاڻو ٿيا ڇو جو شايد انهن ۾ به هڪ ڊاڪٽر هو.

17 جنوري 2005ع سومر صبح تهجد آذان 2 وڳي اٿي غسل ڪري حرم پهتس، تهجد پڙهي طواف ڪري فجر آذان کان بعد فجر جي نماز حرم ۾ پڙهي، ٻاهر اچي مسفله ۾ ڊاڪا هوٽل تان پراٺو ۽ چانهه جو ناشتو ڪري، محمد صالح کي ٽنڊوالهيار فون ڪري پي سي او تان حال احوال ڪري ۽ شوڪت علي کي گهر ڳوٺ فون ڪيم، پي سي او تان حال احوال ڪري جڳهه جنت السفير ۾ آيس، همراهن سان ڊاڪٽر حاجي الياس جي ڪمري 902 ۾ ڪچهري ڪري آرام ۽ ظهر نماز لاءِ حرم ۾ ويس، اڄ مغرب کان بعد اسان جي حج لاءِ مناشريف جي تياري به ڪرڻي آهي ۽ چاچا حاجي علي محمد سومرو ڳوٺ عجائب سومرو چوهڙ جمالي وارو ۽ سائين حاجي محمد دائود نهڙي، حاجي غلام نبي، ڳوٺ منو جروار حاجي نور احمد سونارو ٽنڊوالهيار جا به ڳولڻ لاءِ مسفله ڪدوا ڏانهن ويس ليڪن چارئي همراهه نه مليا ڇو جو مون وانگي سڀني کي حج لاءِ منان ۽ احرام ۽ ضروري تياري ڪرڻي هئي، همراهه نه ملي سگهيا ۽ مغرب ۽ عشاءَ نماز حرم شريف ۾ ادا ڪري ۽ جڳهه تي آيس، هوٽل جنت السفير منهنجو سڄو گروپ به حج جو احرام ۽ حج جي تياري ۾ هو ۽ مان جلد مليو هوس، مون پوري تياري حج بيگ تيار ڪيو هو ۽ جلدي ۾ صرف غسل ڪري ۽ حج جو احرام ٻڌي حج بيگ کلهي ۾ وجهي سڀني کان پهرين احرام حج جي نيت ۽ نفل پرواري

مسجد شريف ۾ پڙهيم ۽ ٻيا رفيق بہ تيار ٿيا ۽ معلم جي منشي بسن تي هلڻ جو ٻڌايو جيڪي هيٺ ٿوري ئي پنڌ تي نفق ربيع جي هيٺيان بيٺل هيون، سڄو حجاج يڪ آواز طلبيہ ۽ صلواة شريف سان گونجيل هو هر هڪ کي پنهنجي لڳل هئي ۽ اسان بہ سڄو گروپ مان ڊاڪٽر حاجي الياس، حاجي خادم حسين، حاجي محمود، حاجي جعفر، حاجي اقبال، امان، مامي، چاچي ۽ پڦي سميت هڪ بس ۾ سوار ٿياسون، ٻيا حاجي بہ وينا ۽ بس منا لاءِ رواني ٿي، ٿوري ئي دير کان پوءِ گهڻو پنڌ نہ آهي، ڪو 3 يا 4 ڪلوميٽر ٿيندا، ليڪن حجاج جي رش ڪري ٿوري دير ٿي ۽ پنهنجي خيمي جي در تي بس لاهي هلي ويئي ۽ ٻين منشين اسان جو سيٽ اپ ٿاهي، سڀني کي هڪ ئي تنبو ۽ پاسي واري ۾ ماين کي رهايو ويو اتي بہ هر سهوليت موجود هئي، نيرن، منجهند ۽ عشاءَ لاءِ ماني وٺڻ جو طريقو عجيب ٽن رنگن جا ٽڪيٽ في حاجي کي سڀني ڏينهن بنا عرفات ۽ مذدلفہ جا پورا پورا ويلا ٽڪيٽن حاجن کي ڏنائون، هر ويلي ٽڪٽ جو رنگ الڳ هو اهي ننڍي چوپڙي وانگي هئا رات منا ۾ گذري.

اڳارو 18 جنوري 2005ع مطابق تاريخ 8 ذوالحج 1425هہ آهي ۽ اسان سڄو گروپ ۽ حج تي آيل سڄي دنيا کان حجاج ڪرام منان شريف ۾ مون سميت سڀني کي هڪ ئي لباس احرام ۾ ملبوس پيرن ۾ بہ ڪنن واري حوائي چمپل ۽ ڳچي ۾ ننڍو ٿيلهو جنهن ۾ پاسپورٽ، شناختي ڪارڊ ۽ ضروري ڪاغذات لاڪٽ ڳچي ۾ پاتل، هڪ ٻانهن ۾ اسٽيل جو ڪڙو جنهن تي نمبر لڳل آهن، ٻي ٻانهن ۾ معلم صاحب جو ڏنل پٽو جنهن تي پڻ ضروري نمبر لڳل آهن، سڀ هڪ ئي آواز لبيڪ لڳي پئي آهي ۽ اڄ جو ڏينهن مونکي منا شريف جي زيارت لاءِ واندو ملي ويو ۽ فجر نماز مسجد خيف ۾ ادا ڪري ۽ سج نڪرڻ سان مسجد خيف ۾ تحية مسجد جا نفل ڪري خيمي تي آيس ۽ ٻين وانگي ناشتي جو ٽڪيٽ چوپڙي مان ڪڍي ۽ ڪائونٽر تي جمع ڪرايم تہ هڪ ناشتو پيڪ ٿيل مليو ۽ منجهد واري

ٽڪيٽ تي ظهرانه مليو ۽ عشاءَ جي ٽڪيٽ رات جي ماني ملي، ڪائونٽر تي عجيب طريقو لڳو حاجي علي محمد سومرو اسان جي ملڪ محمد حنيف سومرو جو سهرو ٿئي، ان ڪي ڳولڻ لاءِ ٻين ڪي ملڻ لاءِ نڪتس، حيدرآباد جو رهندڙ ڪراچي گهمندڙ ۽ اڄ ڪان 8 مهينا پهرين عمرو شريف ڪري ۽ زيارتون ڪري ويو هوس سو مونکي ڪا به تڪليف محسوس نه ٿي، چاچو حاجي علي محمد سومرو چوهڙ جمالي ڳوٺ عجائب سومرو ننڍ وارو ڳولي مڪتب نمبر 27 ۾ ڪيس ميلس سڀ احوال ۾ آهيون حالي احوالي ٿي ۽ پوءِ وچي سائين استاد حاجي دائود نهڙي ۽ حاجي غلام نبي جروار، حاجي نورل سونارو ڪي سندن مڪتبه خيمي ۾ مليس، معنيٰ همراهن ڪي ڳوليندي سبيل جون ڪجيون مليون، جيڪي چاچا حاجي علي محمد سومرو ۽ ٻين ڪي ڏنم ۽ مون به ڪاڏيون ۽ پنهنجي مڪتب عزا تي آيس، ظهر عصر جي مغرب نماز ون پنهنجي خيمي ۾ ادا ڪيم ۽ ٻين حاجين به اتي خيمي ۾ نمازون پڙهيون ۽ مغرب ڪان بعد ڊاڪٽر حاجي الياس خان جي دوست ڊاڪٽر عبدالرزاق عمراڻي ڪي ڳولڻ لاءِ گڏجي وياسين، خيمه مڪتب 38 تي، اچي عشاءَ نماز پڙهي سون ۽ ٻين رفيقن سان صبح حج لاءِ سفر جو طريقي ڪار طئي ڪيوسين، ته حاجي محمود درس امان، مامي، چاچي، پڦي ۽ فقير حاجي اقبال گڏ سفر ڪندا ۽ طريقي سان عرفات شريف ۾ رات جو مذدلفه ۾ ۽ وري ٻي ڏينهن منيٰ شريف ۾ پنهنجي خيمي مڪتبه 31 تي ملبو، سڀ حاجي گڏجي هلن حجاج جي رش جي ڪري ناممڪن هو اڄ جيڪي زيارتون ڪيم انهن ۾ مسجد حفيف منيٰ شريف ۾ مسجد حجاج البر منيٰ شريف ۾ مسجد مهلل گهڻو ڳوليم، مگر نه ملي ۽ رات جو ٿوري ننڊ ڪئي.

اربع تاريخ 19 جنوري سال 2005ع مطابق 9 ذوالحج سال 1425هه صبح فجر نماز خميو مڪتبه ۾ فجر نماز پڙهي ۽ پروگرام مطابق حاجي محمود درس ڪي ٻارن سميت فقير حاجي اقبال سميت بس ۾ سوار

ڪري روانو ڪيوسين، حجاج جي رش تمام وڏي گاڏين ۾ ان ڪري پنڌ روانا ٿياسين، ڪبري فيصل اڪري مذدلفہ جي حد ۾ هڪ وين جي ڇت تي جاءِ ملي في حاجي 10 ريال جو نوٽ ڏنو محمد ياسين (مان) ڊاڪٽر حاجي الياس، حاجي خادم حسين، چاچا حاجي جعفر بوزدار وين جي ڇت تي ويهي عرفات طرف هلياسين، مسجد نمره لڳ وادي عرنہ وٽ لهي پيدل وياسون برياني پنهنجي وٽي ڪائي ۽ مسجد نمرا آياسين اندر جڳهہ نہ هئي انڪري ۽ مسجد شريف جي حد ۾ سامهون جتي مٽان پاڻي جا سنهان ڦوهارا هلن ٿا، اتي هڪ ئي تڪبير سان نماز ظهر بہ رڪعتون ۽ سلام ڦيرائي ائين امام صاحب جي اقتدا ۾ نماز ظهر ۽ عصر ادا ڪئي سون ۽ مسجد نمرا مان جماعت نڪرڻ شروع ٿي ۽ اسان زيارت لاءِ اندر مسجد شريف ۾ وياسون، اتي مونکي ۽ حاجي خادم حسين کي بہ قرآن شريف تحفي ۾ ملياسين، حاجي خادم حسين کي ڏنو ۽ مان سنڀالي سفر ۾ رکيو دور ڪندا هئاسون، ان تي روزانہ مسجد شريف ۾ اندر حدود عرفات جو سايون راڊون لڳل آهن، جيڪي ٻريون پيو، مسجد نمرا جي زيارت ڪري واپس ٻاهر اچي جبل رحمت تي رڪن اعظم وقوف عرفات ڪيو سون ۽ دعائون گهريونسين، مغرب قريب اچڻ تي دعائن ڪان واندا ٿي ۽ عرفات جي ميدان جي دنگ ڏانهن اچي 50 وکن تي بيهي مغرب جو انتظار پورو ڪري الله اڪبر ٿيڻ سان توف جو ڏماڪو نہ ٻڌوسين ۽ الله اڪبر جي تڪبير سان سيني حجاج اڪرام وانگر چڙهائي پنڌ مزدلفہ لاءِ هلياسين، مونکي ڏاڻ ۾ ڏاڍو سور اچي ٿيو جنهن سبب جي ڪري بخار بہ اچي ويو مزد لفہ پهچي ڪولرن ۾ پاڻي هو وضو ڪري پهرين مغرب ۽ جلد ۾ عشاءَ نماز ادا ڪري ۽ مزدلفہ جي حد جتي منيٰ سان ڪبري فيصل نزديڪ ملي ٿي اچي، مصلو وڇائي ۽ ستاسين ڊاڪٽر حاجي محمد الياس خان مونکي گوريون بخار جون ڏنيون، ڪاڏم ڏاٺ جو سور بہ ختم ٿيو ۽ بخار بہ لٿو ۽ ننڊ بہ اچي ويئي، موسم جنوري جي ٿڌي هئي، پر گهڻو سئي ڪونہ لڳو.

رات جو هڪ بجي جاڳيس فرحت هئي ۽ حاجي جعفر بہ جاڳيو ڊاڪٽر حاجي الياس ۽ حاجي خادم ننڊ ۾ هئا. پٿريون چونڊيم ۽ ٿيلي جيڪا حج بيگ ۾ هئي، ان ۾ محفوظ ڪري رکيم ۽ وري بہ ننڊ آئي ۽ فجر آذان سان اٿي نزديڪ نلڪي مان وضو ڪري فجز جي نماز ادا ڪئي سون ۽ اٿي تي بسڪوٽ ۽ چانھ جي سهوليت هئي ملي ويئي، چانھ بسڪوٽ ڪائي ۽ صبح روشن ٿيڻ سان ئي ڪبري فيصل هيٺان اڪري طريق جوهر سان سڌا پنهنجي خيمي مڪبت پهتاسون ۽ اهو ٽائيم 7 لڳي 15 ٿي چڪو هو جڏهن تہ تاريخ بہ 20 جنوري 2005 مطابق اسلامي ذوالحج 10 ٿي چڪي هئي ۽ چارئي رفيق سامان رکي وڏي شيطان کي پٿريون هڻي آياسون.

خميس تاريخ 20 جنوري 2005ع مطابق ذوالحج 1425هہ صبح 7 لڳي 30 منٽ پنهنجي خيمي مان سڀ رفيق مان، حاجي الياس، حاجي خادم حسين ۽ حاجي جعفر سامان خيمي تي رکي وڏي شيطان کي پٿريون هڻي آياسون، ڪابہ رش نہ هئي ۽ خيمي تي اچي ڳوٺ فون ڪري شوڪت علي کي پوري تفصيل سان ٻڌايم ۽ هاڻي خيمي ۾ حاجي محمود جو انتظار ڪرڻ لاءِ ويناسين، آرام بہ ڪيوسون، حاجي محمود بہ آيو پر چارئي مايون امان حاجاڻي، مامين حاجاڻي، چاچي حاجاڻي ۽ پڦي حاجاڻي کي وڃائي آيو ڳوليوسين، پر اسان کي نہ مليون، منشي چون اردو ۾ ڪوئي فڪر نهين، خير شهدادپور وارن ماين سان جيڪي اسان جي هوٽل جي ڪمرن ۾ رهيل هئا، انهن جي ماين سان گڏجي مڙئي حاجي محمود 4 لڳي 30 تي پهتو ۽ باقي ٻار بارن سان گڏ، 5 وڳي پهچي ويا ۽ مان حاجي محمد ياسين، حاجي محمود ۽ شهدادپور وارو عبدالحڪيم بروهي جا دوست گڏجي پڙي ۾ اضحيٰ لاءِ وياسون، حاجي محمود ۽ شهدادپور وارن کي پڙي جو ائڊريس وسري ويئي ۽ مان ان پاسي جو واقف ڪونہ هئس، ٽيڪسي وارن ڏاڍو رلايو نيٺ بيزار ٿي سچ لٿي مهل هڪ ٽيڪسي وارو جيڪو پاڪستاني هو ان وڏي همدردي ڪئي، مناسب ڪرايو ٻولي اسان کي ڪنيائين، رستي ۾ مغرب آذان آئي ۽

نماز لاءِ مسجد شريف ۾ اسان کي جماعت سان نماز پڙهاياءِين، جيئن ته نمازمان فارغ ٿياسين ۽ حاجي محمود کي عبدالحڪيم بروهي جي ڪال آئي فون ۾ جيڪا اسان پنهنجي ٽيڪسي ڊرائيور پاڪستاني کي ڏني پاڻ ڳالهائي ائڊريس ٻڌاياءِين ۽ اسان کي ٽيڪسي وارن بنان دير پڙي تي پهچي ويو ڪرايو ڪيس ڏنوسون ۽ سامهون عبدالحڪيم بروهي به آيو گڏجي وچي پڙي تي ڪالين وڇايل هو ان تي ويناسين، حاجي محمود درس سڀني حاجين جي لسٽ ڪٽي نالو ونڻ سير تڪبير ڀرو کي وجهرائي ٻاهر اچي اسان وٽ وينو ۽ عبدالحڪيم کي ڪل 15 ڀرن جا پئسا زبان مطابق 350 ريال في جي سان ۽ واپسي خيمي لاءِ بس ۾ سوار ڪيو عبدالحڪيم بروهي اتان خيمي وارن کي فون تي ٻڌايوسون ته اضحيون ٿي ويون آهن ۽ مٿا ڪوڙائي احرام لاهيو ڇو جو اسان کي ايندي رستي ۾ الائي منزل هئي، دير ٿئي ها خير بس ۾ سوار رات جو وڳڙو نوان ماڻهو مونکي ته ننڊ اچي ويئي ۽ اچانڪ جاڳيس ته ڪبري عزيز کان اسان جي بس گذري پئي، بس روڪائي اهي ڪبري عزيز تان پنهنجي خيمي مڪتبه آياسون ۽ مون مٿو حاجي محمود درس کان ڪوڙايو ان ڀرين ڀين کان وار لهرايا ۽ پوءِ پاڻ منهنجو مٿو ڪوڙيائين ۽ حاجي مدني خيمي تي اسان وٽ آيو ڪچهري ڪري سڀني سان ملي ويو.

جمع تاريخ 21 جنوري 2005ع مطابق 11 ذوالحج 1425هه فجر نماز کان ڀرين غسل ڪري ڪپڙا پائي فجر نماز مسجد خيف م پڙهي، حاجي محمود، حاجي جعفر ۽ ماين جون پٽريون ڪنيون، حاجي ياسين، حاجي الياس، حاجي خادم حسين پروگرام ڪيو طواف زيارت جو ۽ پنڌ نڪري خيمي مان ۽ ڀرين ٽنهين شيطانن کي پٿريون هڻي ۽ پنڌ ئي پيرن واري روڊن تان سڌا تفق عبدالعزيز کان باب السلام مان خانه ڪعبه پهچي طواف زيارت ڪيوسون ۽ جمع نماز جي آذان ٿي، جمع نماز به خانه ڪعبه ۾ پڙهي سون ۽ حاجي ڊاڪٽر الياس ٿڪي ويو مان ۽ حاجي خادم حسين فارغ

ٿي ماني ڊاڪا ھوٽل مسفلہ ۾ ڪائي وچين نماز ھيٺين طبقي پڙھي ۽ واپس پنڌ منيٰ شريف آياسون، مغرب ۽ عشاءَ نماز خيمي ۾ پڙھي سون ۽ پوءِ ڊاڪٽر صاحب اچي پھتو ۽ حاجي مدني جروار حج تي مدينہ شريف کان آيل ھو. اھو حاجي محمود ۽ اسان سان ملڻ آيو ۽ فروٽ بہ کڻي آيو ھو. ڪچھري ڪئي سون ۽ رات آرام بہ ڪيوسين. ھاڻي حج احڪام ۾ صرف سياڻي يعني 12 تاريخ شيطانن جون پٿريون رھيل ھيون. جيڪي صبح زوال ٿيڻ کان بعد ھڻبيون. فجر نماز خيمين ۾ پڙھي سون.

ڇنڇر 22 جنوري 2005ع مطابق 12 ذوالحج 1425ھ صبح حاجي مدني آيو ۽ حاجي محمود، حاجي جعفر ۽ ٻارن کي گڏ وٺي پٿريون ھڻائي ۽ طواف زيارت ڪرائي جڳھہ تي ڇڏي ۽ پاڻ مدينہ شريف روانو ٿي ويو ۽ ھتي منان ۾ اعلان ٿيو تہ حاجي صاحبان خيمي ۾ رھو رمي شيطان تي وڏي رش آھي نقصان ٿيندو. ليڪن 12 ٿيا زوال ٿتو ۽ حاجي الياس تڪڙ ڪري سفر شروع ڪرايو ۽ اچي ڦاٿاسين. بس الحفيظ الامان ھئي مون سمجھيو تہ ختم ٿي ويندس. ڪو ڏيڍ ڪلاڪ ڪن جيڪو جتي اھو اتي پوءِ مڙئي فرحت ٿي ھلياسين. حج بيگ ڇٽيون جمراہ تي اھي بہ ھڪ ڍڳ تي اڇلائيون پيون. مٿي پل تي جمراہ وٽ ۽ ڊاڪٽر حاجي الياس بہ ٽٽي جدا ٿي ويو. مان ۽ خادم حسين ننڍي ۽ وچٿ جمراہ کي پٿريون ھنيون. وڏي وٽ پٿريون ھڻندي اسان ٻئي بہ ٽٽي وياسين. طوفان شروع ٿي ويو. سنھين برسات بہ شروع ٿي ويئي. مان تہ سامان کڻڻ ڪونہ ويس جو موت نظر پي آيو. منھنجو ڪل پئسو وغيرہ حج بيگ ۾ ھو. بس الله جو توڪل ڪري سامان لاءِ نفلي طواف جي ٻاس ٻاسي ۽ پنڌ مڪہ شريف خانہ ڪعبہ ڏانھن ڇپرن واري روڊ تان آيس. نفق عزيز وٽ ڏاڍي برسات ٿي ۽ انڊونيشن پنھنجي اوٽ ۾ ٻيھاريو. برسات پوري ٿي ھلڻ لڳس ۽ باب سلام کان طواف حرم اندران سڌو باب عزيز کان جڳھہ تي آيس. حاجي محمود وارا سٽل ھئا. ڪين سڄو احوال ٻڌايم. برسات ۽ زيارت جو ڳالھہ ڪري دنگ ڪيم ۽

حاجي خادم حسين منهنجي ۽ سندس سامان سميت خير جو پسي اچي پهتو منهنجي ڇٽي بيگ پوري سلامت ڪٽي آيو. شڪر ڪري غسل ڪري ڪپڙا بيگ مان ڪڍي بدلائي ۽ خانہ ڪعبہ جيڪو نفلي طواف باسيو هئم اهو ادا ڪيم. رات آرام اچي ويو. ٿڪل بہ ڏاڍا هئاسين.

آچر تاريخ 23 جنوري 2005ع مطابق 13 ذوالحج 1425هہ جو صبح دير سان اٿيس. جماعت حرم جي تي ويئي. حرم ۾ نماز پڙهي ۽ طواف ڪري ناشتو ڪري آيس. جڳهہ تي واچ جو پٽو ورتم. حاجي گل محمد سونارو کي فون ڪيم ۽ گهر ڳوٺ شوڪت علي کي فون ڪري حال احوال مختصر ڪيم ۽ جڳهہ تان همراهن کان ٽي يڪو ڏينهن وڃي خانہ ڪعبہ حرم ۾ گذاريم. سڄو ڏينهن سڀ نمازون پڙهيم. حرم ۾ عشاءَ پڙهي ماني وٺي ٽي آيس. ماني کائي خادم حسين کان حال ورتم. سيٺي رفيق 902 ۾ ڪچهري ڪري پنهنجي پنهنجي جاءِ تي آرامي ٿيا ۽ مان پنهنجي 904 ۾ آرامي ٿيس.

سومر تاريخ 24 جنوري 2005ع مطابق 14 ذوالحج 1425هہ ٿڪاوٽ سبب حرم ۾ ڪونہ ويس. فجر نماز نزديڪي مسجد ۾ پڙهي احرام ۽ جيڪي ڪپڙا ميرا هئا. ڌوئي سڪائي رکي ۽ ماني وٺي آيس. خادم حسين ۽ مون گڏجي کاڌي. ماني کان پوءِ ظهر نماز حرم شريف وياسين. نماز کان بعد طواف ڪري نفل پڙهي. پڦي حاجاڻي جو قرآن شريف وٺي حرم شريف ۾ ڏنوسون. نماز عصر. مغرب ۽ عشاءَ ادا ڪري ماني وٺي جڳهہ تي آيس ۽ خادم حسين اسان ماني گڏجي کاڌي. حساب ڪتاب ڪيوسين. جيڪو روز جو معمول هو ڪپڙا ويڙهي صحيح ڪري رکيم. حاجي محمود کي سخت بخار ٿيو ڊاڪٽر حاجي الياس دوا ڏني ۽ فرحت ٿيس ۽ رات آرام ڪيوسون.

اڱارو تاريخ 25 جنوري 2005ع مطابق 15 ذوالحج 1425هہ فجر نماز حرم ۾ پڙهي طواف ڪري صبح ۾ سبيل جي ڪتل ملندي هئي. روزانہ

پابندي سان وٺي ڪائيندو هيس، ٻاهر اچي چانھ ناشتو ڪري 9 وڳي سائين حاجي نثار جان سرهندي جيڪو پڻ ٻارن سميت حج تي آيل آهي، ساڻس ملڻ هوٽل جوهر جمال تي وياسين، خادم حسين ۽ مان، سائين سان ملي ۽ حرم شريف ويس ۽ عصر، مغرب ۽ عشاءَ پڙهي ماني وٺي آيس ۽ ماني ڪائي حساب ڪتاب روز مره جو هڪ ٻئي سان ڪري ڪچهري ڪري ۽ روم 904 ۾ آرام ڪيم.

اربع 26 جنوري 2005ع مطابق 16 ذوالحج 1425ھ فجر نماز حرم ۾ پڙهي طواف ڪري مٿين چڪر ۾ هئس تہ گورنر صاحب، وزير صاحب طواف تي آيا ۽ ڏٺم طواف ۾ ڪتل معمول مطابق ملي ۽ منجهد جي ماني هوٽل تي بادشاھ طرفان آئي، طريقي مطابق منشين پهچائي هوٽل ڪائونٽر تان في ماڻهو هڪ باڪس مليو سيني حاجين کي ملي، ظهر نماز جڳھ تي پڙهي سين، عصر، مغرب ۽ عشاءَ نماز حرم ۾ پڙهيم ۽ طواف ڪيم، جڏهن تہ رات جو ماني وٺي آيس، ماني ڪائي حساب ڪتاب ڪري تاريخ جو پتو ڪچهري ڪري ۽ آرامي ٿيس.

خميس تاريخ 27 جنوري 2005ع مطابق 17 ذوالحج 1425ھ صبح حاجي خادم حسين کي اٿاري وضو ڪري فجر نماز حرم ۾ پڙهي، طواف ڪري ڪتل ڪائي سبيل واري، خادم سميت ناشتو ڪيم ۽ خادم حسين جڳھ تي ويو مان جبل ابو قيس جي زيارت ڪري اتي ننڍي مسجد غير آباد بادشاهي محل کان اڳيان آهي، مسجد جو نالو بلال آهي، جڳھ تي اچي ظهر پڙهي، عصر، مغرب، عشاءَ حرم پڙهي ماني وٺي جڳھ تي آيس، ماني ڪائي حساب ڪتو ڪري ڪچهري ڪري آرامي ٿياسين، ان وقت رات جا 9 لڳي 45 منٽ ٿيا هئا.

جمع تاريخ 28 جنوري 2005ع مطابق 1425ھ صبح خادم حسين سميت فجر نماز حرم ۾ پڙهي طواف ڪري ناشتو ڪري ۽ جڳھ تي اچي غسل ڪري ڪپڙا بدلائي ۽ جمع نماز جماعت حرم شريف وياسين،

نماز پڙهي شوڪت علي سان ڳوٺ فون تي ڳالهايم. شوڪت علي ٻني ستياري واري تي هو ۽ باقي عصر، مغرب، عشاءَ حرم ۾ پڙهي ماني وٺي جڳهه تي اچي ڪائي، حساب ڪتاب چٽو ڪري ڪچهري ڪري رات جو آرام جي ڪئي سون. ڊاڪٽر حاجي خادم حسين سان مذاق ڪي چئي ته حاجي خدا بخش کي فون ڪريان ته ڇوڪري جو بلو ڪرائي لڙهيو ٿو وڃي.

ڇنڇر تاريخ 29 جنوري 2005ع مطابق 1425هه سوير حاجي خادم حسين، ڊاڪٽر حاجي الياس سميت فجر نماز حرم ۾ پڙهي طواف ڪري ناشتو ڪري جڳهه تي آياسين. حاجي محمد علي جروار مدينه شريف کان فون ڪئي، حالي احوالي ٿي ۽ سڀني رفيقن سميت عمرو شريف جو پروگرام ٿيو 10 وڳي رفيق گڏجي وين ۾ مسجد عائشه رضه تان احرام ٻڌي وضو ڪري نيت نفل عمري جا ادا ڪري حرم شريف اچي طواف ڪري وار لهرائي صفامرو ڪري ۽ جڳهه تي آياسين ۽ شام مڪتب مڪاتان پاڻي 5 ليٽر واري سڀني جي پيئڻ لاءِ پري آياسين ۽ عشاءَ نماز کان بعد ماني کائي ڪچهري ڪري حسان ڪتاب چڪتو ڪري آرامي ٿياسين.

آچر 30 جنوري 2005ع مطابق 20 ذوالحج 1425هه فجر نماز حرم ۾ پڙهي طواف ڪري ناشتو ڪري آر سي او تان گهر ڳوٺ شوڪت علي کي فون ڪري احوال ورتم ۽ جڳهه تي اچي سڀني رفيقن کي گڏ وٺي زيارتن تي وياسين. جنة المعلىٰ، مسجد الجن، مسجد شجر، مسجد رائيه، مڪتيه هڪ نبي ڪريم صه جو گهر. نماز ظهر حرم ۾ ادا ڪري ماني وٺي گهر آياسين. عصر جڳهه تي پڙهي مغرب، عشاءِ حرم ۾ پڙهي ماني وٺي آيس، 902 ۾ ماني کائي ڪچهري ڪري حساب چڪتو ڪري آرام جي ڪئي سون.

سومر تاريخ 31 جنوري 2005ع مطابق 21 ذوالحج 1425هه حرم ۾ فجر ادا ڪري طواف ڪري ناشتو ڪري جڳهه تي 904 ۾ آرام ڪيم.

ظهر اتي پڙهيم ۽ عصر، مغرب ۽ عشاءَ حرم ۾ پڙهيم ۽ طواف ڪيم ۽ ماني وٺي جڳهه تي آيس، ماني کائي حساب ڇڪتو ڪري ۽ آرامي ٿيس.

اڱارو تاريخ 1 فيبروري 2005ع مطابق 22 ذوالحج 1425هه فجر نماز جڳهه تي پڙهي خادم حسين گڏ هو واچون خريد ڪيم، ناشتو ڪري خادم حسين سان ٽيڪسي ۾ سوار ٿي جبل نور جي زيارت تي وياسون، مٿي چڙهڻ ۾ تمام ڏکيو آهي، مڙئي وجي پار پياسين، ساهيون کڻندا وياسين ڏيڍ ڪلاڪ کان مٿي وجڻ ۾ ۽ هڪ ڪلاڪ هيٺ اچڻ ۾ لڳو، غار حرا جي زيارت ڪئي سون، مٿي ڪئمرا وارا ٻيهاريو ٻيٺا آهن ته زائرين فوٽو ڪيدائين تمام ڏکيو آهي، شايد 4 ميل کن فاصلو ڏکيو آهي، واپس ظهر نماز حرم ۾ پڙهي ماني وٺي جڳهه 902 تي کاڌي سون ۽ مونکي پيٽ ۾ سور ٿي پيو ۽ جڳهه تي هيس، عشاءَ نماز حرم ۾ پڙهي ۽ ماني وٺي آيس، ماني کائي حساب ڪري ڪچهري ڪري ڪمري نمبر 904 ۾ آرام ڪيم.

اربع تاريخ 2 فيبروري 2005ع مطابق 23 ذوالحج 1425هه فجر نماز حرم ۾ پڙهي طواف ڪري ناشتو ڪري جڳهه تي آيس، سيني رفيقن وڏي عمري لاءِ تياري هئي ۽ پورو گروپ هلندو جنة السفير در تان طريقي ابراهيم خليل تان يڪي گاڏي ڪرايو ڳالهائي سوار ٿياسون، رستي ۾ ڊرائيور جو گهر هو، ماءُ کي ڪجهه سامان گڏ هئس ڏيئي آيو ۽ مسجد جعرانه وڏي عمري تي پهچي احرام وضو ڪري نفل پڙهي نيت ڪري زيارت ڪري، شهداءِ حنين مقام جي زيارت ڪري واپس حرم اچي طواف ڪري نفل پڙهي صفا مروه ڪري وار ڪترائي ظهر نماز حرم شريف ۾ پڙهي گهر اچي غسل ڪري ڪپڙا بدلائي سنوارت ٿاهي ۽ شام وري به حرم شريف ۾ مغرب ۽ عشاءَ پڙهي، ماني وٺي جڳهه تي آيس، کائي ڪچهري ڪئي، اڄ ڏينهن جو حاجي خدابخش خان جي فون آئي، ڊاڪٽر حاجي الياس جي فون موبائيل تي ڳالهايوسين ۽ سائين رفيق پڻ فون تي ڳالهايو، مان رات جو 1 وڳي اٿي

غسل وضو ڪري حرم ۾ ويس ۽ سڄي رات دعائون گهريم. طواف ڪيم. فجر پڙهي ناشتو ڪري جڳهه تي آيس.

خميس تاريخ 3 فيبروري 2005ع مطابق 24 ذوالحج 1425هه رات سڄي حرم ۾ هئي ۽ فجر نماز پڙهي طواف ڪري ناشتو مسئله مان ڪري آيس. جڳهه تي، ڪپڙا ڌوئي، سڪائي ۽ منجهند تائين جڳهه تي هئس ۽ آرام ڪيم. حاجي محمود درس ۽ چاچا حاجي جعفر بوزدار جبل نور غار حرا جي زيارت تي ويا آهن. مان اتي جڳهه تي ٻارن وٽ آهيان ۽ انهن جي اچڻ کان پوءِ مان شام جو جنة المعليٰ مقام زيارت تي ويس ۽ ان وٽي پکين کي ڏيئي آيس ۽ عشاءَ حرم ۾ پڙهي ۽ ماني وٺي جڳهه تي آيس ۽ ماني کائي حساب ڪري آرامي ٿياسين.

جمع تاريخ 4 فيبروري 2005ع مطابق 25 ذوالحج 1425هه فجر نماز ۽ طواف حرم ڪري ٿوري خريداري ڪري. ناشتو ڪري سامان جڳهه تي رکي سائين حاجي دائود نهڙي، حاجي غلام نبي جروار، حاجي عبدالرزاق ميمڻ به مليو ڪچهري ڪري آيس ۽ حاجي علي محمد سومرو جي جڳهه ڳولي ساٿس ملي آيس. حاجي دائود. حاجي خادم حسين لاءِ ٽافيون ڏنيون. جڳهه تي اچي غسل ڪري ڪپڙا بدلائي ماني کائي ۽ حرم ۾ جمع نماز لاءِ ويس. هاڻي حجاج ڪجهه گهٽيو آهي. جمع نماز حرم پڙهي طواف ڪري جڳهه تي آيس. وچين نماز پڙهيم. ڪجهه بخار ٿيو ڊاڪٽر حاجي علي محمد سومرو مليو مغرب جو حرم ۾ پڙهيم حاجي محمود گڏ هو عشاءَ به گڏ باب فهد تي پڙهي سون. چاچو حاجي علي سومرو جڳهه تي ويس. بوتلون گهرائي پيارپائين ۽ ڪچهري ڪري دير سان آيس. حاجن جروار مدينه شريف مان ڊاڪٽر حاجي الياس جي فون تي ڳالهايو ۽ حاجي محمد علي جروار پڻ ڳالهايو معمول مطابق آرام ڪيم.

ڇنڇر تاريخ 5 فيبروري 2005ع مطابق 26 ذوالحج 1425هه فجز نماز حرم ۾ پڙهي طواف ڪري ناشتو مسفله مان ڪري آيس. راقم محمد

ياسين جروار، ڊاڪٽر حاجي الياس سريوال، حاجي خادم حسين گڏجي غار ثور جي زيارت لاءِ وياسين. گاڏي مان لهي فٽ 9 وڳي پنڌ غار ثور جو شروع ڪيوسون، ڏڪڻ اوپر منهن ڪري هلياسين. جنهن سان مٿي چاڙهي تي 11 وڳي فٽ غار ثور تي پهتاسين. اندر بہ وياسين ۽ ڊاڪٽر صاحب فوٽو بہ ڪڍايو، صحيح ڪونہ آيو ڊاڪٽر صاحب چيو فوٽو صحيح ڪونهي، پئسا ڪونہ ڏينداسين. اتان ڪان منيٰ شريف جو نظارو ۽ عرفات جا رستا نظر اچن ٿا. وچ سفر ڪان پوءِ خيرات وارا چاڙهي جي ڏاڪن تاهڻ جي نيت سان سيمينٽ ريتي تغاري رکيو وينا خيرات سبيل گهرن. مون ظهر نماز وچ تي جماعت سان پڙهي، 12 لڳي 30 منٽن تي واپس سفر ڪري بلسان جا وڻ اتي بہ ڪجهہ آهن. ڏناسون ۽ واپس حرم ۽ پوءِ جڳهہ تي آياسين. عصر جڳهہ تي ۽ مغرب حرم ۾ پڙهي طواف ڪري عشاءَ پڙهي ماني وٺي گهر آيس ۽ ننگر فڪر ڪري حساب چڪتو ڪري، ڪچهري ڪان پوءِ آرامي ٿيس.

آچر تاريخ 6 فيبروري مطابق 27 ذوالحج 1425هہ حاجي خادم حسين ڪونہ هليو فجر نماز حرم ۾ پڙهي، طواف ڪري ۽ ناشتو ڪري حاجي خادم حسين لاءِ پرانو وٺي پي سي او تان شوڪت علي سان گهر فون تي ڳالهايم. پاٽي جو پڇيم. جڳهہ تي خادم حسين کي اچي پرانو ڏنم. ڊاڪٽر حاجي الياس اڪيلو عمري شريف تي ويو آهي، باقي راقم حاجي محمد ياسين جروار، حاجي خادم حسين، حاجي محمود، حاجي جعفر بوزدار جبل رحمت عرفات جي زيارت لاءِ وياسين ۽ 11 وڳي واپس اچي جڳهہ تي ماني کائي ۽ ظهر نماز لاءِ حرم ويس. نماز طواف ڪري ۽ صفا جبل تي سمهي رهيس. ننڊ اچي ويئي ۽ ننڊ مان اٿي وضو ڪري عصر نماز ادا ڪيم ۽ ڪتل خريد ڪري حاجي علي محمد سومرو کي محمد حنيف سومرو اسان جو ملڪ ان لاءِ ڏنم. سندن فلائيٽ ويجهي آهي، پهرين مدينہ ڪري آيا هئا. ڪتل ڪيس ڳوٺ لاءِ سوکڙي ڪري ڏنم. مغرب عشاءَ حرم ۾ پڙهيم ۽ ماني سان انبن جو جوس وٺي جڳهہ تي اچي خادم حسين سان گڏ ڪاڌم. ڏاڍو بخار

آيو، حاجي خادم حسين مونکي زور ڏنا ۽ ننڊ اچي ويئي، ڪچهري لاءِ رات جو عبدالحڪيم بروهي شهدادپور وارو آيو ۽ ڪچهري ٿي، انهي همراه کان اضحيٰ جا جانور خريد ڪيا ويا هئا.

سومرو تاريخ 7 فيبروري 2005ع مطابق 28 ذوالحج 1425هه فجر نماز لاءِ حرم شريف ويس، نماز طواف ڪري ناشتو ڪائي حرم شريف ۾ رهيس، بخار هو منجهند ماني لاءِ جڳهه تي آيس، خادم حسين سان ماني ڪائي ٿورو آرام ڪري وري به وڃي حرم شريف ۾ رهيس ۽ ظهر، عصر، مغرب ۽ عشاءَ نمازون حرم ۾ ادا ڪيم، عشاءَ کان بعد ماني وٺي جڳهه تي ڪائي حساب چڪتو ڪري رفيقن سان مناسب ڪچهري ڪري، ڊاڪٽر الياس کان گوري وٺي ڪائي بخار جي ۽ آرام ڪيم.

اڱارو 8 فيبروري 2005ع مطابق 29 ذوالحج 1425هه فجر نماز حرم شريف ۾ ۽ طواف ڪري ناشتو ڪائي حاجي خادم حسين لاءِ اڦراٽو وٺي ۽ ان پکين جا ٻڪالا کان خريد ڪري ان ڪٽڪ، ٻاجهر ۽ مسور جي دال هئي، حاجي رسول بخش جروار جي اهليه طرفان هو طريق هجره ڪبوتر چوڪ تي پکين کي ان ڏنم، اڳتي جتي جتي پکين کي ان ڏيندا آهن، طريق ابراهيم خليل جون مکيه جڳهيون نفق ربيع ۽ قبري خليل جي هيٺيان به جڳهن تي ان پکين کي ڏنم، هڪ خاص ڳالهه نوٽ ڪيم ته پکين کي ان لاءِ اچلي ڏبو آهي ته پکي اتان اڏامي ٻي جاءِ تي وڃي ويهندا آهن، ليڪن مٿيون سبيل جوان جيئن پکين ڏانهن اچليان ته پکي ولر ڪريو ڊوڙيو اچو ان چڳن ۽ حاجي خادم حسين کي ماني ڏنم، سيني رفيقن جو پروگرام وڏي عمري جو مسجد جعرانه جيڪا طائف روڊ تي آهي ۽ ان عمري کي وڏو عمر چوندا آهن، ٻيو عمري لاءِ سيئي رفيق گڏجي وياسون ۽ وڏي عمري لاءِ سيني رفيق جو ٻيو عمرو هو مسجد جعرانه کان احرام ٻڌي ۽ نيت ڪري نفل پڙهي بير جعرانه زيارت ۽ شهداءِ حنين قبرستان جي زيارت ڪري ۽ واپس حرم شريف اچي طواف ڪري نفل پڙهي زم زم پي صفا مروو سعي ڪري ۽ وار

لهرائي ظهر نماز حرم ۾ پڙهي سون ۾ حاجي جمن چنا مليو، اتي نوڪري آهيس باب فتح وٽ ۾ جڳهه تي اچي احرام لاهي غسل ڪري ڪپڙا بدلاياسين، عصر نماز جڳهه تي آياسين ۽ ماني ڪچهري حساب ڪري آرام ڪيوسين.

اربع 9 فيروري 2005ع مطابق 30 ذوالحج 1425هه طبيعت ناساز هئي، ڏاٿ ۾ سور ۽ بخار هو، سڀ مصروفيتون ڇڏيم. رئيس محمد اڪبر جروار سان فون تي ڳالهايم ۽ احرام جا سڀ ڪپڙا مڪتبه مڪ ڪان زم زم سان ڌوئي آيس، اهي سڪائي ويڙهي رکيم. ڪپڙن جو ٻه هڪ جوڙو ڌوئي سڪايم. ڊاڪٽر حاجي الياس سان گڏجي ويس ۽ دوا ڳوريون وٺي آيس، ڪاڏم ڪجهه سڪون ٿيو ۽ مغرب عشاءَ حرم ۾ پڙهيم ۽ جڳهه تي ڪمري نمبر 902 ۾ ماني کائي، ڪچهري ڪري حساب چٽو ڪري ۽ آرام ڪيم. ڊاڪٽر صاحب جي شال سڪائڻ مهل ڪو ڪٽي ويو هو.

خميس 10 فيبروري 2005ع مطابق 1 محرم 1425هه شريف جو چنڊ شام جو ڏٺو خير پنجئي وقت حرم ۾ نماز طواف ڪيم. ليڪن جيڪو واقعو بيان ڪريان ٿو، منهنجي زندگي جو انتهائي يادگار رهندو، معمول مطابق فجر نماز ۽ طواف ڪري ناشتو ڪري جڳهه تي ڪمري نمبر 902 تي ڪچهري ۽ وري ظهر نماز لاءِ حرم ويس ۽ ظهر نماز پڙهي ماني وٺي جڳهه ۾ خادم حسين سان کائي ٿورو آرام ڪري گڏجي عصر نماز لاءِ حرم وياسين، نماز پڙهي ۽ حرم ۾ ويناسين ۽ مغرب نماز جي آذان ٿي مان، خادم حسين جروار، ڊاڪٽر حاجي الياس سريوال گڏ هئاسون ۽ حاجي محمود درس، حاجي جعفر ٻارن سميت هئا. مغرب نماز جماعت سان ٿي ۽ معمول مطابق آئون يعني راقم محمد ياسين جروار حرم ڪعبه جي حصي ۾ جنهن کي مستجار چئبو آهي، اتي مطاف ۾ ئي خانئہ ڪعبه کي ويٺي ڏٺم، هاڻي حجاج ڪجهه گهٽ ٿي ويو هو بس طواف ٻه هليو پئي ۽ ويهڻ جون جايون ٻه هيون ۽ فوج جي وردي وارن جي پروٽوڪول ۾ اڳيان هڪ ٽولو طواف ۾

گذريو معمول کان مختلف انداز ۾ ڏٺم توڙي خيال ڪيم ته الاجي ڪهڙي ملڪ جو بادشاهه آيو آهي، جنهن کي ايترو پروٽوڪول آهي، ان کان اڳ به گورنر ۽ وزير مڪي شريف جا ڏسي چڪو هوس، سو منهنجو سجو خيال طواف وارن ڏانهن ٿي ويو ۽ تمام غور فڪر ويني ڪيم ته ڪهڙي ملڪ جو بادشاهه يا وزير آهي ۽ ٻيو ڦيرو اچي ڏٺم ته بادشاهه نه بلڪ ڪنهن ملڪ جي ڪاراڻي آهي، پوري اسلامي پردي ۽ احڪام ۾ ويتر خيال وڌي ويو جو راڻي کان علاوه پروٽوڪول جي ڪڙي اندر راڻي کان علاوه هڪ مرد ۽ ٽي ٻار به آهن ۽ فوج جي ڪڙي جي اندر طواف ڪري رهيا آهن. ويتر منهنجا حواس ان طرف ٿيا ته ڪير آهن ۽ اٿي ٻيهي رهيس ۽ سامهون کان ڏسڻ ۽ سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪيم. جيئن رڪن شامي کان ڦريا، مان گهوري ڏسي رهيو هئس، ته سڃاتم ته محترمه بينظير ڀٽو صاحبه. جناب آصف علي زرداري صاحب، بلاول ڀٽو ۽ به ڇوڪريون هيون. منهنجي خوشي جي انتها هئي، عقل سلامت هو ۽ ساڻن گڏ طواف جو ارادو ڪري ۽ گڏ هلندو آيس، رڪن حجرا سود پهچي نفلي طواف جي نيت ڪري بس طواف ساڻن گڏ شروع ٿي ويس، فوج جي ڪڙي جي ٻاهران گڏ ڦريم ۽ محترمه بينظير ڀٽو صاحبه جي هر ادا تي نظر رکيم، بس الله پاڪ جي پورين نعمتن سان مالامال هڪ اسلامي عورت احرام جي پورين پابندين تحت سندس وقار هو جيئن ته سندن چوٿون چڪر طواف جو هو ۽ منهنجو پهريون چڪر طواف جو هو. ائين محترمه بينظير ڀٽو صاحب ۽ ٻاتين جو طواف مونکان پهرين چڪر ۾ پورا ٿيا ۽ مقام ابراهيم تي طواف عمري جا نفل پڙهيائون، فوج جو پروٽوڪول ڪڙو چڙهيل هو ۽ نفل ادا ڪرڻ بعد ساڳئي پروٽوڪول ۾ فوج کين صفا طرف وٺي ويا ۽ مان رهيل چڪر طواف جا پورا ڪري نفل پڙهيم. بس ڇا لکان، مون وٽ اهي اکر نه آهن. جيڪي لکان ۽ جيئن پروٽوڪول وارا وٺي ٿي آيا هئا ۽ ائين ئي وٺي ويا، پوري اسلامي وقار سان هئي، جنهن کي اسلام آهي، اهيو مون هن محترمه بينظير ڀٽو صاحبه ۾ ڏٺو منهنجي

خوشي جي حد نہ هئي، محترمہ بيظير ڀٽو صاحبہ سادي سنڌي ڪپڙن جو اسلامي وقار مٿان احرام ڇا ڇئجي وري سندس هلڻ بہ اسلامي وقار جي شايانہ شان ۽ نفل پڙهڻ لاءِ بہ پوري اسلامي احڪام جي پابندي، سجدو ڪرڻ ۽ احتياط ۾ ويهڻ جو پورو پورو حق ادا ٿي ڪيائين، ڇا لکان، بس واحد جي ڪا ذات مليل هوس، اسلام جي پابندي جو پاڻ پهرين تاريخ ماهہ محرم شريف جي ۽ رات جمع اسلامي چنڊ جو ڪلينڊر هجري سال 1426 هجري جو پهريون ڏينهن انهي مان بہ سندس اسلام لاءِ محبت ۽ چاهہ جو اندازو ڪريو تہ پاڻ کي ڪيتري محبت اسلام سان آهي.

مون راقم محمد ياسين ولد حاجي محمد پريل خان جروار نفلي طواف جا ست چڪر پورا ڪري بہ رڪعتون نفل طواف جون مقام ابراهيم تي ادا ڪيم ۽ زم زم جو پاڻي پي ۽ الاجي ڪهڙي دنيا ۾ گم ٿي ويس، خانہ ڪعبہ ۾ رڪن عراق تي ويهي رهيس تہ عشاءَ جي آذان ٿي ۽ سنتون پڙهيم، جماعت سان نماز ادا ڪري روزمره وانگي ماني وٺي جڳهہ طريق ابراهيم خليل هوٽل جنتہ السفير آيس، مونکي پنڌ ئي ڀيو پيو لڳي، خوشي جي حد ڪانہ هئي، جو مان پاڪستان پيپلزپارٽي جو بنيادي ڪارڪن آهيان، پنهنجي پارٽي چيئرپرسن سان گڏ طواف ڪيو اٿم، خوشي خوشي ڪمري 902 ۾ رفيقن وٽ ماني کائي، مٿيون سچو واقعو محترمہ بينظير ڀٽو صاحب ۽ محترم آصف علي زرداري صاحب توڙي ٻارن جو عمرو شريف خانہ ڪعبہ جو طواف ٻڌايم، مون کان پڇڻ لڳا تہ ڪهڙي وقت مون کين مغرب نماز بعد ۽ عشاءَ آذان کان پهرين ٻڌايو چيائون اسان بہ حرم هئاسون، اسان ڪونہ ڏٺو تون پ پ جو ڪارڪن آهين، سو توکي هر شي ڳالهہ ائين نظر ٿي اچي، مان مڙئي ڪجهہ مايوس ٿيس ۽ لکا ڪانہ وڏم ۽ سوچن ۾ پئجي ويس تہ همراهن منهنجي رفيقن تہ ڪونہ ڏٺو ليڪن مون تہ عملي طرح ڏٺو بس ماني کاڌي سين روزانہ جو حساب منهنجو ۽ حاجي خادم حسين جو نقد تي ٿيو، مناسب

ڪچهري ڪري بيِن موضوعن تي ۽ رات جو پنهنجي ڪمري نمبر 904 تي سمهي رهيس.

جمع ڏينهن فجر آذان سان حرم شريف ۾ وڃي جماعت سان نماز پڙهيم، ناشتو ڪري خادم حسين جو پراڻو وٺي اڳيان ٽيس ته مسفله به جوار ۾ سامهون بڪاله رضا تي اخبار تي نظر پئي ۽ اخبار عربي هئي، سوچيم ته ڳالهه راتوڪي بينظير صاحب جي عمري واري هوندي سو اخبار عربي واري خريد ڪري، گڏ آيس جڳهه جنته السفير روم 902 ۾، منهنجي رفيقن ڪي اخبار ڏنم ته ڏسو رات وار ڳالهه لکي پيئي آهي ۽ ڏسي منهنجا رفيق به خوش ٿيا، ڇو جو رات اعتبار نٿي ڪيائون، هاڻي ڪين اعتبار ٿيو.

عجب اتفاق هو رات جو واقعو مٿي بيان ڪري آيو آهيان ۽ مان پنهنجي سفر لاءِ مڪي شريف رهيل آهيان، اجان ڇاليهن ئي نماز لاءِ مدينه ويندا سين، ليڪن هتي ٽنڊوالهيار ۾ ڏينهن جو پ پ جو هڪ اهم اجلاس عهدا چونڊجڻ جي سلسلي هو اها تاريخ 11 فيبروري 2005ع ڏينهن جمع هو ۽ هتي منهنجو ڪو به پرو پوزل نه هو بچاڻي هائوس ٽنڊوالهيار تي اجلاس ۾ ڪنهن جوان منهنجو نالو ڪنيو ۽ منهنجي لاءِ سينيئر نائب صدر پ پ تعلقه ٽنڊوالهيار جو عهدو ڏنو ويو اهيا منهنجي پ پ سان سچائي جو ثمر هو منهنجي لاءِ وڏو اعزاز پ پ ۾ آهي.

جمع 11 فيبروري 2005ع مطابق 2 محرم شريف 1425هه جمع جو صبح فجر آذان سان حاجي خادم حسين ۽ ڊاڪٽر حاجي الياس سميت حرم ۾ پهچي فجر نماز ادا ڪري طواف ڪري ناشتو ڪري ۽ پاڻي زم زم ڪين پيري جڳهه تي اچي غسل ڪري سنا ڪپڙا پائي ۽ جمع نماز لاءِ فل تيار ٿياسين ۽ اڄ بعد نماز جمع اسان جو سفر مدينه طيبه جو به اعلان معلم طرفان ٿي چڪو آهي، ان لاءِ سامان به سميٽي ڇڏيو سون، جمع جي آذان کان پهرين ئي وڃي طواف ڪيوسون ۽ آذان تي سنتون پڙهي خطبو ٻڌي سو امام صاحب جو ممبر تمام سنو نهيل ويلن تي هو ان ڪي مقام ابراهيم جي پير ۾

رکيائون ۽ امام صاحب ان تي مٿي ويهي خطبو ڏنو. ممبر ڪاٺي جو ٺهيل قبي نما محراب جهڙو تمام نفيس ۽ عجيب آهي، ڏسڻ ۽ زيارت جهڙو آهي، خير جمع نماز جماعت سان پڙهي ۽ مدينہ طيبہ جي سفر جي پوري تياري مڪمل هئي، ان ڪري جمع نماز بعد طواف وداع ڪري هنجون هاريندا، پنهنجي جڳهہ جنت السفير طريقي ابراهيم خليل آياسين ۽ ماني کاڌي ن جهڙي، بسون آيون هاڻي مڪي شريف ۾ حجاج تمام گهٽ ٿي ويو آهي، بسون هوٽل جي در تي روڊ ابراهيم خليل تي بيٺيون سامان مٿان کان لفٽن تي لاهي هوٽل وارن کان موڪلائي ۽ بسن ۾ سوار ٿياسين، ٽائيم 2 لڳي 15 منٽ ڏينهن جا ٿيا هئا، معلم جي طرفان هڪ مولوي آيو بس ۾ سامهون بيٺو ٻڪ ڪٽي ۽ درد مان ڪنهن بہ ڪوتاهي سفر ۾ ٿي هجي، ان جي معافي ڏاڍي درد مان گهريائين ۽ چيائين تہ حجاج ڪرام جي گهڻائي سبب مٿان ڪا ڪوتاهي ٿي هجي، تہ حاجي معاف ڪجو مڪي شريف جي وڇوڙي جي درد ڀريل دعا گهريائين ۽ اسان ٻڪ ڪٽي آمين ڪندا رهياسين، هڪ پيرين نہ پيو باقي هر دعا ۽ ڳالهہ ۾ روئاڙي ڇڏيائين، الله سائين شل اهي لڙڪ قبول ڪري آمين، 3 وڳي بسون هلڻ لڳيون مڪي شريف کي ڏکايل اکين ڏسندا ۽ خانہ ڪعبہ تي آخري نظر حسرت ڀريل وجهي توحيد شاهي ۽ اتان کان طريق هجره تي بس هلڻ لڳي، مڪي شريف جي جبلن جا نظارا ڏسندا ۽ المدينہ المنور ڏانهن سفر ڪندا آياسين، وچين ۾ مغرب رستي ۾ پڙهيو سين ۽ عشاءَ بہ مديني شريف کان ٻاهر ناڪي تي پڙهي سون، رات جو 10 وڳي هوٽل تي سامان سميت لاهي ويا ۽ اسان کي ڪمرن ۾ سيٽ ڪيائون ۽ اهو رات جا 3 وڳي تائين ڏک ڏکان هئي، ڪمرا وڏا 6 بيڊن جا هئا، هڪ ۾ اسين مرد ۽ ٻئي ۾ عورتون، منهنجي رفيقن ۾ سڀ نوان هئا، منهنجو ۽ فقير حاجي اقبال جو پيو سفر هو واقف هئاسين.

ڇنڇر تاريخ 12 فيبروري 2005ع مطابق 3 محرم 1425هہ هجري صبح فجر آذان کان پهرين غسل ڪري ڪپڙا بدلائي وضو ڪري

خوشبوءَ لڳائي، سيني رفيقن کي گڏ وٺي، مان، ڊاڪٽر حاجي الياس، حاجي خادم حسين، حاجي جعفر، حاجي محمود، امان حاجاڻي، مامي حاجاڻي، چاچي حاجاڻي، پڦي حاجاڻي، باب فهد تي سمجهائي عورتون باب عثمان بن عفان کان ۽ اسين مرد باب فهد کان داخل ٿياسين، جماعت سان فجر نماز ادا ڪري سلام شريف پڙهي ۽ باب بقيع مان نڪري جنت البقہ جي زيارت ڪري ختمون شريف پڙهي، جڳهہ تي اچي ناشتو ڪري سمهي رهياسين ۽ ظهر نماز حرم شريف ۾ ادا ڪري، حاجي مدني پراڻو بازار حرم شريف کان اوڀر طرف سوق انصار کان پنيان دوڪان نالو عطاءُ الله سعاتي حاجي مدني سان ملي، ڪيس هوٽل جو وزيٽر ڪارڊ ڏيئي، مسجد ابو ذرغفار کان پارڪ چوڪ ۾ قلعہ جو ماڊل ڏنو سون، جڳهہ تي پهچي ماني کائي ۽ حاجي محمد علي جروار آيو، شام تائين ڪچهري ڪيائين ۽ عصر نما لاءِ حرم ۾ جماعت سان نماز پڙهي ۽ مغرب نماز بہ حرم ۾ پڙهي سون، عشاءَ لاءِ حرم جماعت سان نماز پڙهي، ماني لاءِ حاجي محمد علي جروار جو دوست نسيم لاشاري چيو هو ان سان هوٽل ۾ ماني کائي، جڳهہ تي آياسون، ادا حاجن جروار سان ڪچهري کان پوءِ ستاسين.

جيئن تہ هاڻي ڏينهن باقي رهيا هئا، ان ڪري سودا گيري بہ ڪندا اچون ۽ مانيون بہ واري سان دوست پائرن جون کائيندا اچون.

آچر تاريخ 13 فيبروري 2005ع مطابق 4 محرم 1425هہ آذان کان پهرين غسل ڪري وضو ڪري جڳهہ کان آذان تي حرم شريف پهچي ۽ نماز جماعت سان ادا ڪري سلام پڙهي جڳهہ تي اچي سيني رفيقن جي صلاح سان گاڏي ڪري ۽ مديني شريف جي زيارت لاءِ روانا ٿياسين، فيبروري جي موسم ٿڌي هئي، 7 لڳي 30 منٽن تي بس زيارتن لاءِ سفر شروع ڪيو طريق ستين تان سڌو جبل اُحد سيد الشهداءِ سينا حضرت امير حمزه رضہ ۽ ٻيا اصحاب رضہ جنگ احد جاءِ اتي ئي مان ۽ حاجي خادم حسين جبل روماني چڙهي وياسون ۽ زيارت ڪئي سون، جيڪو زيارت احد سان

لڳ آهي، ان کي جبل روما چون ٿا ۽ وادي رومان بہ گڏ آهي ۽ ڪجھ ٻوٽين جي خريداري پڻ رفيقن ڪئي ۽ ان کان پوءِ بس ۾ سوار ٿي مسجد قبليتن جنگ خندق واري ميدان اتي وڏي مسجد تعمير ڪئي اٿن. مسجد جمع اول مدينہ يا مسجد قبا. بير غرث ۽ ٻيون زيارتون ڪرائي ظهر نماز کان پهرين جڳھ تي ڇڏي ويا مون راقم بہ سيڌيون خريد ڪيون. زيارتن دوران جن ۾ تاريخ سمايل آهي، مڪي شريف ۽ مدينہ طيبہ جي ۽ بعد ۾ ظهر، عصر، مغرب، عشاءَ نمازون حرم ۾ ادا ڪيوسون. رات جي ماني هوٽل تي حاجي محمد علي جروار کارائي ۽ هڪ ڏينهن لاءِ موڪلائي ويو هليو ۽ اسان ڪچهري ڪري ڪمري ۾ سڀ رفيق پنهنجي پنهنجي پلنگ بيڊ تي آرامي ٿيا آهيون.

سومر تاريخ 14 فيبروري 2005ع مطابق 5 محرم 1425 هجري فجر آذان سان حرم پهچي نماز ادا ڪري سلام پڙهي جڳھ تي آياسين. ادا حاجن جروار ناشتو تيار ڪٽي هوٽل تي اسان جي ڪمري ۾ سڀني کي کارائي واپس برتن ڪٽي ويو مان، حاجي خادم حسين، ڊاڪٽر الياس اسان حاجي مدني جي دڪان عطاءَ الله سعاتي خريداري لاءِ وياسون. حاجي الياس ريٽ پڇي ڪابہ خريداري نہ ڪئي، مون راجا محمد پريل خان لاءِ هڪ وڊيو گيم ۽ ڪجھ گهر لاءِ گهڙيون خريد ڪيون. جڳھ تي رکي سامان ۽ ظهر نماز لاءِ حرم شريف ۾ عصر ۽ مغرب نماز پڙهي پروگرام مطابق حاجي مدني جي دڪان تي حاجي محمد خان پتافي جي ماني کائڻ وياسون. سامهون هوٽل ۾ ماني کارايائين ۽ رات جو جڳھ تي اچي رفيقن سان ملي، ڪچهري ڪري آرامي ٿياسين.

اڱارو تاريخ 15 فيبروري 2005ع مطابق 6 محرم 1425هہ رفيق سميت فجر حرم شريف ۾ جماعت سان پڙهي حاجي درياءَ خان لنڊ جو انتظار ڪيم. حرم ۾ عبادت نفلي توڙي حرم جي زيارتن ۾ هئس. يڪو ظهر نماز بہ اتي پڙهيم. حاجي دريا خان لنڊ ۽ مولوي حاجي مڪي ورياھ جڳھ

تي اچي ماني جو پروگرام رکي ويا. راقم محمد ياسين جروار، ڊاڪٽر حاجي الياس، ادا حاجن جروار آيو ان سان جعفر رند جي ڪار ۾ حاجن جروار جي جاءِ تي فارم وياسين. ماني ڪائي ۽ واپس جعفر رند جي ڪار جڳهه تي پهچائي ڇڏيو عصر، مغرب ۽ عشاءَ حرم ۾ جماعت سان نماز ادا ڪئي سون. رات جي ماني حاجي محمد علي جروار، حاجي درياءَ خان لنڊ، مختيار جروار، حاجي مڪي ورياهه ۽ اسان گڏجي ڪاڌي، جڳهه تي اچي ڪچهري ڪئي سين. ڪجهه ڪتل به خريد ڪئي ۽ پوءِ سمهي رهياسين.

اربع تاريخ 16 فيبروري 2005ع مطابق 7 محرم 1425هه فجر نماز ۽ سلام حرم شريف ۾ ادا ڪري جڳهه تي آياسين. حاجي مدني، حاجي مدني، حاجي محمود وٽ آيو ان کان پوءِ حاجي مڪي ورياهه به آيو ڪچهري ڪري ويو.

ادا حاجي محمد علي آيو ڪار ۾ سلطان رند سان گڏ. محمد ياسين، ڊاڪٽر حاجي الياس، خادم حسين جروار کي وٺي سندس حاجي محمد علي فارم جڳهه تي ماني ڪارائي، سلطان رند ڪار ۾ واپس جڳهه تي ڇڏي ويو. نمازون سڀ حرم ۾ پڙهيوسين ۽ سلام به پڙهياسين. سج لٿي کان بعد حاجي محمد علي جروار ۽ ادا مختيار جروار آيا. مونکي بازار وٺي ويا. هڪ ڪئميرا جپاني يا شيڪا وٺي ڏنائون ۽ حجام جي دڪان تان ڏاڙهي وار سڌا ڪرائي آياسون. حجام مالش ڏاڍي سُٺي ڪيائون ۽ ادا حاجي محمد علي، مختيار موڪلائي مون کان روانا ٿيا ۽ اڄ حاجي درياءَ خان لنڊ به موڪلائي پاڪستان روانو ٿي ويو آهي.

خميس تاريخ 17 فيبروري 2005ع مطابق 8 محرم 1425هه فجر نماز حرم ۾ پڙهي سلام پڙهي ۽ ناشتو ڪري جڳهه تي آياسين. اڄ منجهد جي ماني حاجي شاهنواز لنڊ ڪئي، حاجي محمود لنڊ سان گڏجي ماني کٽي آيو مولوي حاجي مڪي ورياهه ۽ اسان سيني گڏجي ماني ڪاڌي، حاجي شاهنواز لنڊ، حاجي خادم حسين جو دوست آهي ۽ سندس ڳوٺ جو آهي ۽

مولوي حاجي مڪي کي ڪيسٽون ٽيپ رڪارڊ جون چيڪ ڪرڻ لاءِ ڏنم ته انهن ۾ چيڪ ڪري ڏي ته آذان الحرم عصام بخاري جي آواز ۾ آذان آهي يا نه، شام واپس ڏنائين، انهن ۾ عصام بخاري نه آهي، ظهر، عصر، مغرب ۽ عشاءَ نمازون حرم شريف ۾ ادا ڪيون سون ۽ رستي مان ايندي ويندي ڪجهه خريداري به ڪئي سون، حاجي محمود لنڊ مائي سان عربي ۾ ڳالهايو، منڊيون خريد ڪري تحفو ڏنو، عصر نماز بعد جنت البقيه قبرستان وياسون، راقم کي نقشو مليل هو جيڪو گڏ هو ضروري زيارتن لاءِ حاجي الياس، حاجي خادم حسين گڏ هئا ۽ رات جي ماني محمد ياسين ۽ حاجي خادم حسين جي حاجي مدني ڪئي هئي، وٽس دوڪان تي وياسون، سامهين هوٽل تي ماني کارايائين، ماني کان پوءِ گهمندا امام بخاري مسجد واري روڊ سان جڳهه تي آياسون، ڪجهه سامان کي درست ڪيو سون، خريداري جي لسٽ چيڪ ڪري ڪچهري ڪري ۽ آرامي ٿياسين، ڊاڪٽر صاحب جو مائٽ پي آئي اي وارو آيو ۽ مليو پاڻ حج ڊيوٽي ۾ آيل آهي.

جمع تاريخ 18 فيبروري 2005ع مطابق 9 محرم 1425هه صبح فجر نماز ۽ سلام حرم پڙهي جڳهه تي ناشتو ڪيوسون ۽ ادا حاجن جروار آيو هڪ ڪمبل، هڪ ريڊيو ٽيپ رڪارڊ، ڪتل ۽ ٻيو ڪجهه سامان سوڪڙي ڪري ڏنو ۽ ماني به سيني جي منجهند جي چٽي ويو غسل ڪري ڪپڙا متائي ۽ جمع نماز لاءِ حرم شريف پهچي وياسين، جماعت سان نماز ادا ڪري باب فهد کان باب عثمان بن عفان جي وچ ۾ درميان ۾ ادا حاجن وڏو ڏکو سفرو لڳائي، ماني ۾ ٻوڙ ڪڪڙ سائي ڀاڄي، انب ۽ ٻيو به سڀ ڪجهه هو محمد ياسين، حاجي الياس، حاجي خادم حسين، حاجي عبدالغني ميمڻ (ٽنڊوالهيار)، حاجي غفار ميمڻ، حاجي جعفر رند ۽ ٻيا دوست حاجن جا جيڪي حج تي آيل هئا ۽ ٻيا لوڪل به پاڻ ۾ هئا، اندازن 40 کان وڌيڪ يڪا گڏجي ماني کاڌي سون، گلاب رڏ به هو ۽ بعد ڪجهه سودو وني، جڳهه تي چڙي ۽ واپس عصر نماز ۽ بعد ۾ مغرب نماز ۽ عشاءَ نماز

حرم ۾ ادا ڪري، حاجي مدني کان ماني جيڪا پهريان ايندي هئي وٺي جاءِ تي آياسين، حاجن مصلو تسبيحون پڻ ڏنيون ۽ رات جو سامان جي سفر لاءِ سيٽنگ ڪيم.

ڇنڇر تاريخ 19 فيبروري 2005ع مطابق 10 محرم 1425هه فجر نماز لاءِ غسل ڪري وضو ڪري گڏجي حرم شريف وياسين، جڳهه تي ناشتو ڪري سيني سامان درست ڪيا ۽ مولوي مڪي ورياهه آيو. ڪار ڪاهي، ماني لاءِ وٺڻ ويو. پاڻ اسان کي زيارتون ڪرايائين، جن ۾ نبي سائين جي ڏاچي جا پير، باغ ۾ اندر ٽيوب ويل نالي سان لڳ هئا. باغ حضرت سلمان فارسي رضه جو هن وقت مدرسو ۽ ميدان آهي، نبي صه کوهه ۾ ڪري اهو کوهه حضرت زين العابدين جو کوهه مٿس وڏو گارڊ رکيل هو بير علي اتي 5 کوهه آهن، ديوار ۾ اندر بند آهن. دروازو شيخن سان هو ان مان زيارت ڪئي سون، موجود مسجد بير علي جنهن جاءِ کي ذوحليفه پڻ چوندا آهن. اسان جي اسرار تي اسان کي جبل عير ڏيکاريائين، جنهن کي نبي صه بد دعا ڪئي هئي، مسجد قبا ۾ اسان کي عمري جي نيت جا نفل پڙهائي، سندس گهرايو ۽ ننڍڙي امان ساران سندس ڏيءَ کي به گڏ وٺي هليو هو ماني به پهر هڪ وڏي روڊ تي سٽي هوٽل ۾ پايا ۽ گرم ماني جيڪا وسري نٿي کارايائين ۽ اسان کي 12 وڳي ڇڏي ويو ظهر عصر، مغرب، عشاءَ سڀ نمازون حرم ۾ پڙهيون سون، عصر کان بعد جنته البقيه جي زيارت ڪئي سون، عشاءَ کان بعد رياض الجنت ۾ به نفل پڙهي ڊو ڪيوسون، حاجي الياس، حاجي خادم حسين ۽ مان گڏ هئاسين، حاجي الياس سڄي عبادت سلام اصحاب صفئہ وارو دکو ۽ پيو جيڪي حرم ۾ آهي، سڀ زيارتون ڊاڪٽر صاحب سان گڏ ڪري دير سان حاجي مدني جي دوڪان تان ٻاهر بني واري ماني کڻي جڳهه تي آياسين، ماني کائي سامان سميٽي پيڪ ڪري حڪم مطابق هيٺ کڻي آياسون، جو واپسي سفر لاءِ بسون تيار هيون، بس انتظار ۾ ٽڪڙو وٺ وٺان هئي، سامان بس ۾ لوڊ ٿيو اسان جي ڪوچ وانگي ۽ رات 3 وڳي بسن سفر

شروع ڪيو. جده لاءِ رات جو سفر هو. حاجي خادم حسين مونکي شوڪت علي لاءِ هڪ ڪمبل ڊبل بيڊ جو تحفو ڏنو.

آچر تاريخ 20 فيبروري 2005ع مطابق 11 محرم 1425هه بس ۾ سفر ڪري رات 3 وڳي کان فجر نماز مدينہ طيبہ کان 150 ڪلوميٽر جده ويندڙ روڊ جيڪو مون سمجهيو تہ طريق هجره آهي، ان تي پڙهائي ۽ سفر جاري ڪيائون ۽ صبح جو 11 وڳي جده حج ٽرمينل تي پهچائي واپس ويا. اسان جي فلائيٽ ٽرمينل 11 تي هئي، سامان سڀ آن لائن ۾ پاٽي سميت سيٽ ڪري سڀني رفيقن جا سامان پاٽي هرهڪ سنڀالي، چين بيلٽ پاس ڪرائي ۽ غسل ڪري ڪپڙا بدلائي تيار ٿي انتظار ۾ رهياسين ۽ هوائي جهاز واپسي جون ٽڪيٽون اوڪي ٿيون. بورڊنگ وغيره ٿي، 11 نمبر جي لين ۾ مايون پهرين ڪيوسين ۽ مرد پٺيان سوار ٿياسين. سامان جي طور وقت مڙئي حاجين کي شيطان ڪجهہ ٿيو پر سڀني جو سامان پاس ٿي ويو. منهنجي هيڊ بيگ ۾ الاهي وزن هو سو مون تي ڪرايو 50 ريال لڳو ساڳئي طريقي ڊاڪٽر حاجي الياس تي بہ هيڊ بيگ جي ون جو ڪرايو لڳو 50 ريال ۽ حاجي خادم علي کان پئسا وٺي ۽ رسيد يڪي 100 ريال جي منهنجي نالي ڪٽيائون. مون وٽ 50 ريال هئا. باقي ڊاڪٽر صاحب وٽ ڪونہ هئا سو خادم حسين کان ورتم ڊاڪٽر حاجي الياس صاحب جو مائٽ جيڪو حج ڊيوٽي ۾ پي آئي اي ۾ آفيسر آيل هو ان جي خصوصي مهرباني سان اسان ٽن ڄڻن حاجي محمد الياس سريوال، حاجي خادم حسين جروار ۽ محمد ياسين جروار جون سيٽون هوائي جهاز ۾ مٿي ڪيبن ۾ مليون. 4 ٻيا مسافر مٿي ڪيبن ۾ هئا ۽ ڪجهہ سيٽون ڪيبن ۾ خالي هيون. پائلٽ ڏسندا آياسين تہ ڪيئن پيا جهاز هلائين. دروازو ڪليل هو. جده کان روانگي جو ٽائيم ڪونہ ڏنم ۽ سفر ڪري ڪراچي حج ٽرمينل تي رات 12 وڳي لٿو. ضروري ڪاغذي ڪارروائي کان پوءِ سامان سنڀالي رات جو 3 وڳي ٻاهر اچي مائٽن، دوستن، ادا محمد امين جروار، منير احمد جوکيو حاجي

اسحاق ۽ ٻيا مليا، سامان بس ۾ رکي ڳوٺ ڏانھن راھي ٿياسين، ڪجھ سيءَ بس ۾ لڳو ۽ ڪمبل اوڙھي ويٺس، انگريزي تاريخ 21 فيبروري 2005ع تي ويئي آھي، ڳوٺ جو سفر جاري آھي، خير جا صبح فجر ٽائيم ڪان پوءِ 21 فيبروري 2005ع بروز سومر صبح 7 وڳي حاجي غلام حيدر اوطاق وٽ بس بيٺي ۽ مان لھي سڌو مسجد مدينہ مسجد ڳوٺ حاجي الھ بخش جروار ۾ نماز پڙھي ۽ گھر آيس، مدينہ منور واري جاءِ بس اڏي جي نزديڪ ھئي، پر ۾ راولپنڊي ھوٽل ھئي، اسان جي ھوٽل جو وزٽ ڪارڊ حاجي مدني کي ڏيئي ڇڏيم ۽ مون ھوٽل جي نالي تي غور ڪونہ ڪيو. ڊائري ۾ تاريخ احوال بروقت لکندو ويس، جڏھن فيئر ڪيم تہ ھوٽل جو نالو نہ مليو. ادا محمد امين جروار ڪراچي، منير احمد جوکيو ڪراچي ۽ حاجي اسحاق جروار ڪراچي، ڪراچي پورٽ ۾ وڃڻ ۽ اچڻ وقت گڏ ھئا، سندن نوازشون.

ڊاڪٽر حاجي الياس سفر ڊائري جي فرمائش ڪئي ۽ ڳوٺ اچي ھن ڪتاب جي فيئر مھل ڪيس چمبڙن ڪلينڪ تي موڪلي ڏنم.

# لوڪ بيت

سگهڙ / شاعر: علي محمد ”علڻ“ جروار

سهيڙيندڙ: محمد ياسين جروار

# قِصو ڪُوڙي ڏِڱي ۽ جمعي جروار جو

**بيت بابت وضاحت**: جمع جروار ميهاڻي پنهنجي وقت جو تمام وڏو دلير، ڏاڍو مڙس ۽ ڳوٺ الهبخش جروار جو هو اهيا پراڻي واهن جي ڳالهه آهي، جڏهن 6 مهينا واهن ۾ پاڻي ايندو هو ۽ 6 مهينا بند هوندو هو جڏهن درياءَ چاڙهه ۾ نه ايندو هو ته ڪوهن تي گذاريو ڪبو هو سو مال جانور ويچارا به پاڻي لاءِ ڪنهن وسندل ڪوهه جي اوڙي تان پاڻي پيئندا هئا، جيڪي خيرات طور استعمال ٿيندا هئا، پوءِ رول وهٽ به پاڻي جي آسري اچي ڪوهه تي گڏ ٿيندا هئا، اتفاق سان خدا داد جروار ملون ڳوٺ صاحب خان جروار واري جو هڪ ڪوڙو ڏڳو به وِهڪ جي آسري ۾ بيهي رهيو ته جمع جروار به سندس اٺ ڪاهي آيو ته پاڻي پياري اچان، اتفاق سان پاڻي ته اوڙي ۾ به نه هو ۽ جمع جروار پانيو ته هي خدا داد ميلن جو جيڪو ڏڳو بيٺو آهي، اهيو ڪوهه ۾ ٻڏي ۽ اٺن ڪي پاڻي پياريان، جيڪي همراهه ڪوهه تي ويٺا هئا، انهن سيني جمع کي چيو ته اهيو ڏڳو ڪوڙو آهي، ڪونه وهندو، ليڪن جمع پنهنجي مغروري سبب ضد ڪري بيٺو ته اهيو ڪوڙو ڏڳو ضرور وهائيندس، پوءِ ته جهل جهلان جي باوجود به جمع ضد نه ڇڏيو ۽ لنبي ڏڱي کي ڪاهي ڪٽي ڪوهه جي پڙ تي چاڙهيو ٻڌائين ڪاهي هلين وسيلن جي به ڏڳو نه هليو آخر جمع ڏاڍا ڏنبا هنيس نيٺ ڪوڙو ڏڳو ڪوهه جي پڙي ۾ ڪري پيو، سيئي همراهه جمع جي بي پرواهي تي کليا ۽ جمع ضد ڇڏيو ۽ خدا داد جروار جو ڪوڙو ڏڳو ڪولي ڇڏيائين، اتفاق خدا داد وارا غريب هوندا هئا ۽ سندن باغ وغيره نه هئا، ليڪن علي محمد ”علڻ“ جروار جي بيت کان بعد اهي باغ ۽ ٻنيون سڀ ٿيون؟ خدا داد وارن وٽ هاڻي باقي ڪجين جا ڪجهه وڻ بچيا، رهي نالو الله جو.

سارهايان سچو ڏٺي سائين رب ستار
اڳي اسان تي احسان ڪيا ڏيهه ڏٺي ڏاتار
ته ٿاهي ڪوڙ جو سو قصو تاريخي ڪيوسين تيار

تہ لنڊو ڏيگو هن لوڪ ۾ جنهن جي حاق سڄي ٿي هيڪار
پر مڙد وڏي مغر سان هو جمع سو جروار
هي اچي اٽڪيا پاڻ ۾ ۽ نر ٿيا نروار
خانن اچي ڪيو هو ڪوهہ تي ڪو ڪيتو ڪلل دار
هو پيي سونٿو ڪٽي سمبري آيو جمع سو جروار
پوءِ ٿيو هو لنڊي سان لاچار جو حد ڏنائين هن جي
حد ڏسي هن جي مگ ڪاڏو موڙو
سائو سمپري بينو ۽ پڇ ڪري ڏوڙو
جانچي تنهن جروار کي اچي پيو سورهيہ کي سوڙهو
چيئين ير جمع توسان جوڙوائون موٽي ڪندس ميدان تي
جمع چيس جي ادا موٽي ڪندين ميندا تي تہ
چڏيندوسئين سورهيہ سمجهائي ساوا
تو جهڙا گانڊو گس ۾ مون چڏيا رندن ۾ رلائي
آئون سونٿو هٽندوسين سگن ۾ ٻيو بانٺو بنائي
چم تہ تنهنجي چيلهہ جو آئون چڏيا ها لنين سان لاهي
پر مونکي آهي خيال خليفي خدا داد جو جو مڙد موچارو آهي
لنڊا توکي لڄ نہ آهي مون توکي هٿ وڏو هو هجت ڪري
چيئين ادا هٿ وڏو هوئي هجت ڪري اهي ٻٽ اٹئي ٻيا
پر دڙڪن ۽ دهمانن تي اٹئي پاڙي پڄايا
گابا وٺي گس مان اٹئي وير ٻہ وهايا
اڄ منهن پيو آهين مڙد جي هاٽي سورهيہ ٿي سڏا
پوءِ جمع توسان جدا آئون ڪندس مقابلو ميدان تي
چيئين ادا ڪندين مقابلو ميدان تي آئون ٻہ جمن آهيان جوان
مرد اڳيئي وڏي مگر سان آهيان سورهيہ جوان سڄاڻ
پر تو جهڙا گسن ۾ مون ڪٽي ڪيا قتلام
پر مونتي آهي مهرباني مالڪ جي ٻيو مونکي الله ڏنو آهي ايمان

هاڻي بگا ٿئين بي ايمان جو مان نہ ڏنئي مڙد ڪي
چيئين ادا مان ڏجن مڙدن ڪي جي آهي سورهيہ سوڀارا
سي تي مڙد ميدان ۾ اچيو اڏين اوتارا
مانيون ٿا کارائين مڙدن ڪي هو نرهنيو نارا
تون ٻٽ لڪو وتين ٻوڙن ۾ ۽ ونيو ڪپون ڪنارا
وڙهين پيو واتوهڙن سان تون جمع جانگيارا
مونکي بہ وني آئين وقوف سان ڪري منتون موچارا
تہ تون نر هلي وهہ هن نار ۾ آهن منهنجا اٺ بہ اُجارا
اڪيون ٻڌي اتڪل سان پوءِ ڪياهوئي ويساهن جا وارا
هاڻي پري ٿي پيارا تہ اسان ڪُپي ويهون ٿا ڪوهہ تي
جي ڪُپي ويهيدين ڪوهہ تي تہ آئون ساوا لهندوسين سار
آئون هڪل ڪندس همراهن ڪي تنهن مهل هليا ايندا هزار
هو ڏيندئي باهہ باننن جي پوءِ لنبا ٿيندئي لاچار
ماڻهو ڪلندئي ملڪ جا پوءِ ٿيندين خلق ۾ خوار
هاڻي پاڻي اٿي پيار تون اشراف منهنجي اٺن ڪي
چيئين ادا آئون اشراف اڳيئي آهيان مونکي ڪميڻو چوي ڪير
تون اچيو ٻيهين ٿو اسان تي گرا ٻڌيو گير
توکي ناهي خيال خدا داد جو جو ملان آهي مٿير
موڳا تون مڙدن سان پيو واريو وجهين وير
آئون سگ هٽندوسين سيني ۾ پوءِ پويان پوندئي پير
آئون لنبڻ ڪيندوسين لتن سان ۽ دم نہ ڪندوسين دير
پر مونکي آهي ويچار تنهن جي وڏن جو نہ تہ ڪاوڙ لاهيم ڪير
هاڻي عاشق چڙ اوير ڪٽي ڏورٽو ڪيڊ هن ڏاند جو
جمع چيس جي ادا ڏورٽو ڪيان ڏاند جو تون پيو ڪرين ويڻ وري
آئون بہ سوئنا آڻيندس سيگهہ مان هڪ ڀاڪر ٻيو ڀري
آئون هڪل ڪندس همراهن ڪي تنهن مهل ويندئي وير وري

ٻاري باهه ٻانڻن جي هتي ڏينديئي ڄٽ چري
ڇٽا ڪنڌئي ڇيلهه تي تہ وينديئي منڊ مري
تہ هرامي ڪانگ هتي جا سي ولر ڪنڌئي وري
ٿونگا هٽي ٿاهہ منجهان ڪنڌئي دنمب منجهان دري
جوان تنهنجي جتين ڪان اهيا وينديئي ڪل ڪري
اهيا توکي "علڻ" چئي ٽينديئي ڳالهه ڳري
پر پوءِ منهنجي ساوا ڪونہ سري
جو منهنجا اٺ مرن پيا اُڃ سان
عاشق پنهنجي اٺن کي تون پاڻي ڀي هنڌ پيار
تن کي مهارون وجهي محبت جون تون هينئر سان هوڪار
ڪڏ ڀري پئي آهي ڪوڪرن ۾ جتي ٿا حيوان پيئن هزار
جتي ڏوٻي ڏوئن ڪپڙا ٻيا هاري چاڙهين نار
انهي هوندي اسان سان تون توڏ ڪرين تڪرار
لڙين ٿو لنڊي سان تون ڏيان پنهنجو ڏار
هاٽي جوڙي بيهہ جروار تون هٿ ٻئي حيوان اڳيان
چئين هٿ ٻئي حيوان اڳيان جروار ٻينو جوڙي
لنڊا توکي لوڪ جي ير ميار نٿي موڙي
هاٽي ساوا بيهہ سمنپري تہ توکي ڇڏيان آئون ڇوڙي
منهنجي قسمت مونسان ۾ لکيو سيڪو لوڙي
اهيا تو اسان تي ڇڏي آهي خواري پي ڪوڙي
پر ماٺهو ڪلندا ملڪ جا ۾ جٽ ڪندا جوڙي
عاشق منهنجي اُٺن کي وڏو آهي اُڃ بہ اُڪوڙي
آئون وٺي اچان ها وقوف سان ڪو وهڙو وڪوڙي
تہ نر ٻڌي هن نار ۾ آئون اٺ پياريان ها اوڙي
هاٽي جمع سان جوڙي اهيا جٽ ڪئي آهي جڳ ۾
لنڊي چيس ير جڳ جي جٽين ڪان تنهنجو مولا رکندو مان

پر تون وڙهين ٿو واتوهڙن سان ٻيو مارين ٿو مزمان
آئون ٻه وڙڪي آيو هوس ووهڙين پنيان هو اتي جو انجام
نه ته مونکي پرواهه نه آهي اوهان جي پاڻي جي اسان جا پنهنجا نار آهن نشان
اتي اٺ وهن ٿا ادب سان هو موڳا سي مستان
پر خان اسان جي کوهه تي آهن باغ وڏا بستان
انب، انجير کيترا ٻيا توت آهن تمام
هلي ڏس ڦر ڦاروئن ۾ ٻيا ليمان لڏن ٿا لام
ڏاريون ڏس ڏاڙهون ئن جو جنهن ۾ گلن جا گمسان
ڏسي زور زيتونن جو تون هيکر ٿيندين حيران
هُتي کاٺ گدرا کيوڙا ۽ نمون آهن نيشان
پر سچي کجي سنگت ۾ ۽ بغد رکن بيمان
انهي نار ۾ "علڻ" چئي آئون ڦيرو کين ڦران
هاڻي جيکڏهن جمع هوندي جوان ته لڙندين کين لنبي ڏي.

***

# ٻانھيپوٽاءِ سمان

شاھہ عبدالڪريم ٻُلڙي ۽ جھوڪ شريف ڪان پريان ابڙال وٽ ٻانھيپوٽا ۽ ھتي اسان جا ديھہ ٻڪيراڻي ۽ ستياري ديھہ جا درس ۽ ٻانھيپوٽا انھن جون مائٽيون آھن، اسان جا ھمراھہ چاچو حاجي سليمان ايندي ويندي اٿن جون مزوريون ڪورواھہ ٻنورو ابڙال طرف اوير سوير ٻانھيپوٽن وٽ اٿن جي قطار سميت ٽڪندا ۽ مزوريون ڪندا ھئا. چاڙ سچاڙ ۽ ھجت ھئي، ٻانھيپوٽا وري سندن عزيزن وٽ ھتي خوشي غمي ايندا رھندا ھئا. سو ھڪ ٻئي سان سنگت ھجت ٿي ويئي ھئي، جيڪا اجان تائين نياڻ واريون ڏريون ھڪ ٻئي سان نيايو اچن، ھن پاسي ابڙال ڏي ٻانھيپوٽن جي زمين سمن ھارپ تي ورتي، سال ٻہ آبادي ڪري ۽ ٻانھيپوٽن سان وڙھيا ۽ ٻني قبضي ڪري ڏاڍ ڪري ويھي رھيا، تہ زمين اسان جي آھي، ٻانھيپوٽا ھيٺان ھئا نہ پھتا، راڄن ۾ دانھون ڪوڪون ڪيائون، پر سمان مڃن نہ، نيٺ فيصلي لاءِ وڻي ويا، سمن مان ڪونہ ڏنو جروارن پنھنجو زور استعمال ڪري ڪيس ڪرائي، سمان جھلائي جيل حوالي ڪري ڪورٽ مان ڪيس ڪٽي ٻانھيپوٽن کي قبضي سميت زمين حوالي ٿي، علي محمد علڻ جروار سڄي قصي تي بيت ٺاھيو، جنھن ۾ ٻانھيپوٽن جي ڳالھہ مٿي ۽ سمن جي ڳالھہ ھيٺ بيت ڪچھرين ۾ مشھور ٿي ويو، علڻ جي ھجت سمن سان بہ ھئي، انھن چيو تہ اسان کي خوار ڪيو اٿئي تہ ڪين راضي ڪرڻ لاءِ ٻيو بيت سمن جي اڳيرائي ۽ ٻانھيپوٽن جي ھيٺائي ٻڌائيندو، ھو ھاڻي انھن نالن وار سڀ گذاري ويا، بيت ٻيو ڳائجي، رھي نالو الله جو باقي سڀ فنا. چاچو حاجي سليمان اٺن قطارون سان واقف ٿيو ۽ حاجي مير محمد حاجي يار محمد پوءِ ۽ راجوٽي ڏيٺ ويٺ سنگت ٿي، ھي بيت 40-1936ع جا آھن، جنھن وقت انگريز حڪومت ھئي.

ساراهيان سچو ڏڻي ساراهيان سبحاني،
ڪامل جي قدرت جي ڪل ڪنهن ڪا ڪانهي،
ٻڌندو عرض "علڻ" جا صاحب سلطاني،
اِهي جوڙيل جملا جروار جا سي آهن سُنا سُبحاني
واري وجهه ورق وندر جا جن ۾ آهي ورچ ٻـ روحاني
ٽيو آهي سور سمن کي جن کان ٻانهيپوتن ڦري آهي ٻني
صفا تنهن صادق جي ڪيرائي چڙهيئون ڪُني
اسان جا آهن ڪم ڪريم تي مٿان آهي پيچ پني
هاٽي پيرن کان ٻـ پني ڪيداسين پاڙ پليتن جي
ڪيداسين پاڙ پليتن جي جي وجڻ کي ويندا
ماري تن کي موچڙن سان جن کي ڪامورا اچي ڪيندا
انهن جاين ۾ جروار چئي پيا راهڪ اچي رهندا
اچي پوکون پوکيندا پريت جون جن تي پيهاٻـ پوندا
لائي زور زمين تي اتي موتيا منهن ڏيندا
ايندو مهينو اسو جو جنهن ۾ لاهيار اچي لٽندا
ڪندا کوڙ ڪرن ۾ جتي سٽا پيا سُهندا
ايندا سچڻ احمد جا جي ڏسي کلي خوش ٿيندا
دشمن هن درويش جا سدائين پيا سڙندا
اسان جا آهن ڪم ڪريم تي سيد سهنج ڪندا
پوءِ وير پيا وسندا اهي سدائين پٽ صاحب ڏني جا
انهن پڌن تي احمد جا قابو هنيا سين ڪير
جيڪي ٿيندا دشمن هن درويش جا تن کي لڳندا زورا رزنزير
سمان ڀرندا ڀٽ ۾ جن کي ٻُکن ڪيو آهي ٻهير
ٻانهيپوٽا اهي مرد هئا، مهمير ۽ اوهان کي پهرين سٽ هنيون پٽ ۾
پهرين سٽ هنيو پٽ ۾ وارو ڪري وير
هو ماٺ ۾ اوهان کي ماري ويا هنن جي پٽ پري آهي پير

پيو تہ کيھر شينھن وينو آهي ڪاپ ۾ سو مستانو مھمير
حسن علي آهي نالو جنھن جو سو ٻہ اصلئون آهي امير
اوهان جي پاسي آهي احمد ڪوري جيڪو آهي ٻچڙو ٻلھزير
اسان جا آهن ڪم ڪريم تي جيڪو سيد اڪاريندو وسير
احمد ٿي امير اٿي جوڙائي پنھنجي جاين کي
جوڙائي پنھنجي جاين کي ٿي سمن کي ڀي سر
سيد توسان سچو آهي قاسم شاھ ڪپر
سو ڀهرين ايندو پڙ ۾ هو ڪڏي سو ڪيھر
پر خدا ڏنو شاھ خاشو آهي سيد سو سٻر
ايندو پاسي احمد جي سونارو هٽي نر
سو هٽندو ڪين هاشمي جنھن کي آهي امام جي آڌار
پيو تہ ملوڪ شاھ آهي مڙد سچو سراسر
اهي سيد آهن سامايا سي گل آهن گوهر
ٻنيون وٺي ڏيندا ٻانهيپوٽن کي جنھن جو حق آهي هيڪر
هو ناحق گهورو ناهي هن جي پٽ رکندو پرور
عالم جي انصاف جي آهي خالق کي ٻہ خبر
هن رکيو آهي ڀروسو ڀٽائي تي پريان آهي قرارو قلندر
پر علڻ پيو عرض ڪري آچاري کي جو آهي رستي تي رهبر
پوءِ احمد کي آڌر آهي انهن اوليائن جي
ءِ ٿيو آهي سور سمن کي و رونهن واڏارو
دابود دانهون ڪري هليو هچارو
اوهين هلو مونسان ميڙ ٿي تنهن سنگت ميڙيو سارو
تہ وٺون هن ورهاست مان پاڙ ٻانهيپوٽن کان ٻارو
هي ڪاهي آيا احمد ڪوري وٽ ڪيائون ماني تي مارو
ڏينهن لهي ويو لاهوتين کي صلاح ڪندي سارو
پوءِ اٿاريئون احمد ڪوري کي تون سنگتي ڪر سڏارو

سو سومري کي ساڻ ڪري هليو هچارو
ڪاهي آيو ڪاپڙي وچين جو ويچار
ڪيائون سڏ صاحب ڏني کي بيهي بوهيارو
احمد مليو اچي انهن کي جنهن ويهي ڪلي ڪيڪاريو
ويهاري هن وقوف سان پوءِ پڇيائين حوال هيڪارو
ٻيلي آيا آهيون اميد ڪري تون آهين دوست دلوارو
هاڻي ڪڻ احمد اسان جو آرو تون نر سڄاڻ پنهنجي نسل کي
چياءِ ادا ڇو نہ سڃاڻان نسل کي پر اوهين سما ڪريو سڏارو
دغا رکي دل ۾ ڪيو ٿا اسان سان آرو
آئون ذرو ڪونہ ڏيندس هن زمين مان کو ٻني مان ٻارو
هاڻي هلندو ڪونہ حساب ۾ چلندو ڪو چارو
هاڻي سمان سڏارو اوهان جو ڪڏهن ٿيندو ڪونہ ڪو
چيائون جي ڪڏهين ٿيندو ڪونہ ڪو تہ اسان جي آهي قبضي تي ڪاهہ
ڪڏهين ڇڏيندا سين ڪين کي جوان اهيا جاءِ
تو سو 100 رپين جو ڏنو آهي سپر وائزر کي
ٻي ڪئي اٿئي تپيدار ساڻ صلاح
مختيارڪار کي آهي ميرن ڇيو تنهن رڳي ڪئي آهي راءِ
اسين پوک نہ ڇڏينداسون پنهنجي توڙي ڪيو ساهہ جيسين نہ نڪرندو ساهہ
پوک نہ ڇڏيندو پنهنجي تہ سمان لهندو سانو سار
اڳي پڻ ٻہر وڏيو هو ٻانهيپوٽن جو تنهن تان ڪاڏو مار
وجي ڪيس ڪيو هو ڪورٽ ۾ اتي توهان کي موچڙا هنيا هئا مختيارڪار
منشين اوهان کي منهن وڏو هو ٻيو ڪٽيو هو ڪوٽار
اتي اسان جي پاسي ڪيترا کي جوان آيا هئا جروار
پر واٽيو مجهن هو هڪڙو مکي مزيدار
پڳڙو ڀائي هو نالو تنهن جو جنهن جي آهي ڪامورن سان ڪار
نڪري ويو تنهنجي نظر کان نہ ڪرائي وَها ڦيدين واري ڪار

اٿين بچي آيو بازار ۾ اچي ڏڪا جلھيوَ ڏار
اوھان کي ماني ملي ڪانہ ڪا ۽ بک ڪيوَ بيزار
پوءِ خان اوھان آيو خشڪي رستي ڪري پنڌ جي پچار
اچي ڊريو ڊٺ ۾ ۽ اوھان جي سنگتين لڌي سار
پوءِ اھيو ھو ھڪڙو ٻانھيپوڻي جو ٻار
ھاٿي سمان لھانوَ ھا سار جي اجان ھلو ھا اڳيرا

***

# سمان ۽ ٻانهيپوٽا

**بيت بابت وضاحت**: ٻانهيپوٽن جي سرسي ٻڌي سمان "علڻ" ڪي چون تہ اسان تان ماڻهو نہ ڪلاءِ اسان ڪي ٻڌاءِ علڻ وري نئون بيت، شعر ڪري سمن ڪي ٻڌايائين جنهن ۾ سمن جي سرسي ۽ ٻانهيپوٽن جي هلڪائي هئي ۽ سمان ٻڌي خوش ٿيا. ٻنهين ڌرين جي الڳ الڳ سرسي ۽ هيءَ بيت 40-1936ع انگريز حڪومت جي واري جا آهن.

ٻني ڏني سين ٻانهيپوٽا توڪي ڪري پوڪن جي بہ پر
پر ذري تنهن زمين جي تي اچي مچايو اٿئي مهجر
اسين سَوَ گهر آهيون سمن جا جنهن جي هاڪ پوي ٿي هيڪر
ٻانهيپوٽا تون ٻُٽو آهين، تنهن جي پٽ نڪي پونير
ايمان نہ آهي احمد توڪي نہ تہ پيٽا سُڪايان ۽ ها پگهر
هاٽي منڊا مڙين ٿو ڪين ڪي ڪٽي ٻُڪيا ٻڏو اٿئي پير
تون ڪاهيو پوين ڪورٽن ۾ يا سڏيو اچين سڪر
سامهون ٿو ٿين سمن سان تون ڏيان پنهنجو ڏر
جي نہ تہ احمد تنهنجي آر اسين سپ پيچندا سون سونٽن سان
سپ پيچندا سونٽن سان وچي سمان ڪريو سايو
آئون بہ مورهان مڙندس ڪونہ ڪو نڪي رڪانوَ رايو
اڳي اوهان اسان ڪي هو هنر سان هٽايو
ٻڌي ڏوپو ڏاڙي جو هو وَ قاسم شاهہ ڪي ڪُٽايو
محمد ابراهيم شاهہ مڙد آهي پر اُن ڪي آهي ڪُريڙن ڪتايو
تڙ اڃان تيار ئي نہ ٿيو آهي اوهان آهي تهتا تپايو
سپروائيزر منهنجو سنگتي آهي آئون اڃان ٿو مختيارڪار بہ موٽايو
پوءِ سمان سپ ستايو آئون ڪل هٽان يان ٿو ڪورٽ ۾

ڪل هٽائيندين ڪورٽ ۾ پر تون بندرا ڪر بس
سامهون ٿو ٿين سمن سان ۽ منهن ڏنو اٿئي مس
اسين لِنڊ ڪيِنداسين لتن سان ٻيو وڏو ڪنداسين وس
ٻانهيپوٽا انهي ٻني تان توکي لڏو ڪٽائينداسين لس
نڪر نوپر پنهنجا ٺاهي ڪٽجئين توڙي هونئي تس
ماڻيون ماتورڙا پنهنجا ميڙي ڪٽجئين متان لائين ڪنپارن کي ڪس
هاٽي چروڙيون چمٽا چونڊي ڪٽجئين متان ٿئي حُقي جو حوس
اڏاري وججئين ان کي وٺي ڳاڏين جو ٻيي گس
مُنا ايڏاهين ماجر ڏي وجي راهي ويهجئين رس
پوءِ هجي جمع کي جس جو آسري لڳو آهي تو احمد جي
آسري لڳو آهي احمد جي اوهين ڪريو سمان صفائي
دغا رکي دل ۾ اٿو اهيا ويڙهہ ٻہ وڏائي
اوهين وٺي اچو وڏيرن کي جن آهي اهيا جوت ٻہ جاڳائي
آئون ٻہ وڃان ٿو اتر ڏي اتان آڻيندس جروار ٻہ جهجائي
اتئين حاجي مير محمد هليو ايندو جنهن کي آهي عقل اِلاهي
پر حاجي سليمان هٽندو ڪونہ ڪو هن نر کي آهي نهنائي
پر يڪي سر تنهن يار محمد کي آهي ڪنڌار کي ڪرڙائي
ٻيو حاجي عثمان آهي ٻانهيپوٽو اتي جنهن جي آهي راڄن سان رهائي
مرد ويندو ميرن ۾ جتي آهي نر جي ٻہ نِوائي
هڪل ٻڏي حسن علي جي اتي ولڙي ٿيندوَ وائي
آئون موٽائي آڻيندس مکي کي جيڪو پڳڙو آهي پائي
ڪامورا هن ڪان ڪن هٽن ٿا ٻيا سوين ڪنبن ٿا سپاهي
سو مڙندو ڪونہ مختيارڪار تان ۽ ڪندو صوبيدار ساڻ صفائي
ست ڪيِندو سپروائيزر کي تنهن مهل ٽپيدار ٿيندو توائي
ڪاتا پاٽي ڪٽي ايندا پوءِ ڏسنداسين سڪرن جي ٻہ سچائي
اهيا اٿوَ ٻانهيپوٽي ٻڌائي پهرين ڳالهہ پڙ ۾

ٻهرين ڳالهہ پڙ ۾ ٻڌ ٻانهيپوٽن جا ٻار اسين ڪڇون پڇو ٽا ڪين ڪي
ڪٽي ڪيو اٿئي خلق ۾ خوار
اسان کي انهن اترادين جا تون ڏکا ڪين ڏيکار
اهي مڙد آيا هئا سي موٽي ويا پنهنجن جا ڏسي پار
گڏجي توگري سان هو ويا لاهي مڙد ميار
هاٽي پڳڙو هتان پجي ويو اڇي پئي آهي پائي تي پُلڪار
هاٽي نڪي اڇئي ڪو ٻانهيپوٽو ٻوڪ تي نڪي جلدي ڪو جروار
هاٽي منڍا ڪائي مار پوءِ لڏيندين لاڙ ڏي
ڪين لڏيندس لاڙ ڏي آئون جنگ ڪندس جوڙي
همراهہ منهنجا هتندا ڪونہ ڪو مونکي پڪ ڏني آهي پوڙهي
هو محمد مڙندو ڪونہ ڪو وجهندو نوي ڪن نهوڙي
هن لٽ وڍي آهي لئي مان تنهن کي جمع ڏني آهي جوڙي
هاٽي تيل هٽيو تنهن کي هو مڇون ٻينو موڙي
ٻيو تہ امين آهي سو اٿي نٽو هو ڪيمان وينو آهي ڪوڙي
پر هن ڪٽ مست وٽ آهي ڪهاڙي جيڪا وينو روهي تي روڙي
خانو اجان ٻيو ڪاسوڙا ڪري اجان ٻيو ٻڪي ۽ ٻوڙي
هيءَ لٽ آٽيندو لائق پور مان وڏي ڪا وانجهڻ ووڙي
جي هٽندو پري ڪان پٽ تي تہ وجهندو ڪنهن جي ٻيڙي ٻوڙي
ٻيو تہ بچو وينل آهي برينچ تي جنهن کي بہ خط لکيو اٿئون ڪوڙي
جنڊ مڪڙيون انهيءَ جوءِ جون جا هو جوان وينو جوڙي
هن کي ناهي پرواهہ پئسي جي هو وينو روڪڙ کي روڙي
سو ٻهرين ايندو اسان وٽ پر هن کي چڏيو آهي اوزارن اليڙي
ٻيو صاحب ڏنو ويو آهي سُونتا وڍڻ سنگت لاءِ جيڪو خوب آٽيندو ڪوڙي
پريون ڪٽي پائر ٻئي چڏيندا ٽولي ۾ ٽوڙي
سمان سمجهين ٿو ڪين ڪي اهيا ٻڌائي اٿئي ٻوڙي
جي نہ تہ اوهين وڏيرا ووڙي، اهيا ٻني ڏيو ٻانهيپوٽي کي

ٻني کين ڏينداسون ٻانهيپوٽا تون موڳاهٽين ٿو مٿو
جوان آندا اٿئي جنگ لاءِ تنهنجو خراب ٿيو آهي کٿو
جنهن مهل هکل ٿيندي هِڪڙي تنهن مهل اِهي مڙها وڃائيندا مٿو
هيءَ کندا منهن مولچند ڏي اوڏاهين ٻيلو اٿن ٻُڏو
سڏا پڇندا سرن تي جتي آهي مِڙن جو ٻه مٿو
انهي کسڙ ۾ "علڻ" چئي آهي مرن جو ٻه مٿو
امين کريو کنهن اپ کپي تان اتي فقير پيو هوندو ڦٿو
خانو هوندو کن کڏن ۾ جنهن جو مرگهي جهليو بيٺي آهي مٿو
الياس هوندو کنهن اوسهه ۾ کولهه ڏسي لٿو
نکري سگهندو کونه کو پيو ڳوليندو ڳٿو
پوندو ڏس بچو جو برينچ ۾ جتي هوندو لاري مان ٻه لٿو
صاحب ڏني ۽ عثمان جو پوندو پليجن کان پٽو
هاٽي منڊا نه هڻ مٿو تون لڏي وڃ لاڙ ڏي.

***

# ڪوئي ۾ هارين جي جنگ

**بيت بابت وضاحت**: ماما علي محمد "علڻ" جروار ميهاڻي رهندڙ ڳوٺ صاحب خان جروار ديهه سهٽا ٻڪيرا تپو ڪوڪر تعلقو ٽنڊوالهيار ضلع حيدرآباد, جيڪو پنهنجي وقت جو ڏاڍو مڙس هوندو هو پوءِ مڙئي دنيا جي شڪايتن ڪري مذڪوره زميندار حاجي محمد پريل خان جروار جو سئوٽ پڻ هو ۽ سنڊيو به. تنهن مڙئي ڪوشش ڪري ڪيس مصروف رکڻ لاءِ پنهنجي زميندار ۾ ڪمدار ڪري رکيس, انهي لاءِ ته روزي ڪي به لڳو پيو هوندو ۽ مصروفيت سبب ٻاهر گهمڻ به سندس گهٽجي ويندو ۽ شڪايتون به ڪين ملنديون, سمجهو ته ٻائي جو ٻائو تيوڻ جو لڳ ڀڳ 57_1950ع ۾ ملڪ کي پارٽيشن ٿئي ڪجهه سال گذري چڪا هئا ۽ آدم شماري سبب ملڪ ۾ اناج جي قلت محسوس ڪري حڪومت گهڻو اناج اپايو مهم شروع ڪئي, جنهن تحت برانچ مان ماڊولن کي چراند ڪونه ڪندا هئا, ليڪن آب ڪلياني جي موسم دوران برانچ مان الڳ خلاسا پائپ ۾ گنديون وڏن زميندارن کي منظور ڪري ڏيندا هئا, جيئن موسم جي مناسبت سان اناج پوک ٻاجهر جي آبادي ڪري ۽ ملڪ کي اناج جي سلسلي ۾ خود ڪفيل بنائي سگهجي.

انهي سلسلي سان حاجي محمد پريل خان جروار جي به ان وقت وڏي زميندار ديهه ٻڪيراٽي ۾ هوندي هئي, سندس درخواست تي ايريگيشن کاتي جي انجنيئر صاحب کيس چاڪر واهه مان پائپ نل لڳائڻ جي اجازت اختياري ڏني, جنهن تي نل لڳائي چاڪر واهه مان پاڻي حاصل ڪري ۽ وڏي ايراضي تي ٻاجهر جو فصل اناج پوک ڪئيو ويئي, الله جي مهرباني سان پوک تمام سني ٿي, ڪافي اناج پڻ حاصل ٿيو ۽ ان سان گڏ ٻاجهر جو گاهه ڪانا به الاهي ٿيا, هارين جا مال سجو سال گاهه لاءِ پريشاني کان ڇٽا, آب ڪلياني موسم پوري ٿيڻ تي نل کي ڪيڏي بند ڪيو ويو حياتي جا رنگ سال ڦري وري ساڳي موسم آب ڪليائي جي آئي ته زميندار حاجي محمد پريل خان جروار

ڪمدار ۽ هارين سان صلاح ڪئي ته هن سال به چاڪر واهه مان نل جي منظوري وٺي ۽ وري به ٻاجهر جي پوک ڪجي، همراهن کي اڳئي سال به سٺو فائدو ٿيو هو تن خوشي سان هائوڪار ڪئي، تنهن تي ڪمدار علڻ کي چيائين ته آئون نل جي منظوري وٺي ٿو اچان ۽ توهان گڏجي پاڻ ۾ صلاح ڪري پاٽي ۽ ٻاجهرر جي پوک لاءِ تياريون ڪريو حاجي محمد پريل جروار زميندار درخواست ڏني ۽ انجنيئر صاحب اختياري ڏني ته نل لڳائي سيزن وهايو پوءِ ته ميڙا مچي ويا. همراهه اچي ويا ۽ گذريل سال واري ساڳي جڳهه تان پروگرام مطابق نل لڳايو ويو ۽ ساڳي واٽر مان پاٽي وهائي ۽ زمين جي ورهاست هارين ۾ ڪئي ويئي، سال جو چڙيل واٽر جيئن ئي پاٽي ۾ آيو ته ڦوڙون ۽ سيما ٿي پيا. هنڏان هنڏا پاٽي لڙهڻ لڳو جنهن ۾ ڪوئن جا به الاهي ڏر هئا ۽ پاٽي واهڻ تي همراهن کي ڏاڍي تڪليف ٿي پوءِ ته جيترا همراهه اوتريون ڳالهيون، ڪو چوي ته انهي ٻني ڪان بس، ڪو چوي ته واٽر ٻيو ڪيدون، ڪو چوي ته آئون ٻني ڇڏي ٿو ڏيان. مطلب ته جيترا همراه. اوتريون ڳالهيون. خير سڄي واٽر تي پاٽي جو گارو ۽ ترڪڻ لڳي پئي هئي ۽ همراهه به پنهنجي پنهنجي حصي تي مختلف اوزارن سان هوشياري ڪيو بيٺا ۽ ڪمدار علڻ به سيني همراهن جي مٿان پي ڦريو. هڪ همراهه ٽڪل ٻيو وري ڪم. امرجنسي جهڙو اوچتو هڪ ڪوئو ٻر مان نڪتو ته بچو جروار ماٽڪاٽي جي مهاڳي مان ته بچو ڏڪ هنيس ليڪن ڪوئو ڏڪ مان بچي اڳتي امام بخش جروار ميهاٽي جي مهاڳي ڏانهن وڌيو ته هن به مڙس تڪڙ ۾ ڪوئي جي پنيان ڊوڙ وڌي ته گپ سبب امام بخش جروار به وڃي ڪِريو ته ڪوئو وري اڳيان رانجهاٽي جروار عبدالله جي مهاڳي ڏانهن ڀڳو عبدالله جروار رانجهاٽي به ڏُڪي سميت ڪوئي جي پنيان ڀڳو پر ڪوئو ان جي به مهاڳي مان ڀڄي بچي نڪتو ته همراهن ۾ گوڙ مچي ويو ته ڪوئو ڀڄيو ٿو وڃي، وٺو ته ماريونس پوءِ سيني جي ڏڪن ڪان ڪوئو بچندو ويو.

پوءِ جن جن همراهن ڪان ڪوئو بچي نڪتو سيني جا نالا واري واري سان علڻ جروار ميهاٽي مزاحيه بيت ۾ نمبر وار ڪندو ويو تان جو آخر ۾ علي

محمد نالي لغاري ويٺل ڳوٺ اميد علي بوزدار ديهه سهٽا ٻڪيرا جي ور چڙهيو ان وٽ هٿ ۾ وٽوهڙ پٽرن کي پيچڻ وار هو. ان کي وارو آيو ۽ ڪوئي ڪي هٽي ماري وڏائيس ۽ ان طرح علي محمد ولغاري جي سوڀ ٿي ۽ علي محمد علڻ جروار ميهاڻي ان تي مزاحيه بيت لکيو. جيڪو پنهنجي وقت جو هڪ سٺو مزاحيه بيت هو ۽ رات جو اوطاق تي ڪچهري وقت علي محمد علڻ جروار ميهاڻي کان همراهه فرمائش ڪري ٻڌندا هئا. هن بيت ۾ جيڪي ماڻهو ناليوارا آهن، اهي جن ڏٺا هوندا، نه ته انهن ۾ اهي سڀ وصفون هيون. جيڪي علڻ بيت ۾ چيون آهن. خير تاريخ جو حصو آهن ۽ تفريح خاطر لکيو. جيڪو هن ريت آهي.

سارهيان سچو ڏٽي عالم جو آري
ٻني ڪئي سون ٻاجهر جي پوک پريت واري
نل ورتوسون نويڪلو چاڪر مان چاري
زميندارن زور لاتو پوءِ ڏني انجنيئر اختياري
ڪوٺائيون ڪمدار کي جنهن جي سائت سوپاري
آڻ ونگار واٽر تي ڪر پاڻي جي پوئي واري
هڪل ڪيائين همراهن کي آيا هرس مجهان سڀ هاري
سورهن ويهي صلاح ڪئي مڙني موچاري
وڏي هن واٽر کي اوهين ڪٽيو ڪاپاري
هن ۾ قيام آهي ڪوئن جي ٻيا آهن چُرتا چوڏاري
ماري هنن منڪرن کي اوهين سرس ڪريو ساري
پوءِ ڪري مصلحت موچاري
پاڻ واهي هلون هن واٽر کي
واٽر جي واهڻ جي صلاح ڪيائون ساري
ڪاهي آيا ڪو پا ڪم تي گوڏاگرناري
ته بہ جوڙيون هنيون جروارن جون جي هئا ڪوپا ڪنڏاري

ميربحر اڳيئي مٿير ھئا جن جي ھاڪ پوي ٿي ھيڪاري
ٻيو ته برفت اچي بگڙي ٻينا ڪئي نرن نرواري
پر لغاري اڳئي لوھ ھئا اٿي ٻروچن ٻڌي ٻاري
ته ڪڙڪا ڪرائيون ڪوڏرن جا جن وجي اھيا آفت اٽاري
اتي ڪوئي اچي ڪنڌ ڪڍيو ڪيئين ھڪل ھشمت واري
ڏڏ ڪا ٻڌي ھن ديھه جا ھٿي ويا سڀ ھاري
پر ماڻڪاٽي مڙيو ڪونه ڪو ڪئي بچو ٻھاري
ھي ڪٽ مست وجي ڪوئي سان پيو ھٽين ھيڪاري
ھن سونٽا ھنيس سيگھه مان پر ھُن به چمبا ھنيس چارئي
پوءِ ڏنئيس پچنڊ پڇ جي جنھن تي ھيٺو ٿي پيو ھاري
ھو جروار جھونجھاري
پر پڇي آيو پنھنجي ياڙرن ڏي ھِن ڪان ڪدو پڇي خبرچار
ته جوان انھي جنگ جا اسانکي پورا ڏي پيي پار
اھيو ڪھڙي ذات زناور آھي جنھن جي ھڪل ھشمتدار
بچيو چيو ادا ھي بلا آھي بڇڙي جنھن جا چمبا آھن چار
ھي وس ڪري ٿي وڙھڻ سان ٻيو ڏڪ ھٽي ٿي ڏار
اھيا ڳالھه امام بخش ٻڌي اٿيو ڪائي ڏاڍا ڪار
مُڇ ڦڙڪي ميھاڻي جي ترت ٿيو تيار
جروار پنھنجي جان سان ڪٽي ٻڌا ھيڪر سڀ ھٿيار
ھي ڪاھي آيو ڪوئي تي اچي نر ٿيو نروار
ھڪل ڪيائين ھشمت مان آءُ ته ڪريون جنگ جو جوھار
ڪوئو به مڙيو ڪونه ڪو ھليو آيو ھيڪار
ھي اچي اٽڪيا پاڻ ۾ ڪيھر ٻئي ڪنڌار
ڏڪ مڪ جو ڏوڙيو تي ويو چڪ مڪ لڳي وئي چوڌار
ليٽ پيٽ لڳي پئي ٿي پيو واٽر تي ويچار
ھيءَ خان وجي ڪريا ڪامي ۾ جتي ڏبڻ ھئي ڏار

هي گڏجي تنهن گاري ۾ لٽڙي ٿيا لاچار
ٻروچ ڀانيو تہ ٻاهر ڪري وڃي لهانس سڪي تي ڀي سار
پر ڪوئو گهريو وڃيس گاري ڏي جتي هئس مقان جو مقدار
ڪنيو وڃيس ڪڏن ڏي جتي هئي اوندهہ انڌوڪار
اتي سورهہ ڪي اچي سهڪي لڳي ۽ وڏو ٿيس ويچار
هيءَ بہ جيئن تيئن جند ڇڏائي جروار ڀڄي آيو پنهنجي ڀائرن ڏي
ڀڄي آيو ڀائرن ڏي پر هيٺو ڪري حال
چيئين ادا هي بلا آهي ٻجڙي ٻي هن جي چڱي ناهي چال
هي وس ڪري ٿي وڙهڻ سان ٻيو ڏي ٿي ڏڪن جي بہ ڏمال
ڪير وڙهندو هن واڳون سان سڄو ٻيهي سال
پاڻ ورائي هلون هن واٽر ڪي ۽ ڦيرائي في الحال
پوئي اهيو امام بخش احوال
اچي سڄو ڪيو سنگت سان
ٻڌي احوال امام بخش جو اتي سنگت ڪيو سايو
تہ پاڻ موٽي هلون ماني تي اٿئون روح اندر رايو
هلي ڪيون بک بدن مان جنهن آهي تڏو تپايو
مولا آهي مهرباني ڪري انهي بلا ڪان بچايو
اتي رانجهاٽي رمز سهي ڪري هو عقل اُٿلايو
ادا وير ويهو هن واٽر تي متان ڀاڙي تي ڀڳا آهيو
آئون ماريان ٿو انهي آفت کي ڪنهن ڦيري منجهہ ڦاسايو
سونٽو تنهن سيگهہ مان ڪٽي وير بہ وڌايو
هي ڪٽ مست رکي ڪلهي تي عبدالله اٿي آيو
جتي هئي وار دات ويڙهہ جي هن هو ڪئي ڪمذايو
آئي ڏپ آفت کي انسان جي تنهن بہ ڪشت منجهان ڪاهيو
هڪل ڪيئين حڪم مان تہ تو آهي هي مهنجر مچايو
پر هي بہ مڙد مڙيو ڪونہ ڪو تنهن بہ پير اڳتي پايو

سونٽو تنهن کي صفائي سان اچي وير ٻه وهايو
آئي ڪاوڙ ڪوئي کي تنهن ٻه ڏندن کي ڏڪايو
وجهي ٻڪ ٻروچ کي تنهن اٿي ياڪر پڇايو
جند چڏائڻ لاءِ جوان ڪئي پر هن ترين ساڻ تپايو
هن جو گوڏو ڪتو گپ ۾ پر هن چڙڪي سان چڏايو
هيءَ جوان اڳئي جلد هو اتي ٻروچ ٻڪ ڪڍايو
پوءِ ستت ڪري سايو هي ٻه ڀڄي آيو پنهنجي ياڻرن ڏي
چي ادا ڀڄي آيو ياڻرن ڏي هي ڀي جنگ هارائي جوان
چيئين ادا موٽي هلو ماني تي هلي ترت کائو طعام
هي بلا آهي بڇڙي ڀيو هشمت وارو حيوان
اهيا ڳالهه ٻڌي الهه بخش اٿيو ڪاوڙجي سو ڪپتان
تنهن وري سونٽا ڏندا سڀ ڪنيا ۽ سروٽن جو سامان
جهولي وجي پريائين ڀٽرن جي ۽ ججها ڏسي جام
هي ڪاهي آيو ڪوئي تي سڀ ڪٽي سامان
اچي برفت چڙهيو بند تي جتي هو مرون جو ميدان
هڪل ڪيئين حڪم مان تون هلي آ حيوان
ڪوئو ٻه مڙيو ڪونه ڪو اچي بينو مرڪي منجهه ميدان
چيئين پلي ائين ياءُ تون آهين جبل جو جوان
آئون مارينڌوسين مڪن سان پوءِ ٽيندءِ اندر ۾ ارمان
جي ڏيندوسين لت لڪي تي تہ ڪنو ڪنڊين سڀ ڪُستان
جي نہ تہ جند چڏائي جوان تون ٻه ڀڄي وڃ پنهنجي ياڻرن ڏي
ڪين ڀڄندس ياڻرن ڏي تنهنجا نلها ٻڌي نڪا
مون ٻه اوزار آندا آهن الاهي آهن ترٽئو سڀ تڪا
آئون مڙئي هٽندوسين مٿي ۾ هي ساري سروٽا
اسين ڪين لڄائينداسون ڪستان کي آهيون جبلي سڀ ججها
اسين وينا آهيون وقوف سان ڪل جهليءَ ڪنڌا

آئون هڪل ڪندس همراهن کي تنهن مهل پنجو جهڙا اچي پوندا
مڙد مڙندا ڪين ڪي تنهن مهل وِنگو وارا سڀ وڙهندا
پر ٻچو ٻيهندو ڪو نہ ڪو تنهن مهل لونگاٽي سڀ لڙندا
فيضو ڦرندو ڪونہ ڪو تنهن مهل گونگاٽي ڪونہ گسندا
اسين ماري توکي مَڃ ڪنداسون تون آرس ڇڏ انڌا
اهي سڀ لاهوتي اچي لهندا ڪوٺا تنهنجي ڪنڌ تي
ڪوئي جي ڪنڌ تي اچي جوانن ڪيو جوڙ
لاهوتين لنيون ڪنيون ٻيا ڪينئون ڪڙن جا ڍي ڪوڙ
پر آئي ڪاوڙ ڪوئي کي تنهن بہ چڱي ڏنين ڇهوڙ
پوءِ ڦيرائين پڇ کي مڙد ڏيئي موڙ
سو اچي لڳو الهہ بخش کي نراڙ ۾ پيي نوڙ
هي برفت ڪريو بند تي جتي هو گاري جو ٻي گوڙ
ٽريون ڪوڙي تڪڙو اٿيو اتي رهزن ڏيئي روڙ
پوءِ سورهيہ ڏسي سوڙهہ هي بہ پڇي آيو پنهنجي پائرن ڏي
پڇي آيو پائرن ڏي ۽ برفت ڪري بس
ڇيئين وري ڪين ايندس انهي واٽر تي توڙي وڏو ڪريو وس
اسان ٻني ڪئي هئي ٻاجهر جي ڪيڏي ڪائي ڪس
هاڻي ٻج پري ڏينداسين ٻروچن کي اتي رهجي ايندو رس
شودي ڇڏيو شيطان کي ڪٽي لڏو ٻڌائين لس
هاڻي ڪاوڙ جي هليو ڪپ سان گوهر وٺي گس
اهيو رنگ ڏسي ايوب اٿيو هجي جوان کي ڍي جس
آٽي ويهارينئس واٽر تي تون پوک تہ پنهنجي پس
اسين وڙهون ٽا انهي ويري سان لنيون ڪٽي لس
پر جوان انهيءَ جوءِ جو تون اسان کي ڏوران ڏي پيي ڏس
ڇيئين ادا وينو آهي انهيءَ واٽر ۾ اڳيان گانڊو جهليو گس
وڙهي هو ٽو واٽوهڙن سان هو ڪوٽو ڪري ٽو ڪس

پر رهڙيو رت ڪيڏي ٿو رانمپوٽن سان پيو ڪري ٿو ويرن سان وس
پوئي هي بہ ڏاهو پڇي ڏس ۽ ڪاهي آيو ڪوئي تي
ڪاهي آيو ڪوئي تي ۽ شودو وجهي شور
هڪل ڪيئين حڪم مان تون نڪري آپي نور
تون وينو آهين واٽر ۾ ۽ انڏا ڪريو اجهور
ڪڏون ڪٽين ٿو ڪامن ۾ پيا پٽيو وينو آهين پور
پاٽي ٿو لوڙهين پڏري تي تون آهين ذاتي زيان خور
آئون مارينڊوسين مڪن سان ۽ پڇي ڪندوسئين پور
اتي آئي ڪاوڙ ڪوئي کي سوپي جهڙو سور
هي اڇي اتڪيا پاڻ ۾ شينهن ٻئي شهزور
وڙهندي هنن کي وقت لڳي ويو پر اڇي ڪوئي بہ ورتس ڪور
نيٺ تہ هٽي بند برفت کي ڪٽي لوهہ ڪيو لغور
جند ڇڏائڻ لاءِ جوان ڪيو پر ظاهر نہ هليس زور
پوءِ جوان لاهي جوتي سان ۽ متو ڪتيائينس موڙ
ڪيڏايائين چڪ چرٽي جو پوءِ ڪٽي شودي ڇڏيو شور
هي پيي رهزن ڏيئي روڙ ۽ پڇي آيو پنهنجي پائرن ڏي
چيئن پڇي آيو پائرن ڏي ۽ شودو پلي شڪ
هڪل ڪيائين همراهن کي ۽ ٻي پوري ڏنائين پڪ
اهيا ڳالهہ ٻڌي عوثو اٿيو تنهن جوڙو ڏي ڪئي جڪ
هاٽي سونتا ڏنبا سپ ڪنيائين ٻي هن وٺ ڪهاڙي هئي ڪالوت
هي مير بحر هو ماجر جو جنهن سني ڪئي سنمبت
هي ڪاهي آيو ڪوئي تي هيڪر رکي هشمت
هڪل ڪيائينس حڪم مان تہ تو ۾ کهڙي آهي قدرت
تون مڙد آءُ ميدان تي تہ پاڻ ڪريون ڪا ڪسرت
تون هيسين پيو همراهن کي ڪريو جٽ جمت
هاٽي موڳا تنهنجي مت آئون ڪٽي وڃائيندس ڪهاڙين سان

ڪٿي وڃائيندس ڪھاڙين سان تو ۾ ڪھڙي آھي طاقت
تون ميو ھئين اوڏاھين ماجر ۾ ڪائي پائرن جا پت
تون سانڍيل آھين سارين جو ٻي رتڙين جي رغبت
ڪاڏا اٿئي ڏينڊ ڏھن جا تو ۾ ڪرڙين سارو قدرت
مٿو نہ ھڻ ميربحر وڃي ڪر جرڪن تي ٻہ چمت
متان مڃي مارڻ وڃئي وسري اھيا اڳوٽي عادت
آئون لنڊ ڪڍندوسين لتن سان ۽ تغاري جي تڪ
پوءِ ڪانچ ڪچند ئي ڪين ڪي پيو پڇائيندين پورھيت
جي ڪٽي ويندين ڪتي ڏي تہ ڪلائيندين خلقت
مٿو نہ ھڻ تون ميربحر اھيا اٿئي مائيٽائي مت
ھاٽي سگھي ڪر سمبت تون ٻہ لڏي وڃ لاڙ ڏي
چئي ادا ڪين لڏيا ھا لاڙ ڏي پر چورا ويم چڏي
ھاٽي ٻني تو ڏيان ٻروچن ڪي ويندس لھ ڏسي لڏي
اتي ٿئي ھا مقابلو مڙدن جو پروڏي آھي گاندن ڳالھ گڏي
اسان جي آھي جوءِ ابڙال ڏي اتي اچ ساريان پئي سڏي
پر مڃي اسان جي ملڪ ۾ تي ڪرڙي ٻہ اچ ڪڏي
اھيا ڳالھ ٻڌي علي محمد اٿيو ٿو لغاري ڪين لڏي
چئين ادا مونکي ڏيکار ميندا مرون جو ترتون ان تڏي
اچ سورھيہ ٿو ٻہ سڏي انھي مرون ڪي ميدان تي
مرون نڪتو ميدان تي ھڏي ڏيئي ھيڪار
چيئين ڪير آھين ڪاڏي وڃين مونسان ڪرين تڪرار
آيا اڳيئي گھٽا ھئا جوانڪي جروار
پر اھي خان پي ويا ڪيڙي مان ڪل ڪري قطار
ٻيو تہ برفت ڊوڙايم بند تي سي پي ڪل ھئا قندار
ھو پڳا ويا پي پترن مان جيئن ڏڻ ڊوڙاٽي ڏراڙ
تون ٻہ مڪ نہ جھلدين منھنجي ٻي لپات ٻہ لاچار

هاڻي لاهي مڙد ميار تون ٻہ پڄي وڄ پنهنجي ڀائرن ڏي
ڪين پڄندس ڀائرن ڏي آئون جوڙي ڪندس جنگ
هاڻي مڙد آيا آهن ميدان ۾ منهنجا لغاري سپ للنگ
هتي گازي گڙندو ڪين مڙندو ايندو ڀهرين سو پتنگ
ٻيو تہ ماڻڪ مڙندو ڪين ڪي سو تہ اڳيئي آهي اڙٻنگ
پر ايندئي حاجي ڪوٽو ڏسندئي فوٽو سو ٻي تنهن مهل ڪندئي تنگ
هو مڙد مڙندئي ڪونہ ڪو سو واري هٽندئي ونگ
ستيندئي ٻيي سونٽن سان جيئن ڪتجن سيڪڙ وارا سنگ
مارين داسون مرون توکي ڇڏائيندا‌سون دڙيون اهي دنگ
اچي راڄ ٻہ ڏسندا رنگ مرون انهي ميدان تي
چيئين مرون نڪتو ميدان تي هي گوڙ ڪري گڄ
پر مڙد ڏنا هيئن ميدان تي هٿا بينا ڪٽيو ٻج
اتي گازي گڙيو ڪونہ مڙيو جو هو ٻارو چاڙو ٻج
پر ماڻڪ مڙيو ڪونہ ڪو تنهن ڪي واهہ جو ميلو وجهہ
حاجي ڪوٽو آيو تنهن ڀيي ڪيو سايو هيڪر ورتس هنجهہ
پر ڪوئو پہ مڙيو ڪونہ ڪو تنهن ميڙي هين منجهہ
اتي ڏڪ لڳو ڏوڙويو ٽيو تنهن مهل ڪوٽو ڪئي هئي ڪنجهہ
پر علي محمد هو اوڏوڙو جنهن وٽ وٽوهڙ هو ونجهہ
تنهن ٻئي هٿ وجهي ناهي مٿي ڪٽي ساهي اٽي
هنيو ڪوئي جي ڀيي مغز منجهہ
ماري وڏئين مرون ڪي گازي ڪٽيو گنج
ڪوئو مئو سيني سو لٿو راڄن تان ڀيي رنج
هاڻي ٽي نرسنگ اهي مڙد بينا اٽئي ميدان تي
چيئين ادا مڙد بينا ميدان ۾ اڄ پيا خوشيون ڪن خان
بينا وٽون ورهائين ٻاڻ ۾ جن سان آڳي ڪيا احسان
مرون جنين ماري ڇڏيو تن ڪي ڏاتر ڏنا ڏان

ٽيندو ڏينھن قيامت جو ايندو احمد، چار امام
تو راڙو جتي توريندا بيھندو وچ سو وريام
انھي مھل ”علڻ“ چئي ڪٽندا عاشق پيي انعام
ھاٽي چئو ڪلمي جو ڪلام تہ ٽئي واٽ ويڄ جي.

***

# چاچواڪو، بيڪلو ڀيل ۽ حاجي محمد خان

**بيت بابت وضاحت:** اڪ... اڪو... هاڻي اڪبر حاجي محمد خان راقم جي ڏاڏي وٽ هني پوکي بيڪلو نالي ڀيل جيڪو ڳوٺ ابريو درس ديهہ ستياري جو ويٺل هو ان کي بہ هني ۾ پائيوار ڪري زميندار کان ڪجهہ قرض طور رقم ڪنئي هني، جيڪا هن وقت 33 ۽ 34 بلاڪ ديهہ بڪيراڻي ۾ واقع آهي، تڏهين اجان پراڻو ڪيسانو واهہ جو پاڻي هو ۽ ان زماني نمبر وار ايراضيون هيون ۽ نمبرن کي لوڪل نالا وري هاري زميندار پنهنجي مرضي جا رکندا هئا، مثال طور جنهن نمبر ۾ ٻير جو وڻ بيٺل هوندو هو تہ ان کي ٻير وارو نمبر ڪري چوندا هئا يا نم وغيره تہ ان کي نم وارو نمبر چوندا هئا، ائين مذڪوره مٿين بلاڪن واري نمبر کي گنجي وارو نمبر سڏيندا هئا، ان ۾ همراهہ هني جي ڪم کي شروع ٿيا ۽ بيڪلو ڀيل هني اڌ ۾ ڇڏي ڀڄي ويو ۽ اڪو اڪبر هني توڙ ڪئي، بيڪلو ڏانهن ڏاڏي حاجي محمد خان جا پئسا رهجي ويا، سو ڀيل ڏانهن هڪ بہ پنڌ ڪري دانهون ڏيئي همت ڪري پنهنجا پئسا وصول ڪري آيو، درسن کي دانهون ڏيئي دڙڪو ڦڙڪو ڪري مڙئي رقم وصول ڪئي، ڀيل گهڻو نتايو بهانا بنايا، پر اڳيان بہ مڙسن سان پئي هئي، انهن نہ ڇڏيو، پوءِ علي محمد علڻ جروار مٿين مذڪوره ڳالهہ تي ڪٽي بيت ناهيو.

ساراهيان سچو ڏڻي ۽ شاهن جو بي شان
شروع ڪريان ٿو شيخ کي اچي ٻيڪلو ٿيو بئيمان
هيءَ هاري اچي ٻينو حرس ڪري مڙد بہ محمد ساڻ
پوءِ هاري کي حرفت ڪاڻ پهرين ڇڏيائونس پاڻي تي
پهرين تنهن پاڻي تي وڃي جميي ٻينا جوان
سورهيہ پنهنجي صلاح ڪري سپ ڪنيائون سامان
هي ڪاهي ويا ڪوپا ڪم تي وڃي ڪيائون گنجي ۾ گمسان
جتي پونو هو پڌر جو ٻيا مڙدن جا ايمان

ڀوءِ اڪو (اڪبر) اٽڪل ساڻ وچي ڀهرين بيٺو ڀاڻي تي
ڀهرين بيٺو ڀاڻي تي ٻيو ڪيائين بيڪلو ڀائيوار
سو ٻنون ٻڏي هڪڙو ۽ ساهيون ڪٽي چار
پر مرد تنهن ماني تي ڪيو اچي وڏو ڪو ويچار
تہ ڪير آڻيندو ڪاڙهي ۾ جتي پگهر جي زارو زار
هڪڙو تہ سور هٿن ۾ ٻيجهو مگز ڦاٽي ڏار
اهي پئسا چار اسين ڪٽي ڪيون ها ڪپاهہ مان
چيئين ڪٽي تنهن ڪپاهہ جي اسين پچي ڪيون پاڙ
پر چاڙهي تند تاڙي تي ۽ ڏيون مغلين جي پيي مار
هاڻي تون پنهنجي ڳالهہ پاڙ نہ.. تہ... تون رپيا پري ڏئي رئيس نان
چيئين رپيا ورائي ڏي رئيس نان نہ تہ مسلو ڏي سي مار
هي دانهون ڏيسي درسان نان، سي اچي ڪرسي آچار
اتي وري ڪاڪو مانجو ڪٽ مست هي ٻيجهو ساڏان ۾ سومار
پڇي هيڪي تہ ڪجر وڃائي ڪار
پر ٻيجهو رولو ڏنائين رئيس نان
چيئين تہ ڏنو اٿم رولو رئيس نان
پر مانجي پنجي جائي ها پاڙ
اڪو (اڪبر) آهي ايمان وارو هو ڪري ٽوڪار
هو ڪوڏر هٽي ٽو ڪشت مان بيحد بيشمار
هاڻي ٻڏبا پيا ٻروچ چئي انهي نر جا نار
اهي ڏينهن ٻہ چار پاڻ هل تن گذاريون هاليپوٽن ۾

***

# سئوٽ احمد جرواڻ ڳوٺ جو جهيڙو

**بيت بابت وضاحت**: هي قصو ائين ٿيو جو سندم والد جناب حاجي محمد پريل خان جروار جي زمين چاڪر واھ جي اتر طرف واري واٽر ڪورس تو ايل چاڪر تي هئي ۽ واٽر ڪورس پڻ سندس نالي منظور ٿيل آهي، واٽر نوان ڏکيا پاٽي قانون جو سو زميندار هر وقت واٽر ڪورس ڪي ڪاٽي ڪرائي صفائي جهنگ جهاڙي ڪٽائي واٽر ڪي درست رکندا هئا، جيئن پاٽي زيان بہ نہ ٿئي ۽ زمين ۾ پيچ بہ وڏيڪ ڪري، مذڪوره واٽر جي ڪاٽي زميندارن ڪي چيل هئي گهٽي ۽ وڏي زمينداري حاجي محمد پريل خان جروار جي هئي، سڀ هاري پهتا واٽر جي ڪاٽي شروع ٿي، علي محمد علڻ، بابا وٺ ڪمدار يعني زمين جو ڪم سنڀاليندڙ هو همراھ سيني ڪاتيدارن جا پهتا ليڪن منهنجو سوٽاٽو سوٽ احمد ولد حاجي جان محمد جروار جو پٽ نہ آيو پيءَ بہ ڪيس چيو ليڪن ڪم ڪوس نٽائي ويو ڪمدار وچي ڪيس پهتو تہ ابا احمد ڪاٽي تي چو نہ آيو آهين، هلي ڪاٽي ڪڻ احمد چيو تہ منهنجي حصي جي ڪاٽي ماپ ڪري چڏي ڏيو آئون سياٽي ڪيندس، ائين ماپ ڪري سندس حصي جي ڪاٽي چڏي ڏني ۽ ٻئي ڏينهن بہ نہ آيو ۽ ڪاٽي رهجي ويئي ۽ ڪمدار علڻ ڪيس چوندو رهيو هي نٽائيندو رهيو بہ تي ڏينهن گذري ويا، روز جواب ڏيو چڏي تہ سياٽي، نيٺ ڪمدار بيزار ٿي چيس تہ ڪاٽي ڪڍ نہ تہ آئون توتي بيت ٺاهيندس، سوٽ احمد ڪي لڳي مذاق سو چوي تہ چاچا بيت ٻڌ تہ ڪاٽي ڪڍان پوءِ، علڻ هينيون بيت ٻڌو جنهن ۾ ڪيس وڏي جُٽ ٿيل آهي، پوءِ چوي ٿو تہ چاچا ماٽهن ڪي بيت نہ ٻڌاءِ آئون ڪاٽي ڪڍان ٿو ۽ ڪڍيائين، ليڪن بيت هلي ويو اڄ نہ ڪمدار علڻ، نہ احمد نہ اهي ماٽهو رهيا، دنيا فاني آهي، رهي نالو الله جو سياٽي آئون بہ ڪونہ هندس، اهيو بيت سوٽ احمد جي هلڪائي آهي، مگر پاڻ ڪچهرين ۾ ماٽهو چوندا هئس تہ بيت ٻڌاءِ تہ وڏي وات خوشي ڪچهرين ۾ بيت بہ ٻڌائيندو ۽ ڪلندو بہ هو.

ساراهيان سچو ڏڻي ساراهيان سبحان
ڪامل جي قدرت جي ڪمي آهي ڪانہ
ونگار ڪئي سون واٽر تي تہ جلدي آيا جوان
ٻہ جوڙيون هيون ٻانهيپوٽن جون سي ڪڏيا بيٺي ڪپتان
خاصخيلي ڪپي بيٺا نر ٿيا نشان
بچائي تنهن بهادري سان ڪئي ڪاني ڪڇ ڪپتان
ڪامل علي ڪاهي پيا ڏس عرضي جا ايمان
هستي ڏسي حسن جي حاجي ٿيو حيران
ماهي مڙد مٿير هو جويو سو ٻہ جوان
جروار آيو هو هڪڙو هو احمد ٻہ اٽڪل ساڻ
خان اچي بيٺا ڪامن ۾ وِير سي وريام
ڪٽندا اچن ڪاٽي ڪي هي پاسي ونيو پهلوان
اچي پهتا اڏن تي جتي هئي ڪسڙجي ڪيٺان
ڳوهہ نڪتي ڊوهہ ڪري بري سابئيمان
اچي اٽڪي احمد سان هي بي گناهہ بدنام
هي ٻہ مڙد مڙيو ڪو نہ تنهن ٻہ وارا ڪيس وريام
پر زناور هو زور پريو سو هٽيو ڪونہ حيوان
ڏنائينس پيڙ ڀاڪر جي تہ الٽو ٿي پيو انسان
ڪٽي وجي هنيائينس ڪامي ۾ اتي احمد ڇڏيو ايمان
لِنبڙ هن جو لڙڪڻ لڳو تنهن تڪڙ ڪئي تمام
ڪسڪي نڪتو ڪِين مان وجي پيو ڪامي ۾ ڪيٺان
ڏنئين ڳنڊو واٽر ڪي اتي گونهہ ڪيو گمسان
ٿلهو هو ڪو ٿمپ ڪان چورس نموني چرياڻ
ڪانو ڪٽي ڪڇيو سو ماپيو سو مروان
ڊگهو هو سو ڊيگهہ ۾ 18 فوٽ ڪِن انچڻ ساڻ
پوءِ موڪليائون ماٺهو ماٽن ڏي آيو سانوڻ سرت سجاڻ

اچي ڏنائين احمد کي اڏ ۾ ٻيو پاسي منجهه پهلوان
سو ٻه هيڪر لِنڊ ڏسي لڏي ويو هيڪر ٿيو حيران
چئي ادا مڙس بچايو آهي اسان جو مولا پر ظاهر ٿيو آهي اسان جو زيان
هن ۾ ايڊائي مڻ آهن ان جا ٻيو ساڳ سرنهن جو ساڻ
اسين ڪاٽتو آڻيندا سين ڪشت مان ڪيون نظر مان نقصان
پوءِ ڏاند جا ڏاڍا هئا موڳا سي مَستان
گهري هنيائوس گاڏي ۾ احمد ٻه انهيءَ ساڻ
ٺاهي هنيائون ٺانٺي ۾ ڪو داسو هو ڏُوران
آڻي لاٿائون اوطاق تي جهڙو مسافر منجهه ميدان
پوءِ گلو منجهن هو گوهر تنهن چيو وارو ڪري آڻيو وڏاڻ
ٺوڙيون ڪنهن ٺل سان ڇِنون ڇيٽين ساڻ
ترازو ڪٽي توريائون ته ٿيو ٺي مڻ ڪن سيرن ساڻ
پوءِ ڪلمين جي ڪلام احمد چٽو آزار ڪان

***

# رستماڻي جا هُرلا، ڪاٽو ڏڱوءِ مڱڻهار هاري

**بيت بابت وضاحت:** هي بيت ديهه ساهيڪي ڳوٺ احمد خان رستماڻي، ڳوٺ محمد علي پرهياڙ، ڳوٺ حمزو خان ٽالپر ۾ ويٺل مڱڻهار پرهياڙ ڪي رستماڻين جا هاري هئا، رئيس رستماڻي وٽ هڪ ڏڱو اڪ ڪان ڪاٽو هو پر ماريندو هو انهي مارڻي ڏڱي ۽ همراهن جي گفتگو علي محمد "علڻ" جروار ڳوٺ صاحب خان جروار ۾ هي بيت ٺاهيو جڏهن پراڻو ڪيسانه واهه وهندو هو ۽ ان تي هرلا چڙهندا هئا، هي بيت 25_1920ع جي دور جو لکيل آهي، هن وقت مذڪوره نالن وارن مان ڪو به حياتي نه آهي، سڀ گذاري ويا، هڪ ڏينهن اسان سڀني کي به هلڻو آهي، رهي نالو الله جو دنيا سڀ فاني آهي.

ساراهيان سچو ڏڻي سائين رب ستار
هلي ڏس هرلن جي ڪسي تي به قطار
هئا هُرلا مهڙ ۾ جو آهي خان به خبردار
پر مَنهہَ تنهن مڙد جو هو جوڙو وڏي جنسار
هاري بيهاريائين حرس ڪري هوا ڪُوپا سڀ ڪنڌار هئا
پر جَوڳون تنهن جوان جون هيون پڙ ۾ پلٽي دار
پر ڪاٽون منجهن هو هڪڙو ڏاند به ڏانبيدار
پر بچو نالي بانڪو هو هو مڙد به مڱڻهار
تنهن جي هئي ڪاوڙ ڪاٽين تي جنهن هو پڳو اڳوٽو اتبار
هاٽي سورهه ڪر سنڀار تون مار نه مون محتاج ڪي
چيئين ادا چو ماريان تو محتاج ڪي پر تنهنجي وهڻ ۾ ويچار
تون هلين پيو هرلي ۾ چڙ گهمين پيو بازار
نڪو آهي پاٽي پاڙيچي ۾ نڪي لوٽي جي للڪار
تون ڪائڻ مهل خوش پيو ٿين ڪرائين اٺڻ مهل آڏار
هل اٿي هرلي ۾ تون ڏيان پنهنجو ڏار

جي نہ تہ مُنا ڏيئي مارائو سٽيندو سين سونٽن سان
چيئين ادا سٽيندين سونٽن سان تہ آئون بہ وهڻ سان ڪندس وس
آئون اڳيئي آهيان اپرو ٻيو ٻنن ڪيو آهي ٻس
ڪارائي آٽي خوشيءَ مان ڪو پري ڏاري جو تس
جي نہ تہ لوٽا ڪولي چڏ لس تہ آئون هلي ڏيڪاريان هرلي ۾
چيئين هلي تنهن هرلي ۾ ڪر وهڻ تي وارو
نہ تہ آئون ٿو ڪريان سڏ سهراب ڪي جو آهي سورهيہ سوپارو
سو ماري چڏيندئي مُڪن سان جيئن ستجي ساندارو
پوءِ وجي اٿاريندو علي مراد ڪي هو آهي ڪو فتي ڪرارو
رهزن آهي رستماڻي جوان بہ جلبي وارو
سو گڏي چڏيندئي گلامي سان هو ڪندئي ويساهن جو وارو
نہ تہ چڏي ڪتل ڪاپارو تون هل اٽي هرلي ۾
چيئين ادا هلان ٿو هرلي ۾ تون سورهہ ڪر سماءَ
بچو چڏ بهش ڪي تون وَڙان ڪين وجاءِ
هلي مڙد ويهہ مَنجي تي تون داناءَ ڪر دلجاءِ
آئون هلان ٿو هرلي ۾ پوءِ ڏس پاٽي جا پلٽا
پر بک مونسان آهن بيديون ڪيون ٻيو اندر نہ آهن آنڊا
جيڪڏهين وٺا منيهن هن ملڪ تي ۽ سانوڻ ڪي سجهندا
جوڙا مڙئي جروار چئي وجي چانگا اتي چرندا
پوچاڙي جو هنن پڙن تي ڪي اَرڏا ٿي ايندا
پوءِ منهن پوندين منگتا تہ آئون بہ دَسيندوسين در تي
چيئين جي دسيندين در تي آئون بہ آهيان بچو بي پرواهہ
ڪاٽان منهنجي ڪاوڙ جي توڪي ڪل نہ آهي ڪا
آئون سٽيندو سين سونٽن سان ڏيندوسئين باهہ بانٽن جي
ڏيئي باهہ بانٽن جي چُٽائيندوسين چٽا
پوءِ موڳا تون مُنا ديوال تي ڪنداسون ڪاتين جا ڪٽا

پوءِ ڪاٽا تون ڳُنا ڪرين پيو بهش بانڪن سان
چيئين ادا چو نہ ڪريان بهش بانڪن سان ايندس ڪوڙ منجهان ڪاهي
مِٺو توکي منگُتا اهيو اک جو آهي ايندي پاٺهي آهُري تي ڪٽي ڪُتر ڪڏائي
تنهن مهل ڏيئي سگُ سيني کان آئون چڏيندو سين ابتو اٿلائي
داناءَ انهي ديوال ۾ بيٺو پاڏو پڏائي
آئون مڙندس ڪين ڪي مجيري کان ۽ چوندس ٻروچ کي ٻولائي
پر مونکي مرض هي وڏو ڪو ايرائي جو آهي
جي نہ تہ چڏيئين ها جٿ ٻہ ڄمائي آئون پهرين انهن پڙن تي
چيئين پهرين انهن پڙن تي تو جٿ ٻہ ڄمائي
اسين مڙد اڳي مانيٽا تون وجين ٿو مڙني کي مڃايو
ماري تن مکين وٽ توکي اتي چڏيو پرهياڙن پنائي
هاٺي سيٽ نہ ڪر سهراب سان ڏيندئي سونٿو ٻہ سڄايو
پيو هوندين پڙ تي تون اکيون اُپٽائي
اسين مڙئي چونداسون مجيري کي تہ کٽي ڪاٽو ڪهايو
چڙهي هن جي چمر مان کٽي ٿاهوکي ٿهرايو
انهي جنگ ۾ جروار چٽي عرس مٿان آيو
مڙد مٿان آيو وٺي وقوف سان تو سوداگر ڪر سايو
ناٽون تنهن نر تي هو ٻروچن ٻڏايو
وجهي واڳ وقوف سان تنهن قرب منجهان ڪاهيو
داناءَ اندو در تي تنهن مهل هو تازي تاٽايو
وجئي ٿو رهزن رکايو ڪو جنگ انهيءَ جاءِ تي.

***

# ٽنڊو محمد خان، ديهه ڀانيري، نُقرجي ۾ ڪولاب

**بيت بابت وضاحت:** غربت جا زمان ۾ لاها چاڙها زندگي جو حصو آهن. شل ڪو غريب نہ ٿئي ۾ ڏک نہ ڏسي، مگر عقل ۾ دانائي وارو ماڻهو هر ڏکي سکي وقت جو مقابلو خوشي خوشي نڀايو ڇڏي، سندم مامو علي محمد علڻ بہ انهن مان هڪ هو غريب تن سدائين مجلسن جو سينگار هوندو هو. خوش طبيعت ملڻ سار وڏو ڏيا وارو مڙس هو بک ڏک ڪڏهين بہ بي همت نہ ٿيو پيٽ ۾ ماني نہ هوندي بہ خوش طبيعت انسان بهادر هو قسمت سانگي ۾ بي روزگاري جي ڪري پاڻ پنهنجي مائٽن مٽن جروارن ڪپور وارن جروارن عارب خان جي ڳوٺ بهاري خان جروار وارن ڏي لڏيو ويو ۾ اتي وڃي مزوري ۾ هارپا ڪرڻ لڳو.

قدرت واري جا شان اتي بہ ڪا شي مزوري ۾ هارپو نہ لڳو. مگر مايوس نہ ٿيو. ويتر انهي تنگدستي ۾ غربت تي اُتي جي ماڻهن جا حال ڏسي پنهنجا حال ڏسي پوءِ بک تي مزاحيہ بيت چيائين. جنهن ۾ ماڻهو ڳوٺن ۾ ديهن جا نالا وٺي بيت چيائين. جيڪو هن ريت آهي.

هي مزاحيہ بيت علي محمد علڻ جروار لاڙڪپور تي چيو.

ساراهيان سچو ڌڻي جو آهي صاحب رب ستار
آئي بک ڀانڀيري ۾ ٻچا وٺي ٻار
اچي لٿي استان تي ڪري سڀ قطار
هلي آئي هوٽل ۾ اچي درس ڪيائين ديدار
اچي دٻايائين دوست علي کي ڪيائين لغاري کي لاچار
تہ ڪڙڪ چانهہ ڪوسي هجي تنهنجا تون اسان کي پيالا ڀري پيار
تيسين تون لکانو جوٽيجو لنگهي آيو تنهن اچي سجاتي سرڪار
چيئين پلي آئين پيڻ اسان جي تنهن کلي ڪيس ڪينڪار
۾ چيائينس تہ ڪيئن آئي آهين ڪپور تي ٻچا وٺي ٻار

چيئين ادا نڪتي آهيان نقرجي مان مونتي پيو آهي يانميري جو بار
جوڻيجا انهي جوءِ جا مونکي پورا ڏي تون پار
تہ رڙهي انهن راڄن مان وچي لهمان سنگتين جي بہ سار
چئي مائي هتي ڀهون ڳوٺ اٺئي ڀروچن جا تن جا نالا آهن نروار
لنگهي ڏس تون لغارين کي هلي ڏس حاجي سومار
پوءِ سڏي وچ سم تي اتي آهن ڪمال ۽ سومار
پوءِ اٺئي ڪاشو ڳوٺ کوسن جو سي آهن خان بہ خبردار
پوءِ وچ اڳيان وينا اٺئي سي آهن ڪولهي قربدار
پوءِ سڏي وجهئين سولنگي وٺ جو وينو آهي ڪلر تي بہ قنڌار
پوءِ اٺئي جوءِ جمارين جي سي آهن وينا ڪيو ولهار
پوءِ انهي پاسي ۾ آهن ڪرڙا سي ڪنيار
پوءِ ٽِلي وچ تالپرن ڏانهن وچي ڪر عيسيٰ سان آچار
پوءِ يمپيرا وينا اٺئي بلڙي تي سي بہ ڪل آهن قنڌار
هاٽي رڙهي ڏس تون رڪياٽين کي جي جوان آهن جروار
پوءِ ڪاٺ اڪري ڪپ ڏيئي اڳيان اٺئي ملخاٽي ميهار
پوءِ ڪاهي اچ ڪپور تي اچي ٻچا ڏس تون ٻار
اِهي ڳالهيون "علڻ" چئي توکي ٻڌايون جوڻيجي ۽ جروار
هاٽي ڪر ڪا ڪلمي جي پچار تہ ٿيئي واڻ وجڻ جي

***

# اليڪشن 1970ع پولنگ اسٽيشن بڪيرا شريف

**بيت بابت وضاحت:** شهيد قائد عوام جناب ذوالفقار علي ڀٽو جڏهين ٻن جنرلن سان وڙهي ۽ پ پ هڪ سياسي جماعت ٺاهي ۽ اليڪشن مهم هلائي غريب عوام وٽ هڪ ئي نارو هو جيئي ڀٽو سدا جيئي، پ پ زنده آباد، پاڪستان زنده آباد ۽ ٻين پارٽين به ورڪون ڪيون، جن ۾ هر جاءِ تي وڏا وڏا ماڻهو هئا ۽ اليڪشن ۾ پ پ غريب عوام جيئي ڀٽو ڪري پ پ کي ڪتايو ۽ هيءَ ڳالهيون تاريخ جو حصو ٿي ويون، ذوالفقار علي ڀٽو ڪي اليڪشن مهم هلائڻ لاءِ پورو وقت به نه ڏنائون، ڪوڙا ڪيس، شنوايون، اسلام آباد، لاهور ۽ ڪراچي ڀٽو صاحب کي اليڪشن ورڪ جو ٽائيم تمام ٿورو مليو پاڻ ضلع ضلع وڏا وڏا عوامي جلسا ڪري خطاب ڪيو پنهنجو منشور ٻڌايو ۽ عوام ۾ جيئي جيئي ٿي ويئي، نيٺ اليڪشن ٿي، پ پ کٽيو مغربي پاڪستان ۾ وڏي ليڊ سان ڪٿين وڏيرا مير پير رئيس پنهنجي پنهنجي تڪن ۾ ڪريا، هر تڪ جي اهيا حالت ۽ اسان جي تڪ جي به اهيا حالت، اسان جي پولنگ اسٽيشن بڪيرا شريف شهر ۾ هئي ۽ اتان به پ پ وڏي اڪثريت سان کٽيو ۽ اسان جي تر جا چڱا چڱا جيڪي پ پ پ ۾ نه هئا، جماعت اسلام ليگ وغيره ۾ هئا، هاڻي وڏن جي هلڪائي ته ٿي ۽ علڻ بيت ٻڌو اسان جروارن ۾ عطراڻين جو پاڙو به پ پ پ سان نه هو ليڪن سڄي پاڙي مان هڪ نالي محمد سومار عطراڻي پ پ پ سان همدردي ۽ ووٽ ڪيو ۽ صاحب خان جروار جي ڳوٺ ۾ پاڻ قابل ذڪر هو ۽ علي محمد عرف علڻ بيت ناهيو شرم کان وڏن ماڻهن جا نالا به نه ورتائين ۽ بيت ۾ نالو به محمد سومار عطراڻي جو ڳايائين ۽ بعد ۾ اهو محمد سومار بيت کان پوءِ حج پڙهي حاجي سومار ٿي آيو. ڪيس حج پڙهڻ جو شوق هو سو هر وقت حج جي ڳالهه پيو ڪندو هو ۽ علڻ بيت ۾ نالو به محمد سومار عطراڻي جو عرض ڪيو ۽ سندس دعا اگهامي ويئي ۽ حاجي محمد سومار ٿي ويو.

هي مزاحيہ بيت علي محمد علڻ جروار اليڪشن 1970 واري دور ۾ چيو.

ساراهيان سچو ڏڻي سائين رب ستار
آيو ڏينهن اليڪشن جو جنهن جا پچ تہ ڏيان پار
هيءَ پولنگ استيشن هئي پيرن ۾ جتي آهي دلبر جي دربار
جت ڪتاري ئي ڦري قلندر قائم الدين رحہ جي تکي سا تلوار
ليگلا بہ هتي هتي لکين آيا اچي بنا يئون بازار
وٺي نوٽ کيئون چوٽ اچي گڏيا سڀ گدار
تيسين پيپلا هنن کي پڄي ويا تن ماري ڪيا مردار
ٻڱتي لڳن ٻوٽ جي وڏو ٿين ويچار
گس نہ هت اچي غريبن کي هي لُٽکي ٿيا لاچار
ڪن پڄي ڪپڙا ڦاڙيا ڪنڍين مان ڪن ڪئي ڪرڙن مان بہ قطار
کي اٿي پڳا اتر ڏي ڪي پئي ڪيڙين ۾ ٿيا خوار
ڏس چڱن جو چالو ڪونہ ونبو ڪنهن جو نالو
اهي اٿن پيٽ پرئي جا پار
هاڻي عطراڻي ٿو عرض ڪري الله کي
تہ مولا مونکي نئي مديني مار
ڏسان ملڪ مدني جو هڪ بتي ٻي بازار
گهمي انهن گهٽين مان وڃان ڪعبي جي تہ ڪنار
هاڻ ڪريو ڪا ڪلمين جي پچار تہ ٿئي واٽ وڃڻ جي

***

# ذوالفقار علي ڀٽو جو 1973ع وارو آئين

ساراهيان سچو ڏٽي ساراهيان سبحان
مجيو محمد ڪارٽي جيڪو ضعيفن جو ضامن
اوهين ڪلمون پڑهو تنهن ڪريم تي محبت رکي من
پر پنهنجي هِن پاڪستان سان اوهين ترت ڪيو تعاون
عوام آهي ٻڌل ڀٽي سان ڪنهن ٻي جي ڪونہ ٻڌن
جنهن تي مهرباني آهي مالڪ جي سي وجي پهتا پاتارن
هاڻي ڪنهن جي لوڙي لڏندا ڪين ڪي پل پيا مخالف مزاڪن
پاڪستان جو در نہ هٿ ڪنهن دشمن ڪي جو پل پيا غنڊا گوڙيون ڪن
هڪل ٻڌي حڪومت جي من سياڻان ڪي سمجهن
هي پڪيڙي چڏيو آهي پٽ ۾ ڀٽي اهيو ڀن
چور چونڊي هٽندو تنهن ۾ جيڪي
رنجائي تن راجن ڪي هو ٽا موڳا ڪين مڙن
هاڻي ويندين پنجي پاٽاريون جتي رول ٽا رهن
سي سڏا ويندا سنتر تي حڪومت جي هٽن
جيڪي ڪهري ٻہ ٽا ڪن
جن ڏاڙا هٽي گڏ ڪيو هو ڏن
هڪڙا وينا آفيسن ۾ پئسن جو ٻہ پچن
ڪم ڪنداسون انهن جو جنهن وٽ نوان نوٽ هجن
سي ڳري ويندا ڳٽتين ۾ ۽ ڪتبا تن جا ڪن
وجي قابو ٿيندا ڪوئين ۾ پل تن جون رنون پيون رلن
پوءِ ٿيندو سڏ سيٺين ڪي جن جون هنڊيوون ٿيون هلن
جنين هئا ڪاڏا ماهہ مزورن جا ماري مسڪينن
پوءِ آهي شڪ شاهوڪارن ۾ پر سرمائيڪاري سوڏن
هيءَ ڪڍندو وچڙ وڏيرن جا پوءِ ٿيندو ڀَو ٻہ ڀوتارن

اڇي پيو آهي زور زميندارن تي سي سُتي پيا سهڪن جن هئا ڪاڏا حق هارين جا سي هاڻي پهرين پيا پڇجن اهي عدالتون ڏينديون انصاف جون ڪندو سيشن اتي ڪنهن جي ڇَو ڇَوان هلندي ڪانه ڪاءِ ڏيندا ڪم ٻه قانونن هاڻي ڪلمون جي ڪهن تن ڪي ڏيندي واڻ وجڻ جي.

***

# 90 ھزار جنگي قيدين جي آزادي

ساراھيان سچو ڏڻي سائين رب ستار
آگي اسان تي احسان ڪيا ۽ ڏيھ ڏڻي ڏاتار
موليٰ اسان ڏي آھي موڪليو
ھي سنو صدر تنھن سرڪار
آيو سھڻو صوبو سنڌ جو اڇي نر ٿيو نِروار
ذوالفقار علي ڀٽو آيو پيرون وڃيون
ٿيو سارو ملڪ سڪار
ھن جو آھي عشق عوام سان
ٻيو آھي ھارين جو حبدار
جيڪي مرد ليٽن پيا مٽين تي
۽ ھر ڪو ڏر ڪيو اٽن ھار
پيا جوان جوڙن تي
ٻڌو گوڏن جي ڳتڪار
اھي خان ڪوٽين پيا خزانن ڪي
آبادين جي آڌار
پر ھن جو آھي شوق شاگردن تي
جيڪي ٻوليون پڙھن پيا ٻار
لکين تن مان ليڊر ٿيندا
ھيءَ جنگي قيدي جوان ڇڏائيندو
جن جي ٿيندي پورپ منجھ پچار
ھتي نيازي ايندو نارا لڳندا

سي ٻڌندا ڪابل ۽ قنڌار
ٽيندو ڄاڻ ڄمون ڪي تنهن مهل پوندي
پشاور ۽ پنڊي منجهه پچار
نوي هزار فوج سان اتي نيازي ايندو
سو پوندو بنگالين تي بار
اچي پڌرا ٽيندا پاڪستان ۾
هڪڙا صوبا ٻيا سردار
پهرين ملندو صوبو پنجاب جو
هن سان ڪرڪندو ڪيڪار
غلام مصطفيٰ ڪر تنهن گورنر جي
۽ ٻڌو گوهر جي گفتار
ٻيو ايندو صوبو سرحد ڪان
ارباب وڏي سان آر
اچي سڪندر ملندو سوڍن سان
سو ٻه ستي ڪندن سنپار
ٽيو ايندو صوبو بلوچستان ڪان
جو آهي ٻاروچ ڪو ٻار
اچي غوث بخش ملندو غازين سان
ٽيندو بزنجو بهار
چوٿون ايندو صوبو سنڌ جو مير آهي منهندار
رسول بخش ٽالپر ملندو راڻن سان
سو ٻه سوين ڪرائيندين سينگار
پر ٽِڪا خان ٻه آهي پهرين مرڪز پاڪستان جو
سوپي هر دم آ هوشيار
هي چيف ڪمانڊر چونڊيل آهي مڙني ۾ مختيار
پنجئي اچي پاڻ ۾ پوءِ ڪندا نيازي ڪي نروار

ٻيا ٻي ليڊر هن ڪي اچي لڪين ملندا
هزارين وجهندا هار
پر ايندا امير وزير ملڪن جا
هلي ڪي هزار
اچي ڏيندا مبارڪون مڙدن ڪي
پوندو ڏينهن ڪي ڏهڪار
اهيو اجلاس ٿيندو اسلام آباد ۾
تنهن جي صدر ڪندو سنڀار
ڏسي زور ذوالفقار علي جو
پوءِ ڪڏندا سڀ ڪنڌار
غازي گڙندا ڪين مڙندا
تنهن مهل پوندو دشمن ڪي دهڪار
اهي گفتا غازين جا آهن جوڙيا سڀ جروار
هاڻي "علڻ" عرض ڪري الله ڪي
مولا مونکي نيئي مديني مار
آئون ڏسان ملڪ مدني جو هڪ ٻتي ٻيو بازار
گهمي تن گهٽين مان وڃان ڪعبي جي ڪنار
آئون وڃي داخل ٿيان انهيءَ دفتر ۾
جنهن جي سيد ڪندو سنڀار
ايندو ڪامل ڏينهن قيامت جو نبي آ نروار
اچي ٻاجھ ڪندو هن ٻروچ تي جو آ غافل گنهگار
مصطفيٰ اچي ڪندو مهر هن ميهاڻي تي
جتي آ دلبر جي دربار
هاڻي ڪلمون پڙهو يار تہ ٿيئيوَ واٽ وڃڻ جي .

***

# درياءِ سنڌ ۾ ٻوڏ اچڻ 1973ع

**بيت بابت وضاحت**: جنهن وقت وزير اعظم شهيد ذوالفقار علي ڀٽو هو درياءِ سنڌ ۾ چارهه سبب ٻوڏ آئي، تہ ان وقت يعني 1973ع ۾ مير اعجاز علي خان ٽالپر ٽنڊو محمد خان وارو وزير پاٽي ۽ بجلي هو.

ساراهيان سچو ڏٽي جو مولو مُلڪن
دور ڏس درياءَ جا اچي ڇوليون ڇمڪا ڪن
حڪومت بہ هٿي هئي ڪين ڪي ڪيو هو جوڙ بہ جوانن
اي.سي، انجنيئر ڪيترا ٻيا، ايس ڊي او پيا اچن
ٽيو هو سڏ سروبرن کي تنهن مهل هو دنگ نہ داروغن
بيلدار بندن تي ڳٽي ڪين ڳٽجن
ڏسي موج مهراڻ جي ڪيو وس بہ وزيرن
ممتاز علي تنهن مڙد جون ملڪن ۾ پيون ٻَرڪي ڳالهيون ڳٽجن
سڪ ستياءِ ڏڪ ڪٽيائين هو بيٺو سو بندن
هو راتيون ڏينهان رهيو رٽن ۾ جتي ڪن بہ ڪڙڪا ڪن
پرواهہ واهہ مڙسيون جيڪي مير اعجاز ڪيون سي بہ لکن ۾ لکجن
جيڪي ٽَلون ٽالپرن ڪيون سي تہ مجيو پيو مججن
هن بانڪي جون ير بندن تي ٽيون ڪارون ڪڙڪا ڪن
سي سڏيون وجو سکر ڪان ۽ مهل انهي موٽن
تر بہ ترسن ڪين ڪي وڃيو ننگر ڪان نڪرن
ڪاجا ڪدر سائين ڪيل ڪيو هاڻ لوڏا ڪيا لهرن

ٻيلا سڀ ٻوڙي ڇڏيائين هاڻي پيا ڏورا سڀ ڏُکن
پاڻي هٽي پٽ پريا ۽ ٻڏيون آباديون اشرافن
اڇي رڙيون پيون راڄن ۾ ۽ متو گوڙ بہ غريبن
هڪلون ڪيون حڪومت ۽ ٺهتاوري تن
تہ وير اوهين وارو ڪريو اسان جا ٻچا ٿا ٻڏن
هڪلون ٻڌي هيٺن جون هو ڪيو وس بہ وزيرن
لکين تہ يَر لانچون هنيون ٻيون ٻوڏبيون ٽيون ٻوڙن
ڪشتيون آنڊائون ڪيتريون ۽ ڪاهي ڪٺارن
هزارين تہ هوڙها آيا ٿا بتيلا بار ڪٽن
ماڻهو ڪڍي ڪيائون ميدان ۾ آٽي لاٿائون لانڍين
سڀ صحي سلامت نڪتا مليو امن بہ انسانن
طالب مولا تڪڙو آيو ڪيئين غور بہ غريبن
پتوڙيل جيڪي پاڻي جا تن کي ڏڍ وڏو پيا ڏجن
ڪاڏا تِن کي خوب ڏنا هئا حڪومت ساڻ هٿن
پوءِ تہ آيا سڏا قيدي سينٽر مان ۽ ڪي پيا ناري ڪان نمن
فوجون آيون فڪر لٿو هو چاهہ وڏو چوڪين
اڇي وري عوام پاڪستان جي ڪئين تہ ڪامورن
کي آيا گهارن تي ڪي واري پيا وجهن
ڪنين جوانن يَر جبل آندو نہ هو ڳاٽيتو ڳوٺين
لوهہ لاڪڙا ڪيترا اڇيو ڪپايا خانن
اڇي گهٽا وڌائون گهارن کي ڪيو جوڙ بہ جوانن
ڪن پي بنجهو بندن تي ڪن پي ڪٽيو ڪنارن
سٽي ڪٽي سوگها ڪيائون هاڻي پيا سَيما سڀ سڪن
سي سڀ ٻڌي سڀ ٻاهر نڪتا هنيا نارا ٽي نرن
پاڻي موٽيو پوئتي ۽ سمون پيون سُرڪن
ڪٽي هليون ڪاري ڏي هو سڏيون سمونڊن

اهي پاڪستاني آهن پڏرا ٿيا سي سورهيہ ڀل سڏجن
سرور اسان جون آهن سوڀون ڪيون ۽ ڀتي جي ڀالن
آگي آهي هن جي عزت ڪئي ٻي مولي جي ملڪن
اهي جوڙيل گفتا جروار من داناءَ دفتر ۾ داخل ڪن
اهيو دفتر آهي سڄي دنيا جو جو آهي عالم جي آفيسن
هاٽي ”علڻ“ ڪري ڀيو عرض الله ڪي من هِن سائل جا بہ سٽن
هاٽي ڪلمون جي ڪهن تن ڪي ٿيندي واٿ وڇڙ جي

***

# اليڪشن 2002ع

**بيت بابت وضاحت:** حڪومت پاڪستان چيف آف آرمي استاف جنرل پرويز مشرف عام چونڊون 10 آڪٽومبر 2002ع ۾ ڪرايون، جنهن ۾ اسان جي ٽنڊوالهيار تڪ جي اين اي 223 تي ضلع حيدرآباد جي سيٽ تي هيٺيان اميدوار اليڪشن ۾ قسمت آزمائي ۾ مقابلو ڪيو جنهن ۾ رئيس حاجي الله بخش خان مگسي جي آزاد نياٽي، اسان جو جروار ڀاءُ آزاد حاجي محمد امين جروار ۽ پ پ جي اسان جي ڀيڻ شمشاد ستار بچاٽي حصو ورتو اليڪشن ورڪ دوران محمد هاشم ولد دوست محمد جروار ڳوٺ صاحب خان جروار ديهه سهٽا بڪيرا هڪ ننڍڙو بيت تشڪيل ڏنو يادداشت لاءِ هتي لکجي ٿو سندس چوڻ هو ته وڌيڪ لکندس ليڪن نه لکي سگهيو جيڪو ٻڌايائين بروقت اهو حاضر آهي، رهي نالو الله جو.

ساراهيان سچو ڏاٽي ساراهيان رب ستار،
آئي اليڪشن اسان جي ملڪ ۾ تنهن جا پچ ته ڏيئين پار،
مگسي آيو آهي ميدان ۾ جنهن جي نياٽي آهي نروار،
ڪم ڪندي قوم جا ساري سڀ چمار،
الله سائين آهي ايمان ڏنو الله بخش کي جيڪو آهي منگين جو منهندار
ٻي نمبر تي ٻروچ آهي، جيڪو جوان آهي جروار
امين نالو آهي اُن جو جيڪو خان ٻه خبردار
مرد بيٺو آهي ميدان تي ڪراچي کان اچي قندار

ورڪ جنهن جي تي آهي موساٽي مختيار،
اسلام آباد ويندو اسيمبلي ۾ جتي ويهي ڪندو ويچار،
ڪم وٺندو ڪامورن ڪان جيڪو آهي غريبن جو غمسار،
جوڙيل گفتا "جروار" جا جيڪي ياد پون ٿا يار،
"هاشم" چوي حُب منجهان ڪريو ڪلمي جي پچار،
ته امين چڙهي اليڪشن ۾

***



سائين محترم ياسين جروار صاحب هميشہ اسان تي ٻڌ جي گھاٽي ڇانوَ وانگر رهيو آهي، سندس هي پورهيو اسان ايندڙ نسل لاءِ انتهائي ڪارائتو آهي، جنهن مان اسان کي خبر پوي ٿي تہ ڀہ صديون اڳ اسان جي خاندان مان ڪير هئا؟ جن جي تاريخ کان سائين اسان کي واقف ڪري ٿو. هن ڪتاب ۾ ڪيترن ئي خاندانن جي تاريخ آهي، ان کانسواءِ شجرا ۽ نقشا حيرت انگيز آهن.

**شبير احمد جروار**

ڪتاب ڄاڻ جي کاڻ هوندا آهن. يقينن هي ڪتاب بہ اوهان کي ڄاڻ سان ٽمٽار لڳندو. سنڌ جي تاريخ هونئن بہ شاهوڪار رهي آهي، پر ٽنڊوالهيار جي شخصيتن بہ هر دور ۾ پاڻ ملهايو آهي، بابا سائين هي ڪتاب لکي اسان سميت ايندڙ نسل جي راهہ هموار ڪري ڇڏي آهي. هن ڪتاب ۾ موجود ڪيترن ئي علائقن ۽ شخصيتن جي تاريخ صدين تائين زنده رهندي.

**محمد بلال عرف راجا جروار**